# سهڻي - ميهار

# ۽

# نوري - ڄام تماچي

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



لوڪ ادب سلسلي جو ٽيهون ڪتاب

مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان - ٢

# سهڻي - ميهار

۽

# نوري - ڄام تماچي

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو سنڌ

2007ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | آڪٽوبر 1972ع | ڪاپيون 1000 |
| ڇاپو ٻيو | نومبر 2007ع | ڪاپيون 1000 |

قيمت: هڪ سؤ ٽيهہ رپيا
[ Price Rs. 130 -00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(فون ۽ فيڪس نمبر: 633679 - 0222)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچيءَ ۾ ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## فهرست

مهاڳ 5
مقدمو 9

**پاڱو پهريون: سهڻي ۽ ميهار**
(سهڻي ۽ ميهار جو خالص سنڌي قصو)
سنڌ جي مختلف روايتن مطابق عام مشهور تفصيلي ڳالهه 27
روايت [1]
**(الف)** سهڻي ۽ ميهار جي داستان بابت اڳاڻن شاعرن جي ڪلام مان اُهڃاڻ 48
**(ب)** سهڻي ۽ ميهار جي محبت جو بنياد: ڇئن يارن جي ٻچايل سُرڪي 58
حفيظ تيوڻي جا بيت 59
محمود شيخ جا بيت 67
پانڌي پنهور جا بيت 76
حسن سينار جا بيت 86
سومار مگرئي جا بيت 89
مل محمود پلي جا بيت 91
الهه بخش سومري جا بيت 103
اُميد علي لغاري جا بيت 108
طالب پلي جا بيت 111
مريد مريءَ جا بيت 115
(ج) سهڻي ۽ ڇتي پيءُ جي ملاقات ۽ گفتگو 118
بيت [1]
بيت [2]
بيت [3]
بيت [4]
روايت [2]
سهڻي کي ميهار بدران درويشن سان ملڻ جي سڪ 127
**(الف)** نثر ۾ هلندڙ اڳاڻي روايت: ڇپيل 1932ع 128
**(ب)** نثر ۽ بيتن ۾ روايت: ڇپيل 1958ع 132
(ج) حاجي ختير جا بيت 138

روايت [3]
ميهار جو سهڻي کي مارائڻ واري ڳالھ 175
(الف) نالي چڳي شر جي بيتن واري ڳالھ 175
(ب) ميرپور ماٿيلي طرف هلندڙ ڳالھ 179
(ج) غمتار مهر جي بيتن واري ڳالھ 182
روايت [4]
سهڻي ۽ ميهار جي ماءُ پٽ هجڻ واري روايت 189
ضميمو 193
پنجاب جي قصي 'سوهني مهيوال' مطابق سنڌي شاعرن جو
جوڙيل سهڻي ميهار جو قصو 195
پير بخش جا بيت 195
ڀاڱو ڇهون: نوري ۽ ڄام تماچي 205
نوري ۽ ڄام تماچي جي عام مشهور تفصيلي ڳالھ 235
روايت [1]
نوري ڄام تماچي جي داستان بابت آڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان اهڃاڻ 148
روايت [2]
تحفة الڪرام جي روايت 253
روايت [3]
ڪينجهر جي گندرن جي روايت 154
محمد هاشم گندري ۽ جمن گندري جي روايت 154
عبدالله گندري جي روايت
روايت [4]
تعلقي گهوڙا باري مان آري ڄانديي جي چيل بيتن واري روايت
آري ڄانديي جا بيت 260
روايت [5]
تعلقي گوني ۽ تعلقي سنجهوري جي سگهڙ (راوين) کان مليل روايت 269
ضميمو
جسودن بادشاھ جي ڳالھ 272

# مهاڳ

سنڌ جي "لوڪ ادب" کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سن 1955ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي سامهون رکي ويئي، جا 1956ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ "سنڌي لغت آفيس" سان گڏ "لوڪ ادب" جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيشي صاف ڪري ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، ۽ مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو. بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ، ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال 1959ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جو عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي "لوڪ ادب" جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌ ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن. مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهه اکريون، قافيون وغيره. مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ "لوڪ ادب" جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل لوڪ ادب کي بعينه

25 اپريل 1968ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" (تمغه پاڪستان) جي سفارش تي، سنڌي ادبي بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايهء تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي. جون 1968ع کان ڪم شروع ڪيو ويو. پر چئن مهينن بعد وري بورڊ طرفان ڪم بند ڪرڻ جو اطلاع مليو. وري 18- جون 1969ع تي بورڊ، لوڪ ادب تجويز عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جناب مخدوم صاحب جن کان خط پهتو ته ڏوباره ڪم شروع ڪيو وڃي. باوجود انهن تڪليفن جي جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿيون، ۽ جيڪي راقم کي پڻ "لوڪ ادب" جي خدمت ڪندي سهڻيون پيون آهن، بنده هيءُ ڳرو بار ٿيون پيرو پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي. انهيءَ لاءِ ته سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي، ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب" جي چاليهن جلدن کي مڪمل ڪيو وڃي.

مرڪزي آفيس جي بين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم محمد اسمعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ ڪتاب جي مسودي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي سٿاءُ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

خادم العلم
نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
12 - 10 - 1972

باسمہ تعاليٰ

ام للانسان ماتمنيٰ فللّٰہ الاخر والاوليٰ

## مقدمہ

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور قصن مان ٻہ عشقيہ داستان، يعني ”سهڻي ۽ ميهار“ ۽ ”نوري ۽ ڄام تماچي“ شامل آهن.

هنن ٻنهي داستانن جي ماحول ۾ پاڻيءَ کي دخل آهي: ’سهڻي ۽ ميهار‘ دريائي داستان آهي، جنهن ۾ درياءَ جي ڪچي ۽ ٻيلي، ڪانهنِ ۽ مينهنِ، موج ۽ سِير، ڪُن ۽ ڪڙڪي جو سمان سمايل آهي، ”نوري ۽ ڄام تماچي“ ڪينجهر ڍنڍ جو داستان آهي، جنهن ۾ ٻيڙين ۽ رڇن، مهاڻن ۽ مڇين، ٻِهَنِ ۽ لوڙهن جو دلڪش منظر موجود آهي. ٻنهي داستانن ۾ پاڻي وارو جز مشترڪ آهي، مگر ماحول مختلف آهي: هڪ داستان ۾ درياءَ جي دهشت آهي تہ ٻئي ۾ ڍنڍ جي دلپذيري آهي. معنوي لحاظ سان هنن ٻنهي داستانن کي گڏي رکڻ ۾ ڪو جواز آهي تہ فقط درياءَ ۽ ڍنڍ جي نسبت وارو آهي. ان ڪان سواءِ هنن ٻنهي داستانن جو تاريخي پس منظر توڙي بنيادي سٽاءَ نرالي آهي، جنهن تي اسان هيٺ قدري تفصيل سان روشني وجهنداسون.

## سهڻي ۽ ميهار

”سهڻي ۽ ميهار“ جو سنڌي قصو نهايت آڳاٽو آهي، جنهن جي مشهوري گهڻو پوءِ دير سان پنجاب تائين پهتي، جتي جي شاعرن ان جي سٽاءَ ۾ ڦير گهير ڪري ان کي پنهنجي ماحول مطابق ڳايو: گهڙي جي اهڃاڻ واري لحاظ سان سهڻيءَ کي ”ڪنيار“ جي ڌيءُ ڪري پانيائون، ۽ ”هير - رانجها“ داستان ۾ رانجهي جي ”تخت هزاري جي سائين“ هجڻ واري خيال کان ”مهيوال“ کي بہ بادشاهزادو بنايائون. پوين پنجاهن سالن واري عرصي ۾ البت پنجاب جو ”سوهني - مهيوال“ وارو قصو ڇپيل ڪتابن ذريعي سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ سنڌ

جي ڪن شاعرن انهيءَ سٽاءَ مطابق پڻ هن قصي کي ڳايو: مثلاً پير بخش هن قصي کي سنئون سڌو پنجاب واري سٽاءَ موجب ڳايو. ۽ ڪن ٻين شاعرن پڻ سنڌن بيتن ۾سهڻي يا سندس ماءَ جي ڪنيارن سان تعلق ڏانهن اشارو ڪيو [1] . مگر هن پوئين دؤر ۾ سڀ کان وڏي غلط فهمي سنڌ جي پڙهيل طبقي ۾ ٿي، جن "سهڻي ۽ ميهار" واري قديم سنڌي قصي کان بيخبري سببان پنجاب واري قصي کي ئي "سهڻي - ميهار" جو قصو ڪري سمجهيو. مثلاً: ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جهڙو لائق لکندڙ بہ باوجود ڪافي محنت ۽ ڪوجنا جي هن وڏي غلطي ۾ مبتلا ٿيو. جو پنجاب جي "سوهني - مهينوال" واري قصي کي حضرت شاهہ عبداللطيف جي رسالي جي سُر سهڻي جو موضوع بنايائين، [2] حالانڪ حضرت شاهہ عبداللطيف "سر سهڻي" ۾ جنهن قصي جا اهڃاڻ ۽ اشارا آندا آهن سو خالص "سهڻي ۽ ميهار" وارو سنڌي داستان آهي. هيٺ اسان "سهڻي ۽ ميهار" واري قديم سنڌي قصي جي ناڻن ۽ اهڃاڻن ڏيڻ بعد ان کي پنجاب ۾ مشهور ٿيل "سهڻي - مهيوال" واري قصي جي ڀيٽ ڪري، انهن جي بنيادي فرق کي بيان ڪنداسون.

## سهڻي ۽ ميهار جو حسب نسب

سهڻي ۽ ميهار جي حسب نسب بابت سنڌ جي عام مشهور روايت اها آهي تہ سهڻي ذات جي "سامٽي" هئي ۽ "جرڪت" نالي سامٽيي جي ڌيءَ هئي. ميهار جو نالو "ساهڙ" هو ۽ ذات جو "نگامرو" هو [3]. هڪ روايت موجب هو "گنهور چام" جو پٽ هو. انهن اهڃاڻن تي شير خان نالي سگهڙ جوهينيون مشهور بيت شاهد آهي تہ:

دلُــو دمــامن جــو ڏٺــي، هــو ويــر وڏو ورنــات
ميهــر ذات نگــامترو هــو، مينهــن جــي مصلحــات

---

[1] ڏسو ص 195-232.

[2] ڏسو ڊاڪٽر گربخشاڻي جو مرتب ڪيل "شاهہ جو رسالو" جلد -2. ڪمشنر پريس ڪراچي، 1923ع. "سر سهڻي".

[3] عام روايتن ۾ "نگامڙو"، "لگامڙو" يا "لغامڙو" ڪري پڻ اچاريو وڃي ٿو.

بيٺو گنهور ڄام جو، وير وڏي سان وات
سهڻي ذات جي سامٽي، جرڪت بيٺي ذات
ڪو بي بتائي بات، تہ اڳيئون شاهد ڏيان شير خان ڇئي[1]

ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ پڻ ساهڙ کي ”ڄام“ جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي- مثلاً:

”ساريان ساهڙ ڄام کي ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن“

نگامرن ڄامن جي ميرپور ساڪري ۾ ڪيٽي بندر واري علائقي ۾ سرداري هئي. نگامرا 8- صدي عيسوي کان وٺي اتي آباد هئا ۽ ويندي ڪلهوڙن جي دور تائين اُتي سندن سرداري قائم هئي [2]

اتر سنڌ جي هڪ روايت موجب سهڻي ذات جي ”وهٽيتي“ هئي ۽ ”لال“ نالي ڪٽيءَ جي ڌيءُ هئي. پر ٻئي ڪنهن آڳاٽي سگهڙ تشريح ڪندي چيو تہ سهڻي ذات جي ”وهٽيتي“ ڪانہ هئي، پر ڇاڪاڻ جو درياءَ جي وهہ يا وهڪري ۾ پئي انهيءَ ڪري ڪيس ”وهٽيتي“ سڏيائون:

ڏهہ ڏهڙ، وهہ ويهہ، لوهئون لوهاٽو وهي
ساهڙ ذات لغامڙو، سهڻي ”لال“ ڪٽي جي ڌيءَ
ذات ٻنهي جي هيءَ، پر هو وهہ ڪئون ”وهٽيتي“ سڏي.

## سهڻي جي سڪ ۽ نينهن جو سبب

سنڌ جي عام مقبول ۽ مشهور قصي ۾، سهڻي جي سڪ ۽ محبت جو

---

[1] جدا جدا سگهڙن وٽ هي بيت جدا جدا نموني ۾ آهي، مثلاً:

سرتين سليتي سوهڻي، بيٺي جرڪت ذات
اوءِ بتايم بات، هاڻي سمجهي ڪو شير خان ڇئي.

—

سيز گهڙي تي سوهڻي، سنج ڪنيو سو رات
سرتين ڏٺي سامٽي، جرڪس بيٺي جا تي
ساهڙ صحيح لنگهائين، مينهن جي مثلات
هن جي ڪا مَ پڇائجان ٻي ذات، آهي شاهد شير خان ڇئي.

[2] نگامرن ڄامن جي تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جي اٺيهين ڪتاب ”مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيہ داستان -1“ (سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع) جو مقدمو، ص ص 9- 14.

سبب اھا ڪير جي سرڪي ھئي، جيڪا "چٹن يارن"، چٹن درويشن يا چٹن پرھيزگارن بچائي ھئي، ۽ جيڪا سھڻي کي ساھڙ جي ھٿان ملي. انھن پيارن جي بچايل سرڪي سبيان ساھڙ ۾ اھا صورت ڏنائين، جو متس چِڪن تي پئي. ڪن روايتن موجب سھڻي سير تري ساھڙ وٽ انھيءَ لاءِ ويندي ھئي تہ من ڪيس انھن درويشن جو ديدار نصيب ٿئي. سھڻي جي ھن سچي ۽ حقيقي سڪ، سنڌ جي داستان جو ھڪ مکيہ بلڪ مرڪزي جز آھي. ھڪ روايت موجب اھي چار درويش غوث بھاؤالدين زڪريا،، شيخ فريدالدين مسعود شڪر گنج، شيخ عثمان قلندر شھباز ۽ سيد جلال الدين بخاري ھئا. انھن بزرگن جي ايامڪاريءَ وارو زمانو ڇھين صدي ھجري جو آخر ۽ ستين صدي جو نصف اول آھي، جنھن مان پڻ سنڌ جي ھن قصي جي اوسر ۽ ابتدا جو اھڃاڻ ملي ٿو..

## سھڻي ۽ ميھار جي داستان وارو دور

ٻين داستانن وانگر سھڻي ۽ ميھار جي ڳالھہ بہ ھڪ داستان آھي: اھو ڪو تاريخي واقعو ڪونھي جنھن جو سن ۽ سال متعين ڪري سگھجي. البت ھن داستان ۾ ڳالھين جا ڪي اھڙا ٽاٽا ۽ اُھڃاڻ موجود آھن، جن جي مدنظر ھن داستان جي عمر ڪنھن حد تائين ڪٿي سگھجي ٿي. ان سلسلي ۾ ھيٺيان اھڃاڻ غور طلب آھن:

[1] پھريون تہ سگھڙ شير خان جي مٿي ڏنل بيت موجب اھو زمانو "دلو راءِ" جو ھو: "دلو دمامن جو ڏٽي ھو وير وڏو ورنات". اندازي موجب دلو راءِ، عربن جي دور جي آخر ۽ سومرن جي دور جي شروعات ۾ اندازاً پنجين- ڇھين صدي ھجري (11- 12 صدي عيسوي) ڌاري ٿي گذريو.

[2] ٻيو تہ سھڻي - ميھار جي داستان جو تعلق "سنڌو درياءَ" سان آھي، جنھن جي وھڪري بابت ھن داستان جي روايتن ۾ بہ خاص اھڃاڻ ملن ٿا. مٿي آندل بيت ۾ چاٿايل آھي تہ:

"ڏھہ ڏھڙ، وھہ ويھہ، لوھئون لوھاٽو وھي"

لوھاٽو درياءَ جنھن کي "سھڻي وارو ڍورو" يا "سھڻي وارو درياءَ" سڏين، تنھن جو پيٽ شھدادپور شھر کان اولھہ لڳولڳ ظاھر ٻينو آھي. "لوھاٽو درياءَ" عربن جي دور ۾ ويندي چوٿين صدي ھجري تائين منصوره شھر لڳ (شھدادپور کان 7 ميل اوير طرف) وھندو ھو، ۽ پوءِ ڦري اولھہ طرف شھدادپور وٽان وھڻ لڳو.

جنهن کري منصوره جو شهر پنجين يا ڇهين هجري ۾ قتي ويو. سهڻي جي سمي بابت بيو اهجاڻ اتر سنڌ ۾ اباوڙي ۽ ميرپور ماٿيلي طرفان درياءَ جي وهڪري وارين روايتن ۾ ملي ٿو. اتي جو هڪ عام مشهور بيت آهي تہ

اصل تڙ "تٿوٽ" هو، پوءِ کوه ڪڇي ڪارو
واڏا ڏٺي "وڄٿوٽ" جا وڏ جني وارو
ڪن "ڪينجهو" هو، سڄي "ستيارو"
"ڏيٿري" تي ڪوٽ هو، پتڻ پينگهارو
"ڪيروهي" جي ڍنڍڙي، ڪنائي سارو
سهڻي ۽ ميهار جو، تڏهن هو وارو
تنهن جو ساکي آهي قطب تارو [1].

---

[1] راوي سگهڙ صابر شر مرحوم پٽ فتح خان، وينل بيروٽا (3 ميل ريتي اسٽيشن کان ڏکڻ)، شاعر غمٿار مهر (ميرپورِ ماٿيلو) ۽ بيا. اتي جي سگهڙن وٽ هن بيت جون جدا جدا روايتون آهن. مثلاً:

جڏهن "ڳوڙهيلو" درياءَ هو، "گهلو" هو گهارو
واڏا ڏٺي "وڄٿوٽ" جا، وڏ جني وارو
خير ڳڙهہ، ڪينجهو، ٿيو تڙ ستيارو
وهي تيڻ "تٿوٽ" تي، ڪوهہ ڪڇي ڪارو
"ڏيٿري" تي ڪوٽ هو، پتڻ پينگهارو
"ڪيروهي" جي ڍنڍڙي، ڪنائي سارو
وهٺيتيءَ وارو، هٺي تڏهن منڌ ميهار سان.

—

جڏهن تڙ تٿوٽ هو، تڏهن ڪوهہ ڪنيائون ڪارو
ڏيٿري موڻ ڍنڍ هئي، شهر هو پينگهارو
سهڻي ۽ ميهار جو، تڏهن هو وارو.

ڳوڙهيلو، ننڍي ريٺي، نهري ريٺي (وڏي)، ڏهرو، ريندڻ، وڍُر وغيره اڳاٽا دريائي ڍورا آهن جن جا پيٽ اباوڙي، گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلي ۽ پني عاقل تعلقن ۾ ملن ٿا. "وڄٿوٽ" جا آثار ريتي اسٽيشن لڳ آهن، ۽ تٿوٽ جو تڙ جيسلمير جي حد ۾ آهي. ڪارو ڪوهہ. تٿوٽ جي هيٺيان ۽ ڪانديري کان اوير، بهاولپور جي حد ۾ آهي. خير ڳڙهہ تعلقي اباوڙي جي سرحد تي آهي. "ڪينجهو" ڏهرڪي کان اوير طرف (سهيڙ واهہ جي پوڇڙي وٽ) ۽ ستيارو تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ گابر جي تڙ ۽ ٻنڌي جي وچ تي آهي. "ڏيٿري" ياري لنڊ ۽ صاحب خان لنڊ ڳوٺن جي وچ تي آهي. ڪيروهي جي ڍنڍ، گلو دڙي کان لاڳيتي اوير طرف آهي. "پينگهاري جي پٽ" کي هاڻي "دين شاهہ جي پٽ" ٿا سڏين جو ان تي سيد دين شاهہ کي دفن ڪيائون.

هن بيت جي مختلف روايتن ۾ اتر سنڌ جون اڳاٽيون بستيون بيان ٿيل آهن ۽ پڻ اهي اڳوٽا دريائي واهڙ ۽ وهڪرا ڳڻيل آهن. جيڪي بهاولپور کان متان قديم هاڪڙي درياءَ جو پاڻي آڻي "ايرنديين ناري" ۾ پريندا هئا. انهن مان ڪي ڍورا هن پوئين ويجهي دور ۾ سنڌو درياءَ جي آب ڪلاٽيءَ جو پاڻي پڻ "ايرنديين ناري" ۾ آڻيندا هئا [1]. "ٽلوٽ" جو قديم ٽڙ يا ڪوهه (جيڪو ڏند ڪٿا موجب ديون ڪٽايو) اباوڙي تعلقي جي سرحد لڳ جيسلمير جي حد ۾ آهي. "وڄوٽ" (ريتي اسٽيشن لڳ) اسلام کان اڳ واري دور جي بستي آهي جتان قديم آثار دستياب ٿيا آهن. "ڏيتري جي پٽ" ۽ "پينگهاري جي پٽ" جي وچان قديم "ريڻي درياءَ" جو قبل پيٽ آهي، راقم انهن ٻنهي پٽن تي واقع قديم بستين جو معائنو ڪيو ۽ اتان "ٻڌ ڌرم" جي دور جا آثار لڌا. بهرحال انهن بستين جي وسٽا توڙي انهن دريائي ڍورن جا وهڪرا، قبل از اسلام کان وٺي 6 صدي هجري واري اڳاٽي دور سان تعلق رکن ٿا.

[3] تيون تہ چتي پير ۽ سهڻي جي درياءَ جي وچ ۾ ملاقات ۽ گفتگو، سنڌ واري ڳالهہ جو هڪ مکيہ باب آهي. چتو پير درويش هو ۽ درياءَ جي وچ سير ۾ مُصلو وڇائي نماز پڙهندو هو. لوڪ ڪٿا جي دائري کان ٻاهر جڏهن اسان تاريخي ماخذن ۾ "چتي پير" جي تلاش ڪريون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي درويشن ۾ هڪ چُتو آمراڻي هو. جنهن جي درگاهہ سيوهڻ ۾ آهي. روايت موجب هو "دلوراءِ" جو پاءُ هو، يعني پنجين يا ڇهين صدي هجري جو درويش هو. ٻيو درويش "شاهہ لال چتو" هو جيڪو مشهور ولي سيد جميل شاهہ گرناري (جنهن جي مزار "پير پٽني" تي آهي) جو خليفي وجيہ الدين بن فتح شاهہ جي چئن پٽن مان سيني مان ننڍو هو. مير علي شير قانع جي ڪتاب "معيار سالڪان طريقت" ۾ چاٽايل آهي تہ: "شاهہ لال چتو (چمندي چام ۽ ڪرامت وارو هو). باراڻي وهيءَ ۾ پاڻ ڪي پاٽيءَ ۾ وجهي لڪايائين". سندس مزار ڪيترن ئي جاين تي جدا جدا پاڳن ۾ آهي. جتي بہ (پاٽي کان ٻاهر) سر ڪنيائين، اُتي سندس مزار ناهيائون [2]. "تحفة الڪرام" ۾ چاٽايل آهي تہ

---

[1] خان خدا بخش خان پتافي مرحوم. راقم کي ٻڌايو تہ: "آءُ پنجن سالن جو هوس جو ڳوڙهيلو وهندو هو". خدا بخش خان ستانوي سالن جي عمر ۾ سن1964ع ۾ وفات ڪئي.

[2] ڏسو ڪتاب "حديقة اولياءَ" (سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1967ع) جي پڇاڙيءَ ۾ سيد عبدالهادي معروف بہ جميل شاهہ گرناري جي سوانح بابت ڏنل اقتباس.

شاهه وجيه الدين جو چوٿون پٽ "شاهه لال ڇتو" هو جنهن جي مزار مُستعين تيل ناهي. سنڌ جي ڪيترن ئي ياڳن ۾ جتي بہ (پاڻيءَ مان ٻاهر) سر ڪنيائين اتي مزار ٺاهي اٿن. جون ٿا تہ هن پاڻ کي درياءَ ۾ وجهي پاڻ لڪايو. هن وقت سندس مشهور مزار اها آهي جيڪا "تندسر" جي ڪناري تي واقعي آهي.[1]

هنن حوالن مان ظاهر آهي تہ "شاهه لال ڇتو" ساڳيو عوامي قصي وارو "ڇتو پير" آهي، جنهن جي رهائش درياءَ ۾ هئي. شاهه لال ڇتي جو پيءُ شاهه وجيه الدين، سيد جميل شاهه گرناري جو وڏو خليفو ۽ همعصر هو. سيد جميل شاهه گرناري سومرن واري دور ۾ ٿي گذريو. هو سن580هه ۾ ڄائو ۽ سنہ 642هه وفات ڪيائين [2]: ان جي معنيٰ تہ "شاهه لال ڇتو" پڻ انهيءَ دور جو يعني تہ ستين سنہ جو هو. هن ثاٿي مطابق سهڻي - ميهار وارو قصو دير ۾ دير تہ بہ ستين سنہ ۾ سومرن جي پوري وچين دور جو شمار ڪري سگهجي ٿو.

## سهڻي - ميهار جا آثار

سهڻي - ميهار جو داستان درياءَ جي ڪنڌي - ٻيلي جو داستان آهي، انهيءَ ڪري سهڻي ۽ ميهار جا آثار بہ اڪثر سنڌوندي جي قديم پيٽن ۽ ٻيٽن لڳ آهن. جيئن تہ "ڇتو پير" پڻ هن داستان جي مکيہ ڪردارن مان آهي، انهيءَ ڪري سهڻي جا ڪي ماڳ ۽ مقام "ڇتي پير" جي درگاهن ۽ مقامن لڳ آهن. سنڌ اندر سهڻي، ميهار ۽ ڇتي پير جي آثارن ۽ اهڃاڻن مان هينيان وڏيڪ مشهور مصروف آهن:

(الف) سيني کان وڌيڪ مشهور آثار ضلعي سانگهڙ جي پر پاسي شهدادپور لڳ "لوهاڻي درياءَ" جي قديم پيٽ جي پر پاسي سان آهن، جتي سهڻي، ميهار ۽ ڇتي پير ٽنهي جا ماڳ مقام آهن. "سهڻي" جو قبرلو هاڻي درياءَ جي ڪاٻي (اپرنديءَ) ڪنڌي لڳ آهي ۽ اهو مقام "سهڻي جي مقام" جي نالي سان مشهور آهي. چون ٿا تہ: سهڻيءَ جي مقبري لاءِ ساهڙ پاڻ، "سونَ چڙيءَ" جي پڙي مانَ پڪيون سرون ڪڍي پاڏي تي ڪٺي آيو، ۽ مقبرو اڃي ٻڌايائين. پوءِ ساهڙ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن پنهنجي اصلوڪي ڳوٺ

---

[1] ڏسو ڪتاب "حديقة الاولياءَ" (سنڌي ادبي بورڊ) 1967ع، ص 259.

[2] ايضاً، ص ص 262- 263.

(هاٽي شهدادپور) ۾ رهيو. سندس قبر شهر شهدادپور ۾ سيد الله اوپائي شاهه جي پاڙي ۾ آهي.

هن پوئين دور ۾ سهڻي جو اهو مقبرو نواب شاهه ضلعي جي ڪليڪٽر مرحوم حامد علي صاحب پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ ٺهرايو. سهڻيءَ جي قبر سنگ مرمرسان ٺتل آهي، ۽ قبر جي مٿان چوٽي واري سنئين پٿر تي هيٺيون ڪتبو اُڪريل آهي:

"تـہ ڪر ڪيـنءَ سـئي، جـي سـير نـہ گهـڙي سـهڻي
هــت حيــاتي ڏينهــڙا، هــڏئين تــان نـــہ هئــي
چـُـڪي تنهـن چـري ڪئـي، جـو ڏنـس اُن ڏهـي
سـهڻيءَ ڪـي سـيد چئـي، وڏو قــرب ڪـُـهي
هنهيـن هونـد مـُـئي، پـر بـُـڏيءَ جـا بيڻـا تيـا.

قبر سهڻي جوڙائي مسٽر حامد علي آئي - سي - ايس"

سهڻي جي درگاهه تي جمعي رات فقير شاهه جو راڳ ڪندا آهن ۽ مولود شريف چوندا آهن. ڪجهه آڳاٽو قاضي ابراهيم فقير سندن اڳواڻ هو. هن وقت امام بخش فقير مقبري جو مجاور ۽ ڪنجي- دار آهي.

شهر ۾ ساهڙ جي قبر تي سيراندي واري پاسي کان حافظ رحه جو هيٺيون بيت اڪريل آهي.

هـر گـز نميـرد آنکـــه دلــش زنــده شــد بعشــق
ثبــت اســت بــر جريــدهٔ عـــالم دوام مـــا.

پيرانديءَ کان هيٺيون ڪتبو اُڪريل آهي:

"ڪنڌيءَ جهليو ڪانهـَـن، عاشق اُپـو آنهـون ڪـري
تــو ڪيئــن ٻـوڙي ســهڻي، ٻيلــي منهنجــي ٻــانهن
درياءَ تــو تــي دانهــن، ڏينــدس ڏينهــن قيــام جــي
مــزار مقــدس عاشــق صــادق ميهــار عليــہ رحمــت.

---

جوڙايل سيد مدد علي شاهه لڪياري موسوي حسيني". [1]

---

[1] سيد مدد علي شاهه لڪياري (وينل هالائي. تعلقو ڪنڊيارو) ان وقت غالباً شهداد پور جو مختيارڪار هو ۽ سندس ئي سعيي ۽ ڪوشش سان هي ڪم راس ٿيو.

چٽي پير جو مقام لوهاڻي درياءَ جي ساڄي (الهندين) ڪنڌيءَ تي هالا تعلقي جي حد ۾ چڻ درياءَ جي هڪ پيٽ تي آهي. مڪاني طور ان کي "شاهه چٽي جو مقام" ڪري سڏين، اهو مقام ڳوٺ ٻچل لڳ، سروي نمبر 270، ديهه ڪاڪا، تعلقي هالا ۾ آهي. چٽي پير تي ميڙو لڳي جنهن هاڻي (1972ع) کان وڏيڪ زور ورتو آهي.

(ب) چٽو پير يا "لال چٽو"، تنهن جو مقام تعلقي ٽنڊي محمد خان جي ڏکڻ ۾ "جهول" واري اڳاٽي جُوءِ ۾ آهي، جتان "پَـٽهيل ڍورو" وهندو هو، ۽ جنهن جي ڪنڌي تي ڪنڊي جو وڻ بيٺل هو، جنهن کي پٽائي صاحب "سر ڏهر" ۾ ڳايو آهي. "لال چٽي" تي هر سال ميڙو لڳي.

(ج) "سهڻي جو دڙو"، تعلقي بدين ۾ "روپاهه ماڙي" کان اٺ ميل ڪن اولهه طرف ۽ بدين کان 25 ميل ڪن ڏکڻ، "ڳـِـني درياءَ" واري ڍوري جي الهندين ڪنڌيءَ تي آهي.

(د) شيخ چٽي ۽ سهڻي جا ٻيا مشهور آثار ميرپور ساڪري تعلقي ۾ آهن. شهر گهاري لڳ "پنيور واري درياءَ" مان هڪ "وَرُ" (ڍورو) نڪري ٿو، جيڪو اڳوڻي "خاناهه" درياءَ جو پيٽ آهي. اهو "خاناهه ڍورو" اڳتي گهاري کان ڏکڻ، ڳوٺ "راڄ ملڪ" لڳ، "ميران" يا "قدمن واري مقام" کان اُلهندان لنگهي ٿو، جنهن تي (اڳتي اولهه طرف) "ڦٽو ڪوٽ" آهي. اتي هن "ڍوري" کي "ڪوٽ وارو خاناهه" ڪري سڏين [1]. اتي انهيءَ ڍوري تي "شيخ چٽي جو مقام" (گهاري کان اولهه ۽ "لوڻ ڪاڻ" کان ڏکڻ) آهي جتي ميڙو لڳي. انهيءَ مقام کان ڏکڻ طرف هن ڍوري کي وروڪڙ آهن جيڪي "سهڻي وارا ور" سڏجن. چون ٿا ته سهڻي انهن ورن مان تري ميهار ڏي ويندي هئي. اتي سهڻي جي قبر پڻ آهي. ساهڙ ذات جو نگامرو هو ۽ ميرپور ساڪري واري اراضي اڳاٽي وقت کان وٺي نگامرن جي سرداري ۾ شامل هئي.

## سنڌ ۾ هي قصو اڳاٽو مشهور ۽ منظوم ٿيو

هن قصي جي اهڃاڻن، يعني ته نگامرن ڄامن، سنڌو ندي جي اڳاٽن وهڪرن، توڙي "چٽي پير" جي ٿاڻن مان اندازو ٿئي ٿو ته هي افسانو سومرن

[1] پوءِ اهو خاناهه ڍورو "صالحاڻي ڳڊن" جي ڳوٺ جي ايرندي کان، هگورن جي ڳوٺ جي ايرندي کان، ڪڪرانڊ جي الهندي پاران (جتي هاٽي "ليٽ" وٺان نئون "سرَ واهه" ڪڍي آٽي خاناهه ۾ وڌو اٿن) ٿيندو، هيٺ "چوئـِـي وارا جت" اتان وڃي (سمنڊ جي) "ڪارڙي" درياءَ ۾ پوي.

جي اوائلي دور ۾ اُسريو ۽ مشهور ٿيو. ۽ سومرن جي آخري دور ۽ سمن جي اوائلي دور ۾ ڳاهن ۽ بيتن ۾ هڪ خاص لئي يا سُر ۾ ڳايو ويو جيڪو "سهڻي" جي نالي سان مشهور ٿيو. ۽ پوءِ اها راڳڻي هندستاني راڳ جو جز بني. هن قصي جون اوائلي ڳاهون محفوظ نہ رهيون آهن. مگر سمن جي دور ۾ هن داستان بابت ڳاهون ۽ بيت رائج هئا. جو ان کان پوءِ واري لاڳيتي دور ۾ ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات ۾ پڻ ملن ٿا- مثلاً:

1- ڳوريءَ ٻي نہ تات، ميهار ئي من ۾
جو پڻ پيئي رات، تہ هو سائر هوءَ سوهڻي.

2- جيڪي گهران مَ وڃ، جيڪي موٽ مَ سوهڻي
هيڪڙائي هٿ ڪري، ٻيون ٻيري ٻچ.

سنڌس نصيحت آميز مجلسن ۾ شاهہ ڪريم پنهنجن بيتن سان گڏ ڪن ٻين شاعرن جا بيت پڻ مثال خاطر پڙهي آندا: اهڙا بيت جيڪي سنڌن ملفوظات ۾ ٻين شاعرن ڏانهن منسوب ناهن تن مان گهڻا سنڌن پنهنجا هوندا. مگر اهو پڻ ممڪن آهي تہ انهن مان ڪي بيت ڪن اڳاٽن شاعرن جا هجن: خصوصاً اهڙا بيت جيڪي قصن ۽ داستانن سان تعلق رکن ٿا. انهي لحاظ سان ٿي سگهي ٿو تہ سهڻي - ميهار جي قصي بابت مٿيان ٻہ بيت شاهہ ڪريم جا پنهنجا هجن يا سمن جي دور (1350ع - 1520ع) جي ڪنهن ٻئي شاعر جا هجن. شاهہ ڪريم (ولادت 1526ع وفات 1634ع) جي مجلسن ۽ ملفوظات وارو دور گهڻي حد تائين مغليہ سلطنت جو اوائلي دور آهي، ۽ انهيءَ ڪري جيڪڏهن اهي ٻئي بيت شاهہ ڪريم جا پنهنجا چيل هجن تہ ٻہ اوائلي مغليہ دور جا قرار ڏيئي سگهجن ٿا. شاهہ ڪريم کان پوءِ ميين شاهہ عنات (1613 / 1623ع - 1701/ 1709ع) ۽ شاهہ عبداللطيف (1689ع - 1752ع) جي رسالن ۾ "سهڻي - ميهار" جي داستانَ بابت سربستا "سر" موجود آهن، ۽ ڪانئن پوءِ جن سنڌي شاعرن هن قصي بابت بيت چيا تن جو تہ ڳڻ شمار ئي ڪونهي.

## پنجاب واري قصي سان ڀيٽ

"گجرات بعهد قديم و جديد" جو مصنف احمد حسين قريشي لکي ٿو تہ:

"مغليہ عهد حڪومت جو گجرات ۾ مشهور واقعو "سوهني - مهينوال" جو مشهور عشقيہ داستان آهي. بخارا جو هڪ مشهور شهزادو گجرات

آيو ۽ اتان جي هڪ حسينه تي ديوانو ٿي پيو. تان جو ٻنهي جو موت به انهيءَ معاشقي ۾ ٿيو. اهو هڪ مشهور داستان آهي جنهن فارسي، اردو ۽ پنجابي ادب ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. هن داستان متعلق ڪيترين ئي روايتون مشهور آهن. ڪي ته هن ڪي محض هڪ فرضي قصو سمجهن ٿا. "چار باغ پنجاب" جي مصنف منشي گنيش داس گجراتي، هن ڪي محمد شاهه بادشاهه جي دور جو واقعو ڪري لکيو آهي، ۽ ان واقعي جو سن1145هه بيان ڪيو اٿس. اهو پڻ لکيو اٿس ته، هي واقعو خود گجرات جي شهر ۾ رونما ڪونه ٿيو. بلڪ سوهني "رليالہ" ڳوٺ جي رهاڪو هئي. رليالہ گجرات کان اوپر طرف درياءَ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ هو ۽ اتي ئي "سوهني" ۽ "مهينوال" درياءَ ۾ غرق ٿيا. اهو ڳوٺ هينئر درياءَ ڪٽي ويو آهي[1]".

مٿيون بيان، پنجاب جي عالمن جي هن قصي بابت تحقيق جو ڇڻ خلاصو آهي. پنجاب جو قصو هڪ سنئون سڌو معاشقو آهي، جنهن ۾ ڪا به حقيقي لئون لڪل ڪانهي. پيو ته پنجاب ۾ هي قصو نسبتاً پوئين دور ۾ مشهور ٿيو، انهيءَ ڪري ان ڪي محمد شاهه جي دور جو يا وڌ ۾ وڌ ته شاهه جهان جي دور جو واقعو ڪري تسليم ڪيائون. جن به شاعرن پنجابي، فارسي يا اردو ۾ هن قصي ڪي منظوم ڪيو، سي به نسبتاً پوئين دور جا آهن. پنجابي ۾ سڀ کان پهريائين هاشم شاهه (ولادت 1166هه) هي قصو منظوم ڪيو، ان کان پوءِ سن1265هه ۾ فاضل شاهه، سن1768ع ۾ احمديار ۽ پوءِ (؟) قادر يار منظوم ڪيو. پنجاب جي فارسي شاعرن مان فضل حسين "تبسم" سنه 1258 هه ۾ هي قصو منظوم ڪيو. ان کان پوءِ 1279 هه ۾ محمد زيرڪ ڪلاتوري ("غنيمت" جي مثنوي "نيرنگ عشق" جي جواب ۾) هي قصو "ارژنگ عشق" جي نالي سان مثنوي ۾ جوڙيو، 1284 هه ۾ نجم الدين "تسڪين" منظوم ڪيو، ۽ 1256 هه ۾ منشي گنيش داس گجراتي "چار باغ پنجاب" ۾ ان ڪي مختصر طور نثر ۾ بيان ڪيو.

---

[1] "گجرات بعهد قديم و جديد" (اردو) تصنيف قريشي احمد حسين قلعہ داري، مطبوع دين محمد پريس لاهور، سن1968ع، ص 59.

متيان مڙيئي شاعر حضرت شاه عبداللطيف کان به پوءِ جا آهن. پنجاب جي قصي جو واقعو وڏ ۾ وڏ شاهه جهاني دور جو تسليم ڪيل آهي، پر سنڌ ۾ ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات ۾ آيل سهڻي- ميهار جي قصي جا بيت ان کان به اڳ جا آهن. حقيقت هيءَ آهي ته "سهڻي- ميهار" توڙي "سسئي - پنهون"، اهي ٻئي داستان پهريائين سنڌ ۾ اسريا ۽ سنڌ ۾ ئي ڳايا ويا ۽ پوءِ ملتان واري خطي ۽ اتان متي پنجاب ۾ پڌرا ٿيا. جتي جي شاعرن وٽن پهتل روايتن موجب انهن قصن کي پنهنجي ٻُڌسُڌ ۽ مقامي ماحول مطابق منظوم ڪيو. جيئن هاشم شاهه پنهنجو "سسئي - پُنون" به سنڌ جي داستان "سسئي - پنهون" کان متاثر ٿي منظوم ڪيو. تيئن "سوهني- مهينوال" به سنڌ جي "سهڻي - ميهار" واري داستان کان متاثر ٿي جوڙيائين. پنجاب وارو قصو محض هڪ معاشقو آهي؛ جيڪو نسبتاً پوئين ادبي دور جي پيداوار آهي. ان جي برعکس سنڌ جو داستان "سهڻي- ميهار" پنهنجي تاريخي قدامت، ڳالهه جي سٽاءَ ۽ ساخت، توڙي ڪردارن جي عظمت جي لحاظ سان هڪ اڳاٽو شاهڪار آهي.

## نوري ۽ ڄام تماچي

نوري ۽ ڄام تماچي جي محبت جو داستان محض افسانو ڪونهي بلڪ اهو هڪ نيم تاريخي داستان آهي، جنهن ۾ ڄام تماچي جي شخصيت بلڪل تاريخي آهي، ۽ نوري جي شخصيت پڻ حقيقي آهي، مگر ان جو پس منظر البت افسانوي آهي.

### ڄام تماچي جي تاريخي شخصيت [1]

ڄام تماچي سنڌ جي سمن سلطانن مان هو ۽ "فيروزالدين شاهه ڄام انڙ" جو پٽ هو. تاريخي مطالعي جي بناءَ تي ائين معلوم ٿئي ٿو ته هن "رڪن الدين شاهه تماچي" جي لقب ۽ نالي سان پهريائين 1366ع کان 1375ع تائين

[1] ڄام تماچي ۽ سندس حڪمراني جي تاريخ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو انگريزي ۾ لکيل مضمون "سنڌ ۾ سمن بادشاهن جي حڪومت جو تاريخي سلسلو" پاڪستان هسٽاريڪل ريڪارڊ انڊ آرڪائيوز ڪميشن جي ٻئي اجلاس (پشاور، فيبروري 1954ع جي ڪاروائي پاڪستان گورنمينٽ پريس ڪراچي 1957ع) ص ص 23- 29.

"خيرالدين ڄام توڳاچي" سان گڏ حڪومت ڪئي. ان بعد هو نظربند ٿي دهلي ويو ۽ سلطان فيروز شاهه جي وفات ڪان پوءِ سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ غالباً 1388ع کان وٺي 1392ع تائين بيهر "سلطان رڪن الدين شاهه ڄام تماچي" جي لقب سان خود مختار ٿي سنڌ ۾ حڪمراني ڪيائين. ڄام تماچي هڪ بهادر ۽ همت وارو جوان هو. جنهن پنهنجي پيءُ ڄام انڙ ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڄام ٻانيڀيي سان گڏجي، دهلي جي سلطانن کي شهه ڏيئي، سنڌ ۾ سمن جي حڪومت قائم ڪئي هئي. پوءِ جڏهن سندس وڏو ڀاءُ ۽ پاڻ قيد ٿي دهلي ويا ته پويان سندس چاچو ڄام جوڻو، سلطان فيروز شاهه جي حمايت سان سنڌ جو حاڪم بڻيو ۽ 1375ع کان 1388ع تائين حڪومت ڪيائين. سنڌ جا ماڻهو ڄام جوڻي جي حڪومت مان خوش نه رهيا. ۽ ملڪ جي عوام توڙي درويشن دعائون گهريون ته شال ڄام تماچي موٽي اچي ٺٽي ۾ بادشاهي ڪري. شيخ حماد جمالي دعا طور هي بيت چيو ته:

جـُـوڻو، مـَـت اُوڻـو، ڄـام تمـاچي آءُ
سـاجهي ٻاجهـه پئـي، توسـين ٺٽـو، راءُ!

جڏهن ڄام تماچي ۽ پٽس صلاح الدين دهلي مان موٽندي ڪيبرن وٽان لانگهائو ٿيا ته ڪيبرن جي درويش نوح هوٽياڻي دعا ڪندي چيو ته:

جـُـوڻو وڃـي جهـوري مـاريو
ڄـام تمـاچي شـهرين ڄـاڙهيو.[1]

## نوري ۽ ڄام تماچي جي داستان جي تاريخ

ڄام تماچي جي همت ۽ مردانگي، ۽ سندس قيد ۽ ڪشالي جون ڳالهيون توڙي ولين ۽ درويشن جون ڪيس ڪيل دعائون ملڪ ۾ مشهور ٿي ويون. ۽ اهڙيءَ طرح سندس عام مقبول شخصيت وارو ڪردار، نوري سان سندس محبت جي داستان جي مشهوري لاءِ هڪ موثر ذريعو بڻيو.

ڄام تماچي جي سوانح وارن اهڃاڻن کي توري تڪڻ سان هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته نوري سان سندس محبت وارو داستان سندس حڪمراني جي

---

[1] تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو لکيل "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، حيدرآباد سنڌ 1962ع ص ص 102- 106.

پهرين دور يعني تہ 1366ع کان وٺي 1375ع واري عرصي ۾ وجود ۾ آيو هوندو. هن عرصي ۾ سندس چاچي ڄام جوڻي جي دهليءَ ۾ سلطان فيروز شاهہ وٽ هلندي پڄندي هئي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پڻ ڄام جوڻي جي پٽ، ڄام خير الدين ڄام توڳاچي ڪي حڪومت جي معاملن ۾ وڏيڪ دخل رهيو. انهن حالتن جي مدنظر، ڄام تماچي غالباً حڪومت جو ڪاروبار پنهنجي سوٽ جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ اڪثر وقت ماڻهن سان ملڻ ۽ سندن همدردي حاصل ڪرڻ خاطر عام ڪچهرين ۽ شيل شڪار ۾ پئي گذاريائين. ڪينجهر ڍنڍ تي وڃڻ ۽ نوري سان سندس لئون لڳڻ ۽ شادي ڪرڻ واري واقعي جو امڪان پڻ انهيءَ عرصي جي اوائل ڏاري يعني تہ 1366ع - 1370ع وارن سالن ۾ نظر اچي ٿو.

## نوري جي جسودڻ بادشاهہ سان نسبت

نوري جي نسل ۽ نسبت بابت بہ رايا آهن: هڪ تہ هو جسوتڻ يا جسودڻ بادشاهہ [1] جي ڌيءَ هئي پر گندرن نپائي، ۽ ٻيو تہ هو گندري هئي پر صورت ۽ سيرت ڪٿي وڏائي جو وجي پَٽ - راڻي ٿي. تحفة الڪرام ۾ مير علي شير قانع ڪيس گندري ڪري لکيو آهي [2]، پر موجوده دور ۾ سنڌ اندر هلندڙ ڳالهہ جي اڪثر روايتن ۾ نوري کي جسودڻ بادشاهہ جي ڌيءَ ڪري تسليم ڪيو ويو آهي [3]. نوري گندرن ۾ ڪيئن آئي تنهن بابت بہ روايتون آهن: هڪ اها تہ نوري تمام ڪوجهي ڄائي، جنهن ڪري سندس پيءُ جسودڻ بادشاهہ کيس اُڇلائي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پوءِ گندرن بادشاهہ جي دائي کان وٺي نپائي. انهيءَ روايت موجب چئبو تہ جسودڻ بادشاهہ، ڄام تماچي جي وقت جو هو يا ڪانئس ٿورڙو ئي اڳ جو هو، ۽ سندس بادشاهي پڻ لاڙ طرف هئي. ٻي روايت موجب، جيڪا اسان سان سگهڙ خليفي محمود نوحاڻي بيان ڪئي [4]،

---

[1] هيءَ نالو مختلف صورتن ۾ ملي ٿو: جسوتڻ، جسودڻ، جسوڏڻ ۽ جسوڏن.

[2] ڏسو روايت [2] ص 253.

[3] اهڙيون ٽي روايتون جيڪي اسان کي دستياب ٿيون ۽ پڻ هن ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن (ڏسو ص ص 254، 260 ۽ 269) تن ٽنهي ۾ نوري جسودڻ بادشاهہ جي ڌيءَ ڪري ڄاڻايل آهي.

[4] روايت [5] جنهن لاءِ ڏسو ص 269. خليفو محمود وڏيءَ عمر جو ۽ وڏيءَ ٻـنـڌ سـنـڌ وارو آهي، ۽ شاهہ جي رسالي جي وٽس وڏي رهاڻ آهي. تعلقي گوني (ٽنڊي محمد خان) جي ڏاکڻي پاڳي ۾ "ترائي" لڳ ويٺل آهي. جتان جهول جي ڇن ۽ پٽيهل جو ڍورو پڻ ويجها آهن.

تنھن ۾ چيائين تہ، "جسودڻ بادشاھہ کان بادشاھي سمن کسي". معتبر تاريخي حوالن موجب سمن جي بادشاھي، چام تماچي جي پيءُ چام انڙ قائم ڪئي، ۽ انھيءَ لحاظ سان چئبو تہ شايد جسودڻ بادشاھہ ۽ چام انڙ ساڳئي وقت جا ھئا ۽ جسودڻ بادشاھہ کان چام انڙ بادشاھي کسي. چام انڙ سن1334ع ڌاري زور ورتو ۽ پھريائين دھليءَ جي سلطان طرفان سيوستان (سيوھڻ) ۾ مقرر ڪيل حاڪم "ملڪ رتن" کي قتل ڪري سيوھڻ تي قبضو ڪيائين.

"تحفة الڪرام" ۾ عربن جي دور کان پوءِ سنڌ ۾ ستن راڻن جي سرداري جو ذڪر آھي، جن مان ھڪ جو نالو "جسودڻ آگرو" آھي جيڪو برھمڻ آباد جو حاڪم ڪري ڄاڻايل آھي. انھيءَ لحاظ سان "جسوڌڻ آگرو" برھمڻ آباد علائقي واري ايراضي جيڪا "لوھاڻي درياءَ" لڳ ھئي، ان جو پڻ حاڪم ھو. جيئن تہ ھيٺ لاڙ ۽ "پنيھل جو ڍورو" پڻ انھيءَ ساڳئي درياءَ جي ھڪ شاخ ھو، انھيءَ ڪري ڀٽائي صاحب جي رسالي جي سر ڏھر ۾ "جسوتڻ راءَ" جو ذڪر "پنيھل ڍوري" سان ڳنڍيل آھي[1]. سنڌ جي سگھڙ راوين کان اسان کي جسودڻ راءَ جا جيڪي اُھڃاڻ مليا تن مان معلوم ٿيو تہ جسودڻ پٽ مھڙ جو ھو، ۽ انھيءَ لحاظ سان سگھڙن کيس "جسودڻ مھڙاڻي" جي نالي سان پئي سڏيو.

"جسودڻ بادشاھہ" جي ھڪ جدا ڳالھہ ميرپور ساڪري جي سڄاڻ سگھڙ وتان ملي جنھن کي اسان ھن ڪتاب جي آخر ۾ "ضميمہ" طور ڏنو آھي[2]. انھيءَ لاءِ تہ اھا بہ پڙھندڙن جي آڏو رھي، حالانڪ انھيءَ ڳالھہ جو سنئون سڌو "نوري" سان ڪو تعلق ڪونھي.

ن - ب.

---

[1] تنصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ستاويھين ڪتاب "لوڪ ڪھاڻيون - 7: ڳاھن سان ڳالھيون" جو مقدمو. ص ص 16 - 19.

[2] اھا ڳالھہ اسان لوڪ ادب سلسلي جي ستاويھين ڪتاب. "لوڪ ڪھاڻيون- 7: ڳاھن سان ڳالھيون" (مطبوع 1964ع. ص ص 187- 193) ۾ ڏيئي آيا آھيون.

ياڳو پهريون

# سهڻي ۽ ميهار

# سنڌ جي مختلف روايتن مطابق عام مشهور تفصيلي ڳالهه

## سهڻي جو حسب نسب

دکُـــو دمــامن جــو ڏٽــي، هـــو ويـــر وڏو ورنـــات
ميهـــر ذات نگـــامرو هـــو، مينهـُــــن جـــي مصلحـــات
ســهڻي پـــي ســنڌ کٽـــي، ٻـڏي، هئـــي ســـِـو رات
مـــاڻهو چـــون ســـامني، آهـــي جـــَــرکت ٻيٽـــي ذات
کو بتائي بات، تہ ڏيان، شاهد اڳيئون شير خان چئي.

دلـو راءِ بادشـاهہ جـي زمـاني ۾ مهـراڻ دريـاءَ جـي ڪنـڌيءَ سـان "سـامٽيا" قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا. منجهـائن "جـَرکـَـت" سـامٽيي کـي "سـهڻي" نـالي هڪ ڌيءُ هئي[1]. سهڻي فقط نالي ۾ سهڻي ڪانہ هئي، پـر سـدا سـهڻي هئي. سڄي راڄ ۾ ٻي ڪابہ اهڙي سونهن ڀري ملڻ مشـڪل هئي. جهـڙي صـورت ۾ سهڻي هئي، اهڙي وري سيرت ۾ بہ سهڻي هئي. وهيءَ چڙهي تـہ ڪـئين جـوان سندس سونهن تي موهت ٿي، سندس سڱ گهرڻ لڳا. پر ياڳ وريـو "ڏم" جـو، جنهن کي سهڻيءَ جي مائٽن، سهڻيءَ جو سڱ ڏيڻ قبوليو.

ڏم ذات جو واهُـوچو[2] هو ۽ واهوچن جي چڱي مڙس جو پٽ هو. ڏم نـہ فقط شڪل جو ڪوجهو، پر مت جو بہ موڙهل هو. مـائٽن جو دادلو ۽ پرمتڙيـو هو. منجهس مڙسن واريون وصفون گهٽ هيون. درياءَ جي ٻئي ڪپ تي سندن ڳوٺ هو.

---

[1] محمود شيخ جي روايت موجب سهڻي ذات جي نگامڙي هئي حالانڪ هن روايت ۾ هو ڪيس ڪنياري بہ سڏي ٿو. تصي جي چپيل روايت (1958ع) موجب هوءَ واهوچي هئي. ٻيءَ هڪ روايت موجب سهڻي ذات جي وهٽيتي ۽ لال ڪٽي جي ڌيءَ هئي:

ڏهـہ ڏهـڙ، وهـہ وهڪـرا، لوهئـون لوهـائو وهـي
سـاهڙ ذات لغـامڙو، سـهڻي "لال" ڪٽـيءَ جـي ڌيءَ
ذات ٻنهي جي هيءَ، پر هو وهہ ڪٺون وهٽيتي سڏي.

[2] چپيل روايت 1958ع ۽ غمنار مهر جي روايت موجب ڏم سامٽيو هو.

چرن. وچينءَ ويل ياڻ تي موٽنديون ۽ پوءِ جيڪو ڪير ڪپيو سو ڪٺجو. باقي هن وقت جيڪا سُرڪي بچيل آهي سا ڪٺي وڃو. هنن ڏنو تہ ميهار هڪ نيڪ شخص آهي، ۽ ڪير جو جيڪو سوَن ٿيڻو آهي، سو بہ گهوٽ ڪنوار جي محبت وڌائڻ لاءِ، تنهن ڪري چو نہ ڪيس چئون تہ پاڻ هي ڪير ڪٺي هلي ڪين پنهنجي هٿن سان پيئاري. اهو خيال ڪري چيائونس تہ: "ادا ميهار! پلاٽي ڪري پنهنجي هٿن سان هلي گهوٽ ڪنوار کي ڪير ڏي تہ تو نيڪ شخص جي هٿان ڪير پي شل سندن محبت وڌي". ميهار سندن منٿ مڃي ۽ ڪير سُرڪي جنهن ٿانءَ ۾ پيل هئي، سو ڪٺي هنن سان گڏجي ڄڃ ۾ آيو.

## ميهار جي پرهيزگاري ۽ "چئن يارن" جو سندس منَهن تي اچڻ

ميهار وڏو مالوند ۽ پاڳيو ماڻهو هو. وٽس مال گهڻو هو، تنهنڪري درياءَ جي ڪنڌي تي، بيلي کان ٻاهر پاڻ ڪري اچي وينو هو، هو نيڪ ۽ پرهيزگار شخص هو. اُسر جو مينهون پهرائي، ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندو هو. عبادت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ نڙ وڄائيندو هو. نڙ درديلي ساز سان سندس محبت هئي. وچينءَ مهل جڏهن مال وٿاڻ تي موٽي ايندو هو، تڏهن وري مال جي ڏهائي ۽ خدمت ۾ لڳي ويندو هو. ساهڙ جي پور جواني هئي. شڪل صورت جو سهڻو اڳيئي هو، ويتر پرهيزگاريءَ جي ڪري سندس منهن ۾ نُور پيو ٻهڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب، صبح جو سوير مال پهرائڻ ۽ عبادت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، ساهڙ وڏي سوز مان نڙ وڄايو. نڙ وڄائي بس ڪيائين تہ چار مڙس، جن جا چهرا نوراني هئا، سي سندس منَهن ۾ لنگهي آيا[1]. سندس منهن ۾ نوراني جلوو پسي، ساهڙ ڪين آڌر ڀاءَ سان وٺي آٽي ويهاريو. ڪانئن احوال پڇيائين تہ چيائونس تہ: "ميهار! ڪير پيار" اهو خميس جو ڏينهن هو ۽ ساهڙ صبح سان ٿي سمورو ڪير خدا جي واٽ ۾ ورهائي ڇڏيو هو. چيائين تہ:

---

[1] چيپيل روايت 1932ع موجب چار درويش ولي الله هئا: قلندر شهباز، شيخ فريد، سيد جلال ۽ شيخ بهاءُ الحق. غمثار فقير جي روايت موجب اهي چار درويش گوگي چهواڻ جا ٻالڪا هئا. جن کي گوگي چهواڻ وصيت ڪئي هئي تہ مئي کان پوءِ مون کي ڪٺي کائجو. ٻالڪن وصيت موجب گوگي چهواڻ کي ڪٺو تہ سهي پر گوشت کائڻ تي دل ڪانہ ٿين. تنهنڪري جهنگ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. چار چور اتان لنگهيا. جن اهو گوشت کاڌو ۽ الله وارا ٿي پيا. پوءِ ميهار جي منَهن تي آيا.

چيو تہ: ”ميهار! جي ائين آهي تہ پوءِ ڏٺي گهُريو تہ وري جلد موٽنداسون ۽ تو وٽ رات رهي، مهماني کائينداسون“. انهيءَ وعدي سان ميهار کان موڪلائي، چارئي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا:

هليا چارئي يار، چڙهي پار رسول جي
مَلهہ اچي مهمان ٿيا، مَنَهن تنهن ميهار
پوريون نہ هيون پاڻ تي، چنئون پئي چوڏار
سڏ ڪيئون ساهڙ ڪي، تون سَڪُر ميڙ سنگهار[1]
وڏو ونگ وچير ڪي، ڏڌو ڪير ڏنار
ڪائي پيي خوش ٿيا، هو چڙهيا مرد موچار
چُلي جاجي آئيا، ڏسي دونهن دوار
بيا سڀ سوڻ ساٿ ڪيائون، باقي هين اچي جي الغار
پوءِ گهر چڏي پروار، هي دوڙي پئي درياءَ ۾[2]

## سهڻيءَ جو ميهار هٿان ڪير جي سرڪي پيئڻ

”يارن“ جي اسهڻ بعد، يارن وارو اوباريل ڪير ڏکي مَنَهن ۾ رکي ڇڏيائين ۽ پاڻ وري سندن ياد ۾ ويتر وڌيڪ سوز مان نڙ وڄايائين. ايتري ۾ ڄاجين اچي سلام ورايو. بزرگن ۽ پيلارن جي بچايل برڪت پري اها ئي ڪير جي سرڪي هئي، جيڪا ميهار، سهڻي ۽ ڏم جي پيئڻ لاءِ ڪٺي، گڏجي ڄڄ ۾ آيو. پهريائين پنهنجي هٿ سان ساڙهي ۾ جيڪا ڪير جي سرڪي هئي، سا وٽي ۾ وجهي ڏم کي ڏنائين. ڏم ڏنو تہ ٿانءَ ۾ جيڪو ڪير چڪو هو، سو ميهار لاهي وٽي ۾ وڌو خيال ڪيائين تہ ڪير آهي تمام ٿورو تنهنڪري پاڻ نہ ورتائين پر سهڻيءَ کي ڏيڻ لاءِ اشارو ڪيائين. ميهار بسم الله ڪري سهڻيءَ کي ڪير ڏنو، جنهن سندس هٿ مان وٺو وٺي، سمورو ڪير پيي ڇڏيو.

قدرت خدا جي ڪير مليو تہ هو ميهار کي، پر نڪي سندس نصيب ۾ هو، نڪي ڏم جي. وڄان ئي لکيل هو سهڻيءَ جي ڀاڳ ۾، سو هن پيتو. ڪير پيئڻ سان سهڻيءَ جي اندر جا اولا لهي پيا ۽ من ۾ الاهي محبت جا مچ مچي ويس.

---

[1] سَڪُر = وڏي وڄ، جيڪا لڱ جي ويجهو هجي.

[2] بيت جو راوي: خاقل برڙو پٽ حسڻ، ڳوٺ ڳڙهي حسن، ضلعو جيڪب آباد. هن روايت موجب اهي مڙس، چار يار هئا جي رسول پاڪ جي زيارت جي لاءِ اُسهيا.

"اديون! پتڻ تي جيڪو ميهار ڪان ڪير چڪو مليو، تنهن منهنجا هوش حواس ئي گم ڪري ڇڏيا. ان ڪان پوءِ نڪي طعام تو وڻيم تہ نڪي جان کي جميعت اٿم. اوهان جون هي ڪل خوشيون منهنجي لاءِ ماتم آهن. مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو تہ اڪيلائي ۾ پاڻ پرپايان". اها ڳالهہ ٻڌي سرتين ڪٺي ماٺ ڪئي، پانيائون تہ نئين ڪنوار آهي، سا حجاب ڪان ائين ٿي ڪري. ٻن - چئن ڏينهن ۾ پاڻهي گهوٽ سان گهائل مائل ٿي ويندي. پر سهڻيءَ کي اندر ۾ جيڪو آزار هو، تنهن جي ڪنهن کي ڪل ئي ڪانہ هئي ۽ نڪي پاڻ ئي ڪنهن سان سليائين.

هر رات ڏم پنهنجي ڪنوار سان اچي ٿي منيون منيون ڳالهيون ڪيون، پر سهڻيءَ کي تہ ميهار جي پچارن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ وڻيو ئي ڪونہ ٿي، تنهن بالآخر بيزاريءَ مان ڏم کي چيو تہ: "ڏم! آءٌ محبت جي مستيءَ سبب پنهنجي هوش ۾ نہ آهيان، تنهنڪري مون ڪان پري ٿيءُ!" سهڻيءَ جو ڏمر ڏسي ڏم ڏڪي ويو ۽ هيسجي هليو ويو. وري ڪڏهن بہ سهڻيءَ کي ويجهو وڃڻ جي همت ئي نہ ٿيس.

سهڻيءَ پوءِ خدا کي سوال ڪيو تہ: "يا خدا! جيئن منهنجي من ۾ ميهار جي السني محبت ڏني اٿئي، تيئن مون نماڻيءَ جو اهو سوال بہ اگهائج تہ ڏم کي اهڙي اگهور ننڊ ڏي، جو صبح تائين بيخبر ستو پيو هجي". قدرت خدا جي سان سندس سوال اگهائو. رات جو ڏم کي اهڙي ننڊ اچي ويندي هئي، جو وري صبح جو سجاڳ ٿيندو هو.

صبح جو ڏم جي ماءُ کي اها خبر پئي، تنهن سهڻيءَ کان پڇيو تہ: "مڙس ۾ ڪهڙو عيب ڏٺئي جو لوڏي ڇڏيئيس؟" سهڻي جواب ڏنو تہ: "سس! منهنجو وس ڪونهي. ان ڪير جي سرڪيءَ منهنجو عقل گـم ڪري ڇڏيو آهي". سسس کي اهو ٻڌي حيرت ورتو، سو وڃي ڏم کي احوال ڏنائين. ڏم اتي ڪاوڙجي اٿيو ۽ اچي سهڻيءَ کي دڙڪا تاب ڪيائين ۽ ان سان گڏ سنئون سڌو ڪيس "يار ميهار" جا طعنا مهڻا ڏنائين. سس بہ ڪيس اچي وڃڻ ڏنا. پر سهڻيءَ کي ميهار جا اهي طعنا ۽ وڃڻ ويتر پئي وڻيا ۽ دل ئي دل ۾ سندس ارادو ويو مضبوط ٿيندو تہ ڪنهن پر وڃي پنهنجي "ميهار" سان ملي.

## سهڻيءَ جو درياءَ تري پار پهچڻ

ڏم جي ڳوٺ کي سامهون، درياءَ جي پرينءَ پر ميهار جو پاڻ هو. پاڻ تي دونهين جي لاٽ ڏسندي پيو سهڻيءَ کي درد ڏکي ۽ مينهن جي چـڙن جا آواز سڻندي پيو فراق ۾ سندس من ماندو ٿئي. نـ ڏينهن جو آرام نـ رات جو نيڻين ننڊ. پر ميهار سان ملڻ جي راهـ نظر نٿي آيس. کيس پـريائڻ ۽ وندرائڻ لاءِ هڪجيڏيون روزانو ايندڀون هيون، تـن سندس سس کي چيو تـ: سـهڻي کـي ٻاهران گهمائي ڦيرائي اچون تـ مـن سندس دل تان هي خيال لهن. سس کي سندن صلاح وڻي. پوءِ ساهيڙين چيس: ادي سهڻي! هل تـ گهمي ڦري، درياءَ جـو سير ڪري اچون. سهڻي جڏهن ساهيڙين سان گڏجي درياءَ تي آئي تـ پرينءَ پـر ميهار جا مَنَـهن ۽ دُونهين جي لاٽ ڏسي، هيڪاري روح ريلو ڏنس. بيوس ٿـي گهر موٽي آئي ۽ مُنهن ويڙهي پئجي رهي. اڌ رات جو مينهن جي چـڙن جي آواز تي بي اختيار ٿي اُٿي. سوچي سوچي آخر دِلو کنيائين ۽ گهران رواني ٿـي اچي درياءَ جي ڪپ تي پهتي. هڪ اونداهي رات، ٻيـو درياءَ ۾ دهشت، پـر سهڻي سِرَ تان سانگو لاهي درياءَ ۾ گهڙي پئي [1]. نينهن جي نشي ۾ تـار ۽ تانگهي جي پرواهـ ڪانـ ڪيائين ۽ نکي مـِرون مانـگر نظر ۾ آندائين. دِلي تي ترندي، ميهار کي مـَن ۾ رکي، ڪارونيار ڪُن لنگهي وڃي پار پئي:

اچـو گهـڙو هـٿ ڪـري، جـر تـي آئـي جـان
اچـا مـچ مهـراڻ ۾، تـرت ڏنـائين تـان
اچـا وَچ ڪـِيرن ۾، ٻيـا ڪـَپن متـي ڪانهـ
سـامهون سـاهڙ ڏانـه، اُن ڪـي نينهـن اُڪـاريو.

ٻيءَ پر ميهار جي پاڻ تي دُونهين پئي دُکي ۽ نَـڙ جون درد پريون ڦوڪـون پئي وڳيون. دونهين جي لاٽ ۽ نڙ جي سُريلي آواز تي سهڻي هلندي اچي پـاڻ تي پهتي.

## سهڻي جو ساهڙ سان ملڻ

جڏهانکر سهڻي کير جي سُـرکي پـِي، ساهڙ ڏانهن نيڻ کنيا هئـا، تڏهانکر ساهڙ تي الاهي عشق جو نشو غـالب پئجي ويو هو. سندس واسطي

---

[1] مل محمود پلي جي روايت موجب: سهڻي دلي ڪان سواءِ درياءَ تري ويندي هئي.

انهيءَ دستور، سهڻي ڏينهن جو ڏم جي گهر تہ رات جو پئي ميهار سان محبت ونديندي هئي:

"ڏينهان گهاري ڏم سين، راتيان ساڻ ميهار"

هر رات هار سينگار ڪري، پاڻ گهوري، ڪُنن ۾ ڪاهي پوندي هئي. سانوڻ هجي توڙي سيارو، پر سندس سِڪ ۾ تِر جيترو بہ فرق نہ آيو.

دهشت ڏوم درياءَ جي، جت جر وهي پيو جال
اُتي آڌيءَ رات جو، سهڻيءَ ڪئي سنيال
جاڙ جيان تي جيڏيون، آ حيف منهنجي حال
ميهر پهرايو مال، مون سُئي ڪُڪُڪ ڪنڌين جي.

—

سٽي ڪُڪُڪ ڪُنڌين جي، آئي ڪُن متي ڪاهي
گهڙي پئي گهيڙ ۾، هن چڏيا لاڳاپا لاهي
اُڪاريندي اوتڙ مان، تار منجهان تاري
ساهڙ سنياري، پئي منهن مهراڻ جي.

—

آڌيءَ رات درياءَ ۾، سيءُ پوي سردي
دلو ڪنيائين دل موڙن، وڃي ميهر ڏي مرندي
جيڪا وئي وچ ۾، سا وري ڪيئن ورندي
سا اجهي ساڻ الله جي، تار وڃي ترندي
پورهيت تي پرندي، سامَ پر تئي سيدا!

—

اڻ تاريءَ جا تار ۾، ڦقڙ پيا ڦڙڪن
وڻ ٽڻ وڃن وير ۾، ڪُل گِرڻ منجهہ گرڪن
تارو تڪ تار ڪوڙن، چوهڙ ڏسيو چرڪن
سهڻيءَ ڪي سڪ ساهڙ جي، تي ڪيئي منجهہ ڪرڪن
سي موج لنگهي مَرڪن، جن تي ماڙ ميهار جي.

سهڻيءَ خدا کان سوال گهريو تہ ”يار رب! منهنجي ميهار سان سچي محبت آهي، تنهن ڪري منهنجو ڍڪ ڍڪج“. قدرت خدا جي، سهڻيءَ جو سوال اگهائو. رات جو ڏم سميت سيني گهر جي ڀاتين کي اهڙي اگهور ننڊ اچي ويندي هئي جو صبح تائين بيخبر ستا پيا هوندا هئا. انهيءَ ڪري سهڻيءَ کي ميهار ڏانهن ويندي ڪنهن بہ نہ ڏٺو. سهڻي بہ رات جو ميهار سان گڏ، ۽ ڏينهن جو ڏم سان پوري. فقط انهيءَ خيال کان تہ لوڪ لکاءَ نہ پوي، پر آخر اوجاڳن هڻي ڪيس هيٺو ڪري ڇڏيو.

هڪ ڏينهن سج اڀريوئي ڪونہ تہ سهڻي جهوٽا کائڻ لڳي. اتي سنسٽس سهي ڪيو تہ سهڻيءَ سان ڪا ويڌن ضرور آهي، تڏهن اڪيلائيءَ ۾ وٺي پڇيائينس تہ: سهڻي! رات ڪٿي رهي آئي آهين ڇا، جو اجا سج ئي ڪونہ اڀريو آهي تہ جهوٽا پيئي کائين؟ سهڻيءَ کي پڪ ٿي تہ سس کي شڪ پئجي ويو آهي، سو ٽارڻ لاءِ جواب ڏنائينس تہ: ”سچ چيو اٿن تہ سَسون نڪي اوڙي نڪي پاڙي چڱيون. مون کي مٽي جي سور سڄي رات اوجاڳو ڪرايو آهي پر تو وري شڪ رکي ناحق مون تي ڏوهہ مڙهيو!“

سس جڏهن ڏٺو تہ سهڻي سچ نٿي سلي، تڏهن سچي ڪرائڻ لاءِ اٽڪل سان اڳ وٺي چوڻ لڳيس: ”آءٌ ماءُ تہ تون ڌيءُ، مون کان لڪائڻ واجب ناهي. هتي پاڻ ٻن کان سواءِ ٽيون ماڻهو ٻڌڻ وارو ڪونهي، تنهنڪري توکي جيڪو ڏک سور هجي، سو مون کي ٻڌاءِ، جو انهيءَ ۾ تنهنجو ئي ڀلو آهي“. سهڻيءَ دل ۾ خيال ڪيو تہ سس منهنجي ٿي ويئي آهي، سو اندر جو حال اورڻ لڳيس تہ: ’سس! عيبن - هاٿي هرڪا آهي، پر آءٌ تہ بلڪل بيوس آهيان، پر بيوس اڄڪلهہ ڪان نہ ٿي آهيان، جڏهانڪر ميهار جي هٿان کير جي سرڪي پيتم، تڏهن کان بيوس ٿيس. سندس مينهن جي چرڻ جا آواز ٿي ٻڌان ۽ سندس نڙ جون ڦوڪون ٿيون ڪَن تي پون تہ سڪ ڦٿيو پويم. ميهار جي محبت کان مجبور ٿي، هر رات اڌ رات جو اٿي دلي تي درياءَ تري وڃي ساڻس ملندي آهيان“.

## سهڻي ۽ ميهار جي محبت جي ڏم کي خبر پوڻ

سهڻيءَ جي واتان اهو احوال ٻڌي، سسٽس اندر ۾ سڙي ڪامي ويئي. ظاهري طرح تہ سهڻيءَ کي دلداري ڏنائين، پر اندر ۾ وڌ پوڻ لڳس. پوءِ تہ سڏي وڃي ڏم کي سڄو قصو سڻايائين تہ تنهنجي ونيءَ جا اهي وڙ اٿيئي، جو

ڪاريءَ رات جو پاڻ کي ڪُنن ۾ هٽي بہ وجي تي ميهار سان ملي. پر ڏم کي اعتبار ئي نہ اچي، چوي تہ عورت کي ڪهڙي همت جو آڌي رات جو اڪيلي سر درياءَ تري. تڏهن ماڻس چيس تہ: جي مون تي ويسهہ نٿو اچئي تہ پِيت جي ٻاهران بيهہ ۽ پنهنجي ڪَنن سان سهڻيءَ جي واتان اهي خبرون ٻڌ.

انهيءَ صلاح موجب هڪ ڏينهن ڏم، ڪوٺيءَ جي ٻاهرئين پاسي، پِت کي ڪَن ڏيئي بيٺو ۽ سس وڃي سهڻيءَ کان خبرون ورتيون. سهڻيءَ کي تہ ميهار جي پچار مست ڪري ڇڏيو. سا وڃي پنهنجي پچار ٻڌائڻ، چئي: سس! رات بہ ميهار منهنجي انتظار ۾ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي بيٺو هو. ڇڙن جي آواز منهنجو چت چريو ڪري ڇڏيو ۽ پلنگ ڇڏي ويس درياءَ تي، هــن پاران دلي تي تري وڃي پار پهتيس ۽ پنهنجي ميهار سان محبت ونديم. اسر ٿيو آهي جو اتان موٽي آهيان. سهڻيءَ ڳالهہ ڪري دنگ ڪئي تہ سسڻس ڏم کي هوشيار ڪرڻ لاءِ پت تي هٿ هڻي چيو تہ: "ٻڌ ڪنڌي! عقل جي انڌي". اتي سهڻيءَ سهي ڪيو تہ سس مون سان دوهہ ڪيو آهي، سو دانهن ڪري، چيائين تہ: "چاچي! اتي اڪ ڪلي ويئي، ڏسان تہ ناهي ساهڙ، ناهي سِير، ڏم جي پر ۾ سُتي پيئي آهيان". اهو ٻڌي ڏم کي پڪ ٿي تہ سهڻي خواب جي تي ڳالهہ ڪري.

هن ٿاٽي بابت ڳجهارت آهي تہ:

ذات ڪڪن جي پنهنجا تين ئي
[ذات = ٻڌ، ڪڪن جي ڪنڌي، پنهنجا = ڪن]

يعني: ٻڌ ڪنڌي، ڪن تين ئي.

سس ڏم کي هوشيار تي ڪري تہ: ڪنڌي! پنهنجي ڪنن سان ٻڌ! انهيءَ تي سهڻيءَ يڪدم چيس تہ:

پڪيءَ جي، پوءِ مال جي تي
[پکي جي = چان، چين = چاچي، مال جي = سنيار]

يعني: چاچي! پوءِ سنيار تي.

سهڻي دستور موجب پنهنجي ساهڙ ڏانهن پيئي ويندي هئي. سسڻس جڏهن ڏٺو تہ سهڻيءَ جي اها روش ڪين راڄ پاڳ ۾ خوار ڪندي، تڏهن هڪڙي ڏينهن ڪيس پر ۾ ويهاري، نصيحت ڪيائين تہ: سهڻي! تون سامٺي ۽ ميهار نڱامڙو، اوهان جو پاڻ ۾ ڪهڙو سڱ لڳي، جو اڌ رات جو درياءَ تريو هن

ڏانهن ٿي وڃين؟ توکي جڏهن ماءُ - پيءُ ڏمر سان پرڻايو، تڏهن اهو نتو ڄڱائي ته پنهنجو حق ڇڏي ڏاڙئي وٺ وڃين. لوڪ جي طعنن تنڪن جو به خيال ڪونه اٿيئي؟ تڏهن سس کي جواب ڏنائين ته: "اسان جو بيو ته ڪو پاڻ ۾ سڱ ڪونهي، باقي ڪير جي سرڪي جيڪا سندس هٿان پيتم، تنهن سببان سائس سڱ ٿيو اٿم. چاچي! جن کي نينهن نهوڙيو، تن کي لوڪ جا طعنا ڇا ڪندا؟"

سهڻيءَ جي واتان اهو جواب ٻڌي، سس کي خيال ٿيو ته هيءَ نياڻي ندوري ڪير پيئڻ جي بهاني ڪوڙ ٿي ڪري. ضرور ننڍي هوندي جو عشق اٿن. سو پڪ ڪرڻ لاءِ وري به چيائينس ته: "سهڻي! توکي ساهڙ جو عشق لڳو ڪيئن؟ ڪنواري هوندي جو عشق اٿيئي يا پرڻي ڪان پوءِ ٿيئي؟" تڏهن سهڻيءَ وراڻي ڏني ته: "سس! جي ناحق جا الزام ٿي ڏرين ته پوءِ ٻڌ ته توکي ٻڌايان: منهنجو لکيو ساهڙ سان ڇائي ڇم ڱان هو، ڏمر سان ته مون کي زوريءَ پرڻايائون". تڏهن سس چيس ته: "مُني! جي ڏمر وڻيو نه هئئي ته دانهون ڪوڪون ڪري مُلان کي منع ڪرين ها ته اڄ نڪي ڏمر ڏنو ٿئي ها، نڪي تون ئي لوڪ جي ٺوڪ ۾ اچين ها! هاڻي چڱائي انهيءَ ۾ اٿيئي ته ڏمر سان ڏنگائي ڇڏي حق تي هل!" تڏهن سهڻيءَ جواب ڏنس ته: "سس! مون کي انهيءَ ڏکئي ڏمر لاءِ نڪي منٿ ڪر نڪي صلاح ڏي. منهنجي ڪانئس بنهه ئي بس آهي". سس وري به سمجهايس ته: "پتار سان پڳي ڪرڻ زال ذات لاءِ چڱو نه آهي، سياڻي ٿي ساهڙ جي پچر ڇڏ، نه ته جي ڏمر کي خبر پيئي ته توتي ڏاڍو ڏمر ڪندو". سهڻيءَ چيو ته: "چاچي! ڏمر ڏمريو ته گهوريو، شل ساهڙ نه رسي، پلي تنهنجو ڏمر ڏسي ته آءٌ ڪيئن ٿي ساهڙ تان سر گهوريان".

سس جڏهن ڏٺو ته سهڻي خلق جي خواري ۽ ڏمر جي ڏمر پر به نٿي ڊڄي، تڏهن ڪارونيار ڪنن ۽ جر جي جانورن جا ڊپ ڏيڻ لڳيس:

سس پلي سهڻيءَ کي، چوريو چڱيءَ پر
ته ڪلي ويهه ڪٺ تي، گهارڻ تنهنجو گهر
ڏاڍو دور درياءَ کي، اٿئي لهرون زور زبر
پرزا ٿينديئن پر، ساگاهيندئين سير ۾.

پر سهڻي جو اهو جواب ته:

## چتي پير جو سهڻيءَ کي سمجهائڻ

ميان چتو درويش عاشق الله جو هو. ايڏو تہ پهتل هو جو درياءَ جي سِير ۾ مصلو وڇائي، سڄي رات عبادت ڪندو هو. درياءَ واري گهيڙ کان پاسي تي سندس تڪيو هو، ۽ رات جو درويش وڃي درياءَ جي سير ۾ پنهنجي سائينءَ کي سامهون تي نمازون پڙهندو هو. سهڻيءَ جو اتان روزانو لنگهہ هو، پر ميهار جي محبت ۾ اهڙي تہ محو هوندي هئي، جو هن ڪڏهن بہ چتي پير کي ڪونہ تي ڏٺو.

سهڻي، ميهار جي محبت ۾ مست هئي: نڪي تي تانگهو ۽ تار ڏنائين تہ نڪي تي گهيڙ گهٽ جانچي گهڙي. هڪڙيءَ رات سهڻي چتي پير جي بنهہ اڳيان اُڪري وئي، جنهن ڪري چتي پير جو ڌيان ڇڪجي ويو ۽ نماز پڇي پيس. جڏهن ميهار کان سهڻي موٽ ڪاڍي تہ وري بہ ساڳئي هنڌان اچي مَتي. اتي چتي پير چيئيس تہ: ”سهڻي! ساهڙ جي محبت جو اِهڙو انڌ چڙهيو پيو اٿئي، جو ڪنهن تي نظر ئي ڪانہ تي پوئي. اڄ منهنجي اڳيان مَتي منهنجي نماز پڃي اٿئي!“ سهڻيءَ جواب ڏنس تہ: ”چتا پيرا! آءٌ تہ ساهڙ جي عشق ۾ آهيان تہ بہ ان کان سواءِ ٻيو ڪو نظر ڪونہ ٿو اچيم. برابر مون توکي بہ ڪونہ ڏٺو، پر تون تہ پنهنجي الله سان لوَن لايو ويٺو هئين، پوءِ تو ڪيئن مون کي ڏٺو؟“ تڏهن چتي پير چيس تہ: ”سهڻي! تڙ تڪڻ، تار ترڻ، اهو ڪاٺيارين جو ڪم آهي. عشق تہ تنهنجو عقل، مَت ۽ شرم تيئي نهوڙي نِيا آهن!“ تڏهن سهڻي بہ جواب ڏنس تہ: ”چتا پيرا! مون کي تڏهن چينيپ جڏهن تون بہ عشق کان اجو هجين. تون خود عشق ۾ گهر ٻار ڇڏيو، وڃ سير ۾ پيو نمازون پڙهين. جيڪي تقدير جون ڪُنل آهن، سي ڪيترو ويهي گهر گهاريندون؟“.

اهو ٻڌي چتو پير نصيحت ڪرڻ لڳس تہ: ”سهڻي! تون جو مڙس جا حق ڀڃيو ساهڙ لاءِ اڌ رات جو درياءَ ۾ ڪاهيو پوين، سو چڱو نہ اٿئي. پلو پائئين تہ ويهي گهر گهار. نہ تہ ڪانڊوت ڪاٺياري تيندينءَ ۽ ڪڏهن ڪُنن ۾ بہ ٻڏي مرندينءَ!“ سهڻيءَ جواب ڏنس تہ: ”چتا پيرا! ڪانڊ وٺ اهي ڪاٺياريون تينديون جيڪي ڪوڙيون هونديون. آءٌ تہ پنهنجي ساهڙ سان سچي آهيان ۽ منهنجي نيت صاف پاڪ آهي“. تڏهن چتي پير چيس تہ: ”سهڻي! تون سچي آهين، تنهنجو انگ بہ ميرو ڪونهي ۽ تنهنجو عشق بہ سچو آهي، پر منهنجي

نصيحت مجين تہ هن ديواني درياءَ سان دم نہ هڻ. هميشہ گهيڙ ڏسي گهڙندي ڪر. ڇاڪاڻ تہ هن مئي مـَتي مهراڻ ڪان سيٺاهن وارا تارو بہ ڪنبي ويا. سياڻي ٿيءُ، نہ تہ اهو پاڻي پتوڙي پورو ڪري ڇڏيندئي!" تڏهن سهڻيءَ چيس تہ: "ڇنا پير! موت جو ڊپ ڏيئي، مون کي تو ميهار کان پلين! مون موت متي تي ڪيو آهي، جي مـُيس تہ ميهار تان گهوريس!"

سهڻي ۽ ميهار جي عشق ڪي سچا سارا ٻارهن مهينا ٿي ويا هئا. سيارو هجي يا اونهارو، مينهن هجي يا پارو - سهڻيءَ جي دستور ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو. انهيءَ دوران سهڻيءَ کي سندس متن مائٽن، سرتين ساهيڙين سمجهايو ۽ سس - سهري ۽ مڙس ڏمر متس ڏمر ڪيا. پر سهڻيءَ نہ مڃيو ۽ ميهار سان ملندي رهي.

ڏمر وٺ ڏينهن نہ گـُذري، سڪندڙيءَ سارو
عشق جي اُيل جو، اچي اوبارو
گهڙي ريءَ گهڙي پوان، جي چلي ڪوچارو
هڪڙي لـَهر لـَگن کي، بيو پوي تو پارو
منهنجو ميهر يار ڏي، آهي وجڻ جو وارو
سيءُ جي سيارو، سـَهمي ڪانہ، سلام چئي.

## سهڻيءَ کي ميهار جي اک ۾ ڦلو نظر اچڻ

هڪڙي رات سهڻيءَ اکيون کٽي، ميهار جي مـُنهن ڏي ڏٺو تہ ميهار جي اک جي ماڻڪيءَ تي نظر پيس. تڏهن ميهار کان پڇيائين تہ: "ميهار! توکي اک ۾ ڦـُلو آهي ڇا؟" ميهار ڇرڪ ڀري ڏانهنس ڏٺو. سهي ڪيائين تہ جيستائين سهڻيءَ کي نينهن جو نشو هو، تيستائين ڪجهہ بہ نظر نٿي آيس. اڄ عيب نظر آيو اٿس، سو لاشڪ تہ هاڻي اها محبت نہ رهي آهي. اهو خيال ڪري جواب ڏنائينس تہ: "سهڻي! هاڻي تو دل مـَٽـِي آهي، تڏهن منهنجي مـُنهن ۾ نهاريو اٿئي. هاڻي درياءَ ۾ متان گهڙين، جي گهڙنديءَ تہ نقصان رسندئي!" اتي سهڻيءَ بہ ياڻ سنڀاليو، پر جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو.

ڳالهہ جي انهيءَ ٿاڻي کي ڪن سگهڙن هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: ساهڙ کي اک ۾ ڦلو هو. سندس انهيءَ عيب جي سهڻيءَ کي سـُڌ ڪانہ هئي. هڪ ڀيري سندس نظر وڃي ڦـُلي تي پئي، تڏهن ساهڙ کي مام ۾ چيائين تہ:

ڪجهه بہ نظر نٿي آيو. سهڻيءَ آسمان ۾ ڏٺو تہ تارا نظر نہ آيس، پانيائين تہ شايد دير ٿي وئي اٿم. ميهار متان انتظار ڪري هليو ويو هجي! اهو خيال ايندي ئي پريشانيءَ مان ڊوڙي وڃي ڪانهہ جي ٻـوڙي ۾ هٿ هنيائين، دلـو موجود هو، ۽ ان کي ساڳيو سمجهائين جيڪو اتان روزانو کڻندي هئي. دلو کڻندي ئي وڃي درياءَ ۾ پيئي.

بس، اجان ٿورو ئي تَري تہ ڪَچي دلي سَٽ ڪانہ جهلي ۽ پيلو پُـرڻ لڳو. هيءُ حال ڏسي موت اکين آڏو ڦرڻ لڳس. پر تڏهن بہ پئي چوي تہ: "گهڙو ڀڳو تہ گهوريو. شل پڄي ڪا مَ گهڙي" يعني تہ شل مهل نہ گُسي. متان انجام تي نہ پهچان ۽ ميهار وٽ ڪاٽياري ٿيان! انهيءَ ويچار ۾ ويچاري ويتر ٻانهون هڻڻ لڳي، ۽ چئي تہ: مانَ ڪنڌيءَ پيڙي ٿيان ۽ ميهار سان ملان! مينهن ۽ طوفان سبب ڪيس ميهار جي ڏونهين بہ اڄ ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي آئي. درياءَ جي پائيندڙ پاڻيءَ جا ڪڙڪاٽ پئي پيا، سو ڪيس ڇڙن جي چونگار بہ ڪَـنِ تي ڪانہ پئي. اڄ ڪانئس سڀ وسيلا ويندا رهيا، تڏهن بہ ويچاريءَ وڏا وس ڪيا تہ ڪنهن پر سِير پار ڪري وڃي ميهار سان ملي، پر لَهرين جي لپيٽن ڪيس سگهوئي ساٿو ڪري ڇڏيو. هٿ پير هڻندي سندس چوڙا ٻِيڙا لڙهي لهوارا ٿيا.

سهڻيءَ جا ميهار کي سڏ

ڪيس ساٿو ٿيندو ڏسي جر جا جناور بہ اچي ويجها ٿيا. لُـهڙيون اچي ڪيس چُـهٽيون تہ ڪُمين اچي ڪيس وات وڌا. اکئين موت ڏسي سـهڻيءَ ميهار کي سڏ ڪيا تہ: "ميهار يار! سِير ۾ اچي ساٿي ٿيءُ تہ من مرڻ مهل تنهنجو مُـنهن پسان!"

سـهڻي گهـڙي سـِيـر ۾، ڪـري اِللهَ تهـار
چـوڙا ٻـِـيڙا چـڪ ۾، لُـڙ ۾ لـُـڙهيس وار
جنگهہ چرڪي وات ۾، سـسي ڪـي سينسار
واڳـن باسـان باسيون، ڪـُمين گهـر پچـار
سڄ ميهـر يـار، جـو سـهڻي وڃئي تـي سير ۾ .[1]

---

[1] راوي خاڪل برڙو. ويٺل ڳوٺ ڳڙهي حسڻ. ضلعو جيڪب آباد بيت الله بخش مرگر. ويٺل ميرپور ساڪرو.

روزانو-رات جو ساهڙ وٽ ايندا هئا، ۽ هو کين سهڻيءَ جو داستان ٻڌائي پيو زار زار روئندو هو ۽ چوندو هو تہ: ”هن ديواني درياءَ منهنجي سهڻي ٻوڙي ماري“. هڪ ٻيڙي پئي سندس خدمت ڪندي هئي.

ڪن ٿورن ڏينهن بعد، ساهڙ کي سهڻيءَ جي وڇوڙي نهوڙي نيو ۽ مٿس بيهوشي طاري ٿيڻ لڳي، تڏهن درياءَ ڏي اکيون کڻي پاراتو ڏنائين تہ: ”شال سُڪي ٻيلانيون ٿين، جو تو منهنجي سهڻي ٻوڙي ماري. آءٌ توکي ڪڏهن ڪونہ بخشيندس، ۽ قيامت جي ڏينهن بہ توتي دانهين ٿيندس“. اهي لفظ چوندي ساهڙ بيهوش ٿي پئجي رهيو ۽ اها بيهوشي جي حالت مٿس طاري رهي. ٻيڙي سندس اها حالت ڏسي، کيس پنهنجي جهوپڙي ۾ کڻائي آئي، جتي هو ڪيترا ڏينهن بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهڙي پلڪ ڪا سار ٿيندي ٿئس تہ ”سهڻي“، ”سهڻي“ ڪري پيو سڏ ڪندو هو. بالآخر انهيءَ غشيءَ واري حالت ۾ اتي ئي دم ڏنائين. ٻيڙي جنهن رات ڏينهن سندس خدمت پئي ڪئي، تنهن کيس پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ دفن ڪرايو، ۽ پوءِ باقي ڏينهن سندس قبر تي مجاور ٿي ويهي رهي.

چون ٿا تہ سهڻي ۽ ميهار واريون قبرون اهي ساڳيون آهن جي اڄ ڏينهن تائين شهر شهدادپور ۾ موجود آهن.

# روايت [1]

## (الف) سهڻي ۽ ميهار جي داستان بابت آڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان اهڃاڻ

[سنڌ جي آڳاٽن اعليٰ شاعرن، جهڙوڪ شاهه ڪريم، ميين شاهه عنات، شاهه عبداللطيف، شاهه شريف ۽ خليفي نبي بخش، سنڌ ۾ هلندڙ سهڻي - ميهار جي روايت جا اهڃاڻ پنهنجن بيتن ۾ ڏنا آهن. جن موجب هن ڳالهه جي سٽاءَ هن طرح نظر اچي ٿي:

سهڻي، ميهار کان مليل کير چُڪي پيئڻ سان سندس محبت ۾ مستان ٿي. ڏم سندس مڙس هو، پر من ۾ ميهار لاءِ تانگهه هيس. ميهار جو نالو "ساهڙ" هو. جيڪو ڄام (سمون) هو. ساهڙ مالوند ۽ پاڳيو هو. درياءَ جي ٻيءَ پر ۾ سندس مال جو وٿاڻ هو. رات جو مينهن جي چَڙن جو آواز ٻُڌي، سهڻيءَ جي ننڊ ڦٽي پئي ۽ وري درياءَ پار ميهار جي مال جون دونهيون پَسي، ساهڙ جي جدائي سهي نه سگهي. نيٺ دلو کڻي درياءَ ۾ ڪاهي پئي ۽ پوءِ روزانو اڌ رات جو درياءَ تري، ميهار سان وڃي ملندي هئي ۽ صبح جو موٽي ايندي هئي.

ڏم کي ۽ سهڻيءَ جي سَس کي جڏهن اها خبر پئي، سي کيس طعنا ڏيڻ لڳا. پر سهڻيءَ جي عشق ۾ فرق نه آيو. لوڪ جي خواري کان مجبور ٿي، سڻس پڪو دلو کڻي، ان جاءِ تي ڪچو دلو رکي ڇڏيو. رات جو سهڻي دستور موجب ميهار ڏانهن وڃڻ لاءِ اچي دلو کنيو. ان ڪَچي دلي تي پڻ پڪي دلي وانگر چٽ اُڪريل هئا ۽ اوندهه هجڻ سبب به کيس خبر ڪانه پئي، تنهن ڪري گهڙو کڻي درياءَ تي آئي. اها رات چنڊ جي اوڻٽيهين رات هئي، ويتر درياءَ ۾ چاڙهه ۽ طوفان سبب اونداهه انڌوڪار هئي. جڏهن وچ سير ۾ آئي تڏهن پيلو پُرڻ لڳو. سهڻيءَ کي ڪَچي دلي جي ماهيت معلوم ٿي. پوءِ به ترڻ لاءِ گهڻئي هٿ - پير هنيائين، پر چولين کيس ساٿو ڪري ڇڏيو. اتي ميهار کي مدد لاءِ سڏ ڪيائين. ميهار به سهڻيءَ جا سڏ ٻڌي ملاحن کي سڏيو ۽ کين منٿون ڪيائين ته رچ وڃي سهڻيءَ کي بچايو، پر سهڻي بچي نه سگهي ۽ درياءَ ۾ ٻڏي ويئي.

سهڻي - ميهار جي سنڌ واري انهي اصلي ڳالهه جا اهي ٽاٽا ۽ اهڃاڻ سنڌ جي آڳاٽن شاعرن جي جن بيتن ۾ ملن ٿا، سي هيٺ ڏجن ٿا. ن - ب]

**ميهار جو نالو "ساهڙ" هو، ۽ هو وڏو ڀاڳيو (سنگهار) هو**

ڏم ڏيرو هوءِ، ساهڙ سدائين سَنرو
ٻڏندي ٻانهيارين جو، ساٿي ٿيندو سو
"قاسم" غم نه ڪو، آڳهه احمد جن جو.
[خليفو نبي بخش[1]]

ڏم ڏيرو تان گهوريو، مَچي مَر ميهار
آڳهه جنهن جي اُڪري، "قاسم" ڪارونيار
سونهي مون سينگار، ساهڙ جي سهاڳ ۾.
[خليفو نبي بخش]

**ساهڙ غالباً پنهنجي قبيلي جو وڏيرو هو، جو ٻئائي صاحب ڪيس "ڄام" سڏيو آهي.**

چڙن مون کي چوريو، سُک تي سمهان ڪيئن
ساريان ساهڙ ڄام کي، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن
ميهار مرڻ سينءَ، نِيرَ پاتم نينهن جو.
[شاهه لطيف]

**درياءَ جي سانياران ساهڙ جي مينهُن جو وٿاڻ ۽ ڊونهيون هيون**

ميرا مَنهَن مچ، سانياران ساهڙ جا
اکيون آسر لائيو، راڙي راڙي رچ
جي هلن ساڻ سچ، تن رازق تون رساٽيين.
[شاهه عنايت]

پينگها پَسيو روءِ، وجئو وٿاڻن ۾
ڊونهينءَ پاسي دوست جي، پاڻ پڇاڙيو پوءِ
سڄڻ سانگ سندوءِ، شال اڄي اوراهون ٿئي.
[شاهه لطيف]

---

[1] خليفو نبي بخش خان لغاري، پير صاحب محمد راشد عرف حضرت روضي ڌڻي (وفات 1233 هه) جو خاص خليفو هو. سندس آخري سڪونت ڳوٺ مٺي تعلقي ٽنڊي باگي ۾ ٿي ۽ اٽڪل سوا سؤ ورهيه اڳ وفات ڪيائين. پير سائين پاڳاري جي جماعت ڀريان "نار وارا خليفا" بہ ڪري سڏبا آهن. بيتن ۾ پنهنجو نالو "قاسم" تخلص طور ڏنو اٿس.

ڪنڌيءَ پاس ڪِلا، دونهان دوست ميهار جا
پسي دور درياءَ جو، دهلج ڪيم دلا
مَيِچُڻ ڪا گِلا، ساهڙ سَمُن جي ڪري.
[شاهه لطيف]

جي گهِڙن، مِڙن سي، ترس مَ پسي تار
دونهيون ڏسي دوست جون، اکين لڳي آر
اچن ڪُن ڪپينديون، پِرين جن جو پار
اُپين نہ اورار، ان جو باب، بلال چئي.
[بلال شاهه] [1]

پاري باهہ، "بلال" چئي، هوءَ جا پار ميهار
دونهيون دوس دکائيون، سانياران سنگهار
اوئيسُ اکڙين جو، وجي ويرئون تار
وڃي ويرو تار وجود ۾، سڻين جي سنيار
اوتڙ تري تار، سنجهي ملي سوهڻي.
[بلال شاهه]

## ساهڙ جي مينهن جي چڙن ۽ چونگارن سهڻيءَ جي محبت کي پئي جاڳايو:

ڪرڪن خوش ڪياس، محبتي ميهار جي
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي آڏيءَ اُتيياس
سُتِي جاڳاياس، سانير سپيرين جي.
[شاهه لطيف]

ڪارا ڪُن، ڪاري تُڳي، جت ڪاريهر ڪڙڪا
مئي متي مهراڻ ۾، اچن دوپارا دڙڪا
ويندي ساهڙ سامهون، جهول ڏنس جهڙڪا
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونهان تيڙس سير ۾.
[شاهه لطيف]

---

[1] بلال شاهه ولد شاهه شريف ولد ميرن شاهه عنات، رضوي ساداتن مان هو. ڪلهوڙن جي آخري دور ۽ ٽالپرن جي شروعاتي دور ۾ ٿي گذريو آهي.

ڪرڪن جي ڪڙڪار، ننڊ وڃائي نار جي
سهڻيءَ سمهڻ وه ٿيو، تن جنهين ڪي تار
گهڙي تي گهڙي پوي، سڏي رب ستار
اڳيئون آب اڇ گهٽي، پيو سهنس وتن سينگار
ڪارا پانڊ بيلائيون، پيا ڪَپرن جا ڪڙڪار
هڪل هونگ، حمل چئي، ڏوڏو ۽ ڏڏڪار
ميهر هٿ مهار، جو ڇِڪيو چولين موُن وجي.
[حمل فقير]

## ميهار سان ماڻ لاءِ اڌ رات جو گهڙو ڪٽي درياءَ ۾ گهڙي

ڳُوريءَ ٻي نه تات، ميهار ئي من ۾
جو پڻ پيئي رات، ته هو سائر، هوءَ سهڻي.
[شاهه ڪريم[1]]

رات اونداهي، ريءَ گهڙي، نڪا سيٺه سان
وجهي ويرم نه ڪري، پِرِيان ڪارڻ پاڻ
محبت ڪي مهراڻ، سُڪِي سيوئي پَٽ ٿيو.
[شاهه عنايت]

گهڙي سان گهڙي، اچيو آڌيءَ رات جو
سهڻيءَ سمهڻ وِهه ٿيو، بڏي چونگار چَڙي
لهرين ڪوُن، لغاري چئي، لرزي ڪين لڙي
اڳيؤن دوُنس درياه جي، ڪيو ريهه رڙي
چلڪون چوليءَ چات جوُن، منجهئون چوهه چڙي
ڪاتهين ڪين اُڙي، وڃي ساهڙ سامهين.
[حمل فقير]

گهڙي انهيءَ گهيڙ تان، جت درياه جو دڙڪو
بيڙي لنگهي نه اُن پار تان، جِت ڪُنن جو ڪڙڪو

---

[1] شاهه عبدالڪريم متعلوي ساداتن جي "جراڙ پوٽا" پاڙي مان هو. سن 944 هه/1538ع ۾ مٽيارين ۾ ڄائو. سن 1032 هه/ 1630ع ۾ وفات ڪيائين.

اُبڪئو آرن تي چڙهي، توڙي سير ڪري سَٽڙڪو
جو سب چئي، اِن جاءِ ۾، ناهي پانهن جو پرڪو
والِي ڪج ورڪو، جڏهن سَهَڙ ملي مون سامهون.
[يوسف رنگريز [1] ]

## ڏم جا طعنا

پلپل تي پلِي، ڏم ڏينهاٽي ڪيترو
پسي دور درياه جو، وچان ڪين ولِي
ڪاري رات قريب ڏي، منجهان حب هلِي
نہ ڪنهن جهول جهلِي، هئي سمن پوري سونهٽي.
[شاهہ لطيف]

تڙ تڪڻ، تار گهڙڻ، اِيءُ ڪاٽيارين ڪم
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، ڏي ڏوراپا ڏم
عقل مت شرم، تيئي نينهن نهوڙيا.
[شاهہ لطيف]

## ڏم ۽ سس جو ساٽس جهيڙو

ڏم سان ڏينهن مَ گهار، سس سان پر مَ سهٽي
پاڙيچن پچار، مَچُڻ مُنڌ وسارين.
[خليفو نبي بخش]

ڏم سان ڏينهن مَ گهار، سس سان پر مَ سهٽي
صبح تو سنگهار، منهن تي ڏيندءِ مهٽو.
[خليفو نبي بخش]

## سرتين جي ڪيس صلاح

متان گهَڙين سهٽي، اڄ درياه ۾ دم
ڪاري رات ڪنن ۾، ڪهڙو اَتي ڪم
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين.
[شاهہ لطيف]

---

[1] يوسف رنگريز. مين شاهہ عنايت جو مريد ۽ معتقد هو. شاهہ غنات جي بيتن پران بيت چيائين. سندس بيت مين شاهہ عنات جي رسالي ۾ شامل آهن. ڪافي عرصو اڳ وفات ڪيائين.

منڌ پچين ميهار، ڪچو پايو ڪڇ ۾
پيلي جي پروسهي، ڪيئن تڪين تي تار
هيبتناڪ حمل چوي، سهمير ڪري سٽڪار
پاڻيءَ جي پلٽار، پسُڪن ڪي پرزا ڪري.
[حمل فقير]

اوڙيهين رات جو سهڻي ڪچو گهڙو کڻي درياءُ ۾ گهڙي

ڪاري رات ڪچو گهڙو، اوڙيهين اونداهي
چنڊ نالو ناه ڪو، درياه ڏڙلاٽي
ساهڙ ڪارڻ سهڻي، آڏيءَ تي آئي
اُتي تيج تُرهو، سچا مون سائي
اِي ڪم الاهي، نا ته ڪنن ۾ ڪير گهڙي.
[شاهه لطيف]

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، متان وسي مينهن
هڪڙو پئو بيراهه جو، پيو سانيارا سينهن
شال مَ چچي نينهن، گهڙان گهوريو جندڙو.
[شاهه لطيف]

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، درياءَ ديوانو
ڏم ڏهائي اُتيو، ڏي تبرڻ جو طعنو
ڪانيابن آءُ خانو، گهڙان گهوريو جندڙو.
[شاهه لطيف]

بيلو سڀ ريلو، ٻوڙي ٻنهي ڪنڌئين
اوڙيهه اونداهي چنڊ جي، پوريءَ هٿ پيلو
سانوڻ منڊ، شريف چئي، سائڙ سويلو
اچي مَ تيلو، سائين سُتڙ ڊوئيين.
[شاهه شريف]

## ڪچو دلو، جنهن سهڻيءَ کي ٻُلايو

ٻانير نہ پيلو، مون ڪني ڏاءُ ڏُٺاريو
آنکي متي آسري، روح ڏنو ريلو
تيلانهين ويلو، پئم واهڙ وچ ۾.
[شاهہ لطيف]

ڪچو ڪم نہ آئيو، پلايس پيلي
ڪُڏي پيس ڪُن ۾، روح سندي ريلي
واهڙ تي ويلي، نا تہ ساهڙ وجان تني سير ۾.
[شاهہ لطيف]

ڪَچو ڪان ڪنيار، اوڳي ڪٽيو اُتيين
ڪہ تو ڪنين نہ سُئي، پيلي تہ پلڪار
لوڙهيا لک، لطيف چئي، ڪوڙين ڪارونيار
اُڪيارين آذار، آلا آنکي وارين.
[شاهہ لطيف]

پڪا رچ ڪنيار جا، پکي نهائين
مون ڪي تهائين، پيلو ٻاڱي آئيو.
[شاهہ لطيف]

## سهڻي درياءَ ۾ ٻڏي مئي

پيلي ٻُلائي، ٻَسي ڇَٽ چري تي
ٻَر ٻَر ٻُڏي سهڻي، ويرن ۾ وائي
ڪچي ڪيرائي، لال لهرين وچ ۾.
[شاهہ لطيف]

ڪَچي ڪَٽ نہ جهليو، پيلو پيو ٻُري
سار ڇڏيائون سير ۾، ڪا ٻانهن کي ٻُري
هنيين منجهہ هُري، ماهيت ملڪ الموت جي.
[شاهہ لطيف]

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙئي
هيڪائين هيڪ تيو، ويئي سپ جهت.
[شاهه ڪريم]

ڪانڌي ڪنگ تياس، وهڻ جنهڙو سونهڻي
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس
اکيين مَلڪ ڏناس، توءِ مَن ڪاڍو ميهار ڏي.
[شاهه لطيف]

## ميهار سهڻيءَ جي لاش ڪڍڻ لاءِ ملاح سڏيا ۽ گڏ ڪيا

اُيو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري
آءُ پڻ وجهان هتڙا، آئين پڻ وجهو ڄار
گهوريون ڪارونيار، مان مِڙنهون سپرين.
[شاهه لطيف]

ميهار ملاحن کي اُيو آچي اَچ
آءُ پڻ وجهان هتڙا، آئين پڻ وجهو رڇ
ڪنڌيءَ ڪُن ڪڇ، مانَ هونِ سلام سپرين.
[شاهه لطيف]

ميهار ملاحن کي، اُيو ڪري سڏ
ادا! انهي پارڪان، موڙي اچو مڏ
ويا جني وَهه گڏ، سي هلو تہ ڏوريون سپرين.
[شاهه لطيف]

# روايت [1]

## (ب) سهڻي ۽ ميهار جي محبت جو بنياد: چئن يارن جي بچايل سُرڪي

[هن روايت جو خاص نڪتو هي آهي تہ سهڻي ۽ ميهار جي محبت جو بنياد "چئن يارن" جي اوباريل کير سُرڪي هئي، جيڪا شادي رات سهڻي کي ملي. هن روايت جا تاڻا ۽ اهڃاڻ هن ريت آهن:

"چار يار" ميهار جي مَنَهن تي آيا ۽ کير گُهريائون. درويشن جي دعا سان ميهار هڪڙي وڇ کي ڏُڌو تہ کير جو ساڙهو پري ڏنائين. هو کير پِي ٿورو ڏُڪ ميهار جي پيئڻ لاءِ بچائي هليا ويا. سهڻي ۽ ڏم جي اُن ڏينهن شادي ٿي هئي. ڄڃ اچي وٿاڻ جي پرسان لنگهي ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار جي سَوَڻ لاءِ ميهار کان کير گهريائون، جنهن "يارن" جو بچايل کير کين ڏنو. جيڪو ڏم نہ پيتو پر سهڻيءَ کي پيئڻ لاءِ ڏنائين. کير پيئڻ سان ميهار جي عشق جي لئون لڳي ويس ۽ پوءِ هر وقت ميهار سان ملڻ جي تانگهہ رهيس. مقصد تہ هن روايت موجب سهڻي جي ميهار سان محبت جو بنياد اها کير جي سُرڪي هئي جا چئن يارن بچائي ڇڏي هئي.

انهيءَ بنيادي نڪتي تي سڻيل هن قصي جون منظوم روايتون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن.]

# حفيظ تيوٽي جا بيت [1]

[حفيظ تيوٽي جي بيتن موجب "سهڻي ۽ ميهار" جي قصي جا تاڻا هن ريت آهن: ميهار ياڳيو ۽ مالوند هو. ڪي چون ٿا تہ ذات جو "لغاڙو" هو تہ ڪي چون ٿا تہ "اعواڻ" هو. "چار يار" سندس وٿاڻ تي آيا ۽ کير گهريائون. ميهار هڪڙيءَ وڇ کي ونگ وجهي، کين کير ڏهي ڏنو. هو پيالا پي، پر ٿي هليا ويا. ان ڏينهن سهڻي ۽ ڏم جي شادي هئي. ڄڃ موٽي تہ ميهار جي وٿاڻ وٽ منزل ڪيائون. گهوٽ ڪنوار جي سوڻ لاءِ ميهار کان کير گهريائون. "چئن يارن" ٿانو ۾ ميهار جي پيئڻ لاءِ کير ڍڪ اوباري ڇڏيو هو. ميهار اهو کٽي ڏنو. کير ٿورو هو، سو ڏم نہ پيتو، پر سهڻيءَ کي پيئاري ڇڏيائين.

کير پيئڻ سان سهڻيءَ کي عشق جي لئون لڳي وئي. جيئن تہ کير ميهار کان مليو هو، تنهن ڪري من اندر بہ ميهار کي ئي ياد ڪرڻ لڳي. اٿئي ويني آرام ئي نہ اچيس، پر خواريءَ جي ڊپ کان ڪنهن سان بہ سور ڪين سليائين.

آخرڪار اهو دستور ڪيائين جو اڌ رات جو ڏم جي پر مان اٿي، گهڙو کڻي درياءَ تري، ميهار وٽ ويندي هئي ۽ اسر جو موٽي ايندي هئي. هڪڙيءَ رات سس ڏسي ورتس، تنهن چيس تہ: سهڻي! اهو توکي نٿو ڄڳائي جو ننگ ڇڏي، درياءَ پار ڌارئين مرد وٽ ٿيءُ وڃين. جي درياءَ جي دهشت کان نٿي ڊڄين تہ ماڻهن جي مهڻن پر ڊڄ! تڏهن سس کي جواب ڏنائين تہ: جن کي نينهن نهوڙيو تن کي لوڪ جا طعنا ڇا ڪندا؟ مون کي تہ مجازي عشق ۾ ساهڙ کان سواءِ بيو ڪجهہ نظر ئي نٿو اچي.

تڏهن سس پڇيس تہ: سهڻي! توکي ساهڙ جو عشق لڳو ڪيئن؟ ڪنواري هوندي جو عشق اٿئي يا پرڻي کان پوءِ ٿيئي؟ تو جو مڙس جو حق پيڳو آهي، تنهن جو حساب ضرور ڏيڻو اٿئي! تڏهن سهڻيءَ جواب ڏنو تہ: سس! ناحق الزام ڌري مون سان نہ وڙهہ. منهنجو ساهڙ سان لکيو ڇائي ڄم جو آهي. ڏم سان تہ

---

[1] حفيظ جو اصل نالو "لعل بخش" هو. پر عام طرح سان کيس "لعلو فقير" بہ چوندا هئا. ذات جو تيوٽو هو. وارهہ تعلقي جي ڳوٺ ڏاتو تيوٽي ۾ سن 1810ع ڌاري ڄائو هو. اڻ پڙهيل هو ۽ سڄي عمر مينهون چاريائين. آخري عمر ۾ عين جي اک مليس. جنهن کان پوءِ شاعري ڪيائين. سندس بيتن ۾ چيل "مومل راڻي جو قصو" مشهور آهي. سندس ڪلام بيتن، ڪافين ۽ مثنوين تي مشتمل آهي. اندازاً سٺ ورهين جي ڄمار ۾ سن 1885- 1890ع ڌاري وفات ڪيائين.

زوريءَ پرڻايو اٿو. سس چيس تہ: مُني! جي ڏم نہ وٺيو هيئي تہ دانهون ڪوڪون ڪري مِلان کي منع ڪرين ها. يا جڏهن وارثي تي واريئي تڏهن انڪار ڪرين ها. تہ اڄ نکي ڏم ڏنو تئي ها. نکي تون ئي لوڪ جي طعنن ۾ اچين ها. هاڻي چڱائي انهيءَ ۾ اٿئي تہ ڏم سان ڏنگائي ڇڏي، حق تي هل!

تڏهن سهڻيءَ چيس تہ: سس! مون کي انهيءَ ڏکئي ڏم لاءِ نکي منت ڪر. نکا صلاح ڏي. منهنجي ڪانئس بنهہ بس آهي. سس وري بہ سمجهايس تہ: پتار سان پڳو ڪرڻ زال لاءِ چڱو نہ آهي. هاڻي بہ ساهڙ جي پيچر ڇڏ. نہ تہ جي ڏم کي خبر پئي تہ توتي ڏمربو. سهڻيءَ چيس تہ: سس! ڏم ڏمربو تہ گهوريو. شل ساهڙ نہ رسي، جو ان جي عشق جي جڙ جيءَ اندر اٿم. پلي تہ ڏم ڏسي. ۽ آءٌ ساهڙ تان ساهہ قربان ڪريان.

سس جڏهن ڏنو تہ سهڻي، خلق جي خواري ۽ ڏم جي پر نتي ڏِجي، تڏهن ڪارونيار ڪنن ۽ جر جي جانورن جا ڏپ ڏيڻ لڳس تہ: ”مارينڊءِ مانگر. سهڻي! ڪنهن سٽ ۾“ پر سهڻيءَ جو اهو جواب تہ ”سس! مون کي نکا ڏم جي پرواهہ تہ نکو درياهہ جو ڏپ. مينهن هجي يا طوفان. سيارو هجي يا اونهارو. آءٌ تہ هر حالت ۾ ميهار سان وڃي ملنديس. پل تہ آءٌ اُن تان صدقي ٿيان“.

سس ڏٺو تہ سهڻي ڪنهن بہ طرح نتي مڙي، رڳو ميهار جي وائي وات اٿس، سو خيال ڪيائين تہ جي لوڪ کي خبر پيئي تہ خواري ٿيندي، انهي ڪري ڪنيار وٽ ويئي ۽ اُن کان ڪچي دلي جي طلب ڪيائين. ڪنير ڪيس ڪچو گهڙو ڏنو، جيڪو لڪ چوريءَ ڪٺي اچي انهيءَ جاءِ تي ڪانهن جي ٻوڙي ۾ لڪائي ڇڏيائين، جتي سهڻي پڪو گهڙو لڪائي رکندي هئي.

سهڻي دستور موجب اڌ رات جو اٿي درياءَ تي آئي ۽ دلو کڻي درياءَ ۾ ڪاهي پئي. وچ سير ۾ آئي تہ دلو ڳرڻ ۽ پرڻ لڳو. اهو ڏسي هن ترڻ لاءِ هٿ پير هنيا. پر آخر لهرين کيس ٻوڙي ڇڏيو.]

## بيت

1- چڙهي چارئي يار آيا. مَنَهن تنهن ميهار
وڃهي ونگ وڇير ڪي، ڏڌو ڪير ڏنار
پي پيالا پُر ٿيا. مانجهي مرد متار
جُلي جاچي آئيا. پَسي دونهين جي دوار

اچي ائين اُتائون محڪم ڪي ميهار:
”ڪا سُتي گهرجي سوَڻ ڪاڻ، ڪارڻ گهوٽ ڪنوار“
ڪا رَتِي رهي هئي رَڃ ۾، سا ساندي سُرتدار
اوبر اصيلن جي هئي، تنهين منجهه تڪرار
هُن نہ پيتي هن ڪي ڏني، سا وني چٽيندي چشڪار
سُرڪ ڪَرايس سار، جيڪا پيتائين پرت مؤن.

2- پيهي ويس پِرت مؤن، ڪا لئون لئون منجهہ لغار
لتس ڪس قلوب تؤن، ڪا چٽيندي چشڪار
ڏنائين ڏاتار جا، ڪي الستي اسرار
اُتاهون عشق جو، وڪوڙي ويس ويچار
ڦهڪي لڳس فراق جا، ڪي چارئي چوڪيدار
برهہ بيهڻ نہ ڏئي، تنهن ويچاريءَ ڪي وار
بيني برهہ مؤن پري، تنهن ساهڙ لئي سڏڪار
ڳجهہ ڪنهين ڪي ڪين ڏئي، ڪا اندر جي اُپٽار
آڌيءَ رات اُٿي وڃي، منجهئون پر پتار
ڪي چون تہ ڪَچي هئي، پر هيس محبت سان ميهار
”لالو“ چئي لوڪ جي، ڪنئي مند ميار
چڱا چارئي يار، شل ساٿي تيندس سِير ۾.

3- ڦري من فراق ويس، تَن وڪوڙيس تات
لئون لئون ۾ لايُون وڃي، مُنڌ اها مصلات
چورن جان چرڪي وڃي، ڪَيُون چپ چپات
ملي ميهر سان موتي، پرهہ ڦُٽيءَ پريات
سس! ساتين تہ سات، نہ تہ مُنهن تي آچ نہ مهڻا.

4- مُنڌ جهليندينءِ مهڻا، تون اجان تائين توڙ
تو سِر نهندا سهڻي! ڪي آڻ جڙائيندا جوڙ

پـار پراهـون پنـڌ تـي، ڏُکـي وجيـن ڏوڙ
مانـگر مـڃ مـاري ٻـُـجهن، خواجـي انـدر کـوڙ
ڏوهـي تـي نـہ ڏوڙ، نـُـنهن! پرائـي ننـگ تـي.

5- جيڪي نينهن نهوڙيون، سي ڪيئن سانگا ڪن
عشق مجـازي مـامرو، آهـي، جـيءَ سـان لڳـو جـن
لاءِ مصـالحت لـوڪ جـي، اهـي ويڳـاڻيون وتـن
توڙي طعنا ڏين، تہ بہ سس! سڪنديون ڪينڪي.

6- اهـو سـاهڙ سـهڻي! ڪـاتئون ڪـن لڳـوءِ؟
ڪنواري هئين ڪٿ ۾ ٻڪين پرڻي ڪان ٿيئين پوءِ؟
يـا لائـن ۾، لالـو چئـي، يـا پيـڪن پـڪ پڪـوءِ؟
ڇـوريءَ لاڪـون ڇتـڙن، يـا نينهـن ننـڍي ئـي هـوءِ؟
هاڙهي! حق پڳـوءِ، سـو ڪـاتي ڏينديـنءَ ڪـانڌ جـو.

7- سـس! هٺـي سـڪٺا، تـون نـاحق رک نـہ ڀـرم
تـون تنهيـن جـي تـات ۾، ڇـو موڙهـي آهيـن مـَـم
سـاهڙ سـهڻيءَ سـان هيـو، اڳـي ڪٿـون آدم
لکيـو لـوح ميثـاق جـي، لاڪـون لـوح قلـم
پڙهيـو نڪـاح منهنجـو، هـاديءَ سـاڻ حڪـم
ڇـاڻي پڇاڻـان ڇـم، زوري ڏنـائون ڏم ڪـي.

8- جي ڏم نہ وٺيئي ڏانوَ ۾، تہ ڏوڙي ڪرين ها ڏانهہ
وجهيـن ها واڪا ڪـري، تنهـن مـُلان کـي منانهہ
تہ "اللهـم انـي" نـہ پڙهـي هـا، ٻـڌي پرائـي ٻانهہ
جـڏهن وڪيلـن وارث تـي، پـُـڇي پـرس پناهـ
تڏهن نتهن ڪرين ها نانهہ، تہ اڄ قاضي ڪوڙو نہ هئي ها.

9- چئي: ڪرو قاضي قلب جو، آخوند آهه اندر
بيا پڙهن تا بين ڪان، پڌي عين اپر
لايو لڪن نا لام جو، اهو باب نه برابر
اهي قاضي ناهن ڪواز ۾، ماسي ملان مگر
بانگون ڏين تا باجهه موئن، زيل ڪيون لئي زر
تن نه اتن توحيد ۾، تا باڪرين باهر
ڪن تا ڪٽ ڪتابن تي، آهي جماعت جيڪر
سس! نه تيءُ سڌر، تون ملن جي مسئلن تي.

10- چئي: جي حافظ حديثن جا، سي ڪن مسئلا مر
قاضي ڪهن تا ڪاف جو، سو منجهائي سر
جيڪا مجيندي نه مصحف کي، سا ڪيي ڪندا ڪافر
ڏيهه مڙوئي ڏوهه سان، آهي بيڏوهو ڏاتر
تيوٽو چئي تلقين جو، آهي بيشمار بحر
ڪن تا ڪٽ ڪتابن تي، ڪن جو بدين تي بانور
ڪي ماڻين صبح مڪي جو، ڪي گنگا ڪن گذر
ڪي جامع جماعتون ڪن، ڪي ڌرمسال ڌچر
ڳٽي ڳٽيندو ڪيترو، ڪو ڏاهو ڏهيسر
باري بي حساب آهه، ڪن تيون وچوڙي ور
ڪتڻ ڪل ڪريم جي، جيڪو توريندو تڪبر
تون تڪ انهيءَ توڻ تر، صدق توڙ نه سهڻي!

11- صدق ته ساهڙ چام سين، جن جو لڳو جو
ڏوهه نه تيندو ڏم جو، ڪجهه تنهين کي ڪو
ڪونه ڏنو هوم ڪاتهين، ڪو اهڙو پير پڪو
ماٺهو ڪن مڪو، مون ته حج هتي ئي ماڻيو.

12- حج پڙهيئي پر حق نہ رکيئي، تنهنجو حج نہ ٿيندو وري حق وجي پيچ پڙهين کون، اها کر پروڙي پڪ لوٿ بنان "لالو" چئي، طعام نہ اچي کنهن تڪ اهي ٻوڙا ٻڌين سهڻي، ننهن! منهنجون ناحق مارينديءِ مالڪ، تون ڇڏ ڏنگايون ڏم سان.

13- ورنہ منهنجي واجهہ جو، اهو ڏم مونکي نہ ڏس اها منت متان ڪرين، جو مور نہ مجينديس سوڙهہ نہ ٿيندو سگهرو، مور نکين ماٺس ڪر ڪر واري ڪانڌ ڪئون، مون کي بنهہ آهي بس اڄ ڪئون اتس، ڏاڙهيءَ وارو ڏم ڪي.

14- پڳي ڪرڻ پتار سان، آهي زالن ڪاڻ ضرر ڪونہ سُجهي تو سهڻي، توکي ڏم سندو ڪو ڏر متان مورن ڪني پوي، انهيءَ وبڻ جو وڏر کين لاهيندو "لالو" چئي، توڏانهن ڏم ڏمر متان وڙهيئي ور، دم ڦتو ڪر ڪانڌ سان.

15- ڏم ڏمريو گهوريو، شل ساهڙ تان نہ رُسي ساهڙ جي سوز جي، اتم جڙ جٺي مر جان ڏم ڏسي، جو ڏيان سر ساهڙ ڇام ڪي.

16- سهڻي سِکنديءَ ڪينکي، انهي بينش تون ويندءِ ور ڪل خواريءَ خلق جي، توکي ناهي ڪا نظر وجين تي وير سامهون، ناز ڪرين نينگر پار پاٺيءَ پنڌ تي، ڪنڌءِ پروڙي پر لڪڻ اهڙي، "لالو" چئي، ٻي وائين تي ويتر مارينديءِ مانگر، سهڻي! ڪنهن ست پر.

17- پرين جي پريت جو، جڏ تو چڙو چونگاري
وجهي تو ويل تنهين، ڏيل منهنجو ڏاري
کين کيو آ کست مون، سيءَ سندي پاري
وجان تي وير سامهون، لڳي ان لاري
پوءِ مانگر نہ ماري، جي مئُس تہ صدقي ساهڙ ڄام تان.

18- سمجھ سھڻي صبر کر تون، چري تي آن چو
مرندين انهيءَ مرمَن مؤن، مُني جڳ سٽاءِ جوءِ
کَچي تي کينرو کرين، اهو هٺ نہ هلندوءِ
لڳ ڏٽي، "لالو" چئي، منهنجو عرض مڃ اهو
ساٿي ويهہ سرير ۾، چڻ کي ميهر موءِ
هڏ نہ کي هوءِ، چڻ گڏين کين گمان سان.

19- اهي متيون ڏي پاڻ کي، جو ڪجھ نہ تيندءِ کم
پيرَ پچارڻ پنهنجو، تون ڏنِ وينِي ڏم
مرندو کين ميهار، شل ڏائڻ مري تنهنجو ڏم
رکندو شاهہ شرم، جو اتيئي نيت نياڳي پنهنجي.

20- مت اڳيئي تي ميهٹو، تون چو تي چنين پاڻ
کُهہ ميهر، کُهہ مامرو، کُهہ پئي تنهنجو پاڻ
کي لکن تا "لغامڑو"، کي آکن تا اعواڻ
تو تہ وجي کيو تکڑو، سگَ بہ ساهڙ ساڻ
هاٿي تون ئي ڄاڻ، کي ڄاٽي تنهنجي جندڙي.

21- لکيو لوح قلم جو، هوندو جنهن جي حق
سا ماٿيندي سيکا، برابر بيشک
تيوٿو چئي تَک، تون بہ توبهہ کر تقدير کٿون.

22- پوءِ اُبتڙ اُنهيءَ جي، اچي وڌو تيس ويچار
معلوم ڪيائين ڪنير ڪي، تہ ڪم اتم هي ڪار
اتم دلي جي درڪار، تنهن بہ چوري چُڪائي وتو.

23- پوءِ ڪَچو رکي ڪانهہ ۾، آئي پڪو پاڻ ڪٺي
صلاح هن سهٽيءَ جي، اچ واحد ڪي نہ وٺي
اتي اڱڻ هير تي، انهيءَ مهل ڪٺي
ڊري ڊوري پاس، وجي دلو ڪِنڌ ڪٺي
سڏيندي ساهڙ ڪي، ويئي منڌ مٺي
هن جي باب ٻٺي، وجي دادلي ڏنار سان.

24- چوليون لڳيون تي چوه مان، هُن هنيون ٻانهون منجهہ ٻار
ماهہ نيُس ميچين، ٻيا واڳون ۽ سيسار
چرڪيون، ڏاهيون، ڏنيرا، ٻيا شاڪر بيشمار
کهڳل ڪانيرن جا، هئا ڪنڌيءَ اتي ڪار
پڪين پنهنجيءَ پر ۾، تي رُنو زار زار
لهرين لُڙهي "لالو" چئي، طرح انهيءَ تڪرار
سائين سڀ جوڙي هئي، جوڙ اها جنسار
ڪلمي جي آڌار، سڀ لنگهيندا لَڪيون.
لاالہ الا لله محمد رسول الله

## محمود شيخ جا بيت[1]

[محمود شيخ جي بيتن جي سربستي روايت ن سهڻي ميهار جي قصي جا تاڻا هيٺين ريت ملن ٿا.

ساهڙ پاڳيو هو. سندس پاڻ تي "چار يار" آيا. ميهار مهمانيءَ جي صلاح هنين. چيائون تہ، "تڪڙا آهيون، کير پٽار تہ اُسهون". ميهار چيو تہ، "سائين! مينهون چرڻ ويون آهن، سانجهيءَ جو ايندين، پوءِ کير پيارينداس". چيائونس تہ، "اُتي وڇ کي ڏهي وٺ". ميهار عجب ۾ پيو، پر خيال ڪيائين تہ، الله وارا آهن، سو سندن حڪم مڃي وڇ کي ونگ وڌائين تہ اُها سگوئجي بيٺي. ميهار يارن کي کير پٽاري خوش ڪيو، تنهن بعد هو موڪلائي هليا ويا. اُن ڏينهن سهڻيءَ ۽ ڏم جي شادي هئي. گهوٽ ڪنوار جي سوڻ لاءِ ميهار ڪان کير ڏڪ گهريائون. درويشن، ميهار جي پيئڻ لاءِ کير سُرڪي بچائي ڇڏي هئي، جيڪا انهن کي ڏنائين. کير ٿورو هو، سو ڏم نہ پيتو، پر سهڻي کي پيئڻ لاءِ ڏنائين.

سهڻيءَ کير پيتو تہ الاهي عشق جو خمار چڙهي ويس، سو رات ڏينهن ميهار کي ياد ڪرڻ لڳي. نيٺ هڪڙيءَ رات گهڙو کڻي، درياءَ تري ميهار سان وڃي ملي. پوءِ تہ سهڻي روزانو درياءَ اُڪري ميهار وٽ ويندي هئي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جو وري ايندي هئي.

هڪڙي رات سس کيس ڏسي ورتو، سو پڇيائينس تہ: "سهڻي! تون سامٽي، ميهار نگامڙو، اوهان جو پاڻ ۾ ڪهڙو سڱ ٿئي، جو اڌ رات جو درياءَ تري هن ڏانهن ٿي وڃين؟" سهڻي جواب ڏنو تہ: سس! اڳ تہ سڱ ڪونہ هئم، پر منهنجو نينهن ميهار سان، اُن ڏينهن کان لڳو، جنهن ڏينهن کير ڇڪو پيتم. پوءِ تہ سس کيس ڏم جا ڏپ ۽ خلق جي خواريءَ جا طعنا مهڻا ڏيڻ لڳي. پر سهڻيءَ جو اهو جواب تہ: ڇاڇي! ڇا بہ ٿئي، آءٌ درياءَ پار وڃڻ کان نہ رهنديس.

سسٹس جڏهن ڏٺو تہ سهڻي ميهار سان ملڻ کان سواءِ نٿي رهي، تڏهن ڪنيار کان ڪَچو گهڙو ورتي، پڪي گهڙي جي جاءِ تي آڻي رکيائين. سهڻي دستور موجب اڌ رات جو گهڙو کڻي درياءَ ۾ گهڙي پئي. وچ سير ۾ آئي، تہ دلو پُري ويو ۽ سهڻي لهرين ۾ لڙهندي ٻڏي وئي.]

---

[1] محمود پٽ جان محمد شيخ، ڳوٺ باراڇڙي تعلقي شهدادپور ۾ سن 1866ع ڌاري ڄائو. محفلن، ميڙن ۽ مجلسن ۾ بيت ڏيندو هو. پاڻ پڙهيل ڪونہ هو. بيتن ۾ ڪيترائي سربستا قصا جوڙيائين. اندازا سن 1932ع ڌاري وفات ڪيائين.

## بيت [1]

1- ساراهيان سچو ڌڻي، جو سڀ ڪنهن سان ساٿي
مهند خلقيائين مصطفيٰ، ڪئي پرور پڇاڻي
دنيا دم گذر آهي، ويندي وهاڻي
آيا پاڳئي جي پاڻ تي، جنهن جي صحبت سيباڻي
ڪٺي آءُ ڪير خوشيءَ مان، تنهنجي وڻون ميهر مهماڻي
چئي: پُوريون ناهن پاڻ تي، اينديون سانجهي سهماڻي
چئي: اُتي سَڪُر ميڙ سنگهار تون، سالم سجاڻي
تنهن ميڙي وچ وتاڻ تي، ننڍي نماڻي
ڪئي مردن موڪلاڻي، پِي پيالا پُر تيا.

2- ساٿُ تنهنجو سڳَ پر، تئي ڪامڻ ڪچاڙو
اوهين سامٺيا، هو لڳامڙو، اهو پري تيو پاڙو
بجهي بيلي پاسي تو، واڳن جو واڙو
مَچ مِڙي مهراڻ جا، ڪنڌئي ڪُن متي ڪاڙهو
تو ڪائي ڏنو ڪير خوشيءَ سان، پوليءَ جيئن پاڙو
ري چڳائي چاڙهو، بيو ڪونہ تيندئي ڪامٺي.

3- سنئين پئي تي سِير پر، منهنجو پاڻيءَ لاڳو پنڌ
سَوڻ ڪرڻ سان سوگهو تي، مونکي باري لڳو بند
ڏک اوريو ڏم سان، چو ڪرين تي چَند
مون منهن نہ ڏنو ميهار جو، ڪڏهن ڪٺي ڪنڌ
هن پر جن جو هنڌ، تن لهہ لڳيون تي لهريون لنگهان.

---

[1] هيءَ روايت ميوي خان موچ ويٺل جهول تعلقي سنجهوري کان ملي.

4- جن جي لھہ لڳيون تي لھريون لنگھين، تن جي
ڪيئن سھڻي تي سونھين
حق چڏيو تني ھٿ ھٿين، ھلين پيئي ھونھين
ڏُکِي پـَـر درياه جي، درد جي دونھين
جن جي طلب ڪري تونھين، سي ڪين ڪندئي ڪُن مان.

5- چئي: اُھو ڪيندو ڪُن مان، جو آھي ھميشہ حامي
منھن چڙھيو مھٺا ڏين، تنھنجي مَت وئي، مامي!
من متي ميھار جي، جاءِ جـُڙي جامي
جن کي محبت من ۾، تن سان سوڙھہ نہ ڪندي سامي
پوءِ آھن انجامي، پاڳئي جي پاڻ تي.

6- پاڳئي جي پاڻ تي، نہ پيرو ڪندئي پوري
ھلڻ جي ھُن پار ڏي، ڪا لنئون لڳئي لوري
جوين جواني جيڏھين، چڏي ويندئي چوري!
تنھنجي ڪرم ۾ ڪوري، ساگھڙي ڏسندئين گھيڙ تي.

7- تنھنجو ڪم ڪنيار سان، جو تڏا ڏئي تانوَ
آءُ ڪريان وڃينءَ نيت وڃڻ جي، جيھر وٽن ويھن ڪانوَ
ڏک اوريو ڏم جا ڪرين ڏھاٽي ڏانـَو
ناحق ڏر نہ نانو، مھڻا ڏيئي ميھار جا.

8- منت لڳئي تي ميھڻو، جو تي ترين تار
ڏکيا سکيا ڏينھڙا، ويھي گھر گذار
جن نندڙي ڪري نپايئي، ڪل وڃائي ڪار
محبت جا محمود چئي، ساڳيا ڏينھن سنيار
نظر ڪري نھار، تہ ڏوھہ گھڻو اتئي ڏم جو.

9- چئي: پوءِ اهي ڳالهيون پڌريون پونديون پــَــٽ
جنهن سان لهريون لتاڙيو وڃان، سو ڪيئن گهڙو پانيان گهٽ
ڪنهن پساريءَ وٽان پيدا نـ ٿئي، نـ ڪنهن هوندو هٽ
تنهن سان ڪيـر ڪڙو ڪيـو، ڇاٽي پيتـم ڇـَـٽ
ڏک اوريو ڏم ســان، ســُــور بـــ وينـــي ســَـــٽ
مهٽا ڏئي ميهار جا، موڳـي مــُـهڙ نـــ مــَـٽ
ســاھ بـــ ســاهڙ وٽ، ڏم ســان ڏينهــن گذاريــان.

10- متـــي ڏم ڏكـــن جـــي، تـــو لاتـــي لڙائـــي
كـــڏهن كـــديئي كانكـــا، دل مـــان دغـــائي
هلـــڻ جـــي هـــن پـــار ڏي، واريـــن پيئـــي وائـــي
كـــر ايندئـــي كانكـــا، اهـــا كـــوڙي كمـــائي
يـــاڳئي جـــي پـــاڻ تـــي، تـــو كيـــر ڏنـــو كـــائي
منهنجو تو مائي! كڏهن كر كَسيري جونـ كيـو.

11- ڇاڄي! تـو نـ ڇيـو كـو، كـڏهن مـون كـي كـم
انهـن ڏكـن ڏوراپـن جـو، گونـدر تيـو تـم غـم
يـاڳئي جـي پـاڻ تـان، منهنجـو ركيـو شـاه شـرم
وجـــي ڏينديـــس ويـــر ۾، دريـــاءَ متـــي دَم
اهو ڏک كري تو ڏم، تـ وجي پنهنجن مان پرٿـائيو.

12- هكڙي پرٿـي پـَـر كيـو، وري بـي كنـدو شـادي
مــُـنهن ڏسـڻ لاءِ ميهـار جـي، منـڌ آهيـن مـاندي
توكـي نينهـن نهوڙيـو، هـــك وار نـــاهين وانـــدي
اسان كي كري ڏيندو كـُـڙم مـان. هك وني هادي
اِهـا بـوءِ اتئـي بـادي، تـو در بنـان آهـي باسـيو.

13- اُتي وڻاڻ واسيا، جتي جنگڻ جاءِ
مهڻا طعنا مُنڌ ڏيئي، واتان ڪيم وڃاءِ
لکيو منهنجي ڪرم ۾، انگ اڳيئي آهه
پاڙو پُڇي پانهنجو، پُٽ اُتي پرڻاءَ
سا آئي ويهارج وچ ۾، جيڪا جوءِ جڳاءَ
ياڳ پنهنجي ڪان ياءِ، آءُ اڳئي اهڙي آهيان.

14- ياڳ اسان سان ييڙو هو، پر اڄي تالان ڪيو تو
لتاڙيو لهريون وڃين، ساري لوڪ سُئو
ڏک ڏيوم ڏم ڪي، تي جاڙون ڪرين جوءِ
اها پڇا تيندي پوءِ، جو حق ڇڏيو هلي وڃين.

15- هلي وڃان هيڪلي، اهو قولهہ نہ ققي! قورو
پيتم ڪير خيال سان، تڏو ۽ تورو
ڪنهن سان هلندو ڪينڪي، ظلم ۽ زورو
جتي تُرندو تورو، اتي ڏم بہ بيٺو ڏسندو.

16- تورو تہ پوءِ تُرندو، هِت وانجي ڇڏيئي ور
سُتي پَئي ساهڙ جو، سهڻي سُئي سانير
وجهي ترهو تار ۾، رکيئي پيلي مٿي پر
محبت جو محمود چئي، آهي ڪانڌ ڪي ڪَتر
جي آيو ڏم ڏمر، تہ ڪپي رکندئي ڪُن تي.

17- ڪپڻ واري ڪامڻي! ڏم وٽ ناهي ڏيا
هلي وڃان هيڪلي، ڇڏيو هت حياءَ
مهڻا طعنا لوڪ جا، مون ڪلي سِر ڪنيا
مون ڪي نِيرَ نينهن جا، پيئندي ڪير پيا
جن هئا قول ڪيا، سي پَسان تان پاپ لهي.

18- ڪيئن تنهن کان پاپ پري ٿئي، جو سچ نہ سڃاڻي
ڪاهي پئين ڪُنن ۾، ٽُرهي ڪي تاڻي
دغا تنهنجي دل ۾، تو ڇاٽندڙ ڇاڻي
ڇڻ ساهڙ ساماڻي، لٽو ڏولائو ڏيهہ تان.

19- سَس! مون ڪي ساهڙ جا، تو ڏنا طعنا
ڪئين هتان حاڪم هليا ويا، ٿيا روئي روانا
ڪرهہ ڪرين تي ڪاميٽي! ڪيو بچڙا بهانا
جن جا هئا پڪا پروانا، تن مٿان وير وري وئي.

20- وير وري وئي ويسلي، ٿيا لهوارا لَڪ
ميهر سان محمود چئي، ڪا پُوري ٻَڌئي پَڪ
وننڌئي حرف حساب جا، هٽي ڏوبيءَ وانگر ڏَڪ
اهو حرف ٿيو اٿئي حق، سو ڪٽي ڏوهہ ڏينديئہ ڏم جو.

21- ڏوهہ جيڪي آهن ڏم جا، سي مونکي مڙئي ڪندو معاف
منهنجي دل ميهار ڏي، سچي آهي صاف
پڙهي ويا پريت سان، قابل پورو قاف
سچي نيت صاف، وٺي ڪامل ڏيندو ڪر جو.

22- تو ڪمائي ڪان ڪئي، جوءِ هتي جاڳي
گهرو وڏئي گهيڙ تي، واڳن سان واڳي
دغا تنهنجي دل ۾، ڪا آهي نبيت نياڳي
سهٽي سياڳي، تو مائٽ سڀ ملهائيا.

23- مائٽن منهنجو نہ ڪيو، سگ سُٽي سمجهي
ڪنهن جي رهندي ڪانہ ڪا، جو هوندي ڳالهہ ڳُجهي
پيتم ڪير خيال سان، وير مت منجهي
لٽو ڪُلف قلب جو، جنهن جي ڪنهن وٽ ناهہ ڪُنجي
ناني! تنهنجي نِنڊڙي، غافل آهي گُجي
جيڪا ساهڙ تي سُجهي، سا ڪري ٻڌايائين ڪَن ۾.

24- ڪري ٻڌائي ڪَن ۾، توڪي مٺي ڳالھ ميهار
هلڻ جي هن پار ڏي، ڪيئي پهرئين ڏينهن پچار
محبت جي محمود چئي، ڪا لڳئي لنوُ لغار
ساهڙ ڪاڻ سنيار، تنهنجي ڪڏهن لهندو ڪُن ۾.

25- جيڪو عالم آسرو، سو ڪيندو منجهان ڪُن
منهنجي هن ميهار سان، سچي آھ سـَمـُن
لنگهي ويندي لهريون، جي ٿيو گهڙي کي گهاءُ نہ
حرف ملوڪن هڪڙو، نہ گانڍو سمجهي گُن
سامَر پيئي اوبي اُن، جنهن کي قدر ناھ ڪپاھ جو.

26- اُن اهي اوبينديون، جن ڪيا ڪر ڪُوڙا
گوشين چنا گاھ جا، ٻيٺن تي ٻُوڙا
جي ڪُنڊين جي ڪاپار تي، سي چِت چڙهيئي چُوڙا
محبت جا محمود چئي، وئين مُنڌ! ڪنيو مُوڙا
مَڇ مارينديئي مهراڻ جا، ڪري رڇن جيئن رُوڙا
جن جا وَر هئا وسوڙا، تن جو داد ٿيندو درگاھ ۾.

27- ڪڏهن ملنديئي ڪونہ ڪو، حبيباڻو هيج
ڪٺيو هٿ هلي وڃين، سُڄي ڄڏيو سيج
لهرن وارو لاڏڪي، توڪي مائٽن ڏنو ڏيج
اڱيان ڏٻڻ پر درياه جي، ۽ ريٽن گهٽو ريج
اها تار ترين تي تيج، سا منڌ وڄهنديئي مامري.

28- مامري ۾ ماءُ، آهيان اڱيئي آئون
ڏک اوريو ڏم سان، ڪرين درد ٻنان دانهون
سي مون مٿي تي مڃيون، جيڪي رب جون رضائون
ڪنهن سان هلنديون ڪينڪي، اهي روح جون رٺائون
لڏم تي لائون، ڏم سان ڏينهن ڏکن جي.

29- متي ڏمَ ڏکن جا، تي هنهئين حرف ڪرين
گهڙو ڪنيو گهيڙ تي، وجيو تار ترين
وڇُن جو وتاڻ تي، وجيو، پاڻي پاڻ پرين
محبت ٻــو محمود چئي، نتي ڏيان ڏرين
تي وهاڻيءَ ورين، جيهر سچ ڪري تو سوجهرو.

30- جڏهن سچ ڪيو تي سوجهرو، تڏهن مون گهڙي نتي گهاري
هلڻ جي هن پار ڏي، ڪيم تيهر تياري
چارئي يار رسول جا، آهن بينا چوڌاري
پوئين ڏينهن پساه جي، تيندي منزل موچاري
انهن مهڻن آهيان ماري، جي تو ڏنا ساهڙ سامهان.

31- مهڻا طعنا متي تني، رکي تئين راضي
هلڻ جي هن پار ڏي، رڳو بنايئي بازي
وٺندئي حرف حساب جا، اڳيان قضا جا قاضي
جتي تُرندي تارازي، اتي سمجهنديءَ سهڻي!

32- مونکي ته مرجات جو، ڏاهي ڏنو ڏس
آءُ ڪُوڙي ڪُوڙي، تون سرهي منهنجي سس
لنگهيو ويس لهريون، جتي هو رهاڻين رس
محبت سان محمود چئي، قلب لتي هيم ڪس
بچي منهنجي باب ۾، هئي موچاري مس
قضا قلم وهائيو، تنهن کي پيو ڪونه ترس
اهو ڇڏيم گلا وارو گس، جنهن تي ڏم وينو هو ڏمريو.

33- ڏم جي ڏمر جي، ته کهڙي توکي ڪاڻ
لنگهيو لهرين مان وجي، ڪيئي تي روح رهاڻ
انهن ڏکن ڏوراپن جو، تندو هڏ ۾ تاڻ
صاحب وٽ سيا تيندي پڇا پنڌ جي.

34- جڏهن پيچا ڏيندي پنڌ جي، تڏهن ڏيندو حامي حضرت پير
دادلـــو درگاهـــ جـــو، وڏو آهـــ وزيـــر
ياڳئي جي ياڻ تان، منهنجو سائين رکيو سير
هو جو ڪلي پيتم ڪير، تنهن لوڙهيس لهرين وچ ۾.

35- چو تي لڙهين لهرين وچ ۾، سهڻي! تون ساڳاءِ
ڏمر چڏي ڏم سان، ڪلي ڪلي ڳالهاءِ
چوڙا، بيڙا، هار، هسيون، ڪٽي هٿين پنهنجي پاءِ
مائٽ اهي ملهاءِ، جن تنهنجو سياڻ سان سڱ ڪيو.

# پانڌي پنهور جا بيت[1]

[پانڌي پنهور جي بيتن ۾ چيل سهڻي ميهار جي قصي جي هيءَ سربستي روايت آهي، جنهن موجب قصي جي سٽاءَ هيٺين طرح آهي: "چار يار" نبي پاڪ ﷺ جي زيارت لاءِ اسهيا. واٽ تي ميهار جي مَنَـهن ۾ ويلو ڪيائون. ساهڙ کي سڏ ڪري چيائون تہ: مينهن جو کير پيار! ميهار چيو تہ: مينهون ويون آهن چرڻ. وٿاڻ تي موٽي اچن تہ کير حاضر ڪريان. چيائونس تہ: اسين ايترو وقت نہ ترسنداسون. اها سامهون بيٺل وڇ ئي ڏهي وٺ تہ کير پي روانا ٿيون. ائين چئي دعا گهريائون. ميهار بہ خدا کي سنڀاري، وڇ کي ونگ وجهي، کير ڏهي کين ڏنو. هو کير پِي، ڊُوَ ڪري، سُرڪي ميهار جي پيئڻ لاءِ بچائي هليا ويا. ميهار اها سرڪي پوءِ پيئڻ جي خيال کان ڍڪي رکي ڇڏي.

اُن ڏينهن ڏمر ۾ سهڻيءَ جي شادي ٿي هئي. ڄڃ گهوٽ ڪنوار کي وٺيو پئي آئي. ميهار جي مَنَـهن وٽ منزل ڪيائون ۽ گهوٽ ڪنوار جي سوڻ لاءِ ميهار کان کير گهريائون جنهن وري يارن جو اوبـاريل کير چڪو ڪٽي ڏنو. قدرت سان اهو کير لڪيل هو سهڻيءَ جي نصيب ۾، سو ڏمر بہ نہ پيتو، پر سهڻيءَ کي ڏنائين. کير پيئڻ سان سهڻيءَ کي عشق جو خمار چڙهي ويو. ساهڙ کان سواءِ آرام ئي نہ اچيس، سو اڌ رات جو پتار جي پر مان اٿي درياءَ تري ميهار وٽ ويندي هئي ۽ رات جو رهاڻ ڪري، اسر جو موٽي ايندي هئي.

سسُس کي خبر پئي، تنهن چيس تہ: سهڻي! توکي جڏهن ماءُ پيو، ڏمر سان پرڻايو، تڏهن ٻيو حق ڇڏيو ڏاڙهي ڏانهن تي وڃين؟ سچ ٻڌاءِ تہ ساهڙ تنهنجو سڱ ۾ ڇا ٿئي؟ سهڻيءَ چيس تہ: اسان جو پاڻ ۾ ٻيو تہ سڱ ڪونهي، باقي ڏمر کانئس کير وٺي مون کي پياريو، ان مان ساهڙ سان سڱ ٿيو اٿم. هاڻي جي لِڪ چاري ويهاريو، تہ بہ منهنجو سڱ ساهڙ سان آهي. سسُس گهڻئي سمجهايس ۽

---

[1] پانڌي ذات جو پنهور، ڳوٺ بخش نظاماڻي تعلقي ماتلي ضلعي حيدرآباد جو ويٺل هو. هڪ راويت موجب راڄي نظاماڻي تعلقي ٽنڊي باگي جو ويٺل هو. پهريائين ڏاڍو مڙس چور هو پر پوءِ توبهہ تائب ٿي چوريءَ کي ڇڏي پنهنجو پورهيو ڪرڻ لڳو. ٻہ ڀيرا حج تي ويو ۽ اتيئي وفات ڪيائين. مختلف روايتن موجب انداز 1318 هـ - 1900ع ۾ وفات ڪيائين. جوانيءَ ۾ مجاز جي چوٽ لڳس، ان بعد بيت چيائين آخر وقت ۾ ميڙن ۽ مجلسن ۾ پنهنجا بيت نڙ تي چوندو هو. سندس بيت اڄ تائين نڙ تي چيا ويندا آهن.

ساهڙ! هاڻ سگهو تيءُ، ڪٺي ڪير پئار
چئي: پوريون ناهن پاڻ تي، چرن چوڪنڊين چوڌار
ڪَڪيون، ڪاريون، ڪُنڍيون، چرن وِيءَ ولهار
چئي: وجهي ونگ وچ ڪي، تون سَڪر ميڙ سنگهار
اُت ڪُنڍي ڪُنڍڪي آئي، سٽي سا تنوار
دعا درويشن ڪئي، ڏڌو ڪير ميهار
پِي پيالا پُر تيا، مانجهي مرد مٺيار
سوڻ ڪارڻ سُرڪي، رهي لاٽ منجهه لغار
اوبر تن اصيلن جي، سانيي سُرتدار
ڏم پرٽيو تنهن ڏينهن جو، خوشيءَ منجهه خمار
چُلي چاچي آئيا، ڪري دهلن جا ڌڌڪار
هڪڙا ناز ناچن جا، بيا چيرين جا چمڪار
سات سَوَڻ نڪيتيءَ جو، تون ڏي ڪير ڌنار
ڏم گهريو، ساهڙ ڏنو، پيتو ڪير ڪنوار
نڪا نصيب گهوٽ جي، نڪي نصيب ميهار
سهڻيءَ ڪي سِڪَ جي، طلب لڳي ويئي تار
چُڪو پِي چري تي، منجهان ڪير خمار
پُوري هئي، پانڌي چئي، اُن ڪي عشق جي الغار
اُتي هلي اڌ رات جو، وٺئون پر پتار
اچيو گهڙي عميق ۾، سهڻي ڪريو سينگار
ور چڏيو واهڙ تري، قربئون ڪريو ڪڏڪار
چڏيو سيج پتار، ڪاهيو پئي تي ڪنن ۾.

-2 ڪاهيو پئين تي ڪُنن ۾، ڌج خدا جي داءُ
موڳي! توکي مائٽن، پرٽايو پيءُ ماءُ
حق چڏيو حاجي چئي، وجين چا جي لاءِ
سهڻي! ڳالهه بڌاءِ، ساهڙ چا تيئي سڱ ۾.

-3 سڌ نہ مون کي سڳ جي، آهيان اساري
ميهر تي مال چاريو، ڏڻ ۾ ڏناري
ڪاڏم ڪير خوشيءَ مؤن، عمر پي ساري
ٻارهين ورهين جي ٻالڪي، هيس ڪنواري
چوڏهين ورهين وڃي ڪيئون، منهنجي ترت تياري
سوڻ خاطر سُرڪي، مونکي هئي ڏم پڻاري
هاڻي لَک ويهارين چاري، تہ بہ منهنجو سڳ ساهڙ سين.

-4 سهڻي! انهيءَ سڳ جي، چڏين نتي پچر
ڪاهيو پئين تي ڪُنن ۾، جتي جام وهي پيو جر
سمهين نتي سيج تي، گهوٽ ساڻ گهر
مرون انهيءَ مهراڻ جا، ڪائي ويندءِ ڪر
ٽينديڻ ڏوهياٽي ڏم جي، مهندان ڏينهن محشر
پچندءِ پانڌي چئي، پاڪ ڏڻي پرور
وَني چڏيو، وَرُ، تون سڳ رکين تي ساهڙ سان.

-5 سڳ تہ ساهڙ جام سين، منهنجو پرينءَ پَر ٽيو
منهنجو من ميهار وٽ، راتو ڏينهن رهيو
سانوڻ ۾ سياري، واهڙ تي وهيو
ڏم آچ نہ ڏکيءَ کي، مني! منهن چڙهيو
پرينءَ پر پانڌي چئي، وڃان تار تريو
اتم قول ڪيو، تڏهن ڪاهيو پوان ڪُنن ۾.

-6 ڪاهيو پئين تي ڪُنن ۾، توکي واڳون کو ونندو
ٻڏي ويندينءَ ٻار ۾، لوک سچو سڻندو
تون ٻڏينءَ تہ چيا ٿيندو، نڪ ڏم جو لهندو
هاڻي وجهئين تي پلئہ پير سندو، مُني! ويهہ ماٺ ڪري.

7- پلئه وجهئين تي پير جو، مون کي پلئه کيم پاءِ
ڏينهن نہ لهي ڏم وٺ، منهنجو ساهڙ وٺ آهي ساهه
هجان سچيون راتيون ساهڙ وٺ، پانيان گهڙي سا
مون تنهنجو نِيو ڇا، جو وجهين تي پلؤ پير جو؟

8- پلؤ وجهئين تي پير جو، تي چوئين چڱائي
ٻڌي ويندينءَ ٻار ۾، ڪر وينديءِ ڪائي
اُتيو آڏيءَ رات جو، اچين اونداهي
ڪاري رات ڪنن ۾، ورندئي نہ وائي
ماٺ ڪري ماني، ويهي گهار گهر ۾.

9- گهارڻ هاٺي گهر ۾، مشڪل آهہ گهڙي
سهٽيءَ ڪني سڪ جا، ڳوڙها پيا ڳڙي
محبت جا ميهر جي، ويئي چت چڙهي
پريئءَ پر پانڌي چئي، منهنجي آهي جيءَ جڙي
ويئي دل اڙي، محبتي ميهار سين.

10- محبت جا ميهر جي، چوري! ڪٿي ڇڏ
ٻڌي ويندينءَ ٻار ۾، لڙهي وينديءِ هڏ
ڪامڻ! تنهنجو ڪنن ۾، ڪونہ ٻڌندو سڏ
ڪامڻ! اهو ڪُڏ، ڪڏهن هٿنديءِ ڪن ۾.

11- ڪاهيو پوان ڪنن ۾، چت منهنجو چور
راتيان ڏينهان روح ۾، ميهر جو مذڪور
اهڙي آءٌ عجيب ڪان، دم نہ تيان دور
پريئءَ پر پانڌي چئي، مون نيٺين ڏنو نور
آڏيءَ ويل اسور، ڪاهيو پوان ڪنن ۾.

12- ڪاهيو پوين ڪنن ۾، اڳيان درياءَ لائي دڙ
ڪامڻ تنهنجي ڪنن ۾، ڪونه ٻڌندو رڙ
سدائين سهڻي!، تريو وڃين تڙ
مُني! پنهنجي مڙس جو، ونيءَ! سڄاڻ وڙ
پَريَنءَ پر پانڌي چئي، کهڙي اٿئي هڙ
مُني! تنهنجو مڙهه، مرون ڪائيندا مهراڻ جا.

13- مرون ڪائين مهراڻ جا، مر ته منهنجو ماس
ڏکيءَ ڪي ڏم جي، بنهه نه وٺي باس
سدائين ساهڙ جي، اندر ۾ اماس
پرين جي پانڌي چئي، اکين ۾ اُڪاس
قرب آءُ ڪنياس، نه ته ڪير پوي ڪنن ۾.

14- ڪامڻ! انهن ڪنن جي، ڇڏي ڏي سڙڪ
مُني! پنهنجي مڙس جو، لاهي ڇڏيئي نڪ
ڏيهاڻي ڏم جو، تون ٿي پڇين حق
پرور وٽ پانڌي چئي، پوري آهي پرک
پوءِ ڏينديئي پک، جڏهن واڳون گڏبئي وچ ۾.

15- واڳون گڏبو وچ ۾، اچ يا سياڻ
منهنجي مرڻ جا، اهي آهن اهڃاڻ
ڪاهيو پوان ڪنن ۾، ٿي پتوڙيان پاڻ
پرينءَ پر پانڌي چئي، منهنجي روح رها
پوءِ سچيءَ سڪ ساڻ، مٺيو وڃان مهراڻ مان.

16- مٺيو وڃين مهراڻ مان، سهڻي! ڇڏيئي شرم
ڏيهاڻي ڏم جو، تون ٿي پڇين پرم
مهندان ڏينهن محشر جي، ڏوهه ڇڪينديئي ڏم
پرينءَ پر پانڌي چئي، کهڙو اٿئي ڪم
اوڳي! ڪريو اُم، تون ڪاهيو پوين ٿي ڪنن ۾.

17- آٺـي وڏو عميـق ۾، کـَـرڪن جـي کـُـڙڪن
ڏڙڪـا جـي دريـاءَ جـا. اوپـارا اڇـن
هيبتنـاڪ هزاريـن، ويـرون ٿيـون ورن
هيبـت ڏسـي حـاجي چئـي، وچـان ڪيـن ورن
ڏونهـان دوسـت ميهـار جـا. هنئيـن منجهـ هـرن
مينهـون محـب ميهـار جـون، آڏي ڏيـو اٿـن
ڪنـڌيون ڪنـڌيءَ سـين، چـوڏاري چـرن
ڪـاريون، ڪنـڌيون، ڪڪيـون، ڏيـو و راڪـا ورن
پلپـل پـانڌي چئـي، ور ڏيـو تيـون ويهـن
مـون کـي پتـارين، کـو تـاٺي وڏو تـار ۾.

18- عـورت! اهـو عميـق تـو، توڙئـون وهـي تـار
مـُـني! پنهنجي مـڙس سـان، گهـر ۾ ويهـي گهـار
پـاڙي ۾ پـانڌي چئـي، تنهنجـي آهـي پچـار
پـِـري سـاڻ پتـار، سـهڻي! ويهـ تـون سيج تـي.

19- سـتي مونکـي سـيج تـي، اچـي ڪيـن صبـر
وچـي پئـي وجـود ۾، چـَـڙن جـي چونـگر
ڪـاهيو پـوان ڪنـن ۾، مينهـون ڏسـان ميهـر
وينـا آهـن وات تـي، واڳـون وجهيـو ور
بلائـون بحـر جـون، اچـن ڪيـن نظـر
پريـنءَ پـر پـانڌي چئـي، مـون ڏنـي سـونهن سـڌر
هلـي آءُ هيڪـر، مـلان يـار ميهـار کـي.

20- مليـن يـار ميهـاز کـي، چـڏيو سـيج پلنـگ
مـُـني! پنهنجي مـڙس جـو، نـِـيم سـجاڻ ننـگ
ڪـاري رات ڪنـن ۾، ويـري وجهنـدءِ ونـگ
ڪانڌي تينڌا ڪنگ، ڪي سهڻي! تنهنجا سير ۾.

21- سهڻيءَ سين سير ۾، صاحب ڏينڊو ساٿي
ڪاهيو پوان ڪنن ۾، ڏي پتوڙيان پاٿي
محبت جا ميهر جي، سڪ ٻه ساماٿي
پريت جي پانڌي چئي، من مانڌاٿي
تڏهن ڏينهاٿي، آءُ ڪاهيو پوان ڏي ڪُنن ۾.

22- ڪاهيو پوين ڪنن ۾، ڪامڻ! ڪاري رات
سدائين سهڻي! هونديءَ ڪين حيات
سنجهي وجين ساهڙ ڏي، اڄين ڏي پريات
ڪاري رات ڪنن ۾، واڳون وجهنديءَ وات
سهڻي! تنهنجي سڪرات، ڪا سگهي ڏيندي سير ۾.

23- سهڻيءَ جا سير ۾، پساهه مَر پڇن
پانيان پاڳ تنين جا، جي محبت منجهه مرن
راتيون ڏينهن روح ۾، پلپل پور پون
اڻيو آڏيءَ رات جو، ڪاهيان منجهه ڪنن
اڃيو گهڙان عميق ۾، اهو آر اڪين
ميهر جي محبت جا، تا من ۾ مچ ٻرن
دونهان پيا دکن، ڪي ميهر جي محبت جا.

24- سَس پڇيو ڏي ننهن ڪان، توکي ڪهڙو واءُ وريو
وَر ڇڏيو واهڙ ترين، توکي ڇا ڏيو
ڏون ٻڌي ويندينءَ ٻاپڙي، توکي ڇوڻ ڇڱائي ڏيو
ڏو جيڏيون، ڏو سرتيون، ڏن ڪي گهارڻ گهر پيو
ٻڌيو ڏي ٻانهون هٿين، تنهنجي ڪوڪ نه ٻڌي ڪو
خيال نه ڪرين 'خواجا' جو، جت اڃن لهريون ليٽ ڪريو
چئي: سانپارا ڏو سڏ ڪري، مونکي ماڻهو ميهر جو
ٻڌندي ڏي ٻانهون هٿي، وس ويچاريءَ ويو
اُت نَيو ڏو نمازون پڙهي، ڇوليءَ ڏي ڇُتو[1]

[1] درويش ڇتو پير.

تنهن سڌ ڪري سهڻيءَ ڪان، آهي پير پڇيو:
ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، توکي لهرن ڪيئن لٿيو؟
ڪين ڏڄانءِ تي خواجا ڪان، توڙي تار وهي تکو
مجلس خاطر ميهر جي، وڃان واٽ ونيو
پانڌي چئي پريت جو، اتم پيچ پيو
پُڇي آيام پريان، تڏهن پيلو تي پڳو
هٿر ڪرم منجهه ڪَچو، ڪونهي ڏوهه ڪنيار جو.

25- ڪَچو ڪم ڪنيار جو، ڪَچي نهائين
دلو ويهي دل ڪان، چڱو چٽيائين
ڪاوڙ مان ڪنيار ڪان، ڪَچو گهريائين
مُلهه انهيءَ جو مهانگو، چوڙي ڏنائين
ڪَچو رکي ڪانهن ۾، پڪو ڪنيائين
سهڻيءَ کي سڪ ساهڙ جي، ڪجهه نه ڏنائين
پيلو پڳائين، تڏهن ڪوڪون ڪيئين تي ڪن ۾.

26- ڪوڪون ڪيئين تي ڪن ۾، دلو پڳو درياءَ
سهڻي ساهڙ ڄام کي، سوين سڏ ڪيا
سڳهو رس سير ۾، جت پيئن نه اوڏو ياءُ
ساهڙ سهڻيءَ جا تي، ستي سڌ سُئا
چئي: ڪاهي پئو ڪنن ۾، مڙي اچو ملاح!
ڪل نه پئي ڪوڪن جي، جتي واڪا ڪري واءُ
ميهر مُنجهي چيو، ڪيڏانهن ڪري ڪاهه
پريءَ جا پانڌي چئي، پورا تيا پساهه
ساهڙ پئي ڳولي سير ۾، آڌيءَ رات اونداهه
ساهڙ جي سهڻيءَ تي، وڃي پئي نگاهه
پوءِ هلي هٿ وڌا، ساهڙ ڄام سهڻيءَ کي.

27- ساهڙ ڄام سهڻيءَ کي، ڪڏي ڪيو ٻاهر
سنيالي ڏنئين سهڻيءَ کي، ڪري ويئي گذر
آڻيو آب اکين مان، تو جام وهائي جر
درياءَ دانهن توتي، ڏيندس ڏينهن محشر
ماڻهو مڙي آئيا، سڻي اي خبر
پڙهيائون جنازو جتيم [1] جو، پوري ڪيئون پر
پريءَ جي پاندي چڻي، ڪنيائون قبر
پوءِ پهرين ٿي پهر، پوري وريا پريءَ کي.

28- پوري وريا پريءَ کي، ماڻهو منجهه مقام
ميهر جي من تي، مچي ويو ماتام
ميهر کي مينهن ۾، اچي نه آرام
هلي ۽ چلي، ويهي ڪيم وريام
پريءَ جي پاندي حڻي، ڄر اچي وئي ڄام
پوءِ انهيءَ ڏينهن ... وجي ساهڙ گڏيو سهڻيءَ کي.

---

[1] جتيم = يتيم.

2- ساهڙ پاسي سير جي، تڙ تي تنواريون
ڪڏي نڪتيون ڪانهن مؤن، منجهيون موچاريون
هڪ ڪاريون، ٻيون ڪنديون، ٽيون پوريون پٽاريون
ميهر پنهنجي محبت سان، تي چوڙيليون چاريون
هاٿي آر ڪري آيون، ساجهر ويل صبوح جي.

3- ساجهر ويل صبوح جي، آيا ساهڙ وٽ مزماڻ
خاوند خالي نه ڪر تون، ڀاڳين سندا ڀاڻ
مَنَهن تنهن ميهار جي، اچ پرين آيا پاڻ
هڪڙا صورتوند سجان گهڻو، ٻيا جُنگ ڀلا جواڻ
ساهڙ سيني ساڻ، وندي ضحبت ساءِ جي.

4- وندي صحبت ساءِ جي. سيني ساڻ همير
ميهر مَٿي هٿ ۾، ڪِليو وراهي ڪير
يارهين ڪيئين يار جي، هن ڪي دان ڏنو دستگير
ڪنڌيءِ ڪناري تنهنجي ٻناري، جنهن جو پردورڪيو پير
سڪ صبر جن جو سير، تن ڪي صاحب ميلين سچڻا.

5- صاحب ميلين سچڻا، مون ڪي پهچائجان پير
سدا سانگيڙن جي، اندر منجهه اکير
هو پي سفر سنبهيا، موٽيا ڪين ملير
هن جو ننگ حسن چئي، موٽ مديني جا مير
ساٿي ٿينديـن سڄ ۾، بر ۾ بادشاه پير
سڏيو چون پيا ساهڙ ڪي، تنهنجو پردو رکيو پير
ميهر! پنهنجي مينهن جو، تون خوشيئون پيار ڪير
هاٿي مشڪل تو توئن مير. لٿي ڏٿيءِ جي دربار مؤن.

6- ميهر محبوبن سان، پيو ڪري ڳالهه سچي
ڪُنڍيون ويم قبلي تي، منهنجون آڌيءَ رات اُتي
ٻاجهارين جي ٻيلي ۾، خوب ٻُجهي پئي ڪرڪي
اوڏيون ٿينديون آنبَهه[1] کي، ٿيندي ويل وچي
پِير! پيارينڌوسانوَ ڪير، ڪري دانهه دل سچي
مان وٺ محب تِڪي، ڪٿي ويلو ڪريو وٿاڻ تي.

7- ويلو ڪو وٿاڻ تي، اسان ڪنهين وٺ ڪونه ڪيو
ڪنڍين جي قبلي جو، تون ڪامل ڪَهين ڪوه
ونگينس ٻيني اٿئي وٿاڻ تي، پولِي پاڻ ڪيو
وجهي ونگ وچير کي، تون پري ڏهه ساڙهو
تڏ وني مرضي محبوبن جي، ساهڙ ڪيو سعيو
ڏوئي ساڙهو، ڪٿي پاڙو، هن وچ کي ونگ ڪيو
هن ڪنيا هٿ حضور ڏي، سيني سوال گهريو
هن جو حسن چٽي، سو قادر سوال ٻڌو
مهرباني مني مالڪ جي، هن سان واحد وڙ ڪيو
قدرت ساڻ ڪريم جي، ڪنڍيءَ ڪير ڪيو
وجهي ونگ وچير کي، ميهر ڪير ڏڏو
پري ڏنو پوليءَ تنهن، سياڳيءَ ساڙهو
معجزو محبوبن جو، سچي ڏيهه ڏنو
ڏهي ڪير سو، آڏو رکيائين عاشقن جي.

---

[1] انبَهه = وٿاڻ.

## سومار مگرئي جا بيت [1]

[سهڻيءَ کي پرڻي رات ڪير مليو، جيڪو "چئن يارن" جو ڏنل هو. ڪير پيئڻ سان اکين تان اولا لهي پيس. ڪير مهيار ڪان مليو هو، تنهنڪري من ۾ ميهار کي ياد ڪرڻ لڳي. آخر هوءَ درياءَ اُڪري وٽس ويئي ۽ انجام ڪيائين ته روزانو رات جو درياءَ تري ايندس. سهڻي انجام موجب هر رات ڏم ڪي سمهاري، درياءَ اُڪري ميهار وٽ اچڻ لڳي ۽ خدا ڪان سوال گهريائين ته: شال! انهي سچ جي راهه ۾ مران ۽ انجام ڪان نه گسان!]

### بيت

1- پيتائين پرڻي رات، چُڪو ڏنو چئني
جي آهن پي پُر تيا، آيا ڳجهه ڳنهي
چئي: اولا اکڙين جا پرين لاتا پِني
توري نه پڙان اُن جي، جياريس جني
گهٽو منائي، مگريو چئي، تهان پوءِ نه ڊني
کهڙي ڳالهه ڳنهي، پڇان پنڌ پرينءَ جو.

2- پلي سانگو سِر جو، ڪئي سهڻيءَ سچائي
مهندان سُچن مچ تا، واڳون وڏائي
اُيڪپو اوڙاهه وهي، ٻِي لولي لهرين لائي
لنگهي تي سِير سمونڊ جي، جنهن کي ڊپ ناهي ڊائِي
واقف نه ٿي ويڙهه جي، مُڙي نتي مائِي
ساهڙ سان سچائي، سرهي تي، سومار چئي.

[1] سومار مگريو، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ناري مهرائي جو مشهور ۽ اڳاٿو شاعر ٿي گذريو آهي. اندازاً سن 1885ع ڌاري وفات ڪيائين.

3- سُور اهو، سومار چئي، مر مونکي ماري
آءُ اچان تي ايڏهين، ڏم کي سمهاري
سَمُن اهو سچ جو، کيئن ويهان وساري
سويريون سومار چئي، ويا اوتڻ اُتاري
ٻڪريون جيئن ٻيڻن تي، پيو ڪُنڊيون ڪوڪاري
ڪَچا ڪانهن ڪنڊين جا، ويون ڦليون ڦوڪاري
شل ڏاتر ڏيکاري، چانئٺ چِگي، رسول جي.

# مل محمود پلي جا بيت [1]

[ 'مل محمود پلي' جي بيتن مان 'سهڻي ۽ ميهار' جي قصي متعلق ٻه روايتون شامل ڪيون ويون آهن، جن مان پهرين روايت سهڻي ۽ سهيلين جي گفتگو تي مشتمل آهي ۽ ٻيءَ روايت ۾ ڏم ۽ سهڻيءَ جا موت بابت ٽاٽا آيل آهن. جيڪي هن ريت آهن:

سهڻيءَ کي سهيليون چون ٿيون: سهڻي! متان درياءَ ۾ پوين، جو هڪ ته ڪنن جا ڪڙڪا ۽ درياءَ جا دڙڪا پيا پون، ٻيو ته جَر جا جانور توکي کائڻ لاءِ تيار ويٺا آهن. سهڻيءَ کين جواب ڏنو ته جڏهن پار درياءَ ميهار جون مينهون وٿاڻ ۾ گڏ ٿي چـڙا چونگارين ٿيون ۽ اهي آواز منهنجي ڪنن تي ٿا پون، تڏهن هڪ گهڙي به سک نٿو اچيم. اهڙيءَ حالت ۾ پاڻ ڪٽي درياءَ ۾ ڇڏيان. مون کي اندر ۾ ميهار جي اهڙي سڪ آهي.

تڏهن وري سرتين چيس ته: سهڻي! تون ساهڙ لاءِ ايترو لڇين ڇا جي لاءِ ٿي؟ اتي مال خزانا ڏنا اٿئي يا ميهار جا کير مکڻ کاڌئي، جن ڇريو ڪري ڇڏيو اٿئي! تڏهن جواب ڏنائين: اديون! نڪي ناٽي موهيو اٿم ته نڪي کير مکڻ. ميهار جي محبت جي ڪانَ قابو ڪئي آهيان، تڏهن ٿي درياءَ جا آر تران.

پوءِ سرتين سمجهايس ته: سهڻي! ڇري نه ٿيءُ. عشق ٻين کي به لڳو، پر تو وانگر ڪا ڪانه ٿي. اهو عشق جو چٽڪو چٽڻ ڏينهن جو آهي، انهن جي ڪري ڪانڌ کي نه وسار. تڏهن سهڻيءَ جواب ڏنن ته: اهي ڳالهيون تڏهن ٿيون ڪريون جڏهن منهنجو ميهار يار نه ڏنو اٿو، جي ڏسو ته هوند مون کان اڳ ڇوتا ٻڌي درياءَ ۾ گهڙي پئو ۽ سک نه سمهو.

سهڻي درياءَ ۾ ٻنان ٿُـرهي ڪاهي پئي. درياءَ جوش ۾ هو، ڪپرن جا ڪڙڪا پئي پيا. اهڙي حالت ۾ سهڻي ٻيوس ٿي ميهار کي مدد لاءِ سڏڻ لڳي پوءِ اتيئي پساهه ڏنائين.

---

[1] مل محمود ولد طالب درس پلي، تيرهين صدي هجري جي آخر (1280- 1290 هه درميان) ۾ ڳوٺ حاجي عبداللطيف پلي، تعلقي عمر ڪوٽ ۾ ڄائو. عوامي شاعرن ۾ مٿانهين درجي جو شاعر ٿي ڳذريو آهي. سندس ڪلام "ليلي - مجنون"، "مجمع العجائب" ۽ "نصيحت انساني" ڇپيل ۽ مشهور آهن. سن 1347 هه / 1928ع ۾ وفات ڪيائين.

## بيت [1]

1- سهڻي ويندئي ساھ، متان پوين پاتار ۾
اڳيان تکو تار وهي، اُپ ڪَپر اوڙاھ
هيڪو ڪڙڪو ڪُنن جو، ٻئا دڙڪا ڏئي درياھ
پوءِ مانگر ڪِينديءِ ماھ. ٽينديين ڪاچ ڪرن جو.

2- چئي: سرتيون: هن سمنڊ جا، مر تہ ڪِينم ڪر
جنهن ۾ چَرن چائلون، ڪُنديون ڪٺيو ڪر
واڳون وچون پانئيان، مينهيون سنديون ميهر
اهڙي منجهہ اندر، مون کي سِڪ تہ ساهڙ ڄام جي.

3- چئي: سهڻي! ڪهڙيءَ سِڪَ مان، لڇين ساهڙ لاءِ
ڪِ ڏنئي نيلون ناٿي جون، ڪِ جامع ڏنئي جاءِ
ڪِ مکڻ ميهار وٺان، ڪِلي کير ڪاڏاءِ
ڪهڙو ڪوڪٽ توکي، اَسرار لڳو آھ
ثابت ڳالھہ سڻاءِ، ويهي پنهنجي وجود جي.

4- چئي: نڪا مون جامع جاءِ ڏني، نڪي مران مال
نڪا آهيم خوشي کير جي. ڪي تنهن لئي ڪريان تال
لڳم ڪانَ قريب جا تڏهن ههڙا ٿئڙم حال
رکيو ڪم ڪريم تي. جر جهاڳيان تي جال
مولو ميڙيندم شال، دونهان پرين دوست جا.

5- چئي: ڪهڙو توکي ڪانُ لڳو، ڏکي ڏيهان ٽار
جو ماٺهو مڙئي مانِڪا. تنهنجي انئي پهر اوجنگار
تين لنگهي لوڪ ۾، انهي ساڻ آچار
توتان خواريءَ جا خرار، جهوليءَ پائي جهليا.

---

[1] "مجمع العجائب" مطبوع ليٿو پرنٽنگ پريس. ڪراچي 1359 ھ تان ورتل.

6- چئي: مر تيون مهڻا ڏيو، رهنديس ڪين هڏين
ويندِيس ساهڙ سامهين. پچان نه قول ڪڏهن
"الست بربڪم" تي آکيو "جل" جڏهن
چيم ڏاڍي چاهه مان. "قالوا بليٰ" تڏهن
تنهن تي ڏم چو پَڏهن. جا تي عهد پاري اصل جو.

7- چئي: سمجهه ڪر سهڻي. جُسو پل جو،
جن تو جئن حق پڳا، سي پيون سورن پوءِ
عشق به- تي ڏينهڙا. هميشه نه هوءِ
پاڻان ڦت فراق جو، گوندرن گڏيوءِ
نه ته ساڄن ور سندوءِ. هي ڪانڌ ڇڏيين ڪيم ڪي.

8- چئي: هي هٺ تڏهن تيون هلائيون. جڏهن ڏنان ڪين ميهار
جي ڏنو هئا. جيڏيون. دوست منهنجو دلدار
تہ ور گهر وئان وسري. پيو سپوئي سينگار
بڌيو چوتا چيلهن تي،ايي پچيان پريون پار
ڪري هوند قرار. وري سک ستيون ڪينڪي.

9- چئي: ايهي ناز نخرا. ڪٺئي وسري سپ ويندا
جڏهن سئنسار سموند جا. ارڙ متئي ايندا
هٿيو ڏنگ ڏمر جا. چوڏس چَڪيندا
پوءِ نيش وجهي نيندا. وري چڏيندئي ڪينڪي.

10- چئي: ان داہن ۽ دڙڪن سين. ويل نہ آءٌ وهندياس
توڪل برخدا. آءٌ پاتارن پونديا س
چئي نالو پاڪ رسول جو. واهڙ ڏيئي ونديا س
پوءِ بہ ميجن بهاني مياس. تہ گهورئو سر ساهڙ تان.

11- چئي: سچي نہ آهين ساهڙ لاءِ، اتئي من مڪر
ڪوڙا هي ڪڪر ڪيو، جال وسي جر
منو ڪير مينهن جو، تڏو ساڻ تر
سُڪي سوجهري تيين، تڏهن ويئي وسري ور
تنهن لاءِ تي حشر، هيڏو هي حادثو ڪيئي.

12- چئي: سمجهہ ڪريو ڙي سرتيون، طعنا تان مَ ڏيو
آءٌ پروس آهيان، وسان حال ويو
جو لکيو انگ ازل ۾، سو پارڻ پوءِ پيو
مرضي تنهن مالڪ جي، پُٺي ڪونہ پيو
هي قضا ڪم ڪيو، نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي.

13- ڪُنن ۾ ڪير گهڙي، جت لهريون لوڏا ڪن
ڏسيو دؤر درياءَ جا، هنيين هور اچن
سٽيان تئن سرهي تيان، چينگهارون چڙن
تہ اچي پيس اوڏڙي، اڳيان سانير تا سُڃن
ميڙيين "مل محمود" ڪي، هو دونهان دوستن
پوءِ انهن اهجائن، وجي سهڻي گهڙي سير ۾.

14- سهڻي گهڙي سير ۾، بيون ٻن ڏيئي
ڪندي سڏ ساهڙ ڪي، تي واهڙ منجهہ ويئي
ويا ويچاري وسري، سانگا سيئي
لاهي لاڳاپا لهرن ۾، وجي پاتارن پيئي
الله! اُوءِ نيئي، ميڙيين شال مهار سين.

15- ڪٺي محبت مهار جي، اُنائي اُڪير
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾، مجي رب قدير
اهڙا ئي آواز ڪئا، سهڻي منجهہ سير
تہ "اڻ واقف آهيان، پُٺ پرج پير"
اچي مديني جا مير، ترهو تي تار ۾.

16- ترهــو تيــج تــارِ ۾، ويريــون جــت ورن
هيڪا لـوڏا لهـر جا، ٻئا ڪـُـن ڪڙڪا ڪـن
اولــن ســنڌي آر متــي، ٻيــڙا اچئــو ٻجهــن
ڪپــر ات ڪــرڙاٽ ڪئــو، پــرزا ٿيــو پــون
سامهيون جي سير ڪي، سي شل پِـڪون ڪِيم پڄن
تـ ترهــو ڪـري تـن ، پـوان پيــش پريــن جــي.

17- تڏهن پيئي پيش پرين جي، جڏهن چڏيائين سانگو
وري ڏنـائين ڪينڪـي تـ هـي تـار ڪـر تـانگهو
انهــي پــر "پلــي" چــوي، لنگهيــائين لانگهــو
ٻــُـڏي جـو بيٺـو ٿيــو، پاٺـان ملهــ مهــانگو
هــي عشــق اڙانگــو، جــن اُجــاريو ســي اگهيــون.

بيت [1]

1- "الــف" اڪــر هيڪــڙو، پڪــو ڪيــم پڙهــي
هـي محـل، مـاڙيون، بنگـلا، ڏاهـي مـاڳ مڙهـي
ويندي‍ـس سـاهڙ سـامهون، آنڪـي سـر چڙهـي
اسـين آهيـون حـر حسـيني، اييـون ڪيـن اڙي
هيڪـو دم گهـڙي، ڏم! توسـين ڏينهـن نـ الهـي.

2- "بـي ئـون" رهـ بـس ڪـري، چـڏ زال! ايهـا زوري
سـاهيين ڪـر ڪـانڌ سـين، ڪهـڙي لـڄ لـوري
مـاٺهو ڏينـدءِ مهڻـا، لـوڪ چونـدءِ پـوري
توڪـان سـيئي سـڦرا، جـي تـرن جـا تـوري
ڪيئـن نـاحق نـدوري! ور چـڏيو واهـڙ تريـن!

[1] "مجمع العجائب". مطبوع ليٿو پريس ڪراچي. سنہ 1359 هـ تان ورتل.

-3 "تي ئون" تات پرينءَ جي، مون کي لات متي لات
ڏينهن سڄو ڏکن ۾، روندي وجي رات
کچ اندر کانڌ جي، اچي نه چپ چپات
تن سنيارن سُک ڦنايو، هو جا چڙن جي چٽيات
ساهڙ بنان سات[1] ڏمر! سين ڏينهن نه اُلهي.

-4 "ثي ئون" ثابت حق جي، کر سوجهي ڳالهه صحي
ايءَ اماره نفس جو، وينداءِ وهه وهي
گهڻا هٺنديءَ هتڙا، ڪُنن پاس پئي
مرون مچ کيترا، سُڄن کچائون کئي
تون کُتي آهين کنئي، ور چڏيو تي واهڙ ترين!

-5 "جيم ئون" جني چڏيو، سانگو سندو ساهه
مرن ۽ مچن جي کهڙي تن پرواهه
نڪني مڙن موت کان، نه دهلن پير درياهه
وينديس ساهڙ سامهين، مر لڳن سياندباهه
هو حبيبن هڳاءِ، ڏمر! سين ڏينهن نه اُلهي.

-6 "حي ئون" پر حق جي، ڊچ خدا جي داءِ
ڏيئي نشو نفس کي، مُني! کيم مچاءِ
"توبوا الي الله" تن سين، هٺي هنئين لاءِ
اڙيا جي اسلام جا، سي واري هنڌ وساءِ
توکي اجل کنيو آهه، ور چڏيو واهڙ ترين.

-7 "خي ئون" خبر منهنجي، سڻ کانڌ ڏيئي کن
نه جڙيو اتم جانيءَ سين، ميخون هٺي من
ماسوا محبوب جي، ڏوڙ مڙوئي ڏن
هوت ذاران حياتي، نه کپي ڏينهن کن
منهنجو ساهڙسين سخن، ڏمر! توسين ڏينهن نه اُلهي.

---

[1] سات = ساعت.

13- ”شين ئون“ شوق شفيع جو، مونکي اَنئي پهر آهي
مَــلي ڏوڙ تيــس جوڳيــائي، ســـپ لاڳاپـا لاهـــي
مســـتو مســـت مهـــراڻ ۾، كـــاري رات كـــاهي
اول چـــول عاشـــقن كـــي، چڙهـــــ وري چـــاهي!
ويــو عشــق انــائي، ڏم توســين ڏينهــن نـــ اُلهـــي.

14- ”صــادئون“ صبــر كــر تـــون، پــل پنهنجـــو پـــاڻ
اڳيــان وينـــدءِ وهـــ وســري، اينـــدءِ جڏســـر ســـاڻ
جت وهـــي مسـت موجـون كيـو، مئـي متـو مهـراڻ
تنهـن سـوين سـهڻيون بوڙيـون، ڏوكـا ڏيئـي ڏڏاڻ
ايـــڏو تنهنجـــو تـــاڻ، ور چـــڏيو تـــي واهـــڙ تريـــن!

15- ”ضـــادئون“ ڏاڍي ضرورســـين، پيـــم وچڻـــو پـــار
ويهـــڻ واجـــب نـــاهي، آئـــي كنـــڌ كپـــار
گهڻيـــن گهـــر ســـنياليا، ڏســـي دريـــاءَ ســـندا آر
وڃڻ جو كـم وريـامن جـو، تـانگهي منجهـان تـار
اڄ كـڙي تيـم كـار، ڏم! توسـين ڏينهـن نـــ الهـي.

16- ”طوئي ئون“ طلب خدا جي، كـر محبت سـين موچار
تـــ لهيــن اجــر آخـرت ۾، كــي خــاطي! لک هــزار
جـن مچــائي مســـت كيـــو، نـــاحق نفـــس امـــار
تـن بئـي جهـان بوڙيـا، ويـا گـر تـي منجهــ گـذار
ايـڏا تنهنجـا اختيـار، ور چـڏيو تـي واهـڙ تريـن!

17- ”ظوئـي ئـون“ ظـاهر كريـان، سـڻ حكـايت هـيءَ
تـــ اميـــر ســـين الله جـــي، لڳيـــون جـڙون منجهــ جـيءَ
لكيـــن لـــوڏا لهـــر جـــا، مـــون ســـهايا ســـيءَ
نـــ تـــ كنـــن ۾ كيـــر گهـــڙي، جت پيهـاڻ ۾ پيهــ
جي وارييــن ورق ويهــ، ڏم! توسين ڏينهـن نـ اُلهي.

18- "عين ئون" عشق الله سين، رک قابو پري قدم
توکي ريب ريجهائيو، سا دنيا ساعت دم
هت سوين سکندر هئا، دارا ۽ حاتم
ماري موت فنا کيا، تي، ويا خاک عدم
ڪامڻ! ڦنٽئي ڪرم، ور چڏيو تي واهڙ ترين!

19- "غين ئون" غم موت جو، اتم حيراني
مرڻ تان حق آهي، آخر دنيا فاني
شل پوءِ پڇن ڏينهڙا، ڏسي جلويدار جاني
منهن مثل مهتابي، سو نرمل نوراني
جانکي زندگاني، ڏم! توسين ڏينهن نه اُلهي.

20- "في ئون" فکر فراق ۾، پونديءَ تو ڏي تڏهن
هو ديوانا درياءَ جا، گڏبئي جوڙ جڏهن
پيٺي کا پتار ري، بي ڪنڌي نه تيندءَ ڪڏهن
هڪ ساعت جي سک لئي، هولن پئو مَ هڏين
بڏي! شال بڏهن، ور چڏيو تي واهڙ ترين!

21- "قاف ئون" چڏ قرابتون، چو مغز هٺين منکر
ڪري چيو تنهنجو، وهنديس اهڙو ايتر
جهڙو زليخا جهلي، پڌر پائي نير
وجي نينان نيث لوڙيائين، لڪيا انگ اکر
تون چا ڪندين ثمر، ڏم! توسين ڏينهن نه اُلهي.

22- "ڪاف ئون" سڻ ڪامڻي! هنيون ڏيئي هيئن
ته برهه جي باهه کان، ڪنبن ڪيهر شينهن
جان تون اسم عشق جو، تي نالو ونين نينهن
ته نانگ وانگي ڪل لهنديءَ، ننهن چوتيءَ سيئن
پوءِ ڪهڙي سبب ڪيئن، ور چڏيو واهڙ ترين؟

23- "لام ئون" لڳي نينهن سين، قابو پاند ٿيو
ڪوهه ڏئين مت مجوسي! جڏهن قدر نه ٿئي پيو
عشق مون کي عقل کان، چوري مست ڪيو
هئم سر هنيون هيڪڙو، سو ونئي يار ويو
باقي بت رهيو، ڏم! توسين ڏينهن نه الهي.

24- "ميم ئون" ماڳ محشر جو، جت ٿيندو ڏينهن قيام
اصغر اڪبر ڪيترا، مڙندا جڳ حشام
وڻندا پيٽ سميت سا، رکندا تڪ تمام
چوندءِ ڪر پڌرا، جي آندءِ اتان پيغام
متي ان انجام، ڪهڙي ڪنديئن ڳالهڙي؟

25- "نون ئون" يا نصيب! جيڪي لکيو منجهه ڪرم
بار مڙوئي باريءَ تي، حيا، لڄ، شرم
جت اڪث ٿيندي عملين، رکندا تاءَ حڪم
اتي شاهه شفاعت جو، پرج ڪو قدم
سوئي مون پرم، جيڏانهن عالم آسرو.

26- "واو ئون" واءُ وصال جو، لڳي سٿائي هير
ڏم! ڏانءُ تنهنجو، تان نه ونان تدبير
آسن پبري آهيان، ثابت لنگهي سير
پيئندس وجي پرينءَ سين، قدح پري ڪير
جي حيلا ڪرين ڪثير، ته به وٺءِ وهنديس ڪينڪي.

27- "هي ئون" واٽ هدايت جي، ساهڙ بسونائين
تن توڪل، من ترهو، سي لهريون لنگهايائين
پاڪر ڪوڪ پيٽن پر، وجي واڪو وڏائين
سٽيو چمڪا چيرين جا، تي رت رنائين
تيڏانهن اوساريائين، جيڏانهن وجي نڙ ميهار جو.

28- "الف ئون" آر احمد سين رکيو نينهن نمائي
گهڙي پئي سهڻي، ڪري پهه پائي
وريو ڪرم ڪميڻيءَ جو، تي اڌ ۾ اگهائي
منجهه شوق شفيع جي، ڪئي پرور پڇائي
ساهڙ جنهن سائي، سا مئي ته به ملوڪ تي.

29- "لام ئون" لوڏا لهريون، اونهان ڪُن اپار
وهن جت واهڙ، ڏوڏو ڪريو ڏڪار
ات مدد تيندو مصطفيٰ، سيد پلو سردار
پنجتن پاڪ رسول جا، چوڪا چارئي يار
حسني هنئين نار، ترهو تيندا تار ۾.

30- "يي ئون" يگانا يار منهنجا، دوست جيڪي دلشاد
مرهين سڀ مهرسين، مرشد، آخي، استاد
"رب اَغفِرلي ولوالدي" ڪر الاهي امداد
عربي! "مل محمود" ڪي، ڏي عشق اعتماد
لڌو تني داد، جي مرسل مجي آئيون.

لا الہ الا الله محمد رسول الله.

# الهہ بخش سومري جا بيت [1]

[سهڻي ۽ ميهار جي قصي جي هيءَ اڻپوري روايت آهي، جنهن موجب قصي جا تاڻا هن ريت آهن:

ميهار کان سهڻيءَ کي کير جي سُرڪي ملي، جنهن جي پيئڻ سان سهڻيءَ جو ساهڙ ڏانهن هنيون هرکي ويو. پوءِ تہ هوءَ سانجهيءَ جو سيج ڇڏي، چورن وانگر لڪي، درياءَ تري وڃي ميهار سان ملندي هئي . اندر ۾ ميهار جي اهڙي سِڪ هيس جو سِير جي سختي پر بہ نٿي ڏٺي ۽ هار سينگار ساهڙ تان گهوري، ڪُنن ۾ ڪاهي پوندي هئي. سانوڻ هجي يا سيارو، پر سهڻيءَ جي سچائيءَ ۾ تِر جيترو بہ فرق نہ آيو.

سهڻيءَ جي ساهڙ سان نينهن جي خبر جڏهن عام ٿي تڏهن سرتين سمجهايس تہ: سهڻي! اونداهيءَ رات جو درياءَ ۾ ڪاهيو پوين، توکي سر جو سانگو بہ نٿو ٿئي؟ تڏهن سهڻيءَ وراڻيو تہ: جڏهن اڌ رات جو درياءَ پار سانير تا وڃن، تڏهن منهنجو آرام ڦِٽيو پوي ۽ پاڻ ڪٽيو درياءَ ۾ اُڇليان. پوءِ تار تري، ميهار سان ملي سِڪ پوري ٿي ڪريان. آءُ آهيان هِن پر، پر ساهہ پَرئين پر اٿم.

تڏهن سرتين ٻڌايس تہ: سهڻي! درياءَ ۾ واڳون ۽ مڇ بيشمار تين تا. اُهي هڪ نہ هڪ ڏينهن توکي ياڳا ڪري کائي ڇڏيندا، ۽ نہ گهَـر جي رهندئين نہ گهاٽ جي. موجن جي وچ ۾ مُيين تہ ڪو ڪانڌي بہ نہ تيندءِ. سهڻيءَ وراڻيو تہ: جنهن ميهار سان منهنجو ٻول ٻڌل آهي، اهوئي سِير ۾ ساٿي تيندم.

سرتين ڪاوڙ مان چيس تہ: سهڻي! تون وَرَ کي وساريو هيج مان ساهڙ ڏي هلين. ڪانڌ کي ڪوڙو ڪري ميهار کي منو ڪيئي، اڌ رات جو اونهو پاڻي جهاڳيو وري اَسُر جو موٽيو اچين. نہ لوڪ جو مرم پوئي نہ ڏم جي ڏمر جو خيال پوئي. اهڙن افعالن سان تون ڪيئن ڪنڌ ڪٽي هلندينءَ؟ اهو وڙ اشرافن جو نہ آهي. تڏهن سهڻيءَ وراڻيو: سرتيون! اوهين جي منهنجي مامري کي سمجهو

---

[1] الهہ بخش سومرو، ضلعي سکر جو وينل هو. عام طور "بخش سومري" جي نالي سان مشهور هو. ۽ پاڻ بہ ڪلام ۾ پنهنجو نالو "بخش" ڪر آندو اٿس. شاهہ محمد ديڏڙ جو همعصر هو. گهڻو عرصو ڪنهن مسجد ۾ پيش امام ٿي رهيو. تنهنڪري "مُلا" بہ چوندا هئس. سن 1308هہ برابر 1890ع ڌاري وفات ڪيائين.

تہ هوند ايڏو هـُـل ئي ڪونہ ڪريو، هاٿي ٻڌو. منهنجو ميهار سان روز ازل کان انگ لکيل هو، تڏهن تي واهڙ تَـران ۽ ميهار سان ملان. اهو ازلي انگ ۽ الاهي عشق آهي، جنهـن جي زور تـي درياءَ تـي تـَـران، نـہ تـہ منهنجي ڇا مجال جـو سلامتيءَ سان تار تري سگهان.]

## بيت [1]

-1 ميهر ڇڪائي منڌ کي، ڪا سور منجهان سُـرڪي
سـهڻيءَ جــو ســاهڙ ڏي، هينئـڙو ويــو هـُـــرڪي
سانجهيءَ سيج ڇڏيو وجـي، ڇورن جـان ڇـُــرڪي
بحـرن منجهئـون بخـش چـوي، بـانهن هٿـي برڪـي
ميهر سان مرڪـي، وجـي سِــڪ لاٿائين ساهہ جي.

-2 ســڪ جنهيـن کـي ساهہ ۾، آهـي ميهـر سـر مـدار
سَـهمي گهٽو نـہ سير کوءُن، جنهن کي نينهن ڪيو نروار
گهـَـــرئون گهـــوري هلـــي، ســـاهڙ تـــوءُن ســـينگار
بـــاري تيـــڙس، بخـــش چـــوي، برهـــہ ســـندو نـــي بـــار
تيلاهـــون تڪـــرار، تـــي ڪـــاهيون ڪـــُـنن ۾ پـــوي.

-3 ڪـاهيون ڪـُـنن ۾ پـوي، ڊِئـُـنڪو ڪـري نـہ ڊِلِ
سـرهي سـياري سـوهڻي، تـي وجـي وسـايون ولهـہ
سـنگي نـہ سـانوڻ سـِـير ڪـوءُن، تـوڙي جيـڏو تـل
نديـون تـري نينهـن سـان، سـچيون وجـن سـلهـہ
ڪوٽيـون پـائن ڪـِـلَ، سـي اَڏن ڪـوءُن اوري رهيـون.

-4 اَڏن کيـــن اَڙن، نڪـــي ڍهلجـــن دريـــاءَ کـــوءُن
جي بـاب برهـہ جـو بخش چـوي، منجهوءُن پـرت پڙهـن
ملـــڻ لاءِ ميهـــار جـــي، راتيـــون ڏينهـــن رڙن

---

[1] هيءَ روايت اُتر (تعلقي ميرو خان) مان غلام قادر کان ملي.

پيلو پچي پـَر تي، منجهوئن چڪ چڙهن
جنهن ٻڌو ٻيلاٽيءَ سان، هينئڙو منجهه هڙن
سا تڪي ڪين تڙن، ڪڙڪيو ڪپر توئن پوي.

5- ڪڙڪيو ڪپر توئن پوي، تڙ جي رکي نه تات
چڙا چـُرنس چت ۾، سانير ساري رات
اتي اوڏاهين وجي، جاڏي ظالم ذات
جي اچي واڳون وات، ته ساهڙ ملندءِ سير ۾.

6- ساهڙ ملندم سير ۾، جنهن سان سرتيون اتم ساهه
هن ٻر هينئڙو نه ٽڪي، آهي پـَرينءَ ٻر پساهه
منهنجو تنهن ميهار ڏانهن، آهي وڏو ئي ويساهه
هيڏيءَ سان همراهه، ٻيلي تيندو ٻار ۾.

7- ٻيلي تيندو ٻار ۾، ڪانڌ ٻنان ٻيو ڪير
سرتيون چونئي سهڻي، تون پـَر نه پراهين پير
مَـنَـهَـن تنهن ميهار جي، هينئڙو وجي نه هير
بحر بلائون بخش چوي، متان واڳون ٻونئي وير
تي ڏنيين ڏهاڙي ڏم ڪي، ڇهلين پائي ڇير
آگي جي آچار ۾، هت دَنيرَ ڪانهي دير
حرف پچندءِ حق جو، سڏي هت سوير
تتي تير ٻتير، اهي سـُرڪيون سلنديءَ سهڻي.

8- سـُرڪيون ڪيئن سلان، جن مـُرڪن مستانو ڪيو
مجلس لئي ميهار جي، ويرن مون نه ولان
منڌ ڏس ميهار ڪي، چت سان چوڙيلان
وهندو وساري ڇڏي، اهي اٽڪلان
پايو ڪين پلان، ته هلون هوسيڙا ڪري.

9- هلئين هوسيڙا ڪري، تو ولهي وساريو ور
ڪوڙو ڪيئي ڪانڌ کي، منو ڪيئي ميهر
اتي آڌيءَ رات جو، وجي جائي ترين جر
وجي پوين اونهي آب ۾، جتي تانگهيو ليي نہ تر
موٽي ميهر ڏانهن اچين، اجان تئي نہ اسر
ڪونہ ڪرين لوڪ کؤن، ڏم جو تيئي نہ ڏر
اهڙن أفعالن سان، تون ڪيئن ڪٽين تي ڪر
اهڙو تيان اثر، اصلي اشرافن جو.

10- اصلي اشرافن جو، ايندم شال عقل
سرتيون سمجهو ڪينکي، هيڏو ڪيو نہ هل
جنهن جي ڪرڪيءَ دل کسي وتي، ڏئي بهريءَ وانگي بل
ميهر اتم مِل، جي مُيس موجن وچ ۾.

11- مُيينءَ موجن وچ ۾، تہ ڪانڌي تيندءِ ڪونہ
ڪانڌ تہ تنهنجو ڪامڻي، آهي سوڍو جهڙو سونَ
چو وساريو واهڙ ترين، چڻ هتؤن جو هونَ
جيئرو آهي جهان ۾، موڳي اجان مُئو نَہ
طلب وَر جي تو نَہ، تي جيئري سان جاڙون ڪرين!

12- جي جيئري سان جاڙون ڪريان، تہ پاڙيو اوهان پل
جنهن جي مُهڙ تي ميهار ڏي، اصلي روز ازل
آڳي جي اسرار جي، آهي اتي قابو ڪل
ڦيريو سانَ فضل، تار وهي تاري چڏي.

13- تار وهي تاري چڏي، سچيون سهائين
ڪڏهن ڪنهن سان ڪينکي، سينو ڪو ساهين
آڌيءَ رات أتي ڪري، ڪُنن ۾ ڪاهين
لج نہ لجائين، پَرينءَ پر پيکن جي.

14- پريــنءَ پــر پيڪـــن جـــي، شـــرم رڪنـــدو شـــاهه
ڪانــ ترنـدي ڪـامڻي، ڪـا بنـان دلـي درياهــ
اهـــڙن آرائـــن ڪـــوئن، تـــو عشـــق تـــاري آڙاهـــ
ڪرڪيءَ پـاس ڪنيـون وجـي، رڳ رڳ ورتيـون راهـ
سـانير اچيـو ســـير ۾، هـڪ هـڪ تئـي همراهــ
سـاهڙ اتـم سـاهه، بنـدو هينئڙي جـو "بخـش" چـوي.

# امید علي لغاري جا چيل بيت [1]

[ امید علي لغاري جي چيل بيتن جي هيءَ روايت اڻپوري آهي، ۽ ان جا ڌاڳا هن ريت آهن:

سهڻي، ساهڙ جام جي لاءِ اڌ رات جو اُٿي، دلو ڪڇي درياءَ ۾ ڪاهيو تي پئي. جيتوڻيڪ ڪاريءَ رات ۾ ڪنن جاکڙڪا هوندا هئا، ۽ ڪئين جانور پيا پاڻيءَ ۾ هلندا هئا، پر سهڻيءَ کي ميهار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ من ۾ ڪين هوندو هو. تنهنڪري ڪيس انهن آفتن جو خيال ئي ڪونہ هوندو هو.
سس پڇيس تہ: سهڻي! ساهڙ سان ڪهڙو ڪم اٿئي جو اياڻي ٿيو اڌ رات جو ڪُنن ۾ ڪاهيو پوين. بحر جون بلائون هڏ چم ڪائي وينديون. تنهنڪري منهنجي صلاح اٿئي تہ درياءَ ۾ نہ گهڙ. پر سهڻيءَ سندس هڪ بہ نہ مڃي. دستور موجب اڌ رات جو اٿي، دلو ڪڇي درياءَ ۾ ڪاهي پئي. سسڻس اڳئي سندس لڪايل پڪو گهڙو ڪڍي، ان جاءِ تي ڪَچو دلو لڪائي رکيو هو. سهڻي وچ سير ۾ پهتي تہ دلو پرڻ لڳو. اتي حقيقت حال معلوم ٿيس، تڏهن پاڻ کي چوڻ لڳي تہ: گهڙو پڳو تہ گهوريو شل ويل نہ ٽري، جو متان انجام تي نہ پهچان ۽ ميهار وٽ ڪاٺياري ٿيان. اهو خيال ڪري اڳتي وڌڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳي. پر اونهي پاڻيءَ ۾ غوطا کائڻ ۽ ٻڏڻ لڳي. اتي ميهار کي هڪل ڪيائين تہ: وچ سير ۾ ساٿي ٿيءُ، من مرندي مهل منهن پسان! ائين درد مان دانهون ڪندي لڙهندي وئي، پر ميهار نہ موٽيو. آخر ميهار کي ياد ڪندي پساھ پورا ٿيس.]

## بيت [2]

1- ڪاري رات ڪن گهٽا، جت ڏاءُ ٿيــن ٿا ڏپ
پاڻيءَ جي پلتار تي، سوين گهمن ٿا سپ

---

[1] امید علي پٽ ولي محمد لغاري. پاڙو بلوچاڻي، ويٺل ڳوٺ جادو لغاري، تعلقو ٽنڊو الهيار ضلعو حيدرآباد. سن 1910ع/ 1328 هہ ۾ ڄائو. سنڌي ست درجا پڙهيل آهي. سندس ڪلام بيتن، دراهن، ٽيهہ اکرين مولودن ۽ خطبن تي مشتمل آهي.

[2] هيءَ روايت وچولي تعلقي ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهر زادي کان ملي.

تہ بہ سهڻي ساهڙ ڇام لئي، ڪنڌيون نهاري ڪپ
عشق جي جنهن ۾ ڏپ، تنهن کي بوءِ بهاري ڇا ڪندي.

2- ڪاري رات ڪن گهٽا، جت ڇال وهي تو جر
وڙهن واڳون تنهن ۾، مڇ گهٽا ماتگر
آئُو چرڪا آفتون، ٻيا سوين گهمن سيسر
دهشت ڏوم درياءَ جي، ڏسيو وڃي ڏر
سهڻي ساهڙ ڇام لئي، تي واهہ تري واهڙ
اتيو آڌيءَ رات جو، من ڪري ميهر
مانڌي دل محبوب ڪئي، ساڙيو جانِ جگر
ڪئي ديواني دلبر، دل ساري دلدار کي.

3- ڪاري رات ڪن ۾، اتئي ڪهڙو ڪم؟
تيو اياڻي اوَتڙين، گهڙين منجهہ گهم
ماہ توڙي چم، ڪيندئي بلائون بحر جون.

4- گهڙو پڳو تہ گهوريو، پڇي ڪا مَ گهڙي
ڪَچو دلو ڪُن ۾، ويو لهرن منجهہ لُڙهي
دهشت ڏم درياہ جي، جت لڳي ڏوم ڏڙي
ٻُڏتَر غوطن منجهہ آهيان، سگهان ڪين تري
ٻانهن ٻر ڇڏيو، ڪئي واڳن ويڙهہ وري
ويندس هاڻ مري، من ڏسان منهن ميهار جو.

5- سهڻي گهڙي سير ۾، ٻڌي ڪُنن جا ڪڙڪا
تانگهو لنگهي تار ۾، سڏ ڪيئين سڙڪا

کپر، کنڌي، وچ واريون چوليون کن چڙکا
جال گهمن تا جر ۾، مڇ مانگر، چرکا
دهشت ڏسي درياه جي، تي دل کائي ڌڙکا
جيئن باھ کري پڙکا، تيئن دانهون کري درد مان.

6- ميهر موٽيو کينکي، تيسين سهڻيءَ ڏنو ساھ
تري گهٽو تار ۾، پر اونهو هو اوڙاھ
پوکاري پريءَ کي، کري وڏي سڏ واکا
واجهہ کريو وير چڙهي، جنهن جا دور سڄن دهکا
تي کيائين وس وڏا، پر ساهڙ نه آيو سير ۾.

مانگر وتن مست تيو، پروڻ کن ٻاڪار
اهڙي منجهه آزار، تي وڃين ويرين سامهون.

سهڻي:

وڃان تي ويرين ۾، جت ڇرن ڪُنديون ڪاريون
مينهون محب ميهار جون، مڙئي موچاريون
ڏکن پُٽيون ڏوري ۾، هُو پَليون پٽاريون
سُٽي چينگارون چڙن جون، هنيون قُٽي تيو ڦارون
مون ڇا ڪندا ڇوليُن ۾، سِينسر سينگاريون
آءٌ ور ڏيئي واريون، ويندس پار پرينءَ جي.

سهيليون:

پري پار پرينءَ جو، تون ڪيئن ويندينءَ ويچاري؟
هڪ وهڪرو تيز وهي، بيو رات انڌاري
دهشتناڪ درياه ۾، هُبل هوڪا هزاري
ڏسيو ڏکي ڏيل تو، توبهه ڙي زاري
ڪانهي اهڙي ڪُن ۾، ڪا ترڻ جي تاري
جتي ڪانهه چلي چاري، اُت ڪيئن وڃين ويرين سامهون.

سهڻي:

وڃان مر ويرين وچ ۾، اُديون! ڙي آئون
آهن اِن اوڙاه ۾، ٻاري بلائون
ويندس ويهنديس ڪينڪي، منهنجو ارواح اُتاهون
ڪنديس ڏاڍي ڪست مان، آءٌ ڪُنن ۾ ڪاهُون
سڀ لهڳي لڪائون، ويندس پار پرينءَ جي.

سهيليون:

مکر اتيئي من ۾، تي تال ڪرين تڪرار
ڪونهي توکي اصل ڪو، عشق جو آزار
تو ڪاڏا آهن خوشيءَ مان، مکڻ وٺ ميهار
ڏونرا ڪاڏءِ دل تي، پيا ڪير کتا اُن ڏار
لُڇين پُڇين اُن ريت تي، ٻَهُڪين تي بسيار
سڻاءِ سچو سماچار، ته وڃين ڪيئن ويرين ۾.

سهڻي:

چئـي، وجـان تـي ويريـن ۾، مـون کـي عشـق جـوآزار
محبـت يـار ميهـار جـي، برهـہ کيـو بيمـار
آن نـہ ڏنـو ڙي اديـون، منهنجـو سـاهڙ ڇـام سـچار
جـي ڏسـو هـا جيـڏيون، مـن گهريـو ميهـار
تہ گهر تڙ گهوري گهوٽ تـان، آئيـن وجـو هـا اُن وار
کين کُڇو ها کجهہ پيي، نکي تـوڏ کريو تکرار
آهـي سـڌ انهـن کـي، لڳـي جـن لغـار
جي کُـٺين کُـٺ لهار، تن کهڙو قـدر سـون جـو؟

شاعر:

کهـڙو قـدر سـون جـو، ويـا خريـدار
عشـق نـہ پروڙجـي اصلـي، عقـل جـي آڏار
هـت نـہ ڏس ڏاهـپ جـي، نـہ کـو هلـي ويچـار
اهـي پروڙيـن پـرت مـان، لڳـي جـن لغـار
ميخـون محبـت سـنديون، مڙهيـون سـار ميهـار
اهـڙي سـان لاچـار، سـهڻي گهـڙي سـير ۾.

سـهڻي گهـڙي سـير ۾، کـري الله توهـار
ڏسـي دهشـت دريـاءَ جـي، لڙهـي کيـن لغـار
کـاهيو ويئـي کنـن ۾، تـرت کريـو تکـرار
مُـڙي نـہ موجـون ڏسـي، ويئـي کـاهيندي قربـدار
سـک سـاهڙ ڇـام جـي، هئـس انـدر منجهـہ آزار
پـر قـادر قـدرت جـو ڏٺـي، سـائين رب سـتار
جيکـي چـاهي سـو کـري، آهيـس کـل اختيـار
لکيـو پـري، کيـن تـريءَ جـا قلـم کئـي کـار
بهـانو پيـو بحـر تـي، پـر کـم کيـو کلتـار
لڙهـي پيئـي لهريـن ۾، پهتـي نـہ پرئيـن پـار
سـهڻي ونـدي سـير ۾، کـري ڇيـو کوکـار:

اچــي اڻ تــارن جــي، ســـاهڙ! لهـــ ســـنپار
مولـيٰ لـڳ مســڪين جـي، مـدد ڪــر ميهــار
تــو بنــان ناهـــ ڪـــو، ترهـــو انــدر تــار
انهــيءَ طـرح، طـالب چئـي، پلپـل ڪيـائين پڪـار
مـدد جـي ميهـار، سـي ڪيئـن رهنديـون سـير ۾.

سي ڪيئن رهنديون سـير ۾، جن ڪـي محبت مـَن
پيتــائون پيــالو پــرت جــو، ”ســاهڙ ســاهڙ“ ڪــن
وجــن پيــون ويريــن مــان، ڏي هلنديــون حبيبــن
پــوُ نـــ اتــن ڪـــو بحــر جــو، نڪــو وقــت ڏســن
انهــيءَ پـــَـــر پــــرين ڏي، واڪينديــون وجــن
جــي پهتيــون تـــ پئــون بــارهن، پــلا پــاڳ سـندن
جـي مـري وييـون وچ تـي، تـــ گهوريـون تـان سـچڻ
ســـهڻي ســـَـــجائي تـــي، انهـــن اهجـــاڻن
هــڪ ڏينهــن هــون ئــي مـري هـا، پـــَـرئي بهــانن
پــر بــُـنڏيءَ جـا بيٺـا تيـا، انــدر ســـڪ سـچڻ
”طــالب“ طلــب جــن ڪــي، ســي مـــلن محبوبــن
ڪلمـــو جـــي ڪهـــن، وجـــن اُهـــي اِيمـــان ســان.

لا الــہ الا الله محمد رسول الله

---

جنهن جو آهي مرتبو، مريد چئي، لکيل ڇنيءَ ڏيتهن
پوءِ نهوڙي نيهن، قضا آندي ڪُن ۾.

2- سمجهه تون سياڻي، بُري ڪر نہ بات
ور ڇڏيو، ويريون ترين، اتيو آڌيءَ رات
ماڻهو مرن مرجات، تون ڪاهيو پوين ڪُن ۾.

3- ڪاهيو پوان ڪُنن ۾، تہ بہ سندم سر ڏيان
ساهڙ جي سور جو، آءُ ڏوراپو نہ ڏيان
لکيو انگ عجيب سين، قضا ڪيئن ڪَريان
اجان ساهڙ سان، چاريندس مينهون ميهار جون.

4- چاريندينءَ مينهون ميهار جون، پر اڳيان درياءُ دڙلائي
پير پنوَئي پدم تي، شل ڪپر تو ڪائي
مون ڪي مهٽي هاب ڪيئي، سرتين سٽائي
هاٿي ڏاتر ڏينهن ڪُتائي، شل پاڳا تئين سير ۾.

5- جي پاڳا تيان سير ۾، تہ بہ پانيان الله کان
سر ڏنم ساهڙ کي، لکايان نہ لجان
قربين وٽ ڪَسان، هتئون تن حلال تيان.

6- ساعت هڪڙي ساهڙ ريءَ، سمهين ڪين سهٽي
پرٿائي آندئي پيکن مان، ور ري ڪين وٽي
ڏنا عيب ڦتا ڪيا، تنهنجا ڏم ڏوهہ ڪٽي
پوءِ متان هٿ هٽي، ڳڻ لڳندئي منهنجون ڳالهيون.

7- ڳڻ لڳنديون ڳالهيون، پر مونکي مُور نہ پَل
جي پائين جهَل، تہ بہ ويندئي سئين ساهڙ ڏي.

8- سئائين سانير ساهڙ جا، ڪرڪي ڪَيس خلل
ڏنائين موت مريد چئي، اکين ساڻ اجل
سرتيون منهنجي ساهه جي، ڪنهن کي ڪانهي ڪل
آءٌ ٻہ وجي شل، مَرڪان مير ميهار وٽ.

9- درياءَ آهين دادلو، تون ٻوڙين تو ٻيلو
ميهر ريءُ مري چئي، ويهين نتي ويلو
ڪاهيو پوين ڪُنن ۾، اتيو آڏيءَ اويلو
پر ڏنائين پلي تي، جيڪو غرق تي ويو گيلو
ڪنڌي نڪو ڪپرو، هاڻي هي ٻہ ويو حيلو
ٻڌين تي ٻروچ چئي، وٽ پروسو پرينءَ جو
نڪو ترهو تار ۾، نڪو هن پتڻ پاڻ ڪنيو
هاڻي مير مديني جو، پيڙو اڪاريندو پاڄهہ سين.

## روايت [1]

### (ڄ) سهڻي ۽ چٽي پير جي ملاقات ۽ گفتگو

[سهڻي ۽ چٽي پير جي ملاقات ۽ گفتگو، سهڻي ميهار جي سنڌي قصي جو هڪ اهم جز آهي، جنهن جو مختصر بيانُ هن طرح آهي:

ميان چٽو درويش عاشق الله جو، رات جو درياءَ جي سير تي مصلو وڇائي نماز پڙهندو هو. سهڻي جتان رات جو درياءَ ۾ گهڙندي هئي، اتي چٽي پير جو تڪيو هو. سهڻيءَ چٽي پير کي ڪونہ ڏٺو، باقي چٽو پير سهڻيءَ کي ڏسندو هو. هڪڙيءَ رات سهڻي چٽي پير جي اڳيان وڃي اُڪري، جنهن ڪري چٽي پير جو ڏيان ڇڪجي ويو ۽ نماز پڇي پيس. سهڻي ميهار سان ملي، موٽ ڪاڏي تہ وري بہ ساڳئي هنڌان اچي نڪتي. اتي چٽي پير چينيس تہ: "سهڻي! خدا جو خوف ڪر، جو هڪڙو تہ مڙس جو حق پڃي تِي ميهار ڏانهن وڃين، ۽ ٻيو وري منهنجي عبادت ۾ تي خلل وجهين؟" سهڻيءَ جواب ڏنس تہ: "چٽا پيرا! آءٌ تہ ساهڙ جي سڪ ۾ پئي ويس، منهنجو ٻئي پاسي ڌيان ئي ڪونہ هو. پر تون تہ خدا جي عبادت ۾ مشغول هُئين، تون ڪيئن مون کي ڏٺو؟"

سهڻي ۽ چٽي پير جي انهن سوالن جوابن تي مشتمل بيتن جون هيٺيون چار روايتون مليون، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن گفتگو هينئنءَ ريت ٿي:

سهڻي جڏهن چُٽي پير جي سامهون آئي، تڏهن چٽي پير چيس تہ: سُهڻي تون جو ساهڙ لاءِ مڙس جو حق پڃيو، ڊپ ڊاءُ لاهيو، اڌ رات جو درياءَ ۾ گهڙيو پوين، سچ ٻڌاءِ تہ ساهڙ تنهنجو سَڱ ۾ چا ٿئي؟ سهڻيءَ جواب ڏنو: منهنجو ميهار سان عشق آهي، تڏهن تي تار ترڻيو ميهار ڏانهن وڃان.

چٽي پير چيس: تو جيڏين، تو سرتين جو گهر گهارڻ چڱو آهي، نہ تہ اهو ساهڙ ڪڏهن نيئي ڪُن ۾ هڻندءِ. اها منهنجي صلاح مڃ نہ تہ ڪانڌ جي ڪاٺياري ٿيندينءَ. سهڻي جواب ڏنو: چُٽا پيرا! ڪانڌ وٽ اهي ڪاٺياريون ٿينديون، جيڪي دوستن سان سچيون نہ هونديون. اهو عشق جو اهڃاڻ آهي، ۽ منهنجو تہ ساهہ ساهڙ ساڻ آهي، ڏم ساڻ تہ هڪ ڏينهن بہ نٿي گهاريو سگهان.

چٽي پير چيس: سهڻي! ڏم تنهنجو حق آهي، تنهن سان ڏنگايون نہ ڪر، بلڪ پنهنجي وَر سان مِٺ محبت سان هل تہ سيڪو تنهنجيون چڱايون ڳڻي ۽

توکي ڇگو ڇوي. تڏهن سهڻيءَ چيو: ڇنّا پير! ڏم نہ رڳو ڏسڻ ۾ گندو آهي، پر سندس عادتون بہ ڪِنيون آهن. نکي ڏندڻ ڏئي، نکي ڌوتل ڪپڙا پائي، رڳو ڳالهائي تہ بہ ڪڙا ويڻ ڏئي ۽ اهڙو پيڻو آهي جو اڌ رات جو اٿيو ڪُنا ڳولي.

سهڻي جي واتان ڏم جي افعالن جو بُڌي ڇٽي پير وري چيس تہ: سهڻي! تون برابر سدا سهڻي آهين، تنهنجو ڪوبہ انگ ميرو ڪونهي ۽ تنهنجو عشق بہ سچو آهي، جو هڪ تہ پنهنجي ننڊ ڦٽائي لال پلنگ تي ڇڏين، ٻيو تہ مڙس ڏم جو ڏمر سر تي کڻي، ساهڙ ڏانهن تي وڃين. پر منهنجي نصيحت ياد رک تہ گهيڙ ڏسي، درياءَ ۾ گهڙندي ڪر، ڇاڪاڻ تہ مهراڻ جي اونهن ڪُنن ڪان سيٽاهن وارا تارو بہ ڏڄي هٽي ويا. سياٽي تيءُ، سدائين جوڀن ۽ جواني نہ هوندءِ. اهو پاڻي پتوڙي تباهہ ڪري ڇڏيندءِ. تڏهن سهڻيءَ چيس: ڇنّا پير! موت جو ڊپ وجهي، مون کي ميهار ڪان متان ٻَليو اٿئي. ڀل جتان اچيم اتان گهڙي پوان، ڇو نہ درياءَ کي مستي هجي! مون کي تنهنجون اهي نصيحتون نہ گهرجن: جن ۾ ساهڙ کي ڇڏڻ جي صلاح هجي.

ڇٽي پير چيس تہ، سهڻي! توکي ساهڙ جو اهڙو انڌ ڇڙهيو پيو آهي جو ڪجهہ بہ نٿي ڏسين، اڄ اڳيان اڪري، منهنجي نماز ڀڳي اٿئي. سهڻيءَ جواب ڏنس تہ: ڇنّا پير! آءٌ تہ تيس ساهڙ جي عشق ۾، پر تون تہ الله سان لئون لايو بيٺو هئين، تہ ڪيئن مون کي ڏٺو؟ انهيءَ تي ڇٽي پير ڪاوڙجي چيس: سهڻي! تار ترڻ ۽ تڙ تڪڻ، اهو ڪاٽيارين جو ڪم آهي. عشق تہ تنهنجو عقل، مت ۽ شرم نهوڙي نيا آهن. تڏهن سهڻيءَ جواب ڏنس تہ: ڇنّا پير! مون کي تڏهن ڇينپ، جڏهن تون بہ عشق ڪان آجو هجين. تون خود انهيءَ عشق ۾ گهر- ٻار ڇڏيو، وچ سير ۾ بيٺو نمازون پڙهين. جيڪي تقدير جون ڪُنل آهن، سي ڪيترو ويهي گهر گهاريندين!]

## بيت، روايت [1]

سهڻي:

ڏم نہ ڏندڻ ڪري، گند نہ گنديون ڌوءِ
ڪڙا ويڻ ڪسارا، ڇَئي ۽ ڇوءِ
اُٿي آڌيءَ رات جو، ڪارڻ ڪُنيءَ روءِ
ڇُنّا! يار سندوءِ، ڏم ڏهاڳي نہ پليئن.

سهڻي:

آهي ڙي آهي، منهنجو من ميهار سان
ساهڙ وڌم ساهه ۾، ڏور اڃي ڏاهي
تنهين لاءِ ڪاهي، آءٌ تران پئي تار ۾.

چنو:

اوڳي! توکي عشق جو، آهي پوري! کهڙو پر
ڏاڍا دور درياءَ جا، پيا اٿئي ڪُن ڪپر
پِٽون تيندئي پر، ويندينءَ واڳون وات ۾.

سهڻي:

ويندس واڳون وات ۾، تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟
ساهڙ مون کي سڏ ڪيا، مون ڪنين پاڻ ٻڌا
متان ڏئي گلا، ساهڙ مون سمن جي.

چنو:

تڙ تَڪڻ، تار گهڙڻ، اهو ڪاٽيارين ڪم
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، توکي ڏئي ڏوراپا ڏم
تنهنجو عقل مت شرم، تيئي نينهن نهوڙيا.

سهڻي:

چنا! چينب نه ايترو، پلؤ اٿئي پير
نَيو نمازون پڙهين، ثابت مٿي سير
ڪُنيون جي تقدير، سي گهر گهاريندي ڪيترو؟

بيت، روايت[3]

چنو پير:

ڪاري رات قرار، پوري! پڇيو نڪرين
چلا منديون موريون، جر نيندءِ جنسار
جيڪو تي پائنين منڌ! ميهار، سو جهالُو تيندء نه جهول ۾.

[3] هي بيت نالي "سهراب" شاعر ڏانهن منسوب آهن.

چنو پير:

پَهِـــي ڳَـَـهي پـاڻ ۾، توکـي ڏم ڇـو تـي ڏنـائون!
صحيح كـري سـاهڙ سـان، تنهنجـا ورق نـه واريـائون!
مَ كـر مدايـون، نـه تـه ٿينديـنءَ کاٽيـاري کـانڊ جـي.

سهڻي:

ڏيهــه بنـان ڏم سـان، منهنجـي پـاهت نــه پيئـي
جي ڇـتا! لنـؤن لڳيئـي، تـه اُهي ورد بـه وڃنـئي وسـري.

چنو پير:

لكيــن لنـؤن لـڳن، تــه بــه ڇـُــتو ورد نــه وســاري
ڏكيـا سـكيا ڏينهـڙا، تـو پريـن پنهنجـي سـان گهـاري
تـو جيئـن كونـه كـاري، جـو حق پچـي هـوڏون هٽيـن.

سهڻي:

حــق پچـــڻ، هـــوڏ هٽـــڻ، هـــوڏ مَ يـــانئج هـــيءَ
ســـڪ تـــه هكـڙي سـاهڙ جـي، جـا جـڙ لڳـي جـيءُ
بيـو سـياري ۽ سـيءَ، سـاريان كيـن "سـهراب" چئـي.

چنو پير:

سـيءَ نــه سـياري سـيٽاهيا، تـا كـن انديشـو اپـر
متـان نيئـي منجهـه كپـر، كڏهن بـوڙي هٽئـي بـار ۾.

سهڻي:

جـي مـون بوڙيـائين، تنهـن كـؤن نـابر ناهيـان
پيـو پليـن تـو جنهـن كـان، وينديـس اوڏانهيـن
سـاهڙ كـان سـائين، مـون كـي پـل مَ پـيـر! تـون.

چنو پير:

پـِـير پلئـي تـو سـهڻي! سـڄ مــُـنهنجي ڳالهــه
تـن سـرتين كـي سـنيال، جـي واڳيتيـون ورن سـان.
جـان تـون نـائي لـَبي آهيـن، جـان تـون پئيـن كيـر
اهـڙو تنهنجـو سـير، جـو ور چـڏيو واهـڙ تريـن!

چنّو پير:

ڏم ڏکوئي آهين، ته ٻه پوري! تو پتار
جهڙي تهڙي حال سين، گهڙ تنهين جي گهار
اي نه عورتن آچار، جو پُرن پرائي پرس ڏي.

سهڻي:

پُري پرائي پرس ڏي، مون کي نينهن نيو
عشق اهڙين اکرين، آهي شينهن جهڙو
وات وڏائين جنهن کي، وسان سو ويو
قدر آن نه کيو، محبتي ميهار جو.

چنّو پير:

محبتي ميهار جو، ڪجهي ڪي قدر
اتيو آڏيءَ رات جو، ڪشين چيلهه ڪمر
جي پسيين واهڙ ور، ته لڙهائيندءِ لهرين ۾.

سهڻي:

لڙهائي لهرين ۾، مون کي مَرُ مهراڻ
اتي آڏيءَ رات جو، پُرزا ڪنديس پاڻ
ڪري نينهن نڏاڻ، مَرڪنديس ميهار سين.

چنّو پير:

مَرڪندينءَ ميهار سين، سو تانْ ولي ناهي پير
نڪي پوتي پڙهيو، نڪي وِچا جو وير
ڏهتي ڏهاڙي ڪير، جهوتون ڏئي جهنگل ۾.

سهڻي:

جهوتون ڏئي جهنگل ۾، سو عيب انهيءَ ڪي آهه
وسان ويرا واسلي، وينوئي وچاءِ
هنيون تنهن هيراءِ، ڪَٺي هوت هٿ ڪيو.

چنّو پير:

هنيون هيرائي هٿ ڪري، سوهڻي ڪڻ مَ سانڻ
جِت ترندو تُر ميزان، اتي تيندينءَ ڏهاڳڻ ڏم جي.

سهڻي:

ور ڇڏيو واهڙ تران، ڪا جا پيتم پڪ
متي جر جلبا ڪيو، چڙهان ڏيهاڙي ڏک
سندي ساهڙ سِڪ، اوڙاهه وجيو اُڪران.

ڇتو پير:

اوڙاهه ترءِ ايترو، ٻڏي! ٻوڙيندوءِ
ماڻهو هن ملڪ ۾، ڪانڌي ڪونه تيندوءِ
ڪاري ڪارونيار ۾، موڙهي! ماڳ سنڌوءِ
آوَتڙ اوليندوءِ، پُوندينءَ مُنهن مهراڻ جي.

سهڻي:

پوان مُنهن مهراڻ جي، تہ مون پڻ وڏو ڀاڳ
ڪونہ ڏسان تي ڏيهہ ۾، ساهڙ ري سهاڳ
پيو سي لاتم لاڳ، منهنجو درسن دوست ميهار سين.

## روايت [2]

### سهڻيءَ کي ميهار جي بدران، دوريش سان ملڻ جي سِڪ

[سهڻي ۽ ميهار جي قصي جي هن روايت جو خاص نُڪتو هي آهي تہ:
"سهڻيءَ جو ميهار سان عشق نہ هو، پر جن درويشن جو اوبارو کير پيتو هئائين، انهن سان ملڻ جي سِڪ ۾ درياءَ تري ميهار وٽ ويندي هئي. چاڪاڻ تہ ميهار کيس ٻڌايو هو تہ "اهو کير جي سُرڪي درويشن جي بچايل هئي".
سهڻي انهن درويشن بابت پڇيو تہ: ڪڏهن ايندا! ميهار چيو تہ: درويش وري اچڻ جو وعدو ڪري ويا آهن، سي ضرور ايندا. سهڻي سڄي رات ميهار وٽ ويهي درويشن جي اچڻ جو انتظار ڪري وري ويندي هئي. تان جو سندس سس، انهيءَ شڪ ۾ تہ سهڻيءَ جي ميهار سان محبت آهي، پڪو گهڙو ڪڍي ڪَچو رکي ڇڏيو، جنهنڪري ويچاري سهڻي درياءَ ۾ ٻڏي ويئي".
سهڻي جي درويشن سان محبت وارا اهي اهڃاڻ قدري متي ڏنل سومار مگريي ۽ محمود شيخ جي بيتن ۾ پڻ ملن ٿا [1]، حالانڪ انهن شاعرن بعد ۾ سهڻيءَ جو ساهڙ سان محبت جو مذڪور ڪيو آهي.
قصي جي هن خاص نُڪتي تي مبني ٽي روايتون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن: يعني (الف) نثر ۾ هلندڙ آڳاٽي روايت، ڇپيل 1932 هہ، (ب) نثر ۾ هلندڙ آڳاٽي روايت، ڇپيل 1958ع، ۽ (ج) حاجي حقير جا بيت.]

---

[1] ڏسو مٿي ص ص 67-76 ۽ 89 - 91.

## (الف) نثر ۾ هلندڙ آڳاٽي روايت ڇپيل سن 1932ع [1]

### "مختصر احوال سهڻي ۽ ميهار جو"

راوي روايت جا ۽ حاڪي حڪايت جا هن ريت تا نقل ڪن تہ، ماضي زماني ۾ هڪڙو امير ماڻهو وڏي شان مانَ سان رهندو هو. سندس نالو "جرڪت" هو ۽ ذات جو سامٽيو هو. ان کي هڪ دختر پري پيڪر، سهڻي من مهڻي، ڏڻيءَ جي فضل سان پيدا ٿي، جنهن جو نالو سندس مائٽن رسم موجب "سهڻي" رکيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ چوڪر وڏي ٿي، تڏهن سندس مائٽن مان هڪ هوند واري ماڻهوءَ "ڏم" نالي، جرڪت کان سهڻيءَ جو سڱ گهريو. جرڪت اهو پنهنجيءَ ڌيءَ جو سڱ ڏم کي ڏيڻ قبول ڪيو. ٿورن ڏينهن بعد شاديءَ جو بندوبست ٿيو ۽ رسم رسمات موجب سهڻيءَ جي ڏم سان شادي ٿي. پوءِ ڄاڃي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا تہ واٽ تي هڪڙي ميهار ذات لغامڙي جي مينهن جو پاڻ هو. ڏم جي مائٽن صلاح ڪئي تہ جيڪر انهيءَ ميهار کوڻ کير وٺي سهڻيءَ ۽ ڏم کي پيارجي تہ چڱو. انهيءَ خيال تي تہ جيئن کير منو آهي، تيئن هنن ٻنهي جي محبت هجي، ان ڪري ميهار کوڻ کير گهرياٺون. ميهار وٽ ڪجهہ ٿورو کير رکيل هو (ڪنِ عاشقن جي اوبر هئي) اهو آڻي انهن ماڻهن کي ڏنائين. ڏم جي مائٽن ڏم کي چيو تہ: هن مان ڪجهہ تون پيءُ ۽ ڪجهہ سهڻيءَ کي ڏي. مڙس ڏنو تہ پيلي! کير آهي تمام ٿورو، تنهنڪري ڪٽي زال کي ٿو ڏيان، ائين چوندي ڪٽي زال کي ڏنائين. سهڻيءَ يڪدم ڪٽي نوش جان ڪيو. اجان هن کير پيتو تہ سندس اولا لهي ويا ۽ عشق حقيقي جا دروازا کلي پيا، ڇالاءِ تہ اهو کير عاشقن جو اوبر هئي، جنهنڪري هن کي ايترو عشق پيدا ٿيو، ۽ جن جي جام جي اوبر پيتي هئائين، سي جنهن قدرت کي پهتل هئا، ان جو ڪجهہ ٿورو بيان لکجي ٿو: هڪ ڏهاڙي اهي عاشق الــهي قلندر شهباز، شيخ فريد، سيد جلال ۽ شيخ بهاوالحق سير ڪندا ٿي آيا. نيٺ اچي ڪنهن

---

[1] هن روايت جو متن ڇپيل ڪتابڙي تان ورتل آهي، جنهن جو ٻيو ڇاپو سنڌ پرنٽنگ پريس شڪارپور مان مسٽر پوڪرداس سنہ 31- 1932ع ڌاري ڇاپايو.

هن ڪتابڙي ۾ ٻہ قصا "مورڙي" ۽ "سهڻي ميهار" جا شامل آهن. انهيءَ ڪري ڪتاب جو عنوان پڻ "قصو مورڙي ۽ سهڻي ميهار" جو ڇپيل آهي. شروع ۾ مورڙي جو قصو ڏنل آهي. صفحي 48 کان 57 تائين "سهڻي ۽ ميهار" جي ڳالهہ فقط نثر ۾ آيل آهي، جا هتي شامل ڪئي ويئي آهي.

ڳوٺ جي ٻاهران ترسيا، تڏهن انهن مان هڪ چيو تہ: "آءٌ اتو وٺي اچان، توهين اتي ترسو". اها ڳالهہ رتي شيخ بهاوالحق اَن ڪٽي اتو وٺڻ هليو. اهو خيال ڪري اچي شهر ۾ داخل ٿيو تہ اوچتو بزرگ جي نظر هڪ مائيءَ حسن واريءَ تي پئجي ويئي. فقير ان مائيءَ کي چيو تہ: مائي، مهر ڪري مون کي ٿورو وقت جنڊ ڏي تہ آءٌ اَن داڻا پيهي وڃان. تنهن تي ان زال چيس تہ: فقير، وڃيّ پيهہ. پر نہ ڄاڻ تہ ان زال کي ٿيو ڪو لوڀ، سو ٿي ڪيائين فقير سان ڪوٺ، تنهنڪري فقير کي پيئي چوي تہ: سائين، مان پيهين ڏيانءِ. فقير چيس: نہ مائي، هجين خوش سدائين. فقير پلا تمام سهڻو، وري ڳالهائڻ هو سندس من مٺو. تنهنڪري هوءَ عورت، خوبصورت هن فقير تي عاشق ٿي پيئي. تنهنڪري ڏاڍيون انتظاريون پيئي ڪري ۽ فقير کي هٿ آڻڻ لاءِ پيئي ڪوشش ڪري ۽ اندر ۾ ان جي محبت لاءِ پيئي مري.

ڪيچي ڪيچئون آئيا، وٺ تنهين وئسان
حيلا ڪري هن سان، تي تجويزان تنهن سان

فقير جڏهن هن زال جو هي حال ڏٺو، تڏهن چيائين: اي مائي، اها نہ ڪر وائي، اسين نہ آهيون ان ڪم اوڏائي، تون اهڙا کي ٻيا ماڻهو ٻچ، جتان توکي حاصل ٿئي ڪجهہ. اها وائي نہ وٺي وير کي اها عادت ناهہ اسان. تڏهن هن زال بدافعال چيس تہ: اي فقير، تون مون سان ڪر اُڪير، جي ائين نہ ڪندين تہ سر پنهنجو سوريءَ تي پسندين. چئي: مائي، اسان کي نہ آهي پرواهہ ڪائي، ٿيندي ڳالهہ اهائي، جا مالڪ اصل کان بنائي، اسان جو ڇا عيشن سان، ڇا ڄاڻون جشنن مان. مائي، اسين آهيون ان ڳالهہ کان پري، ان مان ڪجهہ نہ وري - ڏسو تہ هيءَ زال ڇاڙهائي تي چوڏول ۾ پيهڻ کي پهہ سان.

جڏهن فقير اتو پيهين رهيو، تڏهن ان زال، هڪ شيءَ بها ۾ بي مثال، ڪٽي فقير جي اتي ۾ وڌي. جڏهن فقير گهر کان ٻاهر آيو تڏهن ان زال "چور چور" پڪاريو ۽ چيائين تہ: هي فقير منهنجي شيءَ بنان موڪلائڻ کان سواءِ ڪنيو ٿو وڃي، ڏاڍو افسوس ٿو لڳي. هن جي دانهن تي ماڻهو آيا، جن مان ڪن اچي فقير جا ٽپڙ سنياريا. اچان فقير جا ڪپڙا ڏنائون، تہ اَتي مان اها شيءَ لڌائون، تنهنڪري ويچاري فقير کي اُتي جي بادشاهہ وٽ دادخواهہ لاءِ وٺي ويا. ماڻهن وڃي فقير جو ڏنل احوال بادشاهہ وٽ بيان ڪيو. بادشاهہ بہ هو ڪو

ظالم ۽ ڪم عقل، تنهن ڪو خيال نہ ڪيو، نڪي فقير ڪان احوال پڇيو، رڳو ائين ڪٽي حڪم ڏنو، تہ هن هي ڪم ڪيو آهي ڪنو، تنهنڪري هن ڪي وجي سوريءَ تي چاڙهيو. سپاهين سامان سنيرايو، ويچارو فقير وسواس ۾ آيو، ڪٽي مات ڪيائين ۽ پنهنجي خالق کي سنياليائين. ائين ڪندي فقير جي رفيقن ڪي بہ خبر پئي، تن پاڻ ۾ صلاح ڪئي، تہ ڪا اهڙي رٿ ڪريون، جنهنڪري پنهنجي يار وفادار کي بہ آزاد ڪريون ۽ پاڻ بہ انهيءَ آفت ڪان بچون. آخر ڪار هيءَ رٿ ڪيائون تہ هڪ هرڻ ٿئي، بيو شينهن ٿئي، ۽ ٽيون باز ٿئي. پوءِ سوريءَ جي اڳيان هرڻ منهن ڪڍي تہ شينهن پنيان پويس. ماڻهو ڏسن اهو تماشو، باز ڪري اهو ڪم خاصو، جو بهاوالحق کي ڪٽي اچي. پوءِ

شيخ فريد هرڻ ٿيا، سيد جلال شينهن ٿيا
لال شهباز باز ٿيا، چائي چنبن ۾ گهوٽ ٿيا.

ماڻهن جڏهن اهو حال ڏنو، تڏهن بادشاه جو لشڪر دل ۾ مُنو: چيائون جيڪڏهن بادشاه ٻڌو، تہ اسان جو حال برو ٿيندو. پر وري دل ۾ هي خيال آين تہ باز ماڻهو ڪين موٽائيندو، جو بادشاه کي خبر پوندي ۽ اسان کي ڳالهائيندو، تنهنڪري چڱو ائين آهي جو اها ڳالهہ ڇڏيو ڇپائي ۽ هرڪو پنهنجي ڪم کي وڃي لڳي. اها رٿ ڪري نيٺ بادشاه جو لشڪر موٽيو ۽ چارئي سنگتي اچي پاڻ ۾ گڏ ٿيا ۽ واٽ وٺي اڳتي هليا.

سو اهڙن عاشقن جي اوبر سهٽيءَ پيتي هئي، جنهنڪري عشق جي نشي ۾ مخمور ۽ پربور ٿي ويئي. انهن چئن يارن جي اوبر سهٽيءَ کي ڪيئن ملي، تنهن جو بيان هن ريت ڪندا آهن تہ چارئي يار گڏجي ڪنهن ڏينهن ميهار وٽ آيا ۽ اچي چيائونس تہ اسان کي کير پيار. ميهار چيو: سائين، مينهون جهنگ ۾ آهن، اچن تہ توهان کي کير گهٽوئي پيئاريندس. تڏهن هنن يارن هڪ ورهيہ جي ڇاول وچ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيائونس تہ: اسان کي هن جوئي کير پيار. تڏهن ميهار چيو تہ: سائين، هيءَ اجا نندي آهي، تنهنڪري کير نہ ڏيندي. فقيرن چيس تہ: هيءَ اڳي کان سُئا هئي، تنهنڪري اچي ڏهينس. ميهار انهن جي چوڻ موجب مَنگهہ ڪٽي اچي ويچ کي ڏهڻ وينو تہ ڇا ڏسي تہ سبحان الله، وچ ٿڻ سگهوهيو بيني آهي. اهو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ فڪر ۾ پيو، پر ائين نہ سمجهائين تہ ڪو هنن فقيرن جي ڪا برڪت آهي. پوءِ کير ڏهي اچي فقيرن جي اڳيان رکيائين. فقيرن کير پيتو ۽ ڪجهہ ٿورو

چڪو بچائي ميهار کي ڏنائون تہ تون پاڻ پيِ ڇڏ. ۽ ٻئي کي انهيءَ شيءِ ۾ نہ گڏ. پر ميهار جي قسمت ۾ ڪوتاهي هئي جو اهڙن عاشقن جي اوَبر ڪان محروم رهيو. جڏهن منگهہ مليس تڏهن اهو ڪٽي مَنَـهن تي رکيائين. انهيءَ لاءِ تہ پوءِ پيئندو. هن ڪان فقيرن جي چيل ڳالهہ وسري ويئي، ۽ ڪير اتي ئي رکيو رهيو. ان وقت ڏمر جا مائٽ بہ سهڻيءَ کي پرڻايو تي آيا ۽ اچي ميهارن ڪان سَوَڻ واسطي ڪير گهريائون. ۽ هن يڪدم ڪير ڪٽي انهن کي ڏنو. ڏمر جو ڪير تورو ڏنو. تنهنڪري ڪٽي سهڻيءَ کي ڏنائين. جا پيِ مست تي ويئي، ۽ "ميهر ميهر" ڪري پڪارون ڪرڻ لڳي.

نيٺ ان وقت تہ سهڻيءَ کي ڪنهن بہ طرح ڳوٺ وٺي آيا پر پوءِ سهڻي اتي بہ پيئي ميهار جي فراق ۾ روئندي ۽ آهون ڪندي هئي. هڪڙي ڏينهن دلو ڪٽي درياءَ تي پاڻي پرڻ ويئي، تہ اتي هن کي هيڪاري جوش آيو. پوءِ رات جي وقت ۾ ساهرن ڪان لڪچوريءَ دلو ڪٽي درياءَ ۾ داخل تي. درياءَ جون سختيون سهي اچي ميهار وٽ پهتي ۽ ميهار ڪان اچي احوال پڇيائين ۽ چيائينس تہ اهو ڪير ڪهڙي مينهن جو هو؟ ميهار سمورو احوال سهڻيءَ کي ٻڌايو ۽ چيائينس تہ: مائي، اهي ماڻهو اڄ - سياڻي مون وٽ ايندا. سهڻيءَ جڏهن هيءَ ڳالهہ ٻڌي، تڏهن دل ۾ خوش تي. تنهنڪري هر روز تڪليفون سهي ميهار وٽ ايندي هئي تہ اهي ماڻهو متان اڄ اچن ۽ هن ڪان احوال پڇي وري موٽندي هئي.

هڪڙي ڏينهن سهڻيءَ ميهار جي مُـنهن ڏانهن چتائي ڏٺو تہ ميهار جي اک ۾ ماڻڪي نظر آيس، تنهن تي ميهار کي چوڻ لڳي تہ: اي ادا ميهار، توکي اک ۾ ڦلو آهي ڇا؟ تنهن تي ميهار ورندي ڦنس تہ: مائي، تو دل مَـتِـي آهي تنهنڪري تون اڳتي نہ ايندين ڪر. جي ايندينءَ تہ شايد سلامت نہ ويندينءَ. سهڻيءَ جي سس کي بہ ان احوال جي خبر پئجي ويئي. تنهن وري ڪنير ڪان هڪ ڪَچو دلو نهرائي، تنهن تي چٽ ڪدائي ان ساڳئي ٻُـوڙي ۾ لڪائي رکيو. جنهن ۾ سهڻي هميشہ دلو رکندي هئي ۽ سهڻيءَ وارو دلو آڻي گهر رکيائين. سهڻي جو رات جو اتي،، سا پنهنجي اڳيئن رسم موجب دلو ڪٽي ميهار ڏانهن رواني تي ۽ دلي جي نسبت ڪو گمان نہ آندائين. چو تہ هن کي ان پاسي ڪو خيال ڪونہ هو. جيتوڻيڪ ميهار بہ اشارو ڏيئي ڇڏيو هوس جڏهن درياءَ ۾ ڳچ پنڌ هلي تہ دلو يـَـچي پيو ۽ دلي ڪان سواءِ تري نہ سگهي، تنهنڪري اتي ئي "ميهار ميهار" ڪندي سڪ ۾ ساهہ ڏنائين.

## روايت [2]

### (ب) نثر ۽ بيتن ۾ مرتب ڪيل ڳالهه چيپل سن 1958ع [1]

شهدادپور جي پرسان سنڌو درياءَ جي اوير طرف ڏهن - ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي "ڪناري" نالي ڳوٺ جي آسپاس "واهوچا" ذات جا ماڻهو رهندا هئا. سهڻي ان ڳوٺ جي رهاڪو هئي ۽ ذات جي واهوچي هئي. ڏم پٽ لغامڙو واهوچو، ميران پور شهر جو وينل هو ۽ واهوچن جو وڏيرو هو. اهو شهر، ميان چتي پير جي شهر کان هڪ ميل اولهه طرف هو. ساهڙ ذات جو سامٽيو هو ۽ ميان چتي پير جي شهر جي سامهون درياءَ جي ڪاپي پر تي مينهن جو وٿاڻ ڪيو وينو هو. هو شهدادپور جي پسگردائي ۾ [2] وينل "سامٽين" مان هو. پر پوءِ ٻيلي ۾ مينهن چارڻ جي سعيي سان لڏي اچي اتي رهيو هو. چون ٿا ته وڏيري ڏم جي شاديءَ جو سعيو ناهري مهيني جي چوڏهين تاريخ تي ٿيو. سندس مٽ مائٽ ڇچ ڪري، منجهند کان پوءِ ميرانپور کان اسهيا ۽ سازن سرودن سان نچندا ٽپندا، چتي پير وارو پتڻ اڪري، سج لٿي مهل اچي سهڻيءَ جي ڳوٺ پهتا ۽ سڄي رات راڳ روپ ڪري گذاريائون.

هوڏانهن صبح جو سوير، ساهڙ پنهنجي پاڻ تي قرآن شريف جو دور ڪري، وٿاڻ تي وينو هو ته ڪي چار درويش اتي اچي نڪتا ۽ سَحَر ڪير پيئڻ جي سڌ ڪيائون. ساهڙ چين ته:

پوريون ناهن پاڻ تي، ڪنديون چرن ٻيلي ڪنار
ويهو گهڙي هت، واسطي ڏٿي جي مرد مٽيادار
اچان تو آبيءَ ۾ ڪير ڏهي، ڪريو اوهين اعتبار
چئي: ترسڻ وارا ناهيون، آهيون ترت تيار
تون وجهي ونگ وچ ڪي، اها سَڪُر ميڙ سنگهار

---

[1] هيءَ روايت چيپل ڪتابڙي "سنڌي سچو قصو تو ڏي عرف سهڻي ۽ ساهڙ جو" (ميران پوري) مطبوع هاري حقدار پريس، حيدرآباد سنڌ، سن 1958ع تان ورتل آهي. هن روايت ۾ مؤلف شروع ۾ شاهجهان بادشاهه جي حڪومت واري دؤر جو ذڪر ڪيو آهي، پر اهو ناٽو پنجاب جي "سوهني مهيوال" واري قصي جو آهي، جنهن کي حذف ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻي ڳالهه سچي سنڌي قصي مطابق آهي.

[2] اصل ۾ مؤلف "ڪلوين سان گڏ" الفاظ هت وڌايا آهن جي ڇڏيا ويا آهن.

شـــادي ۽ خوشـــيون، مـــون لاءِ مـــوت برابـــر
اوڙو پـــاڙو، هـــيءُ جهـــان آهـــي، مـــون لاءِ حشـــر
پڇـــي پـــر چـــڏ منهنجـــي، متـــان كـــائنئي كپـــر
تـڏهين ڏم ڏكي ويو، بڌي عاشـقياڻيءَ جـو غـذر
حشمت چڙهي ويس حور جي، جڏهن كنيو كنوار كر
معلـوم تيـس مڙوئـي، سـر سـهڻي جـو سربسـر
سو واسو تي وجي وينو پري، گهوٽ پنهنجي گهر
پوءِ سهڻيءَ سوال كيا رب كي، اي پالڻهار، پاك پرور!
پياريئي كير قدرتي، كري نصيب منهنجي ۾ نوراني نظر
هاڻي كريان تي عرض الله سائينءَ، تون قادر قبول كر
ڏي كا اگهور نند ڏم كي، صبح تائين تئي بيخبر
آگي عـرض قبـول كيـو، مـائي سهڻيءَ جو سربسـر
كيـو سـهڻي سـعيو سـاهڙ ڏانهـن، وسـاري سـو ور

پوءِ سهڻي "نصرٌ من الله و فتح قريب" چئي، دلـي تـي هٿ ركـي، دريـاءَ ۾ كـاهي پيئـي. دريـاءَ جي درنـدن سان وڙهنـدي، كـُنن مـان كـاهي وجـي پـار پهتـي. كلمو پڙهي سڌي ساهڙ جي پاڻ تي آئـي. سـاهڙ بـہ اجا عبـادت كـري فارغ تيو هو تہ سهڻي اچي سندس پيرن تي كـِري ۽ كير جي چكي پـيـئڻ جي سموري حقيقت كري ٻڌايائينس. ميهار حال ٻڌي حيرت ۾ پيـو، ۽ سـُـركـيءَ جي ساءُ نہ چكڻ تي افسوس كندي، هن كي بہ درويش جي اچڻ ۽ سـكر جي ميڙڻ جو احوال ٻڌائي چيائين تہ:

ســي اينـدا سـهڻي مـون وٽ، درويـش دلـدار
نـہ هئـم كيـر نصيـب ۾، نـہ تـہ پـرن هـا اقـرار
چڱو نصيب هو تنهنجو، تڏهن پياريئي سُركي پروردگار
آءٌ كڙهان پنهنجي كرمن كي، جو ٿيم بخت بيـزار
دوا ڏينـدءِ تـن درويـش كـان، اينـدا موتـي بيهـار
مائي! مَ كي روءُ، مَ كي رڙ، مَ كي هنجون هار
تكنـــدا رات مـــون وٽ، اتـــن قـــول قـــرار
تـڏهن ٻڌائينـدس توكـي، كـري نيـاپو نـروار.

سُڻي حقيقت ساهڙ جي، آيو سهڻي کي اعتبار
چيائين سنڌي ساهڙ کي، اي مانجهي مٺيادار!
هاڻي آهين هادي رهبر، منهنجو تون ميهار
معرفت جي ڏڱ لاءِ تون، ڪراءِ مونکي ديدار
درويشن جو فيض وني، فقيرن کان ڏيار
معلوم مُنهنجو آهين، نوري تون نروار
روبرو پَسڻ پرين کي، نہ چاڻان اچن ڪهڙيءَ وار
پوءِ مائي موڪلايو ميهار کان، ٻڌي قول قرار.

موٽيندي مهل درياءَ جي ڪپ تي سهڻيءَ کي چُٽو پير گڏيو. جنهن سهڻيءَ کي جهڻڪيو تہ: مون سمهاڻيءَ مهل درياءَ جي سير تي نماز پئي پڙهي، ان مهل تون منهنجي اڳيان مَتي وئينءَ جنهنڪري منهنجي عبادت ۾ خلل پيو. تڏهن سهڻيءَ جواب ڏنس تہ: چٽا پير آءٌ ساهڙ جي سڪ ۾ ٻيو ڪي ٻہ ڪين تي ڏسان، عشق جي اندوهہ ۾ فقط ساهڙ جي دونهي پئي ڏنم. پر فقير سائين! تنهنجي اها عادت ڪهڙي، جو مون کي اُڪرندي ڏسي ورتئي؟

قصو ڪوتاهہ، سهڻي گهر اچي پهتي، ۽ پنهنجو پڪو گهڙو درياءَ جي ڪپ تي ڪانهن جي ٻوڙي ۾ لڪائي رکيائين. پوءِ روزانو رات جو اُن گهڙي تي تري، درياءَ پار ساهڙ وٽ وڃي، چئني درويشن جي پيچا ڳاچا ڪر وري اَسُر مهل موٽي ايندي هئي. ڏم کي هميشہ اهڙي اگهور ننڊ اچي ويندي هئي، جو صبح تائين سجاڳ نہ ٿيندو هو.

هڪڙيءَ رات سهڻي دستور موجب گهر مان نڪري درياءَ ڏانهن رواني تي تہ سندس نڻان جاڳي پئي، سا سهڻيءَ کي ويندو ڏسي، ان جي پنيان هلڻ لڳي. تان جو اچي درياءَ تي پهتيون. سهڻي تہ گهڙو کڻي ميهار ڏانهن رواني ٿي، پر نڻانس سمورو حال معلوم ڪري وڃي گهر جي ڀاتين کي ٻڌايو. پوءِ تہ سهڻيءَ لاءِ آزار مچي ويو. ڪيس سيئي مٽ مائٽ، گهر جا ڀاتي ۽ ڳوٺ جا ماڻهو نصيحت ڪرڻ لڳا. جڏهن سهڻي پنهنجيءَ تان نہ لٿي، تڏهن لوڪ جي خواريءَ کان سهڻيءَ جي ٻوڙڻ جي رٿ ڪري، پڪو گهڙو کڻي، ان جي بدران ڪَچو گهڙو رکي ڇڏيائون. سهڻي بہ دستور موجب رات جو درياءَ تي اچي گهڙو ڪانهن جي ٻُوڙي مان ڪڍيو. اها رات تهہ سياري جي هئي. آسمان ڪاري

ڪڪرن سان ڇانيل هو. اونده انڌوڪار لڳي پئي هئي. مينهن به اوهيرا ڪري پئي وُٺو. اهڙيءَ حالت ۾ به سهڻي انجام ڪان هٽڻ واري نه هئي، تنهن الله توهار ڪري پاڻ کي ڪٿي پاٽيءَ ۾ اُڇلايو. اجان ٿورو اڳتي مَس هلي ته ڪَچو گهڙو پُرڻ لڳو. سهڻي اهو ڏسي به پوئتي موٽڻ مهڻو سمجهيو ۽ تري منزل تي پهچڻ لاءِ هٿ هڻڻ لڳي. آخر وچ سير ۾ سهڻي ساهڙ کي سڏيندي، واڪا ۽ ڪوڪون ڪندي ٻڏي وڃي درياءَ داخل ٿي.

ساهڙ کي جو اها خبر پئي ته سهڻيءَ جا ٻڏندي وقت واڪا ٻڌائين، سو ان مهل ئي سهڻيءَ جي ڳولڻ لاءِ درياءَ جو ڪَپ وٺي روانو ٿيو. پئي ڏينهن شهدادپور جي ويجهو لاشو لڙهندو ڏٺائين، جيڪو ڏاڙهون نالي ڪٺيءَ جي همراهي سان ڪڍي، شهر جي اُتر - اولهه ۾ سڏ پنڌ تي دفنايائين.

## روايت [3]

### (ج) حاجي حقير جا چيل بيت [1]

حاجي حقير جي بيتن واري روايت مان سهڻي ميهار جي قصي جا تاڻا هن طرح ملن ٿا: ميهار جو نالو "ساهڙ" هو ۽ مهراڻ جي ڪپ تي مينهن جو وٿاڻ هوس. سندس مينهون بيلي ۾ پيون چرنديون هيون. ميهار نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار شخص هو. هڪڙي ڏينهن چار درويش وٽس مَنهن تي لنگهي آيا ۽ چيائونس ته: ميهار! اسان کي ڪير پٺار، چيائين ته: هن مهل مينهون بيلي ۾ چرڻ ويون آهن، ڪا گهڙي ترسو ته اتان وڃي ڪير ڏهي اچان. چيائونس ته، اسان کي جلد وڃڻو آهي، تنهنڪري وٿاڻ ۾ بيٺل وَڇن مان هڪڙي ڏهي وٺ ته اسين ڪير پِي وڃون. ميهار ڏنو ته مڙس ڪي مٺيادار آهن، سو خدا کي ياد ڪري، لوٽو ڪڻي هڪڙيءَ وڇ کي ونگ وجهي، ڪير ڏهڻ وينو. قدرت سان وڇ به ڪير ڏهايو ۽ لوٽو پرجي پيو. ميهار ڪير آڻي درويشن اڳيان رکيو. هُو ڪير پِي خوش ٿي وڃڻ لاءِ سنبريا ته ميهار رات ترسڻ لاءِ زور ڪين. پر هنن درويشن چيو ته: اسين موٽينديءَ، تو وٽ ترسي، تنهنجي مهماني ڪائينداسين. ائين چئي هو ويندا رهيا.

ان ڏينهن "ڏم" واهُوچي جي شادي "سهڻيءَ" سان ٿي هئي، ڄڃ هلندي اچي ميهار جي وٿاڻ وٽ پهتي. رات پئجي وين، سو اتي منزل ڪيائون. رات جو گهوٽ - ڪنوار کي ٻيا سڀ سانٿ سَوڻ ڪيائون. باقي ڪير پيارڻ جو سَوڻ ڪرڻو هو. جهنگ ۾ ڪير ڪٿان اچي؟ پر پريان ميهار جي دونهي جي لاٽ ڏسي، ماڻهو موڪليائون. ميهار به اهو ڪير ڪڻي ڏنو، جيڪو درويش لوٽي ۾ ميهار جي پيئڻ لاءِ بچايو هو. ڪير هو ٿورو، تنهنڪري ڏم نه پيتو ۽ سهڻيءَ کي پيئڻ لاءِ ڏنائين، جنهن اهو ڪير پِي ڇڏيو. رات گذاري صبح جو پتڻ اڪري اچي پنهنجي شهر پيڙا ٿيا.

---

[1] حاجي حقير ولد مگڻ خاصخيلي ٽنڊي قيصر جي ويجهو قبول خاصخيلي جي ڳوٺ ۾ 1318 هه /3- اپريل 1901ع ۾ ڄائو. فارسي، عربي ۽ کي گجراتي به ڄاڻي ٿو. پنهنجي ڳوٺ ۾ طبابت جو ڌنڌو ڪندو آهي. نثر توڙي نظم ۾ سندس جملي ۾ ايڪيهه ڪتابڙا ڇپيل آهن. شاعريءَ ۾ سندس استاد شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ مرحوم هو.

سهڻيءَ کي انهيءَ ڪير جو اهڙو تہ خمار چڙهيل هو، جو نہ ڪاڏائين نہ پيتائين: سرتين سهيلين گهڻي ئي زور لاتس پر هڪ داڻو بہ نہ چکيائين. سهاڳڻين سمجهيو تہ ڪنوار آهي، ۽ حجاب تي ڪري، سو ڇڏي ڏنائونس. رات جو ڏم وٽس آيو ۽ منيون منيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو تنهن تي سهڻيءَ ڪاوڙجي چيس تہ: هوش ڌار! اهي ڳالهيون مون سان نہ ڪر، لهي ڪٽ تان هيٺ ٿيءُ. اهو ٻڌڻ سان ڏم هيسجي هليو ويو.

صبح جو ڏم جي ماءُ کي اها خبر پيئي، تنهن سهڻيءَ کان پڇيو تہ: مڙس ۾ ڪهڙو عيب ڏٺئي، جو لوڏي ڇڏيئيس؟ سهڻيءَ جواب ڏنو تہ: سس! منهنجو وس ڪونهي. ڪير جي سُرڪي منهنجو عقل ڪڍي ڇڏيو آهي. سسڻس اها ڳالهہ ٻڌي حيرت ۾ پئي ۽ ڏم کي وچي احوال ڏنائين. ڏم چيو تہ: سهڻيءَ کي جُن ڀُت نہ ڪريو، پاڻهي ڪيس هادي هدايت ڏيندو. پر سسڻس کي اندر ۾ سور هو تنهن وري بہ سهڻيءَ کي سمجهايو تہ: مائي! مڙس سان ڪِل، ڳالهاءِ، نہ تہ تنهنجي ۽ اسان جي سڄي جهان ۾ خواري ٿيندي. پر سهڻيءَ جواب ڏنو تہ: جي خواريءَ کان ٿا ڊڄو تہ پوءِ مون کي طلاق وٺي ڏيو ۽ ڏم کي ٻي شادي ڪرايو. باقي آءٌ ساهڙ سان ملڻ لاءِ ماندي آهيان. ان کي هڪ پل بہ نہ وساريندس.

ڏم، سهڻيءَ جا اهي گفتا پئي ٻڌا، سو ڪاوڙجي ڪارو ٿي ويو ۽ سهڻيءَ کي مارڻ لاءِ ڊوڙيو، پر ڀيڻ جي چوڻ تي مُڙي ويو. اتي سرتيون ساهيڙيون وري اچي سهڻيءَ کي ريجهائڻ لڳيون تہ: اتي گهُمر ڦر ۽ ڪاءُ پِي تہ تنهنجو روح ريجهي، پر سهڻي جواب ڏنن تہ: آءٌ اوهان جو چوڻ ڪيئن ڪيئن ونان، جو مون کي ميهار جي محبت بيوس ڪري ڇڏيو آهي. مون کي ڇڏيو تہ درياءَ اڪري وڃي ميهار سان ملان.

سهڻيءَ جي ساهيڙين، سهڻيءَ جي واتان اهو ٻڌي صلاح ڪئي تہ هن نياڳي ندوريءَ ساهڙ کي ڏنو تہ ڪونهي، پوءِ هيءَ ڪيئن ٿي سندس نالو وٺي، ۽ نڪي وري ساهڙ جهڙو پرهيزگار اهڙن ڪمن کي ويجهو وڃي! ضرور ننڍي هوندي جو نينهن اٿس، يا ڪن وچ وارن فريب ڪيو آهي. هاڻي "وڏل پير" کي وٺي اچو تہ سهڻيءَ کي ڏسي ۽ ان جو علاج ڪري. هڪڙو ماڻهو يڪدم ڊوڙي وڃي وڏل پير کي وٺي آيو. وڏل پير آيو، پر سهڻيءَ جو حسن ڏسي مٽيون ئي

منجهي ويس. سهڻيءَ جي سونهن سندس دل ۾ عشق جو تير هڻي ڪڍيو، سو نيت ۾ کوٽ رکي ڏم جي ماءُ کي دلاسو ڏيئي، تسبيح کڻي وظيفو پڙهڻ لڳو. ظاهر ۾ تہ سهڻيءَ جو علاج تي ڪيائين، پر دل ۾ ڏٺيءَ کي اهو سوال تي ڪيائين تہ، يا خدا! سهڻي ملاءِ.

قدرت سان هفتي کن ۾ سهڻيءَ کي تپ لهي ويو ۽ اٿي هلڻ چلڻ لڳي. جنهنڪري وڏل پير جي ڪرامت جو هُل هُلي ويو. هڪڙي ڏينهن وڏل پير سهڻيءَ کي چيو تہ: ڏٺيءَ جي ناليِ مون سان محبت رک. سهڻيءَ سس کي سڏي وڏل پير جي مڪر جي ڳالهہ ٻڌائي چيو تہ: هن کي گهر مان ڪڍو. تنهن تي وڏل پير منهن متو پٽي چيو تہ: سهڻيءَ مون تي ناحق الزام ڏريو آهي. ائين چئي هُو تہ ويندو رهيو، پر هيڏانهن سهڻيءَ ۽ سسڻس جو جهيڙو مچي ويو. سس، ڏنبو کڻي اچي سهڻيءَ کي ورتو، ۽ ماري ماري اڌ- مئو ڪري ڇڏيائينس. سهڻيءَ کي هڪ تہ ميهار جو فراق ۽ ٻيو ماڻهن جا مهڻا ۽ طعنا، سو منهن ويڙهيو پيئي هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن سرتين ساهيڙين چيس تہ: سهڻي! هل تہ گهُمي ڦري، درياءَ جو سير ڪري اچون. سهڻيءَ سس کان موڪلائي، سرتين سان گڏجي درياءَ تي ويئي. درياءَ جي پرينءَ پر ميهار جو وٿاڻ هو. اهو ڏسي، خيال آيس تہ ڇو نہ رات جو درياءُ تري وڃي ميهار سان ملاقات ڪجي اهو پڪو پهہ ڪري، سرتين سان گهمي ڦري موٽي آئي.

رات جو لوڪ لقاءُ ستو تہ سهڻي بہ ڏم جي پر مان اُٿي، دلو کڻي درياءَ تي آئي، ۽ الله توهار ڪري، پاڻيءَ ۾ گهڙي پيئي ۽ ڪارونيار ڪُن جهاڳيندي وڃي هُن پر نڪتي. ميهار اُن وقت پنهنجي جاءِ تي ويٺي خدا جو ذڪر ڪيو. اوچتو سهڻيءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو. خبر چار پڇيائين، سهڻيءَ چيس تہ: آءٌ ڏم واهوچي جي ڪنوار آهيان، جنهن جي بہ -چار ميهنا اڳ هتان ڇڄ لنگهي هئي، سوڻ لاءِ تو وٽان ڪير ڍُڪ آيو هو. اهو ڪير پيئندي ئي اندر ۾ تنهنجو عشق جاڳيم. هاڻي تو وٽ آئي آهيان. تون ئي منهنجو درد لاهيندين. ميهار جواب ڏنو: سهڻي! سچي ڄمار خدا جي عبادت ۾ گذاري اٿم. مون کان ڪڏهن اهڙي ڪَچائي ڪانہ ٿيندي، جو پرائي عورت ۾ اک وجهان. پوءِ سهڻيءَ کي چئن درويشن جي اچڻ ۽ اوباري ڪير پيئڻ واري ڳالهہ ٻڌائي چيائين تہ: انهن درويشن کان توکي عشق جي ڇپيٽ رسي آهي. هاڻي تون خيال نہ ڪر، اُهي

درويش موٽي اچڻ جو مون سان وعدو ڪري ويا آهن، آيا ڪي آيا، ۽ اچي توکي دعا ڪندا. ميهار جي اها ڳالهه ٻڌي، سهڻي ٻيءَ رات اچڻ جو وعدو ڪري درويشن جي زيارت ڪرڻ جي اُميد رکي، درياءَ تري پنهنجي گهر موٽي آئي.

سهڻيءَ جي سس، اڌ رات جو جاڳي ڏسي تہ سهڻي آهي ئي ڪانہ! تنهن ڪي بہ انتظار ۾ ننڊ ئي ڪانہ آئي. آخر اَسُر جو سهڻي آهستي آهستي اچي سيج تي سمهي رهي. صبح جو سسڻس ڪاوڙ مان پٽ پاراتا ڏيڻ لڳي. هڪڙو سهڻيءَ کي ڏمر جا طعنا، ٻيو سس جي جُٺ ڦٺ، سو انهيءَ سور ۾ بيمار ٿي کٽ تي پئجي رهي. وري بہ وڏل پير آيو، جنهن دوا دارون بہ ڪيو ۽ سهڻيءَ جو ديدار بہ ڪيو. ڏهين ڏينهن سهڻي ڪجهہ هلڻ جهڙي ٿي تہ اُٿي اڱڻ تي بيهي درياءَ پار ميهار کي نهارڻ لڳي. وڏل پير اُن مهل نماز پئي پڙهي. تنهن جو سهڻيءَ کي سامهون ڏٺو، سو جلدي ۾ نماز مان فارغ ٿي، سهڻيءَ وٽ آيو ۽ چيائين تہ، "سهڻي! تو منهنجي اڳيان اچي منهنجي نماز ڀڳي آهي، هاڻي معافي گهُر نہ تہ گهنگار ٿيندينءَ!" سهڻي وراڻي ڏنس تہ "وڏل پير! آءٌ تہ ساهڙ جي عشق ۾ انڌي ٿي پيئي آهيان. ساهڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچيم". اهو ٻڌي وڏل پير شرمسار ٿيو ۽ سهڻيءَ کي پيش ڪوئي، توبهہ تائب ٿيو. انهيءَ تي سهڻيءَ کيس دعا ڪئي. خدا جي قدرت جو وڏل پير وڏو درويش ۽ الله وارو ٿيو.

سهڻيءَ ٻيءَ رات بہ گهڙو کڻي درياءَ ۾ ڪاهي پيئي، ۽ تري وڃي پار پهتي. ميهار سندس منتظر هو. تنهن سهڻيءَ کي چيو تہ: مائي! تون سچ پچ بت مان بيزار آهين، جو نڪا درياءَ جي ڪُنن پر ٿي ڊڄين تہ نڪا واڳن ۽ ويرن کان.

سهڻيءَ چيو تہ: "آءٌ جيسين درويشن جو ديدار نہ ڪنديس، تيسين آرام نہ ايندم". پوءِ تہ ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا. تان جو رات جو پويون پهر اچي پورو ٿيو. ميهار کيس وري بہ دلداري ڏني تہ: سهڻي! دل نہ لاهہ، اُهي درويش اچڻ جو انجام ڪري ويا آهن، سي ضرور ايندا. تون ايندي رهہ.

سهڻي، ميهار کان موڪلائي اچي گهر پهتي. سسڻس اهو ڏسي اندر ۾ ئي سڙي ويئي. سهڻيءَ کي چيائين: نياڳي! توکي ڪانڌ جو نڪي قدر آهي، نڪي ڪو حيا اٿئي. هاڻي هڻئين ٿي زنجيرن ۾، پوءِ ڏسان تہ ڪيئن ٿي مڙس کي ڇڏي ميهار ڏانهن وڃين؟ سهڻيءَ کي پيرن ۾ نَير پيو، تڏهن روئي سس

کي چيائين تہ "سس! هن جيئڻ کان تہ ڪٿي خنجر هڻي ماري ڇڏيم تہ اڳ - پوءِ جند ڇٽي پوي". ائين چئي زار زار روئڻ ۽ ڏٽيءَ در سوال ڪرڻ لڳي. قدرت خدا جي، سهڻيءَ جو سوال اگهاڻو، جو وڏل پير سهڻيءَ جو سڏ سماءُ لهڻ لاءِ آيو. سهڻيءَ کي هٿن ۽ پيرن ۾ نير پيل ڏسي، سندس سس کي چيائين: مائي! ڏاهي ٿي، مون کي خبر آهي تہ سهڻيءَ مڪر ڪونہ ڪيو آهي. پر هن کي خدا جي لئون لڳل آهي. سو هي ڪُڙم کي ڪارو ڪونہ ڪندي.

وڏل پير جو چوڻ ڪري، ساهرن، سهڻيءَ جي پيرن مان نِيَر ڪڍيا پر سهڻيءَ جي اهائي ڪار. رات ٿئي تہ گهڙو کڻي وڃي ميهار وٽ پهچي. سهڻيءَ جي سس کي انهيءَ ڳالهہ جو ڏاڍو ويچار هو تہ هيءَ وڃي ڪيڏانهن ٿي. سو هڪڙيءَ رات مانڙي ڪري، سهڻيءَ جي پٺيان لڳي درياءَ تي آئي ۽ سهڻيءَ کي درياءَ ۾ گهڙندو ڏسي، سندس سورهيائيءَ تي حيرت ۾ پئجي وئي. صبح ٿيو تہ سهڻيءَ جي سس، ڪنڀار وٽ آئي ۽ اُن کي چيائين تہ، جيتري قيمت ڪپيئي، اوتري وٺ، پر مونکي اڄوڪي ڏينهن ۾ گهڙو ناهي ڏي. ڪنڀار ساڳين ڇٽن وارو گهڙو ناهي، سهڻيءَ جي سس جي حوالي ڪيو. جنهن مُنهن اُنڌاهيءَ جي دلو کڻي آڻي اُنهي ڪانهن جي ٻُوڙي ۾ رکيو، جتي سهڻيءَ پڪو گهڙو لڪائي رکيو هو.

دستور موجب، سهڻي اَڌ رات جو، اُتي درياءَ تي آئي. دلو کڻي درياءَ ۾ ڪاهي پيئي تہ تڪي سير مان تڪڙي تڪڙي پرئين پار ڏي ترڻ لڳي. اجا تورو پنڌ مس هلي، تہ ڪَچو دلو ڀُري ويو. سهڻي اهو لقاءُ پسي همت نہ هاري، پاڻ خدا کي ياد ڪري، هن پر وجھڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ ۽ ترڻ لڳي، تان جو وڃي هڪڙي اوڙاهہ ۾ پيئي. اُتي سهڻيءَ ڏٺو تہ هتان بچڻ ياانصيب! جڏهن هٿ پير هڻي ساٿي تي پئي، تڏهن موت ويجهو ڏسي ساهڙ کي سڏ ڪرڻ لڳي. جڏهن ڪُنن جي ڪڙڪي سبب، سهڻيءَ جا سڏ ميهار تائين نہ پهتا. تڏهن سهڻي چوڻ لڳي تہ: آهي ڪو، جو ميهار کي ٻڌائي! ائين سڏ ڪندي سهڻيءَ جا پساهہ پورا ٿيا.

اجا سهڻي سير ۾ هئي تہ ڪنهن ماڻهو سندس سڏ سڻي ميهار کي وڃي حقيقت کان واقف ڪيو. ميهار ويچارو هن حادثي جو ٻڌي ڊوڙندو آيو ۽ اچي درياءَ ۾ ٽپي پيو. تار پاڻيءَ ۾ ترندو آخر ميهار جا پساهہ پورا ٿيا. اهڙيءَ طرح ٻنهي جا روح پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويا.

## بيت

-1 ساراهيان صدق سان، اول آءُ ستار
پنجتن سڳورا، نينهن مان نروار
ٻارهن ئي امام، ۽ سچو هر هڪ يار
بادشاهه بغدادي، ولين جو مهندار
شاهه عبداللطيف، پٽ جو سردار
اولياءَ ڪرام سڀ، آهن جي چوڌار
اُستاد قليچ بيگ، شعر جو سينگار
پڙهائي پَنو پرت جو، جنهن ڪيو هشيار
هوس "حاجي حقِير" چئي، نہ تہ اڳي سرشار
آهيان شڪر گذار، تهدل آءُ تنهن سندو.

-2 تهدل آءُ تنهن سندو، مڃان تو احسان
هميشہ هو "حقير" چئي، مون تي مهربان
سندس فرمائش موجب، لکيو اتم ديوان
راضي متس شل هجي، سدائين سبحان
هاڻي سهڻي ميهار جو، ڪريان تو بيان
پڙهن تنهن ڪي پرت مان، دانا ڏئي ڌيان
ميهار هو "حقيرَ" چئي، جوڌو هڪ جوان
سندس نالو ساهڙ هو، هئو نيڪ بخت خان
مرد جو مهراڻ تي هئو ماڳ مڪان
سدا هن سدوري تي، راضي هو رحمان
مينهن تي مشتاق هو، ننديپڻ کان سجان
ٻيلي ۾ ڀڳڻ جو، هئو ڏڻ عاليشان
چاريندو هو چاهہ مان، سو مانجهي مهربان
ڏسي شوق هن سندو، هرڪو هئو حيران
هلي جيڪو هن وٽ، آيو تي انسان
تہ ڪِلي تي کيڪاريائين، ڏنئين تي گهڻو مان
هن منجهاران خوش هئا، هندو مسلمان
الله ڏنو ايمان، گهڻو هو گهوٽ کي.

3- گهٽو هو گهوٽ کي، اکين ۾ حيا
کانـ هئي کونڌر کي، دل ۾ دغا
سنيڪنهن سان ساهڙ تي، سچو هليو سدا
پڙهيئين تي پنجئي نمازون، ساري صبح و مسا
رمضان جي مهيني ۾، رکيئين تي روزا
چڱا ڪم ڪيئين تي، نتي ڪيئين بُرا
تعصب هن کي ڪونہ هو، سينو هوس صفا
هو سخي "حاجي" چئي، هي دلبر دانا
ڏنئين تي دان دل سان، جي گڏيو تي گدا
مسڪينن تي مرد کي، دائما ڪئي دعا
ڪيا ها ڪامل تي؛ واحد وڙ وڏا
اَنئي پهر ادا، خوش تي رهيو خان سو.

4- خوش تي رهيو خان سو، ادا اَنئي پهر
کين ها ڪامل کي، ڳٽيين سندا گهر
جوڙيئين تي اُتي اَسر جو، مينهُن سندا قر
پيتو کير قرن تي، "حقير" چئي هيڪر
پوءِ تي مينهون پهرايون، کوڏ مان کونڌر
ويون چڏي وتاڻ تي، کوڏئون ڪٺي ڪر
بهڪيون تي بيلي ۾، ڪائي ڪـهه، جبر
چڙن جي چونگارن تي، لاٿا غم گوندر
مينهون پهرائي پوءِ تي، پڙهي نماز نر
نماز پڄاڻا ذڪر تي، ڪيو مرد ميهر
سج اُپرائي چڏيئين تي، پوڄا جي پڄر
عبادت کان انور، مُنهن موڙيو ڪين تي.

5- منهن موڙيو ڪين تي، صاحب کان ساهڙ
هئس قادر جي قرب جي، جيءَ ۾ لڳل جڙ
هن تي بہ هئا "حقير" چئي، واحد ڪيا وڙ

حاڪماڻا ها هن جا، ٿيلو ۽ ٽپڙ
هئا سلامي هن سندا، ٿالپر ۽ ٽڳڙ
سدا سونهيان تڙ، مرد سان مهراڻ جا.

6- مرد سان مهراڻ جا، سونهيا تي سَر
گهُمي ڏنا گهوٽ تي، قرب مان ڪپر
خوش تي ڪيو خان کي، چولين ۽ چر
لَيون ۽ لوهيڙا تي، جڏهن ڏنا ڪونڌر
تڏهن تي ڏنئين تن ڏي، "حاجي" چئي هر هر
ڳايا تي ڳڻ خوش تي، الله جا انور
هڪڙي ڏينهن اُپ ۾، پڪڙيل ها ڪڪر
ساعت هئي صبح جي، وٺيا پئي جهنگ جهر
هلي آيا هن وٽ، قرب مان قلندر
هنن چيس ڪير پئار، مينهن جا ميهر!
انهيءَ مهل اوطاق تي، ٻڌل ها ڦر
ٻُڌا پئي ٻيلي ۾، مينهن چا مٽر
ڪِلي ڪيڪاريو تن ڪي، نوڙت مان نر
پلِي آيا جي آيا، دانا دلاور
آٽيان تو ڪير اوهان لاءِ، سيگهه ۾ سرور
ويهو هتي هڪ گهڙي، حاڪم هوشور
مينهون آهن ٻيلي ۾، ويون غازي گوهر
ساڙهو ڪٽي ڪير ڏُهڻ، وڃان تو هيڪر
موٽي ايندس پل ۾، لڳندا نه پهر
مجو عرض منور، مولي لڳ مسڪين جو.

7- موليٰ لڳ مسڪين جو، عرض اونايو
ڪامل وڃڻ جو ڪينڪي، سگهو ڪريو سعيو
ترسو هت توهين اڄ، مجي منهنجو رايو
خوش تي خان ساهڙ کي، فائقن فرمايو
ٽئيئي بخت سوايو، چُڪو پئار چاهه مان.

ٻُڌو وريام واٽ تي، ڌهلن جو ڏڏڪار
اچي پهتو اوطاق تي، يتيمن جو يار
آيا چاچي چڄ وٽي، خوش خوشان بسيار
ڪي ها پيادا پنڌ ۾، ڪي اٺ سوار
گهوٽ هو گهوڙي تي، ۽ ڪجائي تي ڪنوار
آيو پئي اڳيان چڄ جي، منو مڱٽهار
پاتڻيءَ ڏنيون مبارڪون، گهوٽ ڪي صدبار
ڳايا ڳيت خوشيءَ مان، عورتن اڪيچار
گهوٽ ماءِ نچڻ بيٺي، ڪيو چير چمڪار
سهاڳڻين تي سونُ ڪيا، نينهن ماري نروار
ناز مان هڪ نار، سرڪي گهري ڪير جي.

-11 سُرڪي گهري ڪير جي، ناريءَ ناز منجهان
گهوٽ ماءُ چيو مڙس کي، سگهو وڃ ميان
هڪدم آڻ ”حقير“ چئي، ڪير ميهار ڪان
تہ سونُ لاءِ آءُ سرڪي، داين کي ڏيان
وڃي گهوٽ پيءُ وٽاڻ تي، ميلو ساهڙ سان
چَيَئين چُڪو ڏي ڪير جو، تہ سونُ لاءِ ڏيان
بانڪي دير بنان، سُرڪي ڏني سائل کي.

-12 سرڪي ڏني سائل کي، ساهڙ ڪئي سخا
سرڪيءَ ۾ سانديل هئا، محبت جا مزا
وجهي ڦيٽا سرڪيءَ تي، قلندر قرب جا
ڏني هٿي سرڪي ساهڙ کي، درويشن ڪري دعا
تہ سرڪي پِي تون سڪ جي، ڪوڙ مان ڪوپا
پر ميهار جي ياڳ ۾، هئي لکيل ڪانڪا
سهاڳڻين کي سونُ لاءِ، سرڪي ملي سا
تن چيو اچي گهوٽ کي، تون اڌ پِي ادا

۽ اڏ ڏي ڪنوار کي، سرهو هجين سدا
گهوٽ جي ٻه پاڳ ۾، هئي لڪيل ڪانءَ ڪا
چاهه مان رکيئين چپن تي، ڪري ياد خدا
سرڪي سمجهيائين تورڙي، تيس عقل خطا
قربئون ڏني ڪنوار کي، ڪٽي گهوٽ راجا
وني وتي پيي وئي، لٿس اکين تان اولا
سوڻ بعد سمورا، بيٺڙيءَ تي چڙهيا
اچي پار پهتا، ڪرم ساڻ ڪريم جي.

13- ڪرم ساڻ ڪريم جي، گهوٽ گهر پهتو
"واهوچو" هو ذات جو. "ڏم" سندس نالو
سيني واهوچن سندو. هو ٻه وڏيرو
غريب هو ڪينڪي، هو سکيو ستابو
ڏيندو هن کي مانُ هو، ننڍيو ۽ وڏو
سهڻو هو شڪل جو، هي جوان جوڏو
واهوچن مان هن جو، هو وهانءُ ٿيو.
هو سهڻي "حقير" چئي، نالو ڪنوار جو
سچ ڪان ٻه سهڻيءَ کي، حسن سرس هو
جنهن ٻه هن جنوءِ جو، چهرو تي ڏنو
مست ٿيو تي محبت ۾، تي هن جو هوش ويو
ڪنوار آئي ڪٽنب ۾، سهرو ٿيو سرهو
مبارڪ ڏيڻ مرد کي، آيو ڳوٺ سڄو
سچ صاحبي پوري ڪئي، ۽ چنڊ چمڪيو
شرنائن جو شور ٿيو، دهلن دس وڄيو
نڪيتي تي نينهن مان، تانهري پت رڏو
مٽي سهاڳڻين پت ۾، خوش تي کير ڳڏيو
آئي گهوٽ ڪنوار اڳيان، ماين طعام رکيو
ڪنوار ڪٽي ڪينڪي، چانور هڪ چکيو

سيني گڏجي سهڻي کي، چاهہ مان چيو:
"مائي ڪاءِ مات ڪري، ڪر نہ حجاب ڪو
مائي حجاب مرد کان، ڪرين تي ڪهڙو
سهڻي دل سڌير ڪر، اتئي گهر پنهنجو
هاڻي هميشہ گهر هي، توکي ڪم ايندو".
سڻي ڳالهہ سهاڳڻين جي، هن جو ڏيل ڏکيو
چيَــئين: چُــڪو پتڻ تي، اتم جو پيتو
انهيءَ کان پوءِ اديون ڙڻي، وڻي طعام نتو
جويون جند چڏيو ڪٺي، مجي عرض منهنجو
کين هي نکيتيءَ جو، سون ٽيو سولو
سوڻن بعد سب ويون، باقي رهيو جوڙو
گهوٽ ڪونڌر ڪنوار سان، ڪچهري ڪرڻ ويٺو
اکيون ڪٺي گهوٽ ڏي، ڪنوار کين ڏنو
چڙهيل هو چوڙيليءَ کي، نينهن جو نشو
عشق ڪيو اندو، هو سهڻي کي ساعت ۾.

14- ساعت ۾ سهڻي کي، ويڙهي ويو خمار
هنيون هن جو "حقير" چئي، بره ڪيو بيمار
ميهار رهيو من ۾، وسري ويو س پتار
چڙي چيئين مڙس کي، ميان هوش ڌار
کهاڻيون ڪري قرب جون، مجاءِ نہ آزار
آهيان قسم الله جو، بت کان بيزار
خان لهہ تون ڪٽ تان، هڪدم ٿي هوشيار
گهاءُ رسيو گهوٽ کي، جهري پينو جهونجهار
ويو هيسجي هشمت کان، ڪرڙي ٿي ڪنوار
چڏي چپر - ڪٽ هليو، گهوٽ بي اختيار
ڏسي صورت سهڻي جي، ٿيو بيقرار
سهڻي چڏي سيج تي، لٿو هو لاچار
برهہ جا بيشمار، کانَ لڳس قلب ۾.

15- ڪانَ لڳس قلب ۾، تيس جيءَ جڏو
لڪي ڪن ڪامڻين، لقا هي ڏنو
ڪتي ڪتي اچ تائين، رواج آهي اهو
پهرين رات پرڻي جي، تپاس آهي ڪبو
تہ گهوٽ ڪيئن ڪنوار سان، ڪچهري ڪري ٿو
رات گذري ڏينهن ٿيو، اچي سج اُڀريو
سڄي گهر جي پاتين کي، پئجي ويو پتو
تہ ڪنوار جو نہ ڪانڌ سان، روح آهي ريڌو
گهوٽ ماءُ گوندر مان، پٽيو منهن مٿو
مائيءَ اچي سهڻي کي، چڙ مان هئن چيو:
"تہ مائي اٿئي مڙس ۾، کهڙو عيب ڏٺو!
ڪئي تو نہ ڪچهري، چوري ندوري چو؟
آهن ڪلايا اسان تان، ڇاجي ماجي تو".
سهڻي چيو سس کي، ڪونهي وس منهنجو
سس سرڪي پيٺڻ سان، اتم عقل ويو
خاوند ڇاٽي ڪير ۾، الاجي ڇا هو
مائي منهنجي من سان، آهي انڌير ٿيو
وجي هاٿي واحد لڳ، پير اوهين پڇو
ستي آٽيو صحت جي، ڏاهن کي ڏسو
نام خدا نجومين کان، خبر اوهين وٺو
سس جو هوش ويو، سڻي ڳالهہ سهڻيءَ جي.

16- سڻي ڳالهہ سهڻيءَ جي، هن کي ٿي حيرت
ڪئي وجي ڪانڌ سان، مائيءَ مصلحت
لڳي منيان مڙس کي، سڻي حڪايت
چيئين ڏيندو ڪنوار کي، هادي هدايت
ڪڙو نہ ٻول ڪنوار سان، وجي تون عورت
ساجاءِ ڏيندو سهڻيءَ کي، رب ڪندو رحمت

پاٿي ڪندي ڪانڌ سان، من رکي محبت
اُڪير اتس اباڻن جي، تي ماري فرقت
منو ڳالهاءِ مائي سان، ڏي گهٽي عزت
سمجهه ڏيندي سهٽيءَ کي، نياز ۽ نصيحت
ڪيندي هن کي "حقير" چئي، ڪڙي مان ڪلفت
چڱي ڪندو قسمت، قادر گهوٽ ڪنوار جي.

17- قادر گهوٽ ڪنوار جي، پرت وڌائيندو
مهر سان مالڪ هي، عرض اونائيندو
ڪلفت گهوٽ ڪنوار جي، والي وڃائيندو
درد تنهنجي دل جو، مولىٰ مٽائيندو
ڪلتار ڪين پاڻ تان، خلق ڪلائيندو
خالق ڪلڻ وارن جا، جيرا جلائيندو
چينين ڪان ڇڏائيندو، رحيم پنهنجي رحم سان.

18- رحيم پنهنجي رحم سان، ڪندو سٺائي
سٺي صلاح سرهي تي، مڙس جي مائي
هلي پوءِ "حقير" چئي، تنهن وٽ آئي
ڏسي ته مائي سهٽي کي، مت ناهي ڪائي
اتس آب اکين ۾، پئي روئي پائي
سس مائي سهٽيءَ سان، ڳالهه ڳالهائي:
ڪر ڳڻتي ڪينڪي؛ جيجل اجائي
ڪاءُ ماني خوشيءَ مان، جا اٿم پچائي
رُسائي رات گهوٽ کي، اٿئي خلق ڪلائي
آهي رنن راڄ ۾، ڦڪڙي مچائي
پرچ پنهنجي گهوٽ سان، تي حال پائي
اٿي گهُر اڱڻ ۾، منت مڃ مائي!
اٿم آس اهائي، پرُ پنهنجي پتار سان.

19- پر پنهنجي پتار سان، تيءَ سهٽي سياڻي
سهٽيءَ پنهنجي سس کي، ڏني وراڻي
بره جي بخار کان، آهيان ڪوماڻي
طعام وٽي تو ڪينڪي، پيئندس نه پاڻي
وني ويندس قبر ۾، جلد جواڻي
هاءِ تنهنجي پٽ ڪين، سس! سيج ماڻي
پرڻاءِ وجي پٽ کي، تون سَتي سڃاڻي
اشراف آهيان ڪينڪي، آءُ نانگي نماڻي
ڏيار طلاق تون مون کي، وهار نه ڇاڻي
آهي اند عشق جي، ڪئي دل ساڻي
مون کي ڇڏ مائٽن ڏي، نه تي آيل اَياڻِي
ٻولي ٻاراڻي، سمجهه نه منهنجي سس! تون.

20- سمجهه نه منهنجي سس! تون، هاڻي حياتي
محبوب سان ملڻ لئي، اتم دل آتي
ساهڙ جي سوز ۾، پچي تي پاتي
ڏمر جي آيو ڏم گهوٽ، ڪٽي هڪ ڪاتي
رڙيون ڪري ريهون ڪري، ماءُ ڊوڙ پاتي
پڇي آيا ياتي، سٺي هڪلُون ”حقير“ چئي.

21- سٺي هڪلون ”حقير“ چئي، آيا ماڻهو چار
انهن چيو گهوٽ کي، تون مائي کي نه مار
وني وڃهندئي بند ۾، سگهوئي سرڪار
ٻه - تي ڏينهن صبر ۾، گهوٽ تون گذار
هيءَ ندوري نار، اچي ويندئي عقل ۾.

22- اچي ويندي عقل ۾، ڇڏ ڪاوڙ ڪونڌر
ڪڍهن ڪين ڪاوڙ مان، گهوٽ! هلندا گهر

چـــاق آهـــي ڪينڪـــي، ونـــي تنهنجـــي ور!
مريضـــاً ڪـــي مـــارڻ جـــي، ڪٿـــي چـــڏ پچـــر
ڏم نڪتـــو گهـــر مـــان، "حقيـــر" چئـــي هيڪـــر
سـپيني چيـو سـهڻيءَ ڪـني، مـائي چـڏ مڪـر
پنهنجـــي پـــيءُ - ڏاڏي ڏي، نيـــاٽي ڪـــر نظـــر
ڪـــلاءِ ڪيـــن پـــاڻ تـــان، لچـــا ۽ لوفـــر
لـــڄ بچـــاءِ لـــوڪ ۾، تـــہ ڪلـــن نـــہ ڪـــر
اتـــي ڏس اگـــڻ تـــي، شـــوق مـــان شـــجر
روح ريجهـــاءِ نڪـــري تـــون، ڏســـي ڪبوتـــر
مـــورن جـــا ولـــر، ســـهڻي! ڏس ســـهج مـــان.

23- ســـهڻي! ڏس ســـهج مـــان، ســـاهراٽو اگـــڻ
ڪـــاءُ اُتـــي خـــوش تـــي، مـــاڪي ۽ مڪـــڻ
ڪـــاءُ چنگـــالي، چاشـــني، ڏوئـــرو ۽ جهـــڻ
تـــو آهـــي آن ســـندو، چڪيـــو ڪونـــہ ڪـــڻ
چڱـــو آهـــي بـــڪ ۾، مـــائي ڪيـــن مـــرڻ
چڱـــو آهـــي چوڙيلـــي، بـــڪ ڪـــان بچـــڻ
چڱـــي آهـــي گهـــوٽ ســـان، ڪچهـــري ڪـــرڻ
چڱـــي آهـــي چـــاڳلي، ور جـــي دل ونـــڻ
چڱـــو نـــاهي گهـــوٽ ســـان، ري گناهـــہ رســـڻ.
ســـهڻيءَ چيـــو اوهـــان جـــو، مجـــان ڪئـــن چـــوڻ
مـــون ڪـــي محبـــت جـــو، ڪـــائي ويـــو ڪـــڻ
ڏيـــو مـــون ڪـــي مهـــر ســـان، ســـاهڙ ڏي وجـــڻ
تينـــدو منهنجـــو ڪينڪـــي، جـــانب ري جيئـــڻ
موڪـــل ڏيـــو ميهـــار جـــو، وجـــي چاريـــان ڏڻ
پـــرت مـــان پتـــڻ، لنگهـــي وجـــان وچـــار ڏي.

-24 لنگهي وڃان وچار ڏي، محبت سان مهراڻ
وڃي پرين يار ڏسان، وريام جو وٽاڻ
آهيان ڪين خوش هت، "حقير" چئي هاڻ
ملي آءُ ميهار سان، ڪريان روح رهاڻ
پانيان تہ وڃان اڄ آءُ، ڪريان ڪين سياڻ
قلب ٻڌبو ڪينڪي، منهنجو ڏم ساڻ
آهي مون ڪي عشق ۾، پيو ڏکن ڏاڻ
حيلو هلايو ڪينڪي، ڪجهہ مون ڪاڻ
چاڙُڻ وارو چاڻ، ڪريان آءُ تي قرب مان.

-25 ڪريان آءُ تي قرب مان، محبت جو مذڪور
آهي لڳو اندر ۾، عشق جو انبور
سٺي ڳالهيون سهڻيءَ جون، ويا سڀ وهلور
وڃي وينا "حقير" چئي، ڪنوار ڪان دور
مڙسن سيني پاڻ ۾، اوريو ويهي سور:
تہ آهي اڄ پاڻ سان، بخت ڪيو ڪلور
اوچتو آهي عشق ۾، مائي تي مخمور
قرب هن ڪي ڪونهي ڪو، مرد جو منظور
هنيون آهي هت ڪين، مائيءَ جو مسرور
رحيم، رب، غفور، لڄ رکندو لوڪ ۾.

-26 لڄ رکندو لوڪ ۾، ڪرم ساڻ خدا
کهڙي ڪريون سهڻيءَ جي، درد جي دوا
نانگي آهي ندوري، ڪونهيس ڪو حيا
مينهن جي ميهار ۾، ڏنو اتس چا
رهي تو پيلي وچ ۾، ساهڙ چام سدا
آهي نيڪ نمازي، چائي ڪونہ دغا
ڪونهي سهڻيءَ ساهڙ ڪي، ڏنو ڪڏهن ادا

ڪئن اڙي قرب ۾، ڏسڻ ڪان سوا
پاڻ سان تي نياڳي، ڪري ڪوڙ صفا
ڪڏهن ڪين وفا، ڪندي هيءَ ڪانڌ سان.

27- ڪندي هيءَ ڪانڌ سان، ڪڏهن نه سچائي
ڇڏي سگهندي ڪينڪي، ڏنگي ڏنگائي
آهي سِکي اباڻن وٽ، لچي لچائي
هن سان ڪجي ڪينڪي، هوڏ اجائي
هوڏ منجهاران ڪينڪي، تيندي چڱائي
لئون اباڻي ڳوٺ ۾، اتس لڳائي
تڏهن ريجهي تي ڪينڪي، مڙس سان مائي
آهي اصل اشرافن ۾، سهڻي سامائي
پر ڏوتين آهي هن جي، اشرافت وڃائي
ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍجو، پيٽيون ۽ پائي
نه ته تيندي ڪل خلق ۾، آهي پڪ اهائي
لڳي تي پرائي، گلا مني ماڻهن ڪي.

28- گلا مني ماڻهن ڪي، پرائي لڳني تي
ڪو ڏسي تو ڪونڪو، اوٺائي پنهنجي
ڪلڻ گهرجي ڪينڪي، عيب ڪنهن جو ڏسي
سهڻيءَ جي محبت جي، رکجو ڳالهه ڳجهي
ڀيرين ڏسو پر ۾، پنڊت پير پڇي
ته ڪهڙي آهي ڪنوار ڪي، بلا وئي لڳي
ڪيئون هائو "حتير" چئي، اها ڳالهه ٻڌي
چيئون ته اچو جلدي، وڏل پير وٺي
ته اچي ڏسي عورت ڪي، وڃي جن ڪڏي
ٻي ڪانهي ڪا ڪنڌي، وڃي ماڻهو وڏل ڏي.

29- وجـي مـاٿهو وڏل ڏي، سـعيو ڪـري سـگهو
اتـي وڏل پيـر ڏي، مـاٿهو هـڪ هليـو
وٺـي آيـو وڏل ڪـي، جـوان سـو جـوڙو
اڇـڙ سـان پـورل پيـر، مـائي ڪـي ڏٺـو
ڏسـي حسن هـُـن جـو، وجـائي مـت وينـو
تيـر هـُـن ڪـي تـن ۾، محبـت جـو لڳـو
تيـو بيمـار برهـه ۾، تيـس جـيءُ جـڏو
خيـال ڪوٿـو دل ۾، هـن ڪـي پيـدا تيـو
چيئيـن گهـوٽ - مـاءُ ڪـي، فڪـر نـہ ڪريـو
ڪريـان تـو چـاق سـهٽيءَ ڪـي، ڏاڏي ڪـان پنيـو
تسـبيح ڪٺـي تڪـڙ مـان، جوٺيـائين وظيفـو
تـہ صـاحب مـلاءِ سـهٽي، مجـي عـرض منهنجـو
وظيفـا پڙهنـدي وڏل ڪـي، لنگهـي ويـو هفتـو
سـهٽي شـفاياب تـي، لهـي تـپ ويـو
ڪـائي طعـام خوشـيءَ مـان، پـاٿي هـن پيتـو
اتـي هـن "حـاجي" چئـي، گهميـو گهـر سـڄو
پيـر جـي ڪرامـت جـو، تيـو چـوڏس چرچـو
هڪـڙي ڏينهـن وڏل هيئـن، سـهٽي ڪـي چيـو
تـہ مـون سـان رک محبـت، مـڃ نـام ڏٺـي جـو
سـهٽي سـڏي سـس ڪـي، چـڙ منجهـان چيـو
تـہ مـائي، هـن مڪـار ڪـي، لـوڏي اوهيـن ڪـڍيو
ڪـامل آهـي ڪينڪـي، پنهنجـو پيـر وڏو
نـہ تـہ هـن ڪـي رهـڻ ڏيـو، گهـوٽ - مـاءُ گهـر ۾.

30- گهـوٽ - مـاءُ گهـر ۾، ويهـار نـہ وڏل پيـر
مـائي ڏينـس نـہ مـاني، ڪـارائينس نـہ کيـر
جـڏهن وٺـي تـو ڪينڪـي، مـون کـي گهـوٽ ميـر
تـڏهن وٺنـدو ڪيئـن مـون کـي، بـرو بلحزيـر
آهـي نوڪـر نفـس جـو، نـاهي روشـن ضميـر
مـائي تـي دلگيـر، سـٺي احـوال سـهٽيءَ جـو.

31- سڻي احوال سهڻيءَ جو، هن پير کي چيو
تہ چرچو تو سهڻيءَ سان، ڪامل آهي ڪيو
پير روئي پار ڪڍي، پڇيو منهن مٿو
چيئين مائيءَ مون تي، آهي ڪوڙ هنيو
شرع منهنجي سيگهہ ۾، ڏاڏو اُتي ڪندو
وڃان تو دانهين ڏاڏي وٽ، هتي ويهان نٿو
پوءِ وٺي واٽ "حقير" چئي، هليو پير وڏو
سس ننهن جو پاڻ ۾، مچي ويو جهيڙو
سس چيو سهڻيءَ کي، تو سان وڙهان نہ چو
آهي وڏل پير تي، هنيو ڪوڙ تو
تو اچي هن گهر ۾، آهي پنڻ وڌو
ڪريان تي توکي ڪامڻي، ساعت ۾ سڏو
سس ڪٺي سيگهہ ۾، آئي هڪ ڏنڊو
ڪري چڏيئين ڪنوار کي، ماري اڌ مئو
ڪيو بت جڏو، ماري ڏائڻ مائي جو.

32- ماري ڏائڻ مائيءَ جو، ڪيو بت بيمار
سهڻيءَ ڪيو ڪينڪي، سس سان تڪرار
ڪيئين عرض الله کي، تون آهين رب ستار
مار مون کي مهر سان، جڏيون ڪين جيار
مون کي وٺي تو ڪينڪي، سچو هي سنسار
سس سهي تي ڪينڪي، نٿو سنهي پتار
سهرو سڏي تو مون کي، منهن تي اچي مڪار
ڪميڻي سي ڪوڻين ٿيون، نشانون نروار
پائرن پيرو نہ ڪيو، پري وڪون چار
امان ۽ بابا تي بہ، اتم دک بسيار
مهر سان ميهار، ملاءِ تون مسڪين کي.

33- ملاءِ تون مسڪين کي، سنگھو ساهڙ ڄام
تہ هنئين کي "حقير" چئي، اچي وڃي آرام
ڳري پئي ڳڻتين ۾، مائي هيءَ مدام
سرتين چيو سهڻيءَ کي، عزت رکئي امام
مائي هل مهراڻ تي، مچ ڏٺيءَ جو نام
هيڪر هلي اسان سان، گھمر سارو گام
متل ڏوم ڏام، مائي آهي مهراڻ تي.

34- مائي آهي مهراڻ تي، ڇهڇٽو ڇوڏاري
آهن ليون بيشمار، آهي گلڪاري
هرڪا اچي تي "حقير" چئي، هتي پاڻيءَ واري
مست ڪري تي مهراڻ جي، مائي مزيداري
سٽي ڳالهيون سرتين جون، ڪئي سهڻيءَ تياري
ناز پري ناري، وئي موڪلائڻ سس ڪان.

35- وئي موڪلائڻ سس ڪان، موڪلائي آئي
گھڙا ڪٺي سرتين سان، اتي هلي مائي
تيس سرهائي، موجون ڏسي مهراڻ جون.

36- موجون ڏسي مهراڻ جون، جھڪو تيو آزار
بيٺو هو پرئين پاسي، مينهن جو ميهار
سرتين چيو سهڻيءَ کي، ناز مان نروار
آهين جنهن جي عشق ۾، سهڻي تون سرشار
سو بيٺو آ پريءَ پر، ڏڻ جهليو ڏنار
سهڻيءَ ڏٺو ساهڙ کي، لتس انتظار
وٺان ڏسي وچار جو، تي خوش بسيار
ڪيو ڪنوار جيڏين کي، دعائون بيشمار
ڏلا پريئون درياءَ مان، ڪري ڳالهيون بہ - چار

آئـي گهـر گهـڙا کڻـي، نـاز پـري نـار
مـائي پنهنجـي مـن ۾، ويهـي کيـو ويچـار
تـہ سـانجهيءَ وجـي سـاهڙ جـو، کريـان آءٌ ديـدار
کـاهي پـوان کـُـنن ۾، کـري الله توهـار
يـا مـران مهـراڻ ۾، يـا ڏسـان منٺـار
سـج لٿـو سـنجهو ٿريـو، سمهـي رهيـو پٽـار
سار نـہ هئـي سس کـي، هئـي چـوڏس انڌکـار
هـو کونـہ "حقيـر" چئـي، چنـڊ جـو چمکـار
مـائي هلـي مهـراڻ تـي، بـره بيمـار
کونـڌر ڊنـي کينکـي، ڏسـي پـاڻي تـار
اچـي پهتـي مهـراڻ تـي، بـره جـي بيمـار
دلـو کڻـي دريـاءَ ۾، کـاهي پئـي کنـوار
وئـي جهـاڳندي حـب مـان، کـُـن کارونيـار
اچـي پهتـي پـار، کـرم سـان کريـم جـي.

37- کـرم سـان کريـم جـي، اچـي پهتـي پـار
وجـي ڏٺئيـن وٽـاڻ تـي، مـن گهريـو منٺـار
سـتل هـو کينکـي، مـانجهي مٺيـادار
کيئيـن وينـي قـرب مـان، يـاد خلقٺهـار
سـٺي ڳالهـائڻ سـهڻيءَ جـو، هکـدم ٿيـو هوشيار
پيـو حيـرت ۾ "حقيـر" چئـي، مـائي ڏسـي ميهـار
چيئيـن پنهنجـو چوڙيلـي، سـٺاءِ سماچـار
ڏي تـون خبـرون خيـر جـون، نـاز پـري نـار
مـائي چيـو ميهـار کـي، نينهـن مـان نـروار
محـب تنهنجـي محبـت ۾، آهيـان گرفتـار
گهـر وٺـي تـو کينکـي، نٿـو وٺـي پٽـار
وڏيـري جـام واهوجـي جـي، آهيـان آءٌ کنـوار
هتـان لنگهـي ڇـڄ هئـي، ٿيـا مهينـا ٻـہ - چـار

ساعت هئي صبح جي، هو ڏينهن مزيدار
لٿي ڄج پٽڻ تي، ڪري ياد ستار
اچي ٽيو عورتن کي، سوٽن جو ويچار
خان تو وٽ کير لاءِ، آيو عرضدار
کير ڏنو تو خوشيءَ مان، ڪري مهر بسيار
ڏنو عورتن ڏم کي، ڪٺي کير نبار
ڇيئون پهرين پسي پوءِ، ڪنوار کي پئار
ڪانڌ پيتي کينکي، سرکي نيڻن نار
ڇڪو پيتم چاهه مان، چڙهي ويو خمار
پيو انقلاب اندر ۾، ٿيو بت بيقرار
ويو امالڪ وڪوڙي، بره جو بخار
وٺي تو کين تو سوا، ساهڙ هي سنبسار
تون آهين طبيب منهنجو، آءُ آهيان بيمار
ڏينم دوا درد جي، لهي وڃي آزار
ميهار مددگار، منهنجو تي مشڪل ۾.

38- منهنجي تي مشڪل ۾، مددگار منا
چميون ڏينم چاهه مان، تون پلا پرجهلا
شربت پيار وصل جو، ميهار مينهن جا
سٺي ڳالهيون سهڻيءَ جون، هن کي ٿيو حيا
ڇيئين رحيم لڄ رکئي، هي ڇوين تي ڇا
ڪمينو آهيان کينکي، ڇائي تو خدا
گذاري اتم عمر سڄي، ساڄاهه م سدا
چڙهيو خمار کير مان، آهي توکي ابا
ڪئي آهي ڪانه توسان، مائي مون دغا
آيو هو "حقير" ڇئي، بهاوالدين زڪريا
گڏ هئا غوث سان، تي درويش بيا
اچي وينا اوطاق تي، دلاور دانا

چيئون ميهار کير پئار، دير نہ ڪر ڪا
مينهيون هيون ٻيلي ۾، نہ ڪر ها نلها
جڏهن ٿي جوانن کي، معلوم ڳالهہ اها
تڏهن چيئون ڏهہ وچ ڪي، وچار وچن جا
ڪري ياد ڪبريا، وينس ڏهڻ وچ ڪي.

39- وينس ڏهڻ وچ ڪي، مائي جهلي ايمان
ڪيريءَ وچ کير ڏنو، رحم ڪيو رحمان
سرڪي بچائيون سڪ جي، ٿي مون تي مهربان
سرڪيءَ منجهان لڳو اٿئي، قرب جو ڪان
تنهن سرڪيءَ آهي تنهنجو، ڪيو جگر بريان
اها امانت ملي اٿئي، جوت پري جوان
ڪين تنهنجي قلب ڪي، تو وٺي ماڳ مڪان
ڪر نہ تون ارمان، تيندي سٺائي سيگهہ ۾.

40- تيندي سٺائي سيگهہ ۾، ايندو قلندر لال
ايندو غوث بهاوالدين، ۽ سيد شاهہ جلال
ايندو غوث سان، شيخ فريد خوشخصال
ڪندس آءُ انهن سان، تنهنجو حال احوال
دعا ڪندا درويش توکي، پلا ڪري پال
اتن وعدو اچڻ جو، نازڪ نونهال
سهڻي ڪج سوال، تن ڪي تندرستيءَ جو.

41- تن ڪي تندرستيءَ جو، ڪج عرض ڪنوار
ملندي سُرڪي صحت جي، توکي نمائي نار
طمع رک نہ مون ۾ تون، ستر رکئي ستار
سنگت رکي توسان، ڪين ٿيندس گهنگار
مائي منهنجي پيڻ ٿين، چوان تو نروار

ڪم ايندئي ڪانڌ پنهنجو، ڳالهيون ٻيون وسار
ڪر وڃي تون قرب مان، گهر جو ڪم ڪار
جڳ جو جوڙڻهار، ساڃاهه ڏيندئي سهڻي.

42- ساڃاهه ڏيندئي سهڻي، سنسار جو ڏٺي
هي ڪوڙو خيال ”حقير“ چئي، مائي ڇڏ ڪٺي
سچي رک اندر ۾، قرب جي ڪٺي
محبت رک مائي تون، گهوٽ سان گهڻي
وريام جي وٺي، صلاح هيءَ سهڻيءَ کي.

43- صلاح هيءَ سهڻيءَ کي، ڏني ساهڙ سڪر
سهڻيءَ چيو ساهڙ کي، مينهن جا ميهر
ڪامل درويش ڪڏهن ايندا، خان ڏي خبر
اچي آءٌ انهن سان، ملنديس هيڪر
ڪنديس ديدار انهن جو، ادا ڙي انور
من کي ڪا مهر جي، نماڻيءَ تي نظر
قرب مان ڪونڌر، ڏنو جواب جوءِ کي.

44- ڏنو جواب جوءِ کي، هتي ايندا پير
سور تنهنجو سڃاڻندا، اچي روشن ضمير
سرڪي ڏيندا صحت جي، مهر ساڻ مير
جڏهن ايندا مون وٽ، وتاڻ تي وير
تڏهن سڏائيندس تن کي، آئي جا اڪير
اها اتم تدبير، سهڻي تنهنجي سور جي.

45- سهڻي تنهنجي سور جي، اتڪل اتم اها
وڃ وري تون پوئتي، مائي مه لقا
سهڻيءَ ساهڙ ڄام کي، دلئون ڪئي دعا

مائي موٽي گهر ڏي، ڪري ياد خدا
سس ڏنو نه سهڻيءَ کي، سيج تي، ادا
گهمي ڏٺئين گهر جا، ڪندون ۽ پاسا
اتي به هئي "حقير" چئي، مائي ڪانه ڪا
پانيئين ته پڇي وئي، تيس هوش خطا
سانڊي سور سمهي رهي، ڪيئين ڪانه پڇا
آيس ننڊ نياڳ جي، پورجي نيڻ ويا
سهڻي آئي سيج تي، دادلي دلربا
صبح ٿيو صفا، سس پڇيو سهڻي کان.

46- سس پڇيو سهڻي کان، ڪٿي هُيين رات
ڪميني آهي لڄائي، اسان جي تو ذات
ڪوڙ ٻولائج ڪينڪي، سچي سڻاءِ بات
مينهن جي ميهار جي، اٿئي کهڙي تات
مار ڪائيندينءَ مائي تون، ملندئي ڪين نجات
ڪُهي ڇڏيندئي ڪميني، ڪانڌ ڪٿي ڪات
وڃي هاڻ "حقير" چئي، ڪر تون آپگهات
ماري ڪر تون مات، پاڻهي پاڻ سهڻي.

47- پاڻهي پاڻ سهڻي، ماري ڇڏ شتاب
سهڻيءَ ڏنو سس کي، جلد هي جواب
مائي آهي ڪانه ڪا، منهنجي چال خراب
اٿئي کهڙي باهه ٻاري، مون ٻنديءَ جي ٻاب
مائي منهنجي من ۾، آهي ڪونه دولاب
اتم ڪونه آيل ڪو، جن جو حساب
مهٽا ڏيئي ميهار جا، ڪر نه دل ڪباب
ڏم اڇي تو ڏهائي، ڪري تو تڪ تاب
مون کي ناحق ماري تو، ڏئي تو گهڻو عذاب
اوهان جي گهر آب، منهنجو آهي ڪونڪو.

48- منهنجو آهي ڪونڪو، مائي هت مان
هتي منهنجو "حقير" چئي، هنيون آهي حيران
موڪل ڏيو وڃي ڏسان، اباڻو ماڳ مڪان
مون کي وٺي تو ڪينڪي، هتي ڪو انسان
سڻي ڳالهيون سهڻيءَ جون، ڏمريو ڏم خان
مار ڏنئين مائيءَ کي، چڙهي ويس جولان
سَس ڇڏايو سهڻيءَ کي، ڪري گوڙ گهمسان
سهڻي ڪُڇي ڪينڪي، الله ڏنس ايمان
وڏي ويس ارمان، جنهن مان بُت بيمار ٿيو.

49- جنهن مان بُت بيمار ٿيو، وڏي ويو آزار
ساڙڻ لڳو سرير کي، بره جو بخار
گهرايو پير وڏل کي، وڏن ڪري ويچار
اچي مائيءَ سهڻيءَ جو، وڏل ڪيو ديدار
ڦيڻا رکئين قند جا، سهڻيءَ تي صدبار
ڏهين ڏينهن هلڪو ٿيو، بيماريءَ جو بار
سهڻي آئي اگهڻ تي، ناز پري نار
نهاريو بيهي نماڻيءَ، مهراڻ جي پار
مهراڻ جي ڪپ تي، ڏسان مَن ميهار
ويٺي نماز وڏل پڙهي، ڏنئين ڪونج ڪُنوار
سهڻي ڏسي وسري ويس، جڳ جو جوڙڻهار
سهڻي لنگهي پير اڳيان، اهڙو هوس خمار
هن کي ياد هو "حقير" چئي، دل گهريو دلدار
پيو ڏنئين تي ڪونه ڪو، پڏيو توڙي بار
نماز پڙهي فارغ ٿيو، وڏل پير وينجهار
تنهن چيوڙي سهڻي، آهين تون سرشار
منهنجي نماز ڀڳي اٿئي، اڳيان اچي نروار
معافي گهر مون کان، تون آهين گنهگار

سهڻيءَ چيو وڏل سائين، ڏسي تو ڏسڻهار
آهيان اندي اکين کان، چاٽي تو چاڻڻهار
صرف ڏسان تي وڏل سائين، آءُ ساهڙ سردار
کندو معاف مهر سان، بديون بخشڻهار
سڻي ڳالهه سهڻيءَ جي، تيو شرمسار
توبهه ڪري، تائب تيو رُنو زارو زارُ
سڏيان پيرڻ سهڻيءَ کي، ۽ ڪيئين اقرار
تہ ڪديم دغا دل مان، مائي مٺيادار
ادي ڪر اعتبار، نوڪر نہ تيندس نفس جو.

-50 نوڪر نہ تيندس نفس جو، ادي ڪر اعتبار
انسان جي عشق ۾، تون آهين گرفتار
ڪنهن کي ڏسين تي ڪينکي، ڏسين تي ميهار
ڪتي هوندو ڪونہ ڪو، مون جهڙو مڪار
سڏايان تو عاشق الله جو، ناز پري نار
پر ڪريان تو ڪوڙ آءُ، ناهيان ڪلادار
ڪرينم دعائون دل سان، ڪري ياد ستار
تہ دور رهان دوئيءَ کان، نہ تيان گنهگار
ڪئي سهڻيءَ دعا دل سان، راضي تيو ڪلتار
ملي ولايت وڏل کي، تيو خوش بسيار
عاشق هو سهڻيءَ تي، هڪڙو زميندار
سو ظالم ۽ زاني هو، بچڙو بيوقار
تنهن ڪوني چيو ڪُتڻ کي، سڻ تون سماچار
تہ سگهي وڃ سهڻيءَ ڏي، ڪٺي سوڪڙيون چار
وڃي ريجهائينس رمز سان، چڏي بيو ڪم ڪار
تيندس شڪر گذار، مجيندينءَ چيو جي منهنجو.

-51 مجيندينءَ چيو جي منهنجو، تيندس خوش بسيار
ڏوتيءَ چيو وڏيري کي، ڪريان تي اقرار

قاسائيڻديس سهڻيءَ کي، چام پکيڙي چار
پُچندي آس اندر جي، لهندو انتظار
ايندي سنئين پير تي، وير نہ ڪر ويچار
هلي آئي "حقير" چئي، مائي وٽ مڪار
چوريو اچي چوڙيليءَ، کي نياڳي نڪار
سٽي صلاحون ڏوتيءَ، جون ڪاوڙجي پئي ڪنوار
چيئين نڪر نياڳي، خالق ڪرئي خوار
تون ڪرين تي ڪُٽڻپو، وٺي پئسا چار
کوهہ ڪرين تي پاڻ کي، گڏهہ گنهگار
اشراف آهين ڪين تون، آهين تون بدڪار
ڏوتي آهين ڏيءَ جي، چاٺي تو ستار
پڇا ڪندو قيامت ۾، ڏينهن جو ڏاتار
دولابڻ وجهندئي دوزخ ۾، ملڪ ڏٺي مختار
سمجهہ ڪر سياڻي ٿي، آهي رب قهار
ڪين ڇڏائيندئي قبر ۾، ظاهر زميندار
وڃي سمجهاءِ وڏيري کي، تون نار نروار
تہ ستاءِ نہ سقيمن کي، تون وير ڪر ويچار
حامي آهي هيڻن جو، جڳ جو جوڙڻهار
آهيان آءٌ سرشار، اتم هوش ڪونہ "حقير" چئي.

52- اتم هوش ڪونہ "حقير" چئي، چريءَ کي نہ چور
زميندار ڏسي زر کي، آهي اهو سور
انسان آهي ڪينڪي، آهي تيو انور
تڏهن چوي تو چلولو، نينهن مون سان ٿور
هر ڪيس آءٌ ڪينڪي، ڏسي مانيءَ پور
نيبهہ تيندس ڪينڪي، جنا ۽ جور
جيئندو ڪين جڳ ۾. اهو حرامخور
ظالم جو زور، قادر پڄندو ڪرم سان.

53- قادر پڄندو ڪرم سان، ڪميني جو ڪنڌ
لهي ويندس لحظي ۾، اکين تان انڌ
نڪر هتان نياڳي تون، وٽ ڪميني پنڌ
سڀ سمجهان ٿي تنهنجو، آءُ فريبڻ ڦند
ڪُٽائيندس ڪنڌ، وري ايندينءَ جي هتي.

54- وري ايندينءَ جي هتي، مائي ملندئي مار
ڏي چِڙ چوڙيليءَ جي، وسري ويس تار
اتي هلي "حاجي" چئي، ڪوٽني جهلي ڪار
آئي سا وڏيري وٽ، وڏيري ڪئي نهار
مائيءَ ڪئي ملول ٿي، گهڻن سان گفتار
سهڻيءَ جي سائين تون، ڪٽي چڏ پچار
آهي هن جي دل ڪي، مسبت ڪيو ميهار
سچي آهي سهڻيءَ کي، لڳي ويئي لغار
ميان آهي مائيءَ کي، ساجاءِ ڏني ستار
مون تي ناهي ميار، ڪڏهن ريجهندي ڪينڪي.

55- ڪڏهن ريجهندي ڪينڪي، ابا ڪر اعتبار
سهڻيءَ سان ملڻ جو، وير نه ڪر ويچار
هن چيو "حقير" چئي، آهيان آءُ سرشار
مائي آهي محبت ۾، تيو بُت بيمار
سهڻيءَ جهڙي سهڻي ڪانهي، ملڪ ۾ ڪا نار
آهن هن جي اڳيان اڄ، حورون شرمسار
هرڪو هن جي حسن جو، آهي خريدار
وڄ وري تون سهڻيءَ وٽ، وڄي پکيڙ ڄار
من ڦاسي محبت ۾، ڏم جي ڪونج ڪنوار
پوري مراد من جي، ڪندو ڪردگار
ڪڻ هي ڪپڙو قيمتي، ڪٺي هي چندن- هار

وجي چئو سهڻيءَ کي، ڪر تون هار سينگار
ڳٽتي ڳاراٽو چڏي تون، جوءِ ڪر جنسار
سٽي ڳالهه وڏيري جي، ڪُٽڻ ڪيو انڪار
ڏنيون گاريون ڏائڻ کي، وڏيري تي - چار
چيئين چوٽ پَٽئين تو، لُچي رَن مڪار
پڳي وني پيؤ کان، نکري ٻاهر نار.
هاٿي وري سهڻي جو، سٺو سماچار
اُتي هلي آذيءَ جو، ڏسڻ مرد ميهار
مائي آئي مهراڻ تي، ڪري ياد ستار
ڪنوڻ چمڪي پورب ڏي، گوڙ ڪيو گجڪار
جُهڙ آيو جهَڪ سان، تيو چوڏس انڌڪار
سهڻي ڊني ڪينڪي، هي ڏسي اسرار
گهڙو ڪٺي گهڙي پئي، برهه جي بيمار
اچي پهتي پار، ڪرم سان ڪريم جي.

56- ڪرم سان ڪريم جي، اچي پهتي پار
ستل هو ڪينڪي، جاڳيو پئي ميهار
آئي سهڻي ساهڙ وٽ، لٿس انتظار
ساهڙ چيو سهڻيءَ کي، آهين تون سرشار
سچ پچ آهين سهڻي تون، بت مان بيزار
ڏسي موج مهراڻ جي، ڊچين تي نه ڪنوار
آهي اڄ چوطرف، مائي انڌوڪنار
ڏسي ڪُن ڪنبي تو، ماٺوءَ جو ٻار
واڳون آهن مهراڻ ۾، ۽ آهن سينسار
سهڻيءَ چيو ساهڙ کي، ماري تو آزار
گهر ڇڏيو ۽ گهوٽ ڇڏيو، اچان تي لاچار
جيسين ٻهاوالدين جو، ڪنديس نه ديدار
تيسين ايندس پئي هتي، چوان تي نروار

دوا ڪندو درد جي، غوث نامدار
اتم ڪونه عزرائيل جو، ادا خوف زنهار
مون کي چا واڳون ڪندو، ۽ واسينگ ڪلادار
مون کي چا سير ڪندي، ۽ منهنجو ڏم پتار
آهيان تي ادا آءٌ، خلق ۾ خوار
ننگ، شرم ۽ جيئڻ کان، آهيان آءٌ بيزار
مروندي سردار، ٻکي ڏيندم ٻاجهه سان.

57- ٻکي ڏيندم ٻاجهه سان، گر تيندا گوندر
وٽندو وچار پوءِ مون کي، ادا گهر ۾ ور
ساهڙ چيو سهڻي کي، تون ڳڻتي نه ڪر
اينو هت بهاوالدين، ۽ عثمان قلندر
ڪندا توتي ڪامڻي، ڪرم جي نظر
آهي هاڻي رات جو، پويون ٽيو پهر
وڃ وري پوئتي، سَعيو ڪري ڪونڌر
موڪلائي مائي اُتي، اچي پهتي گهر
سهڻيءَ کي ڏسي سس جو، جلي ويو جگر
چيئين نڪر نياڳي، ٻاهر وڃي مر
ڪونهي توکي ڪانڌ جو، ڪو هنيلي حذر
هاڻي هٺان تي توکي آءٌ، ندوري نيَر
سهڻي توکي سڏو ڪندو، پير جو پادر
جوءِ تو ۾ حيا جو، ڏسان تي ڪونه اکر
ڏٺي پاڪ پرور، جيئرو نه ڇڏيندئي جڳ ۾.

58- جيئرو نه ڇڏيندئي جڳ ۾، هاڻي هٺين تي نيَر
پيو نيَر نمائي کي، پئي ڪاوڙجي ڪونڌر
چيئين ماري ڇڏينم مائي، تون ڪٺي خنجر
رڙي روئي نيڻن مان، جام وهائين جر

صاف ڪيو سهڻيءَ جو، آهي رب اندر
ڪونہ چاڙهي تي قسم سان، مائي ڪنو مڪر
هن تي آهي الله ڪيو، رحم جو نظر
توهين ڪريون نہ حذر، ڪارو ڪندي نہ ڪڙم ڪي.

60- ڪارو ڪندي نہ ڪڙم ڪي، مائي ڪر اعتبار
ڪيئن تي ڪامڻي، شڪ جو شڪار
ساهرن کي سهڻيءَ جي ، پارت ڪيئن بسيار
پوءِ هليو ويو "حقير" چئي، سهڻو سخي سردار
ويندي هئي سهڻي ساهڙ ڏي، تري ڪُن ڪارونيار
سهڻيءَ جي سس کي، هو دل ۾ گهڻو ڪار
هڪڙي رات سهڻيءَ اُتي، چتائي ڏنو چوڏار
انهيءَ مهل ڪونہ هو، بشر ڪو بيدار
مائي هلي مهراڻ ڏي، ڪري ياد ستار
سهڻيءَ پنيان سس هلي، ڪري هي ويچار
تہ نڪري ٻاهر گهر ڪان، ڪري تي چا ڪنوار
سهڻي آئي مهراڻ تي، حب مان حبدار
ڪڍيئين دلو ڪانهن مان، لتس انتظار
ڪاهي پئي ڪُنن ۾، ٻره جي بيمار
سس کي سيءُ ونئي ويو، ڏسي هي اسرار
ويهي رهي وينجهار، سورهيائي ڏسڻ سهڻيءَ جي.

61- سورهيائي ڏسڻ سهڻيءَ جي، ويهي رهي وينجهار
سهڻي موٽي دير سان، ڏسي چام ميهار
لڪائي رکيو دلي کي، ڪانهن ۾ ڪنوار
سوءِ آئي گهر پنهنجي، هيءَ نمائي نار
سس ڪچي ڪينڪي، ڏسي هي اسرار
دلو ڪڍيو ڪانهن مان، سهڻيءَ جو مڪار

64- مائي آئي مڪان تي، تيس من سڌير
ويهي پاتين وچ ۾، ڪاڏائين پت ڪير
هفتي ڪان پوءِ هڪ رات، چئي "حاجي حقير"
اُتي سهڻي آڏيءَ جو، ڪري ياد قدير
آيو ياد مائي ڪي، بهاوالدين پير
ڪري ياد قلندر ڪي، سهڻي تي دلگير
مائي هلي مهراڻ ڏي، ڏسڻ ميهار مير
ڪَچو ڪڻي ڪاهي پئي، عشق جي اسير
ڏني ڪين درياءَ جو، نماڻي ڏسي نير
جئن تکو وجي تو تير، تئن ترندي وئي مهراڻ ۾.

65- ترندي وئي مهراڻ ۾، ڳري ويو ڪَچو
هاريو ڪين "حقير" چئي، هنيون سهڻي جو
هلندي وئي هن پار ڏي، سنيالي سائين سچو
اچي پئي اوڙاهه ۾، هن جو پاڳ ڦٽو
هنيئين بازون همت سان، ڪجهه ڪين وريو
هڻندي هٿ هن جو تيو، ساٿو بت سچو
ڪيئين سڏ ساهڙ ڪي، موت ڏسي ويجهو
متل هو مهراڻ ۾، ڪُنن جو ڪڙڪو
ڪونه سڏ ساهڙ ڪو، بانهياريءَ جو بڌو
طاقت ويئي تَن مان، ٿيو جيءُ جڏو
مرڻ جو خوف مائي کي، هو ذرو ڪونڪو
درويشن جي ديدار، جو هن کي شوق هو
چيو چوڙيليءَ سڏ ڪري، آهي ڪو اهڙو
جو سڏي اچي ساهڙ کي، مون وٽ هت سگهو
ته پچان آءُ ميهار کان، پيرن جو پتو
سڏ ڪندي سهڻي جو، نڪري ساهه ويو
مرڻ مهل مائي هو، ڪلمو پاڪ پڙهيو
ساهه پچائان سير ۾، لڙهي لاش هليو

روح سهڻي جو رب سائين، هو آزاد ڪيو
ميهار جي مڪان تي. هلي آيو سو
ڪري رهاڻ روح سان، ميهار تيو ماندو
ميهار اچي مهراڻ ۾، گهڙي گهوٽ پيو
ترندي تار پاڻي ۾، هن جو روح گڏيو
لاش لڙهي ويو سير ۾، باقي روح رهيو
اچي سهڻيءَ جي روح سان، هن جو روح گڏيو
پنهي وچي ملتان ۾، غوث پاڪ ڏنو
پُنس مراد من جي، مولئ هن کي مليو
ڏني ڪين خواري ڪان، ڪيئين نه ساهه منو
مري پهتي مطلب کي، ڏاهي هيءَ ڏسو
پرت مان هاڻ پڙهو. اوهين نام الله جو.
لا الٰه الا الله محمد رسول الله.

## روايت [3]

### ميهار جو سهڻيءَ کي مارائڻ واري ڳالهه

["سهڻي ۽ ميهار" جي قصي جي هيءَ روايت سنڌ جي اُترئين خطي مان ملي آهي، جنهن ۾ ڪي واقعا سنڌ جي عام مشهور قصي کان مختلف آهن، انهيءَ ڪري هن روايت کي جدا ڪري رکيو ويو آهي.

هن روايت جا خاص نڪتا هي آهن تہ: (1) درويش گوگي ڇهواڻ جو ڪرامت وارو گوشت کائي، چار چور الله وارا بزرگ بنيا ۽ اهي ساهڙ جي وٿاڻ تي آيا. (2) سهڻي جي ساهڙ سان ئي محبت ٿي. ۽ ان سان ملڻ لاءِ ئي هو درياءَ تري ويندي هئي. (3) سهڻي ميهار جي اک ۾ ڦلو ڏنو. تڏهن ميهار سمجهيو تہ هاڻي محبت گهٽ ٿي اٿس جو عيب ڏسڻ شروع ڪيا اٿس. تنهنڪري ڪنيار کي چئي ڪَچو گهَڙو رکيائين، جنهنڪري سهڻي درياءَ ۾ ٻڏي مئي.

انهن نُڪتن تي مشتمل نظم ۽ نثر جون هينيون ٽي روايتون شامل ڪيون ويون آهن: (الف) شاعر چگي شر جي بيتن واري روايت (ب) ميرپور ماٿيلي طرف نثر ۾ هلندڙ ڳالهہ ۽ (ج) شاعر غمدار مهر جي بيتن ۾ بيان ٿيل ڳالهہ.]

### (الف) نالي چگي شر جي بيتن واري روايت [1]

[هنن بيتن مان سهڻي ۽ ميهار جي قصي جا ٽاٽا هن طرح ملن ٿا: سهڻي کي سسڻس تڏهن سهي ڪيو، جڏهن هوءَ صبح جو ننڊ جا جهوٽا کائڻ لڳي. سس پڇيس تہ: سهڻي! رات ڪٿي رهي آئي آهين، ڇا، جو اجان سج ٻُي مس اُبريو آهي تہ جهوٽا پيئي کائين! سهڻي جواب ڏنو تہ: سس! انهيءَ ڪري ئي چيو اٿن تہ سَسُون چگيون نہ آهن. مون کي مٽي جي سور سڄي رات اوجاڳو ڪرايو آهي، پر تو وري شڪ رکي ناحق تي ڏوهہ ڏين.

سس سهي ڪيو تہ سهڻي ڪوڙ ٿي ڳالهائي، سو ڪانئس سچي ڪرائڻ لاءِ اتڪل سان چوڻ لڳيس: سهڻي! آءٌ ماءُ تون ڌيءَ، مون کان لڪائڻ واجب ناهي. هتي تيون ماٺهو تہ ٻڌڻ وارو ئي ڪونهي. تنهنڪري جيڪو ڏک سور هجئي سو مون کي ٻڌاءِ، انهيءَ ۾ تنهنجو ڀلو آهي.

---

[1] نالي چگو پٽ ميهو ذات شر، پاڙو تاجاڻي، ويٺل "ور واري"، لڳ ڊنڊي اسٽيشن، تعلقو صادق آباد (بهاولپور رياست). اندازاً سنہ 1910ع ڌاري چاتو.

سهڻي ڀانيو تہ سس منهنجي تي ويئي. سو اندر جو حال اورڻ لڳيس تہ: سس عيبن هاڻي هرڪا آهي، پر منهنجا چارئي پاند پسيا پيا آهن. اُهو هيئن جو جڏهن ميهار جي ڇيڙن جا آواز تي ٻڌان، تڏهن سڪ ڦٽيو پويم. انهيءَ ڪري جو ميهار سان لئون لڳل اٿم. پوءِ اڌ رات جو اُٿي، دلي تي درياءَ تري وڃي، ميهار سان ملندي آهيان.

سسڻس، سهڻي جي واتان اهو احوال ٻڌي دل ۾ رکيو، وڃي ڏم کي ٻڌايائين، چيائينس تہ تون ڪنڌيءَ پريان لڪي اچي ببھ، آءُ سهڻي جي واتان سندس داستان چوائينديس. جو پنهنجي ڪنن سان پاڻ ٻڌندين. سهڻي ساهڙ ڪان موٽي آئي. صبح ٿيو تہ سس اچي پر ورتس ۽ ساهڙ سان ملڻ واري خبر پڇيائينس. سهڻيءَ بہ سموري ڳالهہ ڪرائي ٻڌائي تہ ڪيئن ساهڙ جي سنيارن تي اڌ رات جو پلنگ تان اُٿي درياءَ تي ويس ۽ دلي تي تري، هن پر وڃي ميهار سان محبت ونديم، ۽ صبح جو موٽي آئي آهيان. سهڻي ايتري ڳالهہ ڪري بس ڪئي تہ سسڻس ڏم کي هوشيار ڪندي، چيو تہ: "ٻڌ ڙي ڪنڌي ٻڌ". اتي سهڻي سهي ڪيو تہ سس مون سان ڌوهہ ٿي ڪري، سو آخر ۾ وڏي سڏ چيائين تہ "چاچي! اڪ ڪٽي ڪوليان تہ ڪٽي ساهڙ، ڪٽي آءُ. اهو سمورو خواب هو". پوءِ ڏم ماڻس کي چيو تہ سهڻي خواب ٿي لهي. تڏهن ماڻس ڏم کي چيو تہ: آهي ڳالهہ سچي، پر هاڻي ٿي ڪوڙ ڪري.

اُن ڏينهن کان ئي سس سهڻي کي مارڻ جو ارادو ڪيو. دل ۾ چيائين تہ سهڻي سچا سارا ٻارهن مهينا ساهڙ ڏانهن ويندي رهي آهي، ڪنهن بہ طرح نٽي مڙي، ۽ نڪي مڙندي. اهو خيال ڪري ڳوٺ جي ڪنيار وٽ وئي، ۽ اُن کان ڪچي گهڙي تي ڇٽ ڇنائي ڪٽي آئي، ۽ اهو آڻي اتي رکيائين، جتي سهڻي پڪو گهڙو رکندي هئي، ۽ پڪو گهڙو پيجي ڇڏيائين.

سهڻي رات جو ننڊ مان اٿي، تارن کي ڏسي ڀانيو تہ "دير ٿي ويئي اٿم"، سو تڪڙي تڪڙي هلندي درياءَ تي آئي. هر نہ ٿم، دلو ڪٽي درياءَ ۾ ڏوڪي پيئي. اڌ واٽ ۾ هئي تہ دلو ڀُري ويو. هٽ پير هنيائين پر ڇولين جي ڇوهہ اڳتي وڌڻ نہ ڏنس، اُتيئي سڄڻ کي سنياريندي، پاڻيءَ ۾ پساهہ پورا ٿيس.

جيڪڏهن ميهار، سهڻي جي اُڪرڻ لاءِ ٻيڙي بيهاري ها. يا ڪو ملاح مقرر ڪري ڇڏي ها تہ هوند سهڻي ڪانہ ٻڏي ها. اهو مهڻو ميهار تان ڏينهن قيامت تائين ڪونہ لهندو.]

## بيت [1]

1- سهڻي کي سس سهي کيو، جڏهين اونگهڻ ۾ آئي
چئي: ڙي سهڻي! تون ڪاتي آئيين رات راهي
اجا اپريو مس سهڻي! تنهنجي اکين تيو ڇا هي
چئي: سَسُون چڱيون نہ ڪنهن جون، ناحق ڏوهہ ڏنوئي
پيو سور متي ۾ آهي، اکين ويڳ اهوئي
ڏنئين تہ منڊ آئي مکر ۾، هاڻ پير جهلي پيئي
سهڻو هلڻ سنگت سان، اتئي صلح ڳالهہ سهي
تون منهنجي، مان تنهنجي، هت ٻڍي نا کو بيوئي
سهڻي واري ڇيو وجود ۾، سس منهنجي تي ويئي
عيبن هاري هرڪا، پر منهنجا پُسيا پاند بيئي
ڪاتي منڊ هئي، سور ورجائي پڇيائين هن ڪان.

2- چئي: ٻڍي ڏڏڪا دونهن جا، گهندين جا گهوڪا
لڳي لات يار ميهار جي، مونکي ستا سور اتيا
پيئندي هان وجي پار ڏهون، مانجها کير منا.
پر ميهار پار، تون اورار، تا ڪيئن تين ميلا؟
چئي: ڏنو اتم من ميهار کي، تي هن گهڙيءَ پهچان
مان ڪندي هان دوڙ دلي تي، آڌيءَ رات اتان
هن ساهہ سندي، سانيا، پورا ٻڌايا وجي پٽ کي.

3- پورا ٻڌايائين پٽ کي، تون آءُ ڪنڌيءَ ڏانهن لهي
چوريئين وجي چريءَ کي، هن ڪوليا ڪتاب ڪلي
چئي: ٻڌ بوڙا ڪنڌيءَ ۾، اها اتئي ساجن ڳالهہ سهي
اتي سهڻي ڇيو سس کي، ڏِڍي ڏوهہ ڪيئي
ڪاتي ساهڙ، ڪاتي سهڻي، خواب سندي ڳالهہ هئي

[1] بيت خود شاعر جي زباني 5- اپريل 1965ع تي ڪچهري محمد آباد لڳ سنجرپور (ضلعو رحيم يار خان) ۾ قلمبند ڪيا ويا. (ن - ب)

ننڍ پيس مثل مئي جي، چاچي! جاڳ تي ويئي
چئي: آهي ڳالهه سهي، پر هي ڪوڙ ٻڌي تي سهڻي.

4- ڪوڙي سڏائي پاڻ کي، چئين پلئه نه پايو
اڻ تڻ هيس اندر ۾، وئي ڪنپارن ڪاهيو
ڪري عرض انهن کي، هن وجي ڪَچو چتايو
سهڻي کي سس ڪيو، مارڻ جو رايو
وڏيون وتي دغا دل ۾، ديد دلي لايو
نکي پنج ڏهاڙا پندرهان، سال پيڙو آيو
جڏهن پوئيون اچي پورا تيس، هن ساجهر دلو وندايو
چئي: پلڪ ننڍ پوري ڪريان، ايندو اکين اوجاڳو
سچڻ سوري ساهه ڪئون، ويس پيلو پولايو
پوءِ رب سندو رايو، جو سهڻي اتي سيگهه مان.

5- سهڻي اتي سيگهه مئون، پيئي تارن کي تاڙي
ويئي آهي ويل وهامي، تکو تار وجان تاري
تڏ حجائتي هت هنيو، پنهنجي کي ساري
گهڙي دادلي درياهه ۾ پئي مولهيي کي واري
تنهن منجهئون، "نالي چگو" چئي، پئي سينو سڻکاري
راز ته منهنجي رب جا، پڄي تڙوڙي تاري
تو مارينڊڙ ماري، هي سڪ جهلي آهي سوهڻي.

6- سڪ جهلي آهي سهڻيءَ، پر آهي ميار ميهر تي
هلو جيڏا سينگا، چئون، سچ به ساهڙ کي:
ته ڏارين هوند بيڙي، وهارين ملاح مهاڻي کي
پتڻ سڏائين پنهنجو ته، هوند سهڻي چو مري!
پر مهڻو ميهر کي، قيامت تائين ڪاهيندا[1].

[1] يعني قيامت تائين ماڻهو ميهر کي مهڻو ڏيندا رهندا.

## (ب) ميرپور ماٿيلي طرف نثر ۾ هلندڙ ڳالهه [1]

ڳالهه ٿا ڪن تہ درويش گوگي ڇهواڻ مرڻ کان اڳ وصيت ڪئي هئي تہ منهنجي مٽي کان پوءِ مون کي پورجو نہ، پر منهنجي جسم کي وڏي ٽُڪي رڌي کائي ڇڏجو. جڏهن گوگي جا ڏينهن پورا ٿيا تڏهن سندس ٻالڪن سندس وصيت کي پوري ڪرڻ جو پهہ پچايو، ۽ گوگي جي جسم کي وڏي ٿُڪر ڪري رڌائون، پر پوءِ اڃي کين وهم ورايو تہ پنهنجي سردار جو ماهہ ڪيئن کائون! اها ڳالهہ دل تي ٻيهي وين، ۽ گهڻي صلاح مصلحت کان پوءِ فيصلو ڪيائون تہ ديڳڙو ڏکي جهنگ ۾ ڇڏي اچجي. اها صلاح سيني کي وڻي، ۽ پوءِ ائين ئي ڪيائون.

قضا سان چار چور اتان اچي لانگهائو ٿيا، ۽ هڙ ڏسي خيال ٿين تہ ڪو مال هوندو! کولين تہ ديڳڙو ٻوڙ سان پريو رکيو آهي. هٿا ٻکايل، سو ڀوُ ڪري کاڌائون. گوشت کائڻ سان چورن جا قلب بدلجي ويا، اکين جا اولا لهي وين، چوري چڪاريءَ جو خيال دل مان نڪري وين، ۽ الله وارا ٿي پيا.

هڪ ڏينهن چارئي درويش ساهڙ ميهار جي دونهين تي اچي نڪتا، ۽ کيس چيائون تہ: ٻاڪيا، اسان کي کير پٿار. انهيءَ ٿاٽي مينهون ويون هيون چرڻ، سو ساهڙ چين تہ: ادا، کير ججهو پر هن مهل پٿاريون ويون آهن چرڻ، اچن تہ پوءِ کير حاضر. درويشن چيو تہ: ٻاڳين جا پاڻ خالي ڪونهن. اها وچ جيڪا پريان بيني آهي، سا اُتي ڏهہ. ساهڙ خيال ڪيو تہ اها ڳالهہ بہ ٿي ٻبرن کان ٻير گهرڻ جهڙي، پر متان هي همراهہ سمجهن تہ کير پٿارڻ تي نيت ڪانہ اٿس، سو "سينگار" کي ڏهڻ لاءِ اٿيو، ۽ هٿ ڪٿي هٿي تہ ٿڻ سگويا بينا آهن. ڏاڍو حيران ٿيو، پر کير ڏهي آڻي درويشن جي آڏو رکيائين. درويشن کير پيتو ۽ ڀوُ ڪري ڪجهہ بچائي ساهڙ کي ڏيئي پاڻ روانا ٿي ويا:

وجهي ونگ وڇير کي، سَڪُر ميڙ سينگار
پيئندي ئي پُر ٿيا، کير سندي خومار
کين رَتي جمي رَڃ ۾، لوٽي منجهہ لغار
اوير اصيلن جي، ڪنهن سانيي سُرت دار
ڏسي دونهين جي ڏڏڪار، اَجهي سامي آئيا.

[1] راوي غمثار مهر (تعلقو ميرپور ماٿيلو).

انهيءَ ڏينهن ڏمرُ سامٽيو. سهڻي پرڻجي، ڇڄ ونيو. پنهنجي مائٽاڻي ڳوٺ پئي ويو. ساهڙ جي پاڻ مان دونهون اٿندو ڏسي ڪانئس سَوڻ خاطر ڪير جي گهر ڪيائون. ساهڙ وٽ پيو ڪير ڪونہ هو. باقي ڇئن مهمانن واري ٻچايل سرڪ پيئي هئي. هنن کي چيائين تہ: مينهون تہ جهنگ ۾ آهن. باقي هيءَ سُرڪ پيئي آهي. سا حاضر آهي چيائون تہ: سڳڻ ڪارڻ سرڪ ئي گهڻي آهي. ساهڙ اها ٻچايل ڪير جي سرڪ آڻي ڏمر کي ڏني، ڏمر وري اها ڪڻي پنهنجي ڪنوار سهڻي کي ڏني، جنهن اها سرڪ پيتي:

سُرڪ مــرڪ مشـتاق ڪئـي، ڏنـس ڏمرَ ڏهـــي
سهڻيءَ جو "سائينداد" چئي، اڳ ساهڙ هو نہ صحي
وڏي قـرب ڪـُــهي، هـن ٻـڏيءَ جـا ٻيڙـا ٽيـا.

ساهڙ جي ڏنل سرڪ سهڻي کي سندس محبت ۾ مست ڪري ڇڏيو. ساهرين گهر آئي پر اتي هڪ پل بہ ڏمر وٽ سڪ نہ آيس. آخرڪار انهيءَ سڪ ڇڪي آندس درياءَ تي، ۽ دلي تي تري وڃي ساهڙ سان ملي:

دڙ ٻـڙ دونـس دريـاءَ جـي، ڪـا جـا دوڙ دلـي
سوجهي سـهي نـہ ڪيـائين، متئون ڇَـوَ ڇَـلي
ترنـدي آئـي تـار مـان، تنهنجـي ٻـره ٻـلي
پيلـو پـائي نـہ تـيو، ڪَـڇو منجهـہ ڪلـي
ميهر شال مـِلي، اتـم جـيءَ جنهيـن جـي آسري.

سهڻي ساهڙ سان ملي موٽي ايندي هئي: اهي خبرون سَس سان ڪيائين، جنهن ڪيس ريجهائي سچو راز معلوم ڪيو. سهڻي ٻڌايس تہ: هن طرح سان درياءَ تري، ساهڙ سان وڃي ملندي ۽ رهاڻيون ڪنديون آهيان. سسڻس پوءِ پنهنجي پٽ ڏمر کي ٻڌايو تہ: تنهنجي ونيءَ جا ڪم اجهي اهي اٿئي، جو رات جو دلي تي درياءَ تري وڃي ٿي ميهار سان ملاقاتون ڪري. ڏمر کي انهيءَ تي اعتبار ئي نہ آيو هو. هڪ ڏينهن ماڻس چيس تہ: جي مون تي ويساهہ نٿو اچئي تہ، لڪي بيهي پاڻ سهڻي جي واتان اهي خبرون ٻڌ.

انهيءَ رات سان هڪ ڏهاڙي ڏمر لڪي بيٺو ۽ سس ويٺي پنهنجي ننهن سهڻي کان ساهڙ جون خبرون ونڻ. سهڻي ساهڙ جي ساراهہ مان ڍاپي ئي نہ پيئي،

چئي تہ: آءٌ دلي تي تري وڃي ساهڙ سانڻ رهاڻ ڪندي آهيان. ۽ هو منهنجي لاءِ ماندو هوندو آهي. اتي سس چيس تہ: "ٻڌ ڪنڌي، عقل جي، انڌي"! اهو اشارو هو ڏم ڏي. سهڻي ڳالهہ سهي ڪري وئي. يڪدم ڦيرو ڪائي چيائين تہ: "چاچي اتي مونکي جاڳ ٿي وئي. ڏسان تہ نہ آهي ساهڙ. نہ آهي ڪنڌي. ۽ نہ آهن مينهون. ۽ آءٌ ڏم جي پير ۾ ستي پئي آهيان". اتي ڏم کي پڪ ٿي، تہ سهڻي کنهن خواب جي ڳالهہ ٿي ڪري. ۽ ٻي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪين.

هڪ ڀيري، سهڻي ساهڙ سان ملڻ وئي. ويني ويني ساهڙ کي چيائين تہ:

"عضوي" ۾ ان جو!

(عضوو "اک"، ان جو "ڦلو": يعني اک جو ڦلو).

اتي ساهڙ ڇرڪ ڀريو. خيال ڪيائين تہ سهڻي جي سندس عيب تي نظر پيئي آهي. ساهڙ جي هڪ اک ۾ ڦلو هو. ساهڙ سور ڀِي ويو، پر مام پروڙي جواب ۾ سهڻي سان پڻ ڳجهارت ۾ ڳالهايائين تہ:

"مهينوئي مَگَهرُ"

يعني تہ جيئن چاڙهہ واري مهيني سانوڻ کان پوءِ سياري مَنگهر يا ناهري مهينو ايندو آهي، تيئن عشق جي پور کان پوءِ هاڻي پڇاڙي يا زوال آهي. تولاءِ بہ مناسب آهي "مگهر". يعني تہ هاڻي درياءَ ۾، "مَرَ گهڙ". ۽ مون ڏي نہ اچ.

ايترو سو چيائين، پر سهڻي جي ڳالهہ ساهڙ جي دل ۾ گهر ڪري وئي. سوچيائين تہ هاڻي جڏهن منهجا عيب ڏسڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کهڙي رهاڻ تہ کهڙي پريت! پوءِ ڪاوڙ ۽ خار مان ڪنيار وٽ ويو. پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪَچو گهڙو رکڻ لاءِ چيائينس تہ: گهڙو رک تہ سهڻي پوري ٿئي:

ڏينهان گهاري ڏم سان، راتيان ڏهون ميهار
ورتائين بہ پار، تيلانهہ بُڏي سهڻي.

ڪنيار ڪَچو گهڙو ناهي، ان تي پڪي گهڙي جهڙا چٽَ ڪڍي، وڃي ان جاءِ تي رکي آيو جتي سهڻيءَ گهڙو لڪائي رکيو هو. رات اونداهي ۾ سهڻي درياءَ تي آئي. گهڙي تي نظر ئي ڪانہ ڪيائين، ۽ ٽپي پئي پاڻي ۾. ٻانهون هڻندي ترندي، وچ سير ۾ پهتي تہ پيلو پُري ويو. اتي سهڻي کي خبر پئي تہ مار! موت متي تي اچي ويو. خيال ڪيائين تہ موٽي وڃان، پر ازل ڇرڻ نہ ڏنس، ۽ اتي ئي لهرين ۾ لڙهي رواني ٿي.

## (ج) غمثار مهر جي بيتن ۾ بيان ٿيل ڳالهه [1]

[بيتن جي هن روايت مان، سهڻي ۽ ميهار جي قصي جا ٽاڻا هينئن ريت ملن ٿا: سهڻي کي ميهار سان محبت کير چُڪي مان ٿي، جيڪو ميهار کان مليو هئس. جيتوڻيڪ اهو کير عاشقن جو اوباريل هو. پر جيئن ته ميهار کان مليو هوس تنهنڪري کيس سِڪ به ساهڙ جي هئي. انهيءَ ڪري، جڏهن درياءَ جي پار ميهار جي وٿاڻ مان مينهُن جي چَڙن جا آواز ٻڌائين ته بيقرار ٿي، دلو کڻي درياءَ ۾ ڪاهي پيئي. رب کان سوال ڪيائين ته: سچا ڌڻي! ساڻي ٿي سير اڪارج! پوءِ پاڻي جهاڳي وڃي ميهار سان ملي، ۽ اَسر جو موٽي آئي. ان بعد روزانو رات جو ميهار ڏانهن ويندي هئي، ۽ ان سان ويهي رهاڻ ڪندي هئي.

ميهار جي اک ۾ ڦُلو هو. سهڻي کي عشق جي پور ۾ ساهڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نٿي آيو، ۽ نکي ميهار جي انهيءَ عيب جي خبر هيس. پر هڪڙي رات سندس نظر وڃي ميهار جي اک جي ڦُلي تي پئي. تڏهن پڇيائين ته: ميهار! توکي اک ۾ ڦلو آهي ڇا؟

ميهار خيال ڪيو ته، سهڻي جي محبت گهٽ ٿي ويئي آهي. تڏهن منهنجو عيب ڏٺو اٿس. سو چيائينس ته: سهڻي! انهي عيب کي سال ٿي ويا آهن. پر تنهنجي نظر اڄ پئي آهي. منهنجو چيو مڃين ته اڄ کان پوءِ هتي نه اچج. ڇو ته هاڻي تنهنجي محبت گهٽ ٿي ويئي آهي، سو جي ايندينءَ ته نقصان ٿيندءِ. اُتي سهڻي کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ميهار کي منٿون آزيون ڪري پرچائڻ جي ڪيائين، پر هن جي دل تان اثر نه لٿو.

صبح جو ميهار هڪڙي ڪاريگر ڪنڀار وٽ ويو. اُن کان ڪَچو گهڙو چِٽائي، آڻي اُن هنڌ تي رکيائين، جتي سهڻي پَڪو گهڙو لڪائي رکيو هو. سهڻي اڌ رات جو اُتي درياءَ جي ڪپ تي آئي، ۽ گهڙو کڻي پاڻي ۾ ڪاهي پئي. ڪجهه اڳتي هلي ته دِلو پُري پيو، ۽ سهڻي غوطا کائڻ لڳي. ميهار کي سڏ ڪيائين ۽ کيس ساريندي ساهه ڏنائين.]

---

[1] غمثار پٺ ڪندو، پاڙو اُنسائي. ذات مهر، وينل چنيسر جو ترُ، تعلقو ميرپور ماٿيلو، ضلعو سکر سن 1892ع ڌاري ڄائو. پهريائين ٻين شاعرن جا بيت چيائين، پر پوءِ پنهنجا بيت پڻ ٺاهيائين. اڻ پڙهيل آهي. ٻڪريون چاري گذر سفر ڪندو آهي.

## بيت [1]

1- سهڻي ڪي سڪ ساهڙ جي، اندر منجهه اتي
دهلي ڪانه درياهه ڪان، پئي وئي مٿ مٿي
پورن مؤن پار ٽپي، نينگر ساڻ نشي
هن جو گل، "غمنار" چئي، ساهڙ ڪاڻ سڪي
لهرين ليڪي ڪينڪي، اچي سير منجهؤن سڙڪي
ڪُنن جي ڪڙڪي، منڌ مڙي ڪين "مهر" چئي.

2- مڙي ڪيئن "مهر" چئي، جنهن جي سڪ سچي
ڪاهي پوي ڪنن ۾، تڪيو رب رکي
هن جو من ميهار سان، آيو اِنهين اٽڪي
محبت ماري، "مهر" چئي، قرب جي ڪٽڪي
هن ڪي جل جانب جا، لڳا باهه بکي
پيغامن پڪي، مڙي ڪيئن، "مهر" چئي.

3- مڙي ڪيئن، "مهر" چئي، جنهن جو لڳو نينهن نئون
هن جو عشق آر اتي، جاتئون سُتڙ وهي سنئون
هن جو چاه چاڙهن سان، اچي بيڪ بٽيو
هن جي گهڻي دل گهمرن سان، جاتئون چڪ چنيو
روح سندو رَجِمون، اتس ميهر ساڻ "مهر" چئي.

4- ميهر ساڻ 'مهر' چئي، تَسِ ڪرائي قابو
چڪي منڌ چري ڪئي، جيئن وات پٽي واڳو
ڏسي جُلبا جر جا، اچي تار منجهوءَ تانگهيون
جا تي وارو ناهي ونجهه جو، اتي اچي جهٽ منجهؤن جهاڳيون
هن سان بيڙيون باجهه جون، هانوَ اندر هاڳيون
وحدت جون واڳيون، تس ميهر ساڻ "مهر" چئي.

---

[1] هي بيت خود شاعر غمنار مهر جي زباني ڪچهري ڳوٺ جيوڻ خان پتافي، تعلقو اباوڙو ۾ 5-اپريل 1965ع تي قلمبند ڪيا ويا. (ن - ب).

5- ميهر ساڻ "مهر" چئي، تس محبت جا بہ مُندا
اُتي آڏيءَ رات جو، ڏي تڪ منجهان تجلا
ٻُڌي ڪَوَ ڪُنن سان، سانير ئي سَوَلا
چلڪين ۾ چاتي سان، هٽي ڏيل منجهوئن ڏولا
لڳس ٻاڻ ڏراڙ جو، تس هزارين هُلچا
ساهڙ جا سونچا، ڳُن لڳس 'غمتار' چئي.

6- ڳن لڳس "غمتار" چئي، ولهي تي ويتر
هڪ پيئندي ڪير ڪُلي پئي، عاشق جي اوبر
لڳس تار، پُڇي پار، نَڪي ڳهاري ڳهر
لڳس تند، پُڇي پند، تي تنهين ويل تڪر
لڳس پاند، پُڇي ڪانڌ، نڪي زال نِوانئين زر
اِنهيءَ چال اُپر، لڳس ميڪ "مهر" چئي.

7- لڳس ميڪ "مهر" چئي، جيءَ اندر جائي
هن ڪي قلم قرب جي، تي ڏُڌ مان ڏنگائي
دل جو دلبر، من ۾ ميهر، هن ڪي وات اها وائي
ڪُندين سُرڪ، مُنهن ۾ مُرڪ، هن ڪي خيال هوائي
ڪندين چڪ، سهٽيءَ سِڪ، هن ڪي خوض خدائي
ڪندين ڪانهن، سهٽي ٻانهن، ديد درياءَ ۾ آئي
ڪندين چيڙ، مُندي ويڙهہ، ويتر ويس وڏائي
ڪندين مال، سهٽي حال، هو ياڳ تہ پُلائي
ڪندين پيٽ، سهٽي پيچ، ڪنهن جِن نہ جڳائي
ڪندين باڪ، سهٽي چاڪ، هن رمز سان ريجهائي
جنهن کي سڪ سچائي، سا مُڙي ڪيئن "مهر" چئي.

8- مُڙي ڪيئن "مهر" چئي، جنهن کي اندر منجهہ الله
ڏسي چر، پاڻيءَ پر، هن تي حضوري هو شعاع

ڏسي ڏِنڊ، ڪري چنڊ، ڏي پاٽي مون پڙلاءُ
ڏسي تار، ٽپي پار، نينگر تار، سا مَ بچائي ساهه
ڏسي پُور، ڪري گهور، سهڻي حور، لڳس لهر لقاءُ
ڏسي نديون، ڪپر ڪنڌيون، ٽيس امر ساڻ اُهاءُ
ڏسي ڇاڙ، ڪري تاڙ، صحبت ڳولي ساءُ
جاٽئون رڙي، اُٿئون وڙي، رکي ڪين سماءُ
جاٽون ڦيري، اُٿئون گهيري، ڪري ڏوڪ منجهه ڌڪاءُ
جاٽئون ٽڙ، پُڏي ٽڙ، گُرن جو گوگاءُ
جاٽئون گهير، پائي پير، نکي ڏهکي ڪري ڏاهه
ڏسي گهمرا، ٻڏي سندرا، هن ڪي چيتي ناهي چتاءُ
جانيَ! جيءُ بچاءُ، هن سان گڏ رهي "غمتار" چئي.

9- گڏ رهي "غمتار" چئي، هرگز حال في الحال
دريهه دڙ، ڪنن ڪڙ، سهڻيءَ هڙ، هو نيڪي منجهه نهال
ريهه جهاڳ، سهڻي جاڳ، ٻڏي راڳ، چئي منهنجو ڪانڌ ڪمال.
دريهه ڦوٽا، سهڻي چوٽا، قول ڪڏوڪا، منهنجو جيئي شال جلال
دريهه گهٽ، ڪري سٽ، هٽي هٽ، هن جو پسي ڪين رومال
دريهه گهارا، هٽي نارا، ڪري وارا، منهنجو سچا ٻنڌسوال
دريهه اوڳاڇ، ميجي ماس، وٺي واس، هن جو بيشڪ پنڌ برحال
دريهه بند، پائي رند، ناهي ڪنڌ، وٺي نہ پانئين وال
خوب جنهين جو خيال، سامڙي ڪيئن "مهر" چئي.

10- مڙي ڪيئن "مهر" چئي، جنهن کي لات لڳي لولي
ڪٽي دلو، ڪري، ٻلو، جنهن کي ٻاجهه لڳي ٻولي

16- ات گڏ ڪائي، "غمتار" چئي، هن ڪؤن جانب ناهہ جدا
ڏسي وهڪان، گھمي پوئنڪان، تس عاشق جا عـَـذبا
ڏســـي ڍورا، ٽپـــي لوڙهـــا، ويهـــي ڪيـــن وداع
ڏسي ٻيـــلا، ٽپـــي ريـــلا، پـري ســاهڙ تــان صدقـــا
ڏسي چاڙهيـن، هٿي تاڙين، تِـس روح اندر رونشا[1]
ڏسي چوليِن، ڪري ٻوليِن، تبس مـوڙ رتـل مــَن جا
سي پرور ڪي پرتـا، جيڪـي سنياليِن سـردار ڪـي.

17- سنيالي سـردار ڪـي، وجـي ڪــُـن متئـون ڪـاهي
ڏســي وٽ، هٿـي هــٿ، آســُـر الله جــو آهـــي
ڏســي جهيـر، هٿـي پيــر، ڪــَـر ڪٽـي ســاهي
ڏسي لاهـِي، هٿـي گهائـــي، چـاٻر ڪنـدي چـاهي
ڏســـِـي ٻيــٽ، ٽپـــي ريــٽ، دل نـــه دوڙائـــي
ڏســـِـي آر، ڇنـدي وار، پـــاڻ نـــه پـــُـسائي
پـوءِ ميهـر ملهـائي، ورتئيـن راهــه رســـول جـــي.
لا اِلـه الا الله محمد رسول الله.

---

[1] چاڙهين، تاڙين، چولين، ٻولـِين (ميرپور ماٿيلي طرف مهرن ۽ ٻين جو مقامي لهجو)° چاڙهيو، تاڙهيو، تاڙيون، چوليون، ٻوليون.

# روايت [4]

## سهڻي ۽ ميهار جي ماءُ پٽ هجڻ واري روايت

[سهڻي ۽ ميهار جي قصي جي هيءَ روايت سنڌ جي وچولي مان ملي. سنائُ جي لحاظ سان هيءَ روايت سنڌ جي عام مشهور قصي کان بلڪل مختلف آهي. هن روايت جا خاص نڪتا هي آهن ته: اصل ۾ ميهار سهڻي جو پٽ هو، جيڪو هڪڙي ميهار وٽ پليو. سهڻي ۽ ڏم جي شادي ۾ سوڻ طور ڪير چڪو ميهار ڏنو، جيڪو دوريشن جو بچايل هو. هوءَ انهيءَ ڪير پيئڻ لاءِ درياءَ تري ميهار وٽ آئي، جيڪو سندس پٽ هو. ميهار کي سجاتائين، پر هن چيس ته "منهنجي پٽ هجڻ جو اقرار ڏم اڳيان هلي ڪر". سهڻي ۽ ميهار بيڙيءَ ۾ چڙهي موٽيا، وچ سير ۾ ميهار سهڻي کي ساڻ ڪري درياءَ ۾ ٽپو ڏنو، ۽ بيئي ٻڏي ويا. قصي جي اها انوکي روايت هن بعد شامل ڪئي ويئي آهي.]

## سهڻي ۽ ميهار جي ماءُ - پٽ هجڻ واري روايت [1]

سنڌ ۾ ڪنهن سمي ٻه شهزادا رهندا هئا. جي پاڻ ۾ گهاٽا سنگتي هئا. ننڍي هوندي کان ئي هنن ٻنهي شهزادن هڪٻئي کي قول ڏنو ته جيڪڏهن ڪنهن ٻه هڪڙي کي پٽ ۽ ٻئي کي ڌيءَ ڄائي ته هڪٻئي کي سڱ ڏيندا. ٿوري - گهڻي ڏينهين هو ٻيئي يار تخت تي ويٺا. قدرت سان انهن مان هڪڙي کي ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو "سهڻي" رکيائين، پر ٻئي کي اولاد ٿيو ئي ڪونه. سهڻي اڃ ننڍي سياڻي وڏي، نيٺ اچي لائق ٿي. هڪڙي ڏينهن سهيلين سان گڏ، درياءَ جي ڪَپ تي راند پئي ڪيائين ته اچي اُڃ لڳيس، درياءَ مان پاڻيءَ جو ٻُڪ پري پيئڻ لڳي ته اتفاق سان ٻُڪ ۾ پاڻي جو ڦوٽو اچي ويس، جو هُن ڍڪ سان پِي ڇڏيو.

قدرت خدا جي سان پاڻي جي ڦوٽي پِي وڃڻ کان پوءِ ٿوري عرصي ۾ سهڻي کي پيٽ ٿيو، جنهنڪري هوءَ ڏينهون ڏينهن نجهر ندي ويئي. ماڻس سندس هيءُ حال ڏسي کانئس حقيقت پڇي. چوڪري ماءُ کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. ماڻس جڏهن اها خبر ٻڌي، تڏهن ڏاڍي اچي ششدر ٿي. آخر هڪ ڏينهن هڪڙي دائي سان صلاح ڪري سهڻي کي الڳ ڪنهن جاءِ ۾ رهايائين. نون مهينن گذرڻ کان پوءِ چوڪري کي پٽ ڄائو. خلق جي خواري جي ڊپ کان صلاح ڪيائون ته چو نه ٻارڙي کي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏجي. اهو فيصلو ڪري دائي ٻارڙي کي هڪ ساڙهي ۾ وجهي، فجر مهل کڻي درياءَ ۾ ٻوڙڻ لاءِ رواني ٿي. اجان درياءَ جي ڪپ تي پهتي ته ڪيس منهن سامهون ميهار گڏيو، جو مينهون پهرائي نڪتو هو. هن دائي کي فجر ويل ويندو ڏسي، هڪل ڪئي ته: ڪير آهين ۽ هن مهل پاڻ سان ڇا ڪنيو اٿئي؟ وڏي اچي ڪيس هٿ کان جهليائين، تڏهن دائي ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي ساڻس سڀ سچي ڪئي ۽ ڪيس آزي ڪيائين ته: ان ڳالهه جو پرم رک. ميهار اهو انجام ڪيو ۽ کانئس ٻار وٺي پاڻ وجهي سانديو نپايو، ۽ وڏي ٿيڻ تي ان کي کڻي مينهن ۾ ڇڏيائين. ان ڏينهن کان وٺي هيءُ چوڪرو ٻه "ميهار" جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

سهڻي کي جڏهن پٽ ڄائو تڏهن قدرت سان ان وقت سهڻي جي پيءُ جي دوست کي ٻه پٽ ڄائو، جنهن جو نالو رکيائون "ڏم". ڏم وڏي لاڏ ڪوڏ سان نپجڻ لڳو. وڏ - گهراڻو ٻار هو. سو ٿورن ئي ڏينهن ۾ اچي بالغ ٿيو. اتفاق سان ڏم ۽ ميهار جي پاڻ ۾ سنگت ٿي ويئي. سو سارو ڏينهن جهنگ ۾ مينهن سان. يا محلات ۾، گڏ گهمندي ڦرندي گذرندو هون. هو هڪٻئي کان ڪن ٻه پري ڪين ٿيندا هئا. جڏهن ڏم جوان ٿيو.

[1] هيءَ روايت (تعلقي ٺٽڊي الهيار) مان ولي محمد طاهر زادي کان ملي.

سهڻي کي سمجهه اُن کير چـُکي بيٺڻ کان پوءِ هلي ويئي آهي جيکو شاديءَ رات ميهار کيس پيئاريو هو. تڏهن پانيائين تہ کير ۾ کو ڏوهہ هو. تنهنکري ميهار سان سنگت جو ناتو توڙي، اچڻ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو هئائين. اها خبر ٻڌي ميهار جا هوش حواس ئي گم ٿي ويا. خيال ڪيائين تہ سهڻي روز رات جو درياءَ اڪري هـِن پر اچي ٿي، تنهن مان هن کي يقين ڪيئن نہ ٿيو هوندو! اهو سوچي فيصلو ڪيائين تہ اهڙي ڪا اٽڪل ڪريان، جيئن سهڻي هتي اچڻ وڃڻ ئي ڇڏي ڏي. پوءِ وڏي ميهار کان درويشن جي اوبـاريل کيـر واري حقيقت وني، ان رات پاڻ ويهي جاڳڻ لڳو ۽ وڏي ميهار کي سمهاري ڇڏيائين.

دستور موجب سهڻي وري بہ رات جو ميهار وٽ آئي، جنهن هن کي پاڻ وٽ اچڻ کان روڪيو، پر سهڻي ضد ڪيو تہ جيستائين اهو کير نہ چکائيندين، تيستائين آءٌ پيچر نہ ڇڏينديس. انهيءَ تي ميهار کي ڪاوڙ اچي ويئي، سو اکيون ڦوٽاري سهڻي تي وريو. سهڻي جڏهن هن جي اکين سان اکيون ملايون، تہ اهو ننڍي هوندي وارو اُنب جو نشان اک ۾ ڏٺائينس، جيڪو سهڻي جمڻ وقت ڏسي ورتو هو ۽ کيس ياد هو، سو دانهن ڪري چيائين تہ: تون تہ منهنجو پٽ! اهي لفظ ٻڌي ميهار وائڙو ٿي ويو. پوءِ تہ سهڻي کيس ڳراٽي پائڻ خاطر اڳتي وڌي، پر ميهار جيئن حيرت ۾ ٻينو هو تيئن پوئتي هٽڻ لڳو. آخر ميهار پيءُ جي ڪٽ ڏانهن اشارو ڪري چيس تہ: آءٌ هن جو پٽ آهيان، جو سامهون ستو پيو آهي. سهڻي چيس تہ: چڱو، تون انهيءَ کي اُٿاري ڪانئس پڇي ڏس. جڏهن وڏي ميهار کي اٿاريو ويو تہ هن سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ميهار اها ڳالهہ ٻڌي عبرت ۾ پئجي ويو ۽ سهڻي کي چيائين تہ: سمجهہ ڪٿي تہ آءٌ تنهنجو پٽ آهيان، پر هينئر آءٌ پاڻ کي تنهنجو پٽ نٿو سڏائڻ گهران، ڇو تہ پهريائين منهنجو پيءُ ٻڌائٺو پونـدءِ. پيـو تـہ جيڪڏهن اهڙو ماڻهو نہ نڪتو تہ سمجهبو تہ تنهنجا ان سان ٻيڙا لاڳاپا هئا. تنهنڪري آءٌ حرامي بار ليکبس. تيون تہ جي آءٌ پاڻي جي ڦوٽي بيٺڻ سان سرجيو هوس تہ اها ڳالهہ اعتبار جوڳي ڪانهي. انهيءَ کان سواءِ جيڪڏهن ڏم کي هن ڳالهہ جي خبر پئي تہ هو پاڻ ٻنهي کي مارائي ڇڏيندو.

سهڻي هن جي ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌي، ۽ کيس "پـٽ! پـُٽ!" ڪري ڇهڻ ڇنبڙڻ لڳي. آخر ميهار کيس چيو تہ: برابر تون منهنجي ماءُ آهين، پر هڪڙي شرط سان تہ آءٌ توسان گڏجي هلان ٿو ۽ تون اها ساري حقيقت ڏم جي روبرو هلي ٻڌاءِ. سهڻي اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ سهڻي ۽ ميهار ٻيئي گڏجي ٻيڙي تي چڙهيا. جڏهن درياءَ جي وچ سير ۾ آيا. تڏهن ميهار، سهڻي کي پاڪر ۾ جهلي قابو ڪري، وني درياءَ ۾ ٽپو ڏنو. اهڙيءَ ريت هي ٻيئي ماءُ - پـٽ درياءَ ۾ ٻڏي ويا.

---

# ضميمو

## پنجاب جي قصي "سوهني مهينوال" مطابق ڪن پوين سنڌي شاعرن جو جوڙيل "سهڻي - ميهار" جو قصو

پنجاب جي "سوهني مهينوال" واري قصي جي روايت مطابق هن پوئين دؤر جي ڪن سنڌي شاعرن "سهڻي - مهيار" جو قصو بيتن ۾ جوڙيو آهي، جنهن جي روايتن کي هيٺ ضميمي طور شامل ڪجي ٿو.

# قصو سهڻي ۽ مهيوال جو

## شاعر پير بخش جو بيتن ۾ چيل

شاعر پير بخش جي بيتن واري هن روايت ۾ قصي جي سٽاءُ هن ريت آهي ته: پنجاب ملڪ ۾ چناب درياءَ جي ڪناري تي گجرات نالي هڪڙو شهر آهي، جنهن ۾ آڳاٽي وقت ۾ "تُلو" نالي هڪڙو ڪنيار رهندو هو. ٿانون جوڙڻ ۾ جهڙس ٻيو ڪاريگر ڪونه هو. وٽس مال ملڪيت جي ڪمي ڪانه هئي. هر طرح آسودو هو، پر ڪيس اولاد ڪونه هو، جنهنڪري رات ڏينهن ان ارمان ۾ رهندو هو. هر وقت ڌڻيءَ در اولاد لاءِ سوال ڪندو رهندو هو. قدرت خدا جي، سندس عرض اگهاڻو ۽ شب قدر جي رات هڪڙي نينگري ڄايس. "تُلا" ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڌڻيءَ جا شُڪرانا بجا آڻي ڏيءَ کي دل سان لاتائين. نينگري نهايت حَسين هئي، تنهنڪر نالو ئي "سهڻي" رکيائونس.

سُهڻي، سڪي پِني ڄائي هئي، سا ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپجڻ لڳي. آخرڪار جوان ٿي ته سندس سونهن جي هاڪ ملڪ ۾ هُلڻ لڳي. سهڻي جهڙي صورت ۾ هئي تهڙي سيرت ۾. هر وقت عبادت ۽ ماءُ - پيءُ جي خدمت ۾ مشغول رهندي هئي.

انهيءَ زماني ۾ "بلخ" ملڪ ۾ "مرزا" نالي هڪڙو ناميارو سوداگر رهندو هو. وٽس بہ ڌڻيءَ جو ڏنو سڀ ڪجهہ هو، پر اولاد لاءِ سَڪايل هو، رات ڏينهن خدا کي ٻاڏائيندو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن مرزا سوداگر، ٻين سوداگرن سان ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو تہ ڪنهن ڪيس چيو تہ "فلاڻي غار ۾ هڪڙو تارڪ فقير رهي ٿو، جيڪو ڪرامت وارو ڪامل درويش آهي. وٽن جا پن سندس قوت آهن. جيڪڏهن تون انهيءَ وليءَ وٽ وڃين تہ شايد تنهنجي دل جي مراد پوري ٿئي!"

مرزا سوداگر يڪدم انهي وليءُ وٽ وڃي حاضر ٿيو. پُٽ جو سوال ڪيائين. درويش بہ ڌڻيءَ در سوال ڪري، سوداگر کي دلداري ڏني تہ "توکي هڪڙو پُٽ نصيب ۾ لکيل آهي، پر اهو جوانيءَ ۾ ئي توکان جدا ٿي عشق جيُ راهہ اختيار ڪندو". سوداگر پٽ جي خوشخبري ٻڌي خوش ٿيو ۽ فقير کان موڪلائي اچي گهر پيڙو ٿيو.

توري گهڻي ڏينهين سوداگر کي پٽ ڄائو، جنهن لاءِ سالن کان سڪايل هو. هن خيرخيراتون ڪري، خزاني کي مسڪينن ۾ لُٽايو، ۽ پٽ جو نالو عزت

بيگ رکي تمام خبرداري سان سندس پالنا شروع ڪئي. پنجن ورهين جي ڄمار ۾ عزت بيگ پڙهڻ وينو ۽ استادن کيس ٿوري ئي وقت ۾ قابل ڪري ڇڏيو. عزت بيگ جوان ٿيو ته سير شڪار ۽ راڳ رباب ۾ روح وندرائڻ لڳو. دنيا جون سڀ نعمتون کيس ميسر هيون. ڪابه ڳڻتي يا غم نه هئس. تنهنڪري هميشه خدا تعاليٰ جو شڪر گذار رهندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن سنگتي ساڻس دهلي جي شهر جي تعريف ۽ ان شهر جي گهمڻ جو اظهار ڪيو. اهو ٻڌندي ئي دهلي گهمڻ جي خواهش ٿيس. پر خيال ٿيس ته مائٽن کي اڪيلو آهيان، متان ايڏي دور دراز سفر تي وڃڻ جي موڪل نه ملي، سو ارمان ۾ پئجي ويو. اندر ئي اندر پيو ونجهلندو هو. پر ماءُ- پيءُ سان اهڙو ذڪر به نه ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن عزت بيگ، پنهنجي پيءُ کي تمام خوش ڏسي، ڏاڍي ادب سان هٿ ٻڌي، دل جو احوال اوريو ۽ دهلي گهمڻ جي اجازت گهري. مرزا سوداگر ملول ٿي ويو ۽ پٽ کي چيائين ته: "توکي پرڏيهي ڪرڻ تي منهنجي مرضي ناهي. هتي ئي توکي نوڪر چاڪر آهن، انهن تي وينو حڪم هلاءِ. ملڪيت جيڪا کپيئي سا وٺ، پر پيريءَ ۾ مون کي اڪيلو ڪري نه وڃ". پر جڏهن عزت بيگ زور پريو، تڏهن پٽ کي چيائين ته "جي توکي ماءُ موڪل ڏي ته پوءِ بلاشڪ وڃ".

عزت بيگ، پيءُ کان اجازت وٺي ماءُ وٽ آيو ۽ دهلي گهمڻ جي اجازت گهريائين. ماءُ ويچاري پٽ جو رايو ڏسي افسوس ۾ پئجي ويئي. گهڻي سمجهائڻ کان پوءِ به جڏهن عزت بيگ نه رهيو، تڏهن ماءُ کيس ڌڻي تعاليٰ جي سپرد ڪري موڪل ڏني. ماءُ کان موڪل ملندي ئي هن يڪدم تياري شروع ڪئي. قافلي ۾ هر قسم جي قيمتي وکر جا اُٺ پرائي شامل ڪيائين. ان کان سواءِ هزارين نوڪر چاڪر ۽ تنبو طولان ساڻ ڪئي، هندستان ڏانهن روانا ٿيا. ۽ منزلون ڪندي ٿوري گهڻي ڏينهين اچي دهلي ۾ پهتا.

ان زماني ۾ دهليءَ جو بادشاهه شاهجهان هو. عزت بيگ هڪ سراءِ ۾ اچي خيما کوڙيا هئا. ٻه ڏينهن آرام ڪري، سفر جو ٿڪ پيجي. هڪڙي ڏينهن سهڻي سنبري. سوکڙيون پاکڙيون ڪئي دربار ۾ آيو ۽ بادشاهه جي آڏو نذر رکيائين. جنهن وري کيس وڏو مانُ ڏئي خلعت ڏڪائي.

عزت بيگ ۽ سندس ساٿين، نوڪرن چاڪرن، سيئي دهلي شهر ۾ رهي، خوب سير شغل ڪيا. پر چوندا آهن تہ "لکيو پري، پر ٽري ڪونہ". سو عزت بيگ کي بہ عشق جي آتش سمهڻ نہ ڏنو. سو اُتان جلدئي قافلو سنيرائي، گجرات ڏانهن ڪٽي رخ رکيائين. قافلو چناب درياءَ جي پر ڏيئي گجرات ۾ پهتو. سامان سَڙو اُنن تان لاهي سراءِ پيڙا ٿيا ۽ آرام ڪيائون.

عزت بيگ ۽ سندس سنگتي اُتي شيل شڪار ڪري موجون ماڻڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن ڪين اُتي جي هڪڙي ماڻهو ٻڌايو تہ گجرات شهر ۾ هڪڙو ڪاريگر ڪنڀار "تُلا" نالي رهي ٿو. زيب زينت ۾ سندس جوڙيل ٿانوَن جهڙا، ٻيو ڪوبہ ڪنڀار نہ ناهي سگهندو. اها خبر ٻڌي، عزت بيگ پنهنجي هڪڙي نوڪر کي پڪ ڪرڻ لاءِ موڪليو. نوڪر تُلا ڪنڀار جو دڪان ڳولي هٿ ڪيو. دڪان تي طرحين طرحين رنگن سان چِٽيل ٿانوَ رکيا هئا. نوڪر اجا ٿانوَ پئي ڏٺا تہ اوچتو سندس نظر وڃي هڪڙي نوجوان ڇوڪريءَ تي پئي. جنهن جي سونهن سوپيا، حورن کي ٿي لڄايو. اهڙي سونهن پَسي، نوڪر ان ڇوڪريءَ بابت پڇا ڪئي. خبر پيس تہ اها تُلا ڪنڀار جي ڌيءَ "سهڻي" آهي. نوڪر خيال ڪيو تہ ههڙيءَ حسين نينگر جي مَٽ، ٻي ڪابہ اسان ڪٿي ڪانہ ڏٺي. اهي ٻهہ پچائيندو عزت بيگ وٽ آيو ۽ ان کي سهڻي جي سونهن جي تعريف ٻڌايائين.

سهڻي جي سونهن جي ساراهہ ٻڌي، عزت بيگ، مٿس اڻ ڏٺو عاشق ٿي پيو. ٽپ ڏئي اُٿيو ۽ نوڪر کي ساڻ ونئي، سهڻي پسڻ لاءِ اوڏانهن رخ رکيائين. دڪان تي آيو ۽ ٻهانو ڪري چيائين تہ ٿانوَ وٺڻ آيو آهيان. تُلا کي بہ ڪو انهيءَ مهل ڪيڏانهن وڃڻو هو، دڪان تي ٻي پهر ڪانہ هئي، سو سهڻي کي سڏي چيائين تہ "ڌيءَ! پري کان سوداگر ڪهي آيو آهي، ان کي وڃي ٿانوَ ڏيکار، پوءِ جيڪي پسند اچنس، تن جو مُلهہ وٺي رک". ائين چئي تُلا ويندو رهيو.

سهڻي کي ڏسندي ئي عزت بيگ جا حواس خطا ٿي ويا هئا. سو نظر اڙائي ويهي رهيو. سهڻي گهڻئي ڪاريگري وارا ٿانوَ ڏيکاريس، پر هن جي وات ۾ "هان هون" کان سواءِ ٻي ٻولي نہ هجي. آخر ڪک ٿي سهڻي ڪاوڙ مان چيس تہ "ٿانوَ وٺڻا هجن تہ وهہ واهہ. نہ تہ وقت نہ وڃايو ۽ وڃي سُکيا ٿيو". سهڻي جي واتان اهي گفتا ٻڌي، عزت بيگ، جيڪي مُنهن سامهون ٿانو آس سي وٺي موٽيو ۽ اچي پنهنجي سراءِ پيڙو ٿيو.

عزت بيگ موٽيو تہ سهي، پر عشق اندر ۾ باهہ لائي ڇڏي هيس، سو آرام ئي نہ اچيس، ڪيڏانهن ڪاڏا ويا ۽ ڪيڏانهن پيتا! سيڪجهہ وڌ تي آيس. يارن دوستن جي محفل بہ نہ وڻيس ۽ پنهنجو منهن وٺي اچي پلنگ پيڙو ٿيو. نوڪرن چاڪرن کي هن جي اها حالت ڏسي ڏاڍو ويچار ٿيو. سي مـڙي سـِڙي وٽس آيا ۽ ڪانئس انهيءَ جو سبب پڇيائون. عزت بيگ کين سهڻي جي عشق ۾ گرفتار ٿيڻ جي خبر ٻڌائي چيو تہ: "ادا، هاڻ ڪا اهڙي صلاح ڏيو، جنهن مان سهڻي سان روزانو ملڻ جي واٽ نڪري". آخر نوڪر صلاح ڏنس تہ " تون بہ شهر جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ڪٿي دڪان ڪـڍ: پوءِ سهڻي جي دڪان تان مهانگو سامان خريد ڪري، تون سهانگو وڪڻ تہ انهيءَ طرح تنهنجو دڪان بہ پيو هلندو ۽ سامان وٺڻ جي بهاني سان سهڻي سان بہ روز ملاقات پئي ٿيندي. انهيءَ واپار ۾ ناڻي جو نقصان برابر آهي، پر تو وٽ بہ ايترو ناڻو آهي جو سڄو گجرات شهر مُلهہ وٺي سگهين ٿو".

نوڪر جي صلاح عزت بيگ کي دل ۾ ويهي وئي، سو يڪدم هڪڙو دڪان خريد ڪري، ان ۾ ٺـُلي ڪان ٿانوَ وٺي آڻي رکيائين. هو ڪو هلايائين تہ "ٺـُلي ڪنڀار ڪان جيتري مُلهہ ۾ ٿانءُ ملي، ان جي اڌ ملهہ ۾ مون ڪان وٺو". ماڻهن اچي جو خريداري تي زور رکيو تہ پريل دڪان ڏينهڪ خالي ٿيو وڃي. عزت بيگ روز ٺلي جي دڪان تي وڃيو جيڪي ٿانوَ نهيل هجن، سي وٺيو اچي. انهيءَ بهاني سهڻي کي پري ڪان ئي ڏسي، دل خوش ڪيو ايندو هو. ٺلو بہ هن کي وڏو سوداگر سمجهي، مان شان سان ويهاريندو هو.

چوندا آهن تہ ڪاڏي ڪوهہ بہ کُـٽيو وڃن، سو جتي روز هزاين رپين جو نقصان هجي، اُتي اُٺ ناڻي جا بہ ڪيترو هلي ڪيترو هلندا! آخرڪار عزت بيگ واري ملڪيت بہ اچي کُـٽي. نوڪر چاڪر، سنگتي ساٿي، سڀ آهن سک سان ٻڌل تن جڏهن ڏٺو تہ عزت بيگ تہ عشق ۾ اچي سموري دولت لُـٽائي ڇڏي آهي، ۽ هاڻي جي وڏيڪ رهنداسين تہ بک مرنداسين. ۽ پڇاڙيءَ جو راهہ خرچ بہ نصيب ڪونہ ٿيندو. تڏهن صلاح بيهاريائون تہ عزت بيگ سهڻي جي عشق ۾ اهڙو قابو ٿي ويو آهي جو سندس هتان موٽڻ محال آهي. جو نہ ڪيس هتي ئي ڇڏي، پاڻ هلي وطن پيڙا ٿيون! سو هڪڙي رات وجهہ وٺي، عزت بيگ کي اڪيلو ڇڏي، باقي زهيل ٽپڙ ٽاڙي ڪٽي، روانا ٿي ويا.

صبح جو عزت بيگ اُٿي ڏسي تہ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. نہ نوڪر نہ چاڪر، نہ سنگتي نہ ساٿي! ڪوبہ ڪونهي، جنهن سان ڪٿي ڳالهائي. هڪ عشق جي آتش، ٻيو يارن جو وڇوڙو، سو پاڻ کي اڪيلو ڏسي، دنيا جي بيوفائي تي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. آخر ڪار دل کي ڏڍ ڏيئي، وجي دڪان تي ويٺو. باقي جيڪي پئسا ڏوڪڙ هئس، انهن مان ٿانوَ وٺي، پنهنجي روزاني ڪرت ڪرڻ لڳو. آخر جڏهن پئسا کُٽي ويا، تڏهن وري اوڌر تي مال وٺي اچي وڪڻڻ لڳو. وري اوڌر بہ جڏهن تمام گهڻي ٿي ويئي، تڏهن اُتان بہ جواب مليس.

هاڻي عزت بيگ کي ٻي ڪابہ واھ نظر نہ آئي، ۽ نہ وري اهڙو ڪو بهانو ٿي سجهيس، جنهن جي ڪري سهڻي جو ديدار ڪري سگهي. تڏهن هڪڙي ڏينهن تُلي ڪنڀار وٽ ويو، ۽ ان کي چيائين تہ: "آءٌ سوداگر هئس، مون وٽ بہ مال متاع گهڻو هو، پر هڪڙو چورن ڦريس، ٻيو يارن بيوفائي ڪئي، هاڻي هتي اڪيلو آهيان. ٻنان ملڪيت پرديس ۾ گذارو مشڪل آهي، مٿان وري تنهنجو قرض ادا نہ ڪرڻ سبب شرمسار آهيان. هاڻي جي مون کي پاڻ وٽ نوڪر رکين تہ پگهار مان تنهنجو قرض لاهي، پاڻ آجو ڪري ملڪ موٽي وڃان، ۽ ايترو پئسو بہ ٺئيم جو راھ خرچ ڪري وڃي وطن پهچي سگهان".

تُلي ڪنڀار، عزت بيگ جي احوال تي ويساھ آڻي، رحم ڪائي، هن کي ڪٿي پاڻ وٽ نوڪر رکيو ۽ آوي ٻارڻ لاءِ ڪکن ڪانن ميڙڻ جو ڪم ڪٿي سندس حوالي ڪيائين. عزت بيگ، تُلي جي ڳالھہ برسر مڃي، ڪک ڪانا ميڙڻ خاطر جهنگ منهن ڪيو، پر سهڻي جي صورت پسڻ ڏاران سک ئي نہ اچيس. سو ڪک ڪانا ميڙي، پري ناهي، يڪدم موٽ ڪائي. آويءَ جي پر ۾ پري چڏي، پري ڪان ئي سهڻي کي پَسي، وري جهنگ منهن ڪري، ائين ڏينهن ۾ ڏھ ور ڪري. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ايترو ڪک ڪهچر ڪٺي گڏ ڪيائين جو ٻارهن مهينن ۾ بہ نہ کٽي. تُلا ڪنڀار بہ هن جي ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. سو هڪڙي ڏينهن سڏي پنهنجي پر ۾ ويهاريائينس، ۽ طرحين طعام کارائي چيائينس تہ هاڻي ٻيو ڪوبہ ڪم ڪونہ رهيو آهي. جو تہ نوڪر چاڪر تمام گهڻا آهن. تنهنڪري تون اڄ کان وٺي خاص منهنجي ڪير پيئڻ واريون مينهون وڃي چار. ان ڏينهن کان وٺي، عزت بيگ وري مينهون چارڻ لڳو ۽ "ميهار" سڏجڻ لڳو.

هاڻي ميهار جو اهو ڪم وجي ٿيو جو صبح جو سويل مينهون پــهرائي جهنگ ۾ وٺي ويندو هو ۽ سڄ لٿي جو موٽي وٿاڻ پيڙو ٿيندو هو. پري ڪان سهڻي تي نظر پئجي ويندي هيس تہ سڄي ڏينهن جو ٿــڪ لهي ويندو هئس. ائين رهندي ڪيس ڪي ڏينهن لنگهي ويا.

هڪڙي ڏينهن شام جو سهڻي، ڪير ڏهائڻ لاءِ وٿاڻ ۾ آئي. ميهار بہ ورهين ڪان سندس قرب جو سـڪايل هو، تنهن وجهہ ڏسي، ڪيس پنهنجي درد ۽ عشق جو داستان سڻائي چيس تہ "هاڻي يا تہ منهنجي درد جو درمان ٿيءُ، يا تہ تلوار کڻي مون کي پنهنجي هٿن سان ماري ڇڏ تہ هنن سورن ڪان سدائين لاءِ جند ڇُٽي پويم". سهڻي بہ ان مهل الائي ڪهڙن پورن ۾ هئي، سو ان جي دل ۾ بہ ميهار جي محبت جي جَڙ لڳي ويئي ۽ هن جي حال تي رحم آڻي ڪيس دلداري ڏنائين.

بس، پوءِ تہ بيئي ڇٽا. جيسين هڪبئي کي نہ ڏسن، تيسين سڪ ئي نہ اچين. شام جو ميهار، مينهون ورائي وٿاڻ تي اچي تہ سهڻي بہ ڪير جي بهاني اُتي اچي سهڙي. هڪبئي جي محبت ۾ ايترو تہ محو ٿي ويا جو ڪين نہ رات جو ننڊ، نہ ڏينهن جو آرام. سهڻيءَ کي جنهن مهل وجهہ لڳي، ميهار وٽ اچيو محبت جون ڳالهيون ڪري.

چوندا آهن تہ عشق ۽ مُشڪ لڪي ئي ڪونہ. سو هنن کي بہ اهڙي حالت ۾ بہ - چار ڏينهن مس گذريا تہ گجرات جي ماڻهن ۾ چوئِپچو شروع ٿي. آخرڪار چغلخورن وڃي سهڻي جي ماءُ کي، سهڻي ۽ ميهار جي عشق جي حقيقت ڪان آگاهہ ڪيو. اهو مذڪور ٻڌندي ئي سهڻي جي ماءُ کي ننهن چوٽيءَ سوڙو باهہ وٺي ويئي. ڪاوڙ مان سهڻي کي سڏي چيائين تہ "نياڻي! هيترو پڙهيو ڪڙهيو سڀ حرام ڪري ڇڏيئي. توکي ڇا ٿيو جو هڪڙي ڪنگال نوڪر سان وڃي نينهن اڙايئي!" سهڻي جواب ڏنس تہ "امان! انگ ازل جو ائين ئي لکيل هو. منهنجو ڏوهہ ڪونهي. جيڪي قسمت ۾ لکيل آهي. سو اُوس ٿيندو!" پوءِ ماءُ ڪيس، ميهار ڪان پاڻ پــلڻ لاءِ گهڻئي چيو، پر سهڻي ڪيس جواب ڏئي ڇڏيو. انهيءَ تي ماڻس، ڪيس پٺ پاراتا ڪرڻ لڳي.

مجاڻ جو ماءُ ڏيءَ جي اها مقال تُلو ڪنيار ٻڌندو پئي آيو. سو ڪاوڙ ۾ تـَپي لال ٿي ويو، ۽ انهي مهل ئي ميهار وٽ ويو ۽ ان کي چيائين: "مون توکي

بي وسيلو ڏسي تنهنجي مدد ڪئي، پر تو نمڪ حرام تي انهيءَ وڻ کي وڍيو، جنهن هيٺ آرام ڪيئي. توکي جيڪر جوڳي سزا ڏيان ها، پر خدا جو خوف رکي، ڇڏي تو ڏيئين. هاڻي هيئر جو هيئر منهنجي اکين اڳيان ٽَري وڃ".

هڪ طرف تلي جو حڪم ٻڌي، ٻئي طرف سهڻي تي ٿيندڙ سختي ڏسي ميهار وڏي غم ۾ پئجي ويو. مانڙي ڪري، گجرات شهر ڇڏي هليو ويو. جيڏانهن ڪنڌ تيڏانهن پنڌ - جهنگ منهن ڏيئي پنهنجي حال تي ۽ سهڻي جي وڇوڙي ۾ رات ڏينهن روئندو رهيو. آخر ڪار خيال ڪيائين ته هاڻي هن جوءِ ۾ گذارڻ محال آهي، تنهنڪري فقيراڻو لباس ڪري، درياءَ جي ٻيءَ پـر وڃي مڪان ٺاهي وينو، جتان گجرات شهر کي ڏسي پئي سهڻي کي ياد ڪيائين.

هوڏانهن سهڻي جي ماءُ - پيءُ پاڻ ۾ مصلحت ڪئي ته جو نه سهڻي جي شادي ڪري ڇڏجي ته من ميهار ارواح تان پلجي وڃيس، سو تڙ تڪڙ ۾ پنهنجي عزازت ۾ هن جو سڱ ڪري ڇڏيائون، ۽ ڏاڍا ڏاج ڏيوڻ ڪري سهڻي کي ساهرين گهر روانو ڪيائون. گهوٽ کي جو سهڻي جهڙي سدا ملوڪ ڪنوار ملي وئي هئي، سو ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي. آخرت رات جو گهوٽ ڪنوار اڪيلا ٿيا، ته گهوٽ وڃي سندس پلنگ تي وينو. سهڻي کي ته هئي ميهار جي وڇوڙي جو ارمان، تنهن زار زار پئي رنو. گهوٽ ليکي ته سهڻي مائٽن جي ارمان ۾ ٿي روئي، سو پاڀوھ سان پرپائڻ ۽ پرچائڻ لڳس. تنهن تي سهڻي خدا کي سوال ڪيو ته "مون کي هن بدوءَ جي دست اندازي کان پناھ ڏي". قدرت سان، سهڻي جي گهوٽ تي اهڙو ڪو ازغيبي اثر اچي پيو جو هو پئي پلنگ تي وڃي منهن ويڙهي سمهي رهيو ۽ سهڻي ٻه ميهار کي سارينديي سمهي رهي.

هوڏانهن ميهار کي جڏهن سهڻي جي پرڻجڻ جي خبر پئي، تڏهن هڪڙو خط، مهڻن ۽ ميارن جو لکي، سهڻي جي هڪڙي ساهيڙي کي ڏنائين ته وڃي سهڻي کي ڏي. سهڻي کي خط مليو ته خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳي. يڪدم خط پڙهيائين، پر خط ۾ هئا رڳو مهڻا ۽ بيوفائي جا ڏوراپا، سو افسوس ۾ پئجي ميهار کي جواب ۾ لکيائين ته: جي يار سچار آهين ته منهنجي ڳالھ تي ڀروسو ڪر. منهنجي شادي برابر ٿي آهي، پر منهنجي رضامندي کانسواءِ. ڏاڍن مون سان ڏاڍ ڪيو، پر خدا منهنجي لڄ بچائي آهي. آءٌ پاڻ تنهنجي جدائي ۾ رات ڏينهن رئندي، توسان ملڻ لاءِ ڏٺيءَ در سوال ڪندي رهان ٿي. هاڻ اڄ رات جو درياءَ تري اورينءَ پر اچ ته اتي ملاقات ڪريون.

قاصد خط وڃي ميهار کي ڏنو. وڇڙيل يار کان وصل جو خط پڙهي، اولائي لهي پيس، ۽ غم وهم سڀ وسري ويس. يڪدم سنيري نهي، درياءَ جي ڪنڌي تي ويو. ۽ ميربحر کان تازو ڪرڙو ملهه وٺي، چيري، مرچ مصالحا وجهي، پچائي سوڪڙي ڪري پاڻ سان ڪنيائين. هوڏانهن سج لٿو، هيڏانهن هيءُ درياءَ ۾ گهڙيو. ٻيءَ پر ۾ تي سهڻي اڳيئي هن جي انتظار ۾ ويٺي هئي. ٻيئي عاشق معشوق پاڻ ۾ مليا. هڪٻئي سان سور اوريائون، پڪل مڇي، گڏجي ڪاڌائون، ۽ پوءِ ويهي محبت جي ريجهه رهاڻ ڪرڻ لڳا. تان جو پرهه ڦٽيءَ جو وقت اچي ٿيو ۽ هنن هڪٻئي کان موڪلايو. موڪلائڻ وقت سهڻي چيس تہ: ميهار! تون روز رات جو درياءَ تري ايندو ڪر، نہ تہ آءٌ روئي رڙي مري ويندس. آءٌ روز هتي تنهنجو انتظار ڪنديس. ميهار تہ گهورو ٿي ان ڳالهہ جو هو، تنهن ٻيءَ رات اچڻ جو وعدو ڪري موڪلايو. ان بعد هو روزانو رات جو پڪل مڇي پاڻ سان کڻي، درياءَ تري اچي سهڻي سان ملندو هو. ائين هنن کي ڳچ ڏينهن گذري ويا.

هڪڙي ڏينهن قدرت سان مينهن ۽ طوفان اچي ٿيو، سو ميهار کي مڇي ملي ڪانہ سگهي. جيئن تہ هو روزانو مڇي پچائي کڻي ويندو هو، تنهڪري ان ڏينهن هٿين ٺلهو وڃڻ مناسب نہ سمجهائين. ٻي بہ ڪا اهڙي شيءِ ڪانہ ٿي سجهيس، جيڪا سهڻي لاءِ سوڪڙي ڪري کڻي وڃي. آخر خيال ڪيائين تہ اهڙي محبوب لاءِ پنهنجي جان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو تحفو ٿي سگهي ٿو؟ سو ڪاتي کڻي پنهنجي ران مان گوشت ڪوري، ان ۾ مرچ مصالح وجهي، جيئن مڇي پچائيندو هو، تيئن ناهي، مٿي سان ٻڌي، الله توهار ڪري درياءَ ۾ گهڙي پيو.

هوڏانهن سهڻي بہ درياءَ جي ٻيءَ پر تي ويٺي ميهار جو رستو ڏنو. ميهار کي البت ڪجهہ دير ٿي ويئي هئي. سهڻي کي دل ۾ دليل پيو تہ متان مينهن واءُ کان ڊڄي ميهار ويهي رهيو هجي!... اڃان انهيءَ اڻ تڻ ۾ هئي تہ ميهار بہ اچي سهڙيو. سهڻي سندس عشق صادق ڏسي، ڊوڙي وڃي ڀاڪر وڌس. سهڻي کي ساهرين گهر ماني زهر ٿي هئي. سا ميهار جي انتظار ۾ هوندي هئي تہ هو پڪل مڇي آڻي تہ گڏجي ويهي کائون. ان رات بہ سهڻي هئي بکايل. امالڪ پڪل گوشت مان ٽڪر وات ۾ وڌائين پر ذائقو بدليل لڳس، سو ميهار کان

پڇيائين تہ: اڄ ڇا آندو اٿئي؟ ميهار ڪچيو ٿي ڪونہ. تنهن تي سهڻي وري چيس: توکي قسم آهي، جيڪا حقيقت هجي سا کولي ٻڌاءِ! تڏهن ميهار کيس حقيقت کان واقف ڪيو. اتي سهڻي منهن مٿو پٽي زار زار روئڻ لڳي تہ اهڙي بک ئي گهوري، جنهن مان جيءَ جو وڃاءُ ٿئي. آئيندي لاءِ ميهار کي چيائين تہ: هاڻي درياءَ تري اچڻ جو منهنجو وارو آهي- ۽ تون پرينءَ پر ويهي منهنجي اچڻ جو انتظار ڪج.

ٻيءَ رات، سهڻي بہ پهر رات جا گذاري، دلو کڻي، لڪندي لڪندي درياءَ تي آئي، ۽ الله توهار ڪري درياءَ ۾ گهڙي پئي. هٿ هڻندي، لهرين مان لڏندي، پرينءَ پر پهتي، جتي ميهار اڳيئي سندس انتظار ۾ وينو هو. باقي رات رهاڻ ڪري، ميهار ساڻ وري ملڻ جو وعدو ڪري، صبح ٿيڻ کان اڳ سهڻي وري واپس موٽي آئي. اهڙي طرح سهڻي بہ پنهنجو دستور بنائي ڇڏيو ۽ روز رات جو درياءُ تري ميهار سان ملڻ ويندي هئي. توڙي اونداهي رات هجي يا طوفان، پر سهڻي جي سڪ ۾ ڪو فرق ڪونہ آيو.

هڪڙيءَ رات جيئن تي سهڻي اُتي گهر مان نڪتي، تہ سندس نڻان جي اک کلي پئي. اُها بہ پير پير ۾ ڏيئي، سندس پٺ اچي درياءَ تي نڪتي، ۽ سمورو لقاءَ ڏسي موٽي اچي سمهي رهي. ٻئي ڏينهن نڻانس ڇا ڪيو جو هڪڙو ڪَچو گهڙو کڻي وڃي انهي هنڌ رکي آئي، جتي سهڻي پڪو گهڙو لڪائي رکي آئي هئي، ۽ اتي رکيل پڪو گهڙو کڻي پاڻيءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيائين. دستور موجب، سهڻي اڌ رات جو اُتي درياءَ تي آئي. اُتي جان کڻي ڏسي تہ مار! پَڪي گهڙي بدران ڪَچو گهَڙو رکيو آهي! حيران تي ويئي. خيال ڪيائين تہ ڪَچو گهڙو پاڻيءَ ۾ پوڻ سان پُري پوندو، پر عشق جي راهہ ۾ پوئتي موٽڻ مهڻو آهي. پوءِ تہ ڌڻيءَ در سوال ڪيائين تہ: يا خدا! مون کي هن سير مان اُڪاري پار ڪرين! ائين الله توهر ڪري، ڪَچو گهڙو کڻي درياءَ ۾ ٽپي پئي.

انهيءَ رات قضا سان، سياري جو سيءُ بہ زور هو تہ اوريڪن جي بہ انتها ڪانہ هئي. ڪِنوڻ، گجگوڙ، مينهن، واءُ، درياءَ جي ڇولين، ڪُنن جي ڪَڙڪن، سڀني سهڻي کي هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ ڪنهن جي بہ

پرواهه نہ ڪري، ميهار اڪئين ڪري، تَرندي پئي ويئي. اجان وچ سير ۾ مس پهتي تہ ڪَچو گهڙو ڳري ويو. پر سهڻي همت نہ هاري ۽ اونهي پاڻي ۾ هٿ - پير هڻي تَرڻ لڳي. مگر جيئن تہ اڻتارو هئي، انڪري توري ئي دير ۾ غوطن پنيان غوطا ڪائڻ لڳي. تان جو پاڻيءَ ۾ پاڻ پتوڙيندي پساهہ ڏنائين ۽ لهرين ۾ لڙهڻ لڳي.

هيڏانهن سهڻي ساهہ ڏنو. هوڏانهن ميهار ڪي پسڻ پيا. پڪ تيس تہ سهڻي وجي واڳن وات پئي، سو ٽپ ڏيئي اُتيو ۽ سهڻي ڪي سڌ ڪندو وجي چناب درياءَ جي قهري ڪُنن ۾ پيو. اهڙي طرح سهڻي ۽ ميهار، ٻنهي سچن عاشقن هڪبئي تان جان فدا ڪري ڇڏي.[1]

---

[1] هيءَ روايت "قصو سهڻي ۽ مهيوال جو" چپيل ڪتابڙي تان ورتل آهي، جنهن جو پهريو ڇاپو هريسنگهہ پرنٽنگ پريس سکر مان 1915ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو سنہ 1926ع ۾ ڇپيو. ڇپيل ڪتابڙي جا عڪس انڊيا آفيس جي ڪتبخاني (لنڊن) مان حاصل ڪيا ويا. (ن. ب.)

# ميان پير بخش سهراب جا چيل بيت

1- تعريف آهه سبحان جي، جنهن جوڙيو هي سنسار
رازق رب رحيم آهي، قدرت جو كلتار
حيُ حنان حكيم آهي، صاحب رب ستار
تنهن مُكو محمد هاشمي، اڙين جو آڌار
هيڻن جو همراه ٿيندو، شافع روز شمار
رحمة للعالمين، سونهارو سردار
چارئي يار رسول جا، موچارا مهندار
چارئي پيارا پاڪ جا، سرور جا دلدار
تن جا ذكر اذكار، توريت ۽ انجيل ۾.

2- پنجاب ۾ پدرو هڪ، شهر آهي گجرات
پر درياءَ چناب جي، خاصو كان كنيات
"تُلو" نانءُ كنيار هو، اُت اُتم عالي ذات
ٺيا، كُوزا، باديا، جوڙي ڏينهان رات
اُستاكار عجيب هو، محبت سان مرجات
ان وٽ چاندي سون، بيون اشرفيون افراط
رهي منجهه گجرات، هي آسودو هو ان حال كان.

3- بيو سيكي موجود هوس، هك هئس نا اولاد
اُن انداهي الم كان، رهندو هو ناشاد
عرصي بعد اُن جي، خالق بڌي فرياد
جايس ڌيءَ سلڇڻي، وريو بخت ويو بيداد
دانهه ٿيو دلشاد، راضي گهڻو روح ۾.
كمي نه كنهن ڳالهه جي هئي هن كي كا حاجت
اصل كان اولاد جي، هك هيس حيرت
كري آه الك كي نياز منجهان نئوڙت.

4- جنهن شب ڄائي نينگري، سا هئي شبِ قدر
چهرو چوڏهينءَ چنڊ جان، خوشرو هئي خوشتر
ماڻهن پسي مهتاب ڄان، حسن چڱو هيڪر
ڇيائون هيءَ حور آئي آهي، تي عدن کان اظهر
صورت پسي سهڻي، ناز پري نينگر
نانءُ رکيائونس "سهڻي"، ڪري حمد شڪر
واحد جي وحدت ڪي، واڪاڻين ويتر
دل لائي دختر، نپايائون ناز سان.

5- سهڻي جي عمر جا، جڏهن گذريا ٻارهن سال
ڪاڪل تيس ڪُنڍڙا، اَبرو وانگ هلال
درميان ابرن جو خوش پيو، سونهي خال
عينان پسي ان جون، شرمنده ٿيا غزال
ڏند موتين جيان منڌ جا، تين لڄي پيا لعل
سسئي، سورٺ، سهڻي جي، مٽ نہ منجهہ جمال
حسن تنهن جو ڇا ڪريان، شرح سڀ احوال
پسي حسن ڪمال، مرون ٻيِ مشتاق هئا.

6- هڪڙو نينهن نماز سان، ٻيو پڙهي نت قرآن
"وماخلقت الجن والانس الاليعبدوا" ٻڌي فائق جو فرمان
ساري سيئي رکي، روزا منجهہ رمضان
هردم ذڪر رب جو، هر گهڙيءَ هر آن
ريءَ نالي رحمان، منو مُورئون نا لڳي.

7- لکيو روز ازل جو، ڪڏهن ڪين ٽري
انگ اصل کان ان جو هو، لکيو عشق آري
هاڻي قادر ڪرم ڪري، ميلي يار ميهار سان.

8- لکيو پري نہ ٽري، ڏس قادر جي قدرت
هڪ سوداگر سڀرو. هيجئون سان حشمت
"مرزا" نانءُ مشهور هو. منجهہ "بلخ" ولايت
چئي: مون سان ڪر فرزند جي، شفيع لڳ شفقت
مڙني مسڪينن کي، دل ڏنئين دولت
راحم ڪر رحمت، چئي سدا سبحان کي.

9- پٽ ملڻ جي تنهن کي، هردم هئي اُڪير
هڪڙي ڏينهن مجلس ۾، ڪنهن ڪئي تقرير
تہ غار فلاڻيءَ ۾ رهي ٿو، مخفي هڪ فقير
ڪامل ڪرامت کي هو، پهتل آهي پير
ڪائي پن وٽن جا، دانہ ڏاندا گير
وڃ تون هليو ان ڏي، هو آهہ روشن ضمير
بڌي خبر خير جي، سرهو ٿيس سرير
ويو جلد وليءَ ڏانهن، عاقل مرد امير
هيڻيءَ دل حقير، ڪري عرض اولياءَ کي.

10- عرض ڪري اولياءَ کي، ڪيڏ بڌن کي بيهار
بيڙي ٻڏل بخت جي، تڪ تارون تون تار
وارث ناهہ ملڪيت جو، آهيان آءُ لاچار
ڪري سوال سميع کي، مون کي فرزند ڏيار
دعا تنهنجي مستجاب، ڪندو ڪردگار
ساعت نيڪ سعيد هئي، هئڙو چڱو وار
راضي مرزا تي ٿيو هو. گداگر لک وار
مرزا سان موٽي ڪئي. زاهد هيءَ گفتار:
پٽ تو ڏيندءِ بادشاهہ. لهندءِ گرد غبار
پر عاشق ٿيندو اوچتو. سونهن پريو سردار
ڪوڏان ڪامگار. آيو موڪلائي ميز کان.

11- مرزا تي مولئٰ ڪيا لک فضل افضال
پٽ پيدا ٿيو ان کي، چهرو چنڊ مثال
خوش گهڻو خوشحال ٿيا، جي سڪيا تي سؤ سال
پلي ڪين پال، پُنيون مرادون من جون.

12- ”عزت بيگ“ ان جو، تن نالو رکايو
خزانو خيرات تي، ان لکين لُٽايو
ٿَن نينگر کي ناز سان، نرتان نپايو
پڄاڻا پنجين ورهيه، تن پڙهڻ ويهَاريو
علم پڙهيو عشق مان، ستت ڪري سبعيو
روح گهڻو رايو، ادب ۾ اُستاد جي.

13- پڙهيو ٿوري ڏينهڙي، علم نظم نثر
لغت، عروض ۽ قافيون، اِنشا، علم جبر
علم معاني ۽ بيان، معَما، علم جفر
هندسو، رمل، طلسم، سمجهيو سربسر
منطق، حڪمت، موسيقي، اخلاق ۽ مناظر
علم نجوم، ڪلام ۾، ٿيو قابل باڪر
فقه، حديث، جرثقال منجهه، تعويذات تڪبر
تهدل علم طب ۾، ٿيو بيشڪ باخبر
عاقل ڪوبہ اڪر، ڇڏيو نہ ڪنهن علم مان.

14- ڪڏهن گهاري گهر ۾، ڪڏهن رهي شوق شڪار
ڪڏهن ريجهي راڳ سان، ڪٺي هٿ ستار
غم نہ ڪڏهن هن کي، رهي دائم شڪر گذار
ڪنهن ڏينهن ڪنهن ساٿيءَ ڪئي، هيءَ عاقل سان اخبار
تہ جي ڪرين سير سوار ٿون، دهليءَ جو ديدار
دهليءَ جي ديدار سان، وڃن گرد غبار
نالو دهليءَ جو بڌي، جاڳيس جيءَ ۾ جار
سورن جو سردار، حال نہ ڳرهي ڪنهن سان.

15- والـد کـي کنهـن ويـر ۾، خـوش جـو ڏنـائين
بـَـڌي ٻـانهون ادب سـان، ائيـن عـرض اُتـائين
چئي: تون مجين منهنجو تہ، کيان عرض آبا سائين
قسـم قـول ونـي کـري، ائيـن اُتـائين
دهلـيءَ جي درسن جو، پـيءُ سان قصو کيائين
مـرزا مـاندو ٿيـو گهڻو، ٻيو ڪجهہ نہ ڪُـڇيائين
ائيـن چيـائين، فهميـدي فرزنـد کـي.

16- توکـي پرڏيهـي کـرڻ، منهنجـي مرضـي ناهـ
تنهنجـا چـاکر کيتـرا، تـون تـن تـي حکـم هـلاءِ
توکـي پرانهيـن پنـڌ تـي، وڃـڻ کيـم جڳـاءِ
دنيـا دولـت بـي عـدد، هـيءَ توئـي لاءِ آهـ
پيـارو پسـر ريءَ ناهـ کـي، تـون لالـن لک لـُـٽاءِ
ماءُ - پيءُ کي منهنجا پرين، تون هتان پنهنجن هلاءِ
مون کان جا موکل گهرين، پـر مـادر کـان موکلاءِ
هـيءَ حقيقـت حـال جـي، هـن کـي سـڀ سـڻاءِ
پـر محـب مناسب ناهـ، مسـافر ٿيـڻ ملـک تـي.

17- چئي: ڏي تون رخصت راز سان، آءُ دهلي ديکيندوس
انـدر عرصـي ٿـورڙي، وري اوهـان وٽ ايـنـدوس
نوکـر چـاکر کيتـرا، سـاڻ ونـي وينـدوس
"السـفر وسيلـة الظفـر" مـان تـان مـاڻيندوس
آءُ نہ کـوڙ کنـدوس، اوهـان پـاڙيو انجـام کـي.

18- پـاڙي ان اقـرار کـي، موکـل ڏنـي ميـر
حـامي حمـايت تـو سـندي، هـردم شـاهہ شـبير
مـادر کـان موکلاءِ تـون، تـان دانـہ نـہ ٿئـي دلگيـر
تهـدل کـري تدبيـر، والـده وٽ آئيـو.

19- مادر کان مغموم ٿي، موڪلايو اُن ماد
چئي: راضي ٿي رخصت ڏئينم، ڪري بسم الله
منڊ ماندي ٿي من ۾، سڀجهي ڪانـ صلاح
رايو پسي پُٽ جو، سَسي ويئي منجهہ ساھ
ڪري لک لک وينتيون، هن سوئنپيو ڪي الله
هوندين امن ۾ الله جي، رهندين مرسل جي نگاهہ
تيو جهان سياھ، اکين ۾ ان زال جي.

20- عزت بيگ تيار ٿيو، ڪري الله توهار
ڪنيائين نوڪر ڪيترا، پيا اَسپ ڪئين هزار
تن تي جُهلان زربفت جون، موتين سان مڙهار
اسپ عربستان جا، ڪي ڪنان ملڪ تاتار
ڪوڏان قافلي ۾ ڪنيائون، ڪتوريءَ بار
لعل بدخشان بيحد، الماس اڪيچار
گوهر موتي مرجان، زبرجد جومار
نيلم ۽ پکراج پيا، مرواريد مڻيار
ڳٺي چڱو وار، هليا هندستان ڏي.

21- ڪهندا ڪئين ڏينهڙا، دهليءَ منجهہ آيا
گڏجي سڀ سراءِ ۾، ڪن لهڻ جا سعيا
تهدل تنبو ڪيترا، اُتي انهن اڏايا
پنهنجا مندل مچايا، پرديسيءَ پرڏيهہ ۾.

22- بادشاھ هو دهليءَ جو، منجهہ انهيءَ ايام
شاهجهان والا حسب، ان عادل جو نام
هي ب ويا سنبري، سندي شاھ سلام
تحفا تهدل سوکڙيون، رکيا نذر نيڪ انجام
تيو عزت بيگ تني، مشفق مير تمام

ثاني ان صورت جو، پيو جوڙ نہ جڳائي
آوند ونــي آئيو، ڪچهريءَ ڪاهي
مرزا جي من کي وڻيا، ويس ساهہ کي سيبائي
هڪ هڪ ونــي هڪ ٻين، کي ڏانهہ ڏکائي
نوڪر نرتان پيو فتور، تو ستل جاڳائي
مرزا عزت بيگ کي، تو سورهيہ سمجهائي
تہ دختر ان ڪنيار جي، جي ڏسو دل لائي
تہ وڃن هوش حواس سڀ، آن ڪان ڇڏائي
شل قادر پنهنجي ڪرم سان، توکي منڌ هوءَ ملائي
توکي مولا ملائي، آهي لالن لائق تو سندي.

-26 خادم جي خبر ٻڌي، تيو مرزا مستانو
آئي اليل عشق جي، ڪيو ڏانهہ ديوانو
هاتڪ حوض حسن مان، پيتو پيمانو
موهجي مدهوش تيو، ٻڌي حسن افسانو
ڀڳڻ تيو ڀانهو، سور ٻڌائين سندرو.

-27 ڳالهہ ٻڌي ڳوڙي کي، ٻيهر لڳو ڀاڻ
نوڪر سان تي نڪتو، هليو هن وتاڻ
ڪوڏان ڪنير کي چيو، آيا آهيون تانو ونڻ ڪاڻ
هن کي ٻي ڪو ڪم هيو تڪڙو، سو پانوَ هليو ناپاڻ
سڏيائين سهڻي کي، تہ تون وڃ هنن ساڻ
نيئي ڏيکارين هاڻ، برتن بلڪل بي مثل.

-28 هو تان سوداگر سونهن جا، سونهن پسڻ آيا
ٻهاني برتنن جي، منــي محب ملايا
پنڌ تنهين جا پاڻ ڪندو، صاحب سجايا
صورت سوهڻيءَ جي پسي، ڳُڻتيءَ ڳارايا
تيو عاشق سوڄان سان، اُن سور سڀ اختياريا
پانـوَ پرايا، ڏک سک پنهنجي ڏيل م.

29- سوز مان سهڻيءَ سان، ڪن هرهر حڪايت
سودي ۾ ڪبر سهڻي، تي راضي رعايت
ڪڪ تي ڪامڻ تن سان، ڪئي هيءَ ڪتابت
تہ ونو تہ وهواهہ، نہ تہ سنبهو سلامت
غصي مان غريبن تي، ڪيائين مهندا ملامت
عاشق ڪي ان ماڳ تي، ڪاري تي قيامت
ويرن ورتا تانوڙا، سڻي سڀ شڪايت
پوءِ اچي اقامت، ڪيائين موتي ماڳ تي.

30- جانب جاڳهہ پانهنجي، تيو هوشان بيهوش
ڪچي پچي ڪينڪي، مستيءَ ۾ مدهوش
ڪائڻ پيڻ ۽ خواب ڪي، ڪيو فائق فراموش
هڪدم حلقہ بگوش، سورهيہ تيو صورت جو.

31- ڪنهن ڪي سلي ڪينڪي، دردن سندو دَل
جالڻ جانب يار ريءَ، موتي تيس مشڪل
وچوڙي ۾ گل جي، جيئن بيراڳي بلبل
ويهڻ وهہ وريام ڪي، جيئڻ تيو جنجل
پر تان پهرين منزل، ماندو ڪيو ملوڪ کي.

32- چيائين سنگت ڪي سڪ مان، ڪا سهڻي ڏيو صلاح
ساهہ ڪيو سوگهو جنهين سو، مون سان ملي ماه
هڪڙي نوڪر هوت ڪي، ڏني هيءَ صلاح فلاح
آگو پاڻ الله، سندءِ درد دفع ڪندو.

33- مصلحت مان مسڪين جي، مج تون مهربان
گوشي منجهہ گجرات جي، تون دانهہ ڪڍ دڪان
مُلهہ مهانگي آڻ تون، ڪوڙين ڪر قربان

سجهڻون وڪڻ سستا، پس حسن حسينان
روزمره ديدار جو، دل مان ڪڍ ارمان
عشق عقل کي اصلئون، نسنگ ڪري نادان
من ڪري محب توتي، الله لڳ احسان
آگو ڪندو آسان، درد تنهنجا دل ۾.

34- نوڪر سندي ڳالهڙي، واڌو وڻي وير
هوت ڪڍيو هٿ گجرات ۾، ترت ڪري تدبير
آڻيندو آوند هو، نت دانهه دلپذير
تلي ڪان تڪرار آڻي، وني مهانگسا مير
سورهه سستا وڪڻي، دانهه ڏنڌا گير
اصل عشق عقل کي، سمجهي صاف حقير
عشق ڇڏي نان ڪنهن کي، توڙي پير فقير
ازل ڪان ائين لکيو، هن جي هيءَ تقدير
نوڪر مڙيئي مير جا، سڀ صغير ڪبير
حال پسي هن جو تيا، درد پريا دلگير
سمجهائڻ نا سمجهي، انهن جي ٻـ امير
پختي ڪئي پاڻ ۾، سين هيءَ تدبير
تہ اهي اسان کي وطن جي، اندر منجهہ اڪير
مرزا هت مست تيو، قاتو بي تقصير
هاڻي مخفي مڙيئي مير، هلون هن جوان ڪان.

35- ڇڏي ويا ڇورو ڪري، مرزا کي منجهہ خواب
هو تن ٻاجهو هيڪلو، تيو بيراڳي بيتاب
ويو ڪاڏي شوق شتاب جو، ڪاڏي رنگ رباب
ڪٿي ويئي دنيا وير جي، ڪاڏي ويا احباب
پئسا ڏوڪڙ پاڻ سان، نيائون بيحد بي حساب
ڪشالا ڪامل جي، برهہ لکيا هئا باب
اچي ڪليا عاشق تي، اوکيءَ جا ابواب
شاڪر تي شتاب، رضا تني راضي رهيو.

36- راضي رضا تي رهيو، برهه کيو بيحال
ڪٽي ويا خان جو، ملڪ خزانو مال
رهيو نا رانول وٽ، ڪو مٽن مان مثقال
اصل ته امير هو، پر ڪرمن کيو ڪنگال
ته به پسي روز پرين جي، جانب جوت جمال
آٽي ٽانوَ اذار تي، جڏهن ڪٽس مال و منال
پوءِ ملي نه اوذر مورهين، سُجي کي سفال
جيئڻ ٿيو جنجال، پانوَ کي پرديس ۾.

37- پانوَ جو پرديس ۾، مشڪل ٿيو مشغل
ڪري مصلحت من ۾، ويو تلي وٽ تهدل
چئي: مال خزانو ڪيترو، مان وٽ هو بي ملهه
سو ڪٽي چور ڦري ويا، منجهان مون محل
سچ چوان صاحب اڳيان، پانئج نا باطل
آءُ رهيس هت هيڪلو، تنها سان توڪل
بنان مال مِلڪ جي، جالڻ ٿيم جنجل
ريءَ ادائي قرض جي، آهيان خوار خجل
ڪري ڪابه ڪهل، رکو نوڪر مان مسڪين کي.

38- جيترو قرض اوهان سندو، مٿي مون آهي
وجڻ واجب بئي طرف، جوڙ نه جڳائي
هاڻي عرض هي آهي، ته ڪريو غور غريب جو.

39- تهين ويل تُلي چيو، تون چاڪڻ رهين چو نه
ڪم ڪڻ ميڙڻ ريءَ، بيو ڪامل آهي ڪونه
چاڻي فخر پانهنجو، اُتي صاحب پانيو سون
ڪچري جي ميڙڻ ۾، قصور ڪندس ڪونه
راتيان ڏينهن رهيونِ، حاضر همه حال ۾.

40- عشق آهي اول کان اصل اٿانگو
ڪي سورهيه ڪڻن سر تي، ڳلا جو ڳهانگهو
رکن "پيرل" ڪينڪي، سورهيه سر سانگو
لک لڳا اشراف کي، نينهن ڪري نانگو
سِر ڏيئي ساءُ ونڻ، مور نه مهانگو
سستو سهانگو، پاڻان پائن پاند ۾.

41- جانب کي هُت جهنگ ۾، اچي نا آرام
ڪڪ ۽ ڪچرو ڪيترو آٿي صبح شام
سر تي سالڪ سمجهيو، عيش نشاط حرام
ميڙي ڍير وڏو ڪيو، جذبي منجهان جام
ڪنير ڪامل کي چيو، سڻ تون نيڪ انجام
ايماندار امين تون، ڪاءُ طرحين طرحين طعام
لاهي خطرو خام، مينهنِ جو مهوال تيءُ.

42- چاري مينهون ماڳ تنهن، عاشق با ايمان
جيڪو رکن راض سان، باري بار ڳران
سوکو ۽ سَهنجو ٿئي، عاشق کي آسان
رهي روز جهنگ ۾، پر پردي پريشان
ڏينهان پرڏيهي رهي، راتيان ماڳ مڪان
ائين ڪندي ان کي، ڪي ڏينهن لنگهيا ارمان
ڪنهن ڏينهن مهل شام جي، هوءَ صاحب حسينان
ڪير ڏهائڻ خوشيءَ مان، آئي مشفق مه تابان
عزت بيگ ان کي چيو، جذبي مان جولان
تہ مرزا مان مهوال ڪيو، مونکي تو مڙگان
بيشڪ آيس بلخ مان، هتي هندستان
آءٌ سوداگر سونهن جو، تنهنجي حسن جو خواهان
مون تي ماڙ مدد ڪر، ڪو الله لڳ احسان
اتئي قسم ڪريم جو، اي ثاني مه ڪنعان!
مان عاشق روز ازل کان، همه جا حيران

تون ڪنديَءِ توڪان تيندو، منهنجي دردن جو درمان
سر ڪيم صدق تون اُتان، قربوئن مان قربان
نہ تہ ڪٿي ترار تيز تون، هڻ خوشي مان هڪ آن
مرڻ پلو تو اڳيان، اي مشفق مهربان
نہ تہ محب مٿي منهنجانِ، ٿي راضي لڳ رزاق جي.

43- ڀهڳڻ ڀڏي ان جي، سڀ گويا هي گفتار
لُون لُون ۾ لڳي ويس، لالن جي ٻہ لغار
رحم پيس روح ۾، ڪئي سولي رب ستار
محبت مهيوال جي، ڪئي زال زارو نزار
مهند لڳي منڌ کي، باهہ برهہ بسيار
چوٿيءَ تائين چور ٿي پيو، محبت منجهہ ميهار
مرزا پي معشوق هو، صاحب صورتدار
عاقل مرد امير هو، پر عشق ڪيو تہ ميهار
هوءَ بہ روز الست کان، هيڙي طالب يار
هردو هڪ ٻئي تان، ڪن پيا جان نثار
عاشق ڪيو معشوق تان، سر صدقو سؤ بار
آهيانِ ٻانهون آن سندو، سهڻي شڪر گذار
محنت سڀ ميهار جي، ڪئي صاب ستار
ڪري حمد هزار، شڪرانا ڪن شوق مان.

44- جڏهن اهڙي حال ۾، گذريا ڏينهن ٻہ-چار
ماڻهن اُن مذڪور جي، لڌي سار سنيار
مرد منَدا گجرات جا، چغلخور خوار
هي تہ اصل سچ هو، پر ڪن ڪوڙان سچ سنوار
"پيرل" صاحب سڀ جو، ٿيندو پرور پرده دار
تن ماُدر سان منڌ جي، پرتوئن ڪئي پچار
تہ نينهن لاتو آهہ نينگريءَ سهڻيءَ سان ميهار
تپاسيو تڪرار، منديئون هن مذڪور کي.

45- ماڻس جلندي جوش مان، تي سهڻيءَ کي پڪاري
وڏ جيءَ جنجال، مئي! ڳڻتين ۾ ڳاري
ايڏي عمر عشق جي، لڳيئن ڪيئن لاري
ڪني! چاڪ غلام سان، چڙهينءَ نينهن جي نظاري
پيئي ڪا خبر تو پدر کي، تہ منڌ! وجهندءِ ماري
ڪر سچي سڀ ساري، حقيقت هن حال جي.

46- نصيحتون نينگر کي، ڪوڙيون ڪيائين
ٻڌي مذڪور ماءُ جا، ڪجهہ نا ڪُڇيائين
هن پر ڏنائين، نيٺ سوال جواب جو.

47- ڏوهہ گناهہ اوهان سندو، ڪڏهن ڪونہ ڪيوم
نالو ونين نينهن جو، سو سائڻ! نا سمجهيوم
هرگز تنهنجي عشق کي، هڏ نہ هٿ وڌوم
ڇا رنگ ڇا قد ان جو، سائينءَ لڱ سليوم
رکيو توڪاتي هيو، سو سڀ مذڪور ڏسيوم
مون کي قسم ڪريم جو، تنهنجو عشق ڪونہ ڪنيوم
آهي گهرج نہ عشق جي، مان ڏائڻ ڪونہ ڏٺوم
شاهد شرم حياءَ جو، "پيرل" کي ٻہ ڪيوم
متان تيئي سوداءَ کو، اهو ويتر وهم پيوم
ريءَ رضا تو ماءُ جي، ڪوئي ڪم نہ ڪيوم
صفا سمجهايوم، تہ لهي اندوهہ اندر مان.

48- موٽي مادر مرم مان ڪيو، منجهي هيءُ مذڪور
مون سان تي مستاني تئين، بيخبر بي شعور
رکيئي ياري چاڪ سان، تئين چوٽيءَ تائين چور
ڇاٽي ڇٽ ميهار سان، ڪيوءِ ايڏو ڪيئن ڪلور
حيرت مون هيئين لڳي، پسي ذڪر مذڪور
گم تي وچ گرداب ۾، درياهہ ناهي دور
ملڪن ۾ مشهور، تہ ڪنير ڏيءُ ڪلور ڪيو.

49- دانه دختر ماءَ کي، تي سهڻي سمجهائي
ڪنواريءَ ڪجا تي بدي، توکي مناسب ناهي
ڳاريون گند ڳلا ڪرڻ، توکي جوڙ نه جڳائي
بينيءَ بدل ڳالهه تي، محڪم من لائي
اکين ڏنل ڪي، امان! جاچڻ جڳائي
مائر مهربان تين، ڇڏين عيب لڪائي
تون ته مادر من مان تي، ناهه رکين ناهي
جي نظر منجهه اوهان جي، ڪو عيب مون ۾ آهي
ته چوريءَ ڪڻي چناب ۾، ڇڏيوم ڪپائي
سسي وڍيوم سيف سان، ڪنڌ پڻ ڪپائي
چائي خمائي، حرف رکوم حق جو.

50- چئي: حق جو حرف آهه، هيءَ اتم پر خبر
اکين سان احوال هي، ڏٺم ڏانهه ڏمر
هاڻي ڪنديس حال وجي، ڪري تنهنجي ساڻ پدر
ماٺو ڪيوءِ جنهن ميهر جو، سو ولهو آهي ويتر
نڪرندو نابود تي، سُجو سو بي - سر
رکيئي نه شرم شفيع ڪان، وجي ڪيوءِ يار ميهر
تنهنجي شرم حياءَ جي آهه ”پيرل“ کي به خبر
تنڌهن پوندءِ ڪر، جڏهن اجل ايندءِ اوچتو.

51- چئي: يار يار چا چوين، اتم جان ميهار
رب رسول رُليءَ جو، دين ايمان ميهار
وارث آهي ولهيءَ جو، خوشرو خان ميهار
راکو لڄ شرم جو، نگهبان ميهار
صاحب صورت سٿرو، مه ڪنعان ميهار
چاڪ نه چئج اصلي، چاڻ سليمان ميهار
صاحب تاج تخت جو، ناهه نادان ميهار
دل درسان ميهار، دردن دردونديءَ جو.

56- اڻ تڻ اور عجب جي، هردم ٿيس اندر
نيڻن ننڊ حرام ٿي پانوَ کي سپ پر
ڏاڍين ڏاڍائي ڪئي، مُنن سان ميهر
پاڻ ڏسي پرور، شال ميٽي ڏک ڏڌن جا.

57- سمجهي سورهه دل ۾، ڪيو دانه هيءُ ڏيان
تہ جالڻ مشڪل مون سندو، منجهہ هن ماڳ مڪان
لنگهي لائق پار ويو، پَرينءَ پر جوان
بر سر بار گران، ڪامل ڪنيو ڪوڏ مان.

58- هوڏانهن ماءُ - پيءُ منڊ جي، ملي ڪئي مصلحت
تہ پرڻايون دختر پانهنجي، متان پئي ملامت
اچي نہ پوءِ اسان تي، شايد شڪايت
مائٽ هين ڪو ويجهڙو، تنهن سان ڪيائون رعايت
ڏسي سڪر ساعت، ڪوشش ڪيائون ڪاڄ جي.

59- قاضي ڪرڻي قرب مان، نڪاح پڙهيائون
ڏاجو ڏاوڻ ڪيترو، بيحد ڏنائون
سهڻيءَ جو ڪُوڪن تي ڪو ڪَن نہ ڏنائون
قهر ڪيائون، ڪيڏو زور ضعيف سان.

60- گهوٽ وني گهر آئيو، ڪوڏان پنهنجي ڪنوار
آئي رات قهر جي، لئي سهڻيءَ منجهہ خمار
ڏکو ڏنائينس ڏوڙ ۾، تنهين مهل تڪرار
پوءِ ڪيائين آد الک کي، تہ ڍڪ ڍڪينم ستار
آهيان آءُ ازل کان، امانت ميهار
رکج لج مهوال جي، ڏيہ ڏڻي ڏاتار
صدقو سيد مرسلن جو، آهہ اڙين جو آڌار

مون حق مليو هڪڙو، هي ناحق آهه مردار
سختيءَ ويل هن سوڙهه ۾، رس صاحب رب ستار
تہ حڪم ساڻ حڪيم جي، جنهن جوڙيو هي جنسار
هو مرد مان مخنث ٿيو، ويل تنهين تڪرار
ڪوڙين قدرتون ڪريم جون، جنهن جو انت نہ پار
جيئن ڪري تيئن ٿئي، آهي مرضيءَ جو مختار
هو هڪ پير پلنگ تي، ستو شڪجي شرمسار
سهڻي صد شڪر ڪيا، هاديءَ در هزار
چئي موليٰ ميل ميهار، جنهن لاءِ جيءُ اُداس آهه.

61- سهڻيءَ جي شاديءَ جي، پيئي ميهار خبر
ڪاغذ مس قلم ڪڻي، لکيو خط سڌر
بعد سلامن عرض هي، تو ڪريان مسڪين ميهر
تہ توکي لک مبارڪون، اي سونهن سنڌي سرور
تون خوش خاوند سان هجين، تون سان خوش هجي شل ور
پر وفا سهڻن ناهہ ڪا، سڀ ڪنهن آهہ خبر
مرد سان مهوش تو، ڪيو ڳنڍ ڳنڍر
پر تو پرديسيءَ جي نہ لڌي، قرب منجهاران ڪر
قول قسم ڪوڙا ڪيئي، وسي ويئي ويتر
ڇڏيم خويش خوشي مان، مادر ملڪ پدر
لاءِ سڪ سهڻي تنهنجي، ڪيم قبول سفر
پر مڙيئي تو مڪر، مونکي بہ معلوم ٿيا.

62- ڏمر ڏوراپا ڪيترا، لکي مُڪائين
ڏک درد سڀ دل جو، ڪُوڪي ڪڍيائين
شال مري ميهار هت، اڻين اُتائين
هت ساهيڙيءَ سهڻيءَ جي، ڪاغذ ڏنائين
شل خوش هجين سدائين، هو مٺو مسافر ڳهوريو.

63- پَسي خط پرين جو، هيءَ منڊ تي مستاني
ڏوراپي ڏاڍن جي، تي فهميدي فاني
انڻ تڻ اور عجب جي، کيس دلڙي ديواني
پڙهي خط پانوَ جو، تيس هينئڙي حيراني
تون سائين آءُ ٻانهي، اتي مون ۾ منڊايون گهڻيون.

64- مون ۾ منڊايون گهڻيون، سڻ اي يار سچار
پر حقيقت هن حال جي، آهه الک کي اظهار
ڏاڍن ڏاڍائي ڪئي، ظلمين ظلم زار
ڊوهين ڊوهه وڏو ڪيو، ولهيءَ سان تنهن وار
ڏينهن وهامي رات تي، آيو قهر قهار
ڪيم سوال سميع کي، يا قادر ڪلتار
رکج لڄ ميهار جي، صاحب رب ستار
هن ٻه دست دراز ڪيا، پر شڪيو شرمسار
حڪم ساڻ حڪيم جي، تيو مخنث هو مردار
پري منهن ڪري پيو، ٻئي پاسي ٻئي پار
تنهن ڪان پوءِ تڪرار، ڪين ڪچيائين حرف ڪو.

65- آءُ اصل کان آهيان، تنهنجي گولن جي گولي
اصل کان ٻه اوهان سندي، ٻانهپ مون ٻولي
روئي رڱيم رت ۾، چُنئا ڪن سان چولي
سڄڻ ڪري سولي، معاف ڪندو مسڪين کي.

66- عرض ٻڌ عاجز جو، اي دلبر داناهه
اڄ اڄ منهل شام جي، تري تون درياهه
آهه اولهه کان جاءِ جا، منهنجي ساهري سهجا
اتي انديس هيڪلي، آءُ پڻ شبانگاهه
شل انهيءَ جاءِ، الله ميلي مشتاقن کي.

67- ڪاغذ سنهڙيءَ جو وني، ڪوڏان قاصد ويو
پهچائي پرين ڪي، بيو زباني ٻـ چيو
پروانو ٻـ پسي ڪري، خان گهڻو خوش ٿيو
سڻي حال وصل جو، ويتر سو وهسيو
گوندر غم ويو، دلاسي دوستن جي.

68- دلاسي دوستن جي، ڪيس جيءَ سڌر
سنيريو طرف سڄڻ جي، مجهان سڪ سير
هڪ ڪُرڙي ڪامل ڪي ملي، ڪنان ميربحر
لائي مرچ مصالحا، پچائي چڱيءَ پر
ڪري چست ڪمر، ڪنيائين سوڪڙي سڄڻ ڏي.

69- سوڪڙي ڪنيائين سڪ مان، سو سعيو پيس صاب
ملي پنهنجي محبوب سان، ان لاتو حرف حجاب
ڪاڻ اڳيان ڪامڻ جي، ڪسي ٿيو ڪباب
پڇان نـ توري هيڪڙي، مان تنهنجي اي مهتاب
اڪين جا ابواب، اڇي عجيبن اوليا.

70- منڌ چيو مشتاق ڪي، پس دانهـ ڏيان ڌري
تون پارس آن منهنجا پرين، مان پتل ڪان ٻـ پري
جدا جانب يار ڪان نٿو ساهـ سري،
ڪامل قرب ڪري، جياريوءِ جڏيءَ ڪي.

71- ساري رات سنگت ڪئي، تن وصل م بيباڪ
صحبت جي سٺيءَ سان. سبيائون چڪيل چاڪ
درد ڪڍيائون دل مان. تن جا ڪلين ڦاق
صاف صبح غمناڪ. تيا جدا ٻئي مامرو.

72- سهڻيءَ ساهڙ کي چيو، سڻ سڄڻ سردار
نت تري اچ رات جو، تنهان تون تڪرار
آءُ بہ هر حيلي اچي، رسنديس هت هروار
روئي زارون زار، ويو موڪلائي معشوق کان.

73- وير وجي پهتو تري، پنهنجي ماڳ مڪان
گهاريو ڏينهن ورهہ جان، جنجل ۾ هت جوان
ماءُ - پيءُ پُلو پڙ کان، تيس خطا سڀ اوسان
بيحد ان کي برهہ جون، لڳيون بڙڇيون ڀالا بان
عشق ڪدي ارهان ڪيو، نسورو نادان
سانجهيءَ جو خوش خان، هليو پنهنجي هوت ڏي.

74- رات رهي سهڻيءَ وٽ، ويندو هو بہ وري
حڪايت هن حال جي، هيءَ خبر آهي ڪري
ساڻ نيندو هو سوڪڙي، سوداگر سنيري
تهدل ترت تري، هر دم وڃي هوت ڏي.

75- هڪڙي ڏينهن الله جي، بيحد هو باران
پڻ انڌاري راتڙي، تنهن کان وڌ طوفان
مڇي ملي نہ ملوڪ کي، نہ ڪا ٻي شيءَ هئي شايان
ٻيو ظاهر زور درياء کي، جو هو بحر بي پايان
مير ڪري مصلحت من ۾، ٻيا ڪئين وهم گمان
تہ وڃڻ واجب دوس ڏي، توڙي وڃي جان
پر ملڻ نا مڇيءَ جي، هاتڪ تيو حيران
تيءَ مولي مهربان، سولي ڪر صاحب سچا.

76- دوست تري درياء ويو، ڪري خوب خيال
پر خالي هتين هوت ڏي، تيس جيءَ جنجال

ڪپيو ٽڪر ماس مان، اُن فرخنده فعال
ڪري تيار ڪباب ڪي ويو، هي حال في الحال
دم ٽنهين درحال، وجي مليو محبوب ڪي.

77- منڌ پسي ميهار ڪي، شاباس لک ڪيانس
اهڙيءَ رات اچڻ تي گهوري جند وڏانس
چوري چپ چيانس، ته پڇان نه توري هيڪڙي.

78- قيمون وات وجهي ڪري، ڪئي سهڻي دانهن دلسوز
چا جو ماس منل! تو آندو آهه امروز
خان نه ڪر ڪو خوض، سچ چؤ صاحب! مون اڳيان.

79- مرڪي ڪيو منڌ سان، مرزا هي مذڪور
آندم عجيب تحفو، مانَ پوي منظور
هن وڏس قسم ڪريم جو ته، چؤ سچ نه تي رنجور
پوءِ مرزا ماس پسَائيو، ڪري ڪپڙو ڏور
پسي وڍيل ران ڪي، تي منڌ گهڻو مهجور
چئي: دانه هي دستور، ڪنهن ڪان سڪئين سڄڻا!

80- چئي: هڪڙو دور درياءَ ڪي، نه مکري نه ملاح
ماهي مليم ڪانه ڪا، تيم جهان سياه
خالي هنين هوت ڏي، وجڻ ناهه صلاح
هي تان آهي ٽڪر ماس جو، پر صدقي منهنجو ساهه
توڪان منل! ماهه، پيارو نه پرديسيءَ ڪي.

81- پسي ڦٽ فقير جو، تي شڪي شرمسار
منهن پٽي، سينو ڪُٽي، پٽي پنهنجا وار
سؤ لڳين صدقي وڃي، مٿان يار مهيار

آءُ گولڻ گولي آهيان، تون صاحب مون سردار
اچ نهايت عشق ۾، تو پڻ ڪئي تڪرار
هاڻي ثابت بندي سندرو، ويهه وجي هن پار
جيئن تيئن اينديس آءُ اتي، حيلا ڪري هزار
اچ ڪان پوءِ ميار، توتي ناهه منهنجا پرين.

-82 موڪلائي مشتاق ڪان، تيو راهي پرينءَ پر
پنهنجي ماڳ مڪان تي، خوش وينو خوشتر
متي دلاسي دوست جي، رکي آس اپر
ڏينهن وهامي رات تي، سهڻيءَ ڪنيو ثمر
"النوم عليٰ محب حرام" بندي ڪش ڪمر
سهڻيءَ لئي سا رات هئي، بيشڪ شب قدر
گذريا جڏهن رات جا، پهريان ٻه پهر
سنيري هلي سڪ مان، طرف يار ميهر
دلو دست ڪري گهڙي، ڪري الٰهي تو آهر
ڪوڙين ڪري شڪر، وجي ملي محبوب کي.

-83 ڏينهن گذاري گهر ۾، ميهر وٺ اڌ رات
ناري نت تري وجي، رکي طلب تات
توڙي انڌاري راتڙي، توڙي هئي برسات
چڏي عيش نشاط، ملي نت ميهار کي.

-84 ٻڌو سندرو سڪ جو، سهڻيءَ هو ثابوت
"پيرل" تنهن پختو ڪيو، محبت ۾ مضبوط
مسڪين مربوط، مانَ مِڙي ميهار سان.

-85 ڪائي رات ملڻ ريءَ، رهي نا ناري
محبت جي ميدان ۾، وجهي ناگهاري

"فاذ کروني اذ کروکم" تي بيهڪ بسياري
سر ڪنيائين پنهنجي، خواريءَ جي ڪاري
سرت ڇڏي ساري، ملي نت ميهار سان.

86- هيڪلي هڪڙيءَ رات جو، نڪري هلي نادان
پنهنجي پياري پر ڏي، سنڀالي سبحان
قضا ساڻ ڪريمَ جي، جاڳي پيس نڌان
ڪڍ هلي ڪامڻ جي، وني رند روان
حال پسي سهڻيءَ جو، تي حيرت ۾ حيران
ڪري بند زبان، ڪيجي پيجي ڪينڪي.

87- صبح ساجهر سنيري، نشانس ڪيو سعيو
ڪميڻيءَ ڪچو گهڙو، ازخود آڻايو
وجي ساڳي وٽن ۾، مٽيءَ متايو
پڪو پاڻي ۾ ڪٺي، اُن انڌيءَ اُڇلايو
ڊوهيءَ ڊوه وڏو ڪري، حيلو هلايو
سپ ڪي سر آيو، لکيو زور ازل جو.

88- ڀڳڻ ڀيجيءَ رات جو، جان هلي جانب پار
ڪامڻ ڪچو آئيو، نظر ۾ نروار
چئي: هاجو هيءَ هيئن ڪيو، مٺيءَ ڪنهن مڪار
صاحب رب ستار، بچائيندين بحر ۾.

89- ڪچو پسي ڪامڻي، دل ڪري دانهون
ناري نت نياز مان، ڪري الک ڪي آهون
ڪڍ سهڻيءَ ڪي سير مان، ڀڳڻ! ڏيئي ٻانهون
عزت بيگ الله لڳ، اڄ اوراهون
اڄ نه اچڻ مور تئي، محب منا ماڻهون
ويون سڀ واهون، ڪيئن ڪري، ڪنهن ڪي چوي.

90- ڪاري رات ڪچو گهڙو، هڪ سيءُ ٻيو سيارو
حاجت ناهي هلڻ جي، ٻيو چلڻ نا چارو
عجيبن امتحان لئي، هيءُ ڏاريو هو ڏارو
سونهن پري سمجهي ويئي، سڀ قصو سارو
ناري هڻي نعرو، سهڻي گهڙي سير ۾.

91- گهڙي سهڻي منجهه سير، ڪري ياد الله کي
ور وسيلا ولهيءَ جا، مديني جا مير
جت هلي نا تدبير، اُتي رس اچي اڻچاڻ کي.

92- ڪاري رات ڪچو گهڙو، ٻيو دهشت سان درياه
پسي ڪڙڪو ڪنن جو، سسي ويئي منجهه ساه
اُتي پاڻ الله، تاري اَڻ تارن کي.

93- ڪاري رات ڪچو گهڙو، ٻيو ويتر وسي مينهن
مون چون مهٺو هنيو، ڪوڙو ڪامڻ نينهن
توڙي کائي شينهن، ته بہ مڙان آءُ نہ ميهار کان.

94- ڪاري رات ڪچو گهڙو، گوڙ ٻجهي گجڪار
سٺي رڙ رعد جي، پوءُ لڳي بسيار
ڏاڻُ ڏاڻُ ڏندوڪار، آيس اکين سامهون.

95- ڪاري رات ڪچو گهڙو، ٻيا واگهو لڪ وڙهن
سيسر ڪچون ڪيترا، نئن ۾ نانگ سجهن
ٻيا مانگر مڇ بلائيون، ويتر وات وجهن
اتي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهاء تون.

96- دهشت دور درياهه جو، مڪري نہ ملاح
حامي تي هيڻن جو، صاحب تاج ڪلاهه
ساهڙ ساري ساهه، لهرن لوڏي نہ مران.

97- دهشت دور درياهہ جو، جاتي ناهہ جهاز
نکي آءُ پکيئڙو، جو پر ڏي کيان پرواز
ٻڌ بيهر آواز، سناهڙ سير لنگهاءِ تون.

98- دهشت دور درياهہ کي، پيو واءُ لڳي ويتر
هڪ انڌاري راتڙي، پيو نکو ترهو تڙ
جت جاءِ بچڻ جي ناهہ ڪا، اتي فائق فضل ڪر
ڪوجهيءَ ڪمينيءَ کي، ميلين ساڻ ميهر
صاحب سولي ڪر، نہ تہ مشڪل ماري آهيان.

99- دهشت دور درياهہ جو، پيو ويجهو نا وانگي
دل ڦاتي دلدار سان، وڃي جاڳهہ اٿانگي
سو ميلي سانگي، جنهن لاءِ جيءُ اُداس آهہ.

100- دهشت دور درياهہ جو، ويتر وڃڻ ضرور
ٻاري ڳٺتيءَ ڇڏيو، پريڻ سندي پور
منهنجو سڀ مذڪور، معلوم آهہ ميهار کي.

101- گهڙو ٻڌي پيٽ سان، ڪيائين الــهي تو آهار
ڪُنن جي ڪثرت هئي، لهريون لک هزار
دلو درس ڳري ويو، تهدل ات تڪرار
اُنت نہ هو جت آب جو، تڪ گهٽيرو تار
جائي رب جبار، سوهڻي ٻوڙي سير ۾.

102- پائيءَ جو تڪ تار ۾، سڀ سهڻي تي غرق
اوکي ڏسي اڳتون، مــرڻ ناهہ مرڪ
"پيرل" بچڻ پتنگن جان، آهہ دردوندن درڪ
توڙ نباهين نينهن کي، ڏيئي طمع ترڪ

"لامتصود في الدارين الاهو" حاصل ڪيو ان حق
سڪي جو سبق، سو پڪو ڪيائين پرت مان.

103- روح جدا ساعت ۾، تيو ڪان ان وجود
ساهڙ وٺ ويو سيگهہ ۾، ظاهر منجهان زود
دکايائين درد جا، تنهنجي دل تي دود
نينهن ڪئي نابود، سهڻي ٻڏي سير ۾.

104- سٺي خبر روح ڪان، عاشق تيو اوندوهہ
چئي: ڪيو مان مسڪين سان، تو ڪيئن درياهہ ڊوهہ
سڙيا شال سڪي وجين، چور ا! وجيئي چوهہ
چنا چپ توتي پوي، ڪيئي قهر ڪوهہ
منهنجي سا من موهہ، تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي.

105- منهنجي روز ازل ڪان، هئي سهڻي امانت
عشقي امانت ۾، تو ڪئي ڪيئن خيانت
آدم جو دشمن مَلڪ تيو، تنهن تي لعنت
پڻ توتي ملامت، حشر تائين هرڪو ڪندو.

106- ميهر پنهنجي من ۾، ڪيو خوب خيال
سهڻيءَ ري اسان سندو، جيئڻ آهہ جنجال
جيئڻ جانب يار ريءَ، هڪ گهڙي هڪ سال
ڪاهي پيو ڪولاب ۾. هنئين سين حال في الحال
ڇڏي مال منال، ان ٻہ گهوري جند جانب تان.

107- ڪن ها قهري ڪيترا. بيو اچل ڏئي آب
عقل عاقل ڪان ويو. تيو بيخبر بيتاب
ڇڏي شوق شتاب، وجي غرق تيو چناب ۾.

108- پسي چال عشق جي، هرڪو ٿئي حيران
ڪي چڙهيا سوريءَ سيج، ڪن ڪئي جند قربان
مجنون سڪو مست ٿي، بر ۾ بيانان
رانجهن جوڳيڙو ٿيو، ڪري فدا جان
مومل چڙهي ڏاگهه تي، ٻڌو جڳ جهان
سسئي ووڙيا ور لئي، ٿر بر بيابان
اونهون بحر عشق جو، ملي ڪنڌي ڪانه
انت نه آهي ان جو، آهه بحر بي پايان
عابد سڪن اهڙا، سٺي سوز بيان
ڪلمون جن زبان، ويندا سي ايمان سين.
لااله الاالله محمد رسول الله

ياڳو ٻيو

# نوري ۽ ڄام تماچي

# سنڌ جي مختلف روايتن مطابق عام مشهور تفصيلي ڳالهه

## نوري جو حسب نسب [1]

جسودڻ راءِ سمون بادشاهه هو. هو پنهنجي پيءُ مُهڙ کان پوءِ حڪمران ٿيو. ڄام مُهڙ پڻ ناليوارو حاڪم هو. تنهنڪري جسودڻ راءِ پنهنجي پيءُ جي نالي پويان جسودڻ مهڙائي سڏجڻ لڳو. سندس گهر واريءَ جو نالو مروبت راڻي هو. جسودڻ راءِ کي اولاد ڪونه هو، جنهنڪري هر وقت ڏڻي جي درگاهه ۾ سوالي هو. هڪ درويش جي دعا سان سندس گهر ۾ اُميدواري ٿي ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. پر جيئن قدرت کي منظور هو، کيس ڌيءَ ڄائي. ۽ راءِ جسودڻ کي سندس گهر ۾ ڌيءَ ڄمڻ جو اطلاع مليو، چيائين: اهو به ڌڻيءَ جو شڪر، جو ٻي اولاد هئڻ کان ٻچي ويس. قدرت سان ڇوڪريءَ کي ڄائي ڄم کان ڪوڙهه جو مرض هو، جنهنڪري تمام ڪوجهي ڄائي. جسودڻ راءِ ڇوڪريءَ کي ڏسي ويچار ۾ پئجي ويو. خيال ڪيائين ته پٽ نه هجڻ جي حالت ۾ ڌيءَ به چڱي، پر ڪوڙهه جو مرض لاعلاج، ويچاري سڄي عمر سورن ۾ گذاريندي، تنهن کان مئي ڀلي آهي. اهو خيال ڪري دائيءَ کي حڪم ڏنائين ته: ڇوڪريءَ کي ڪنهن اوڙاهه ۾ اُڇلي اچ.

دائي حڪم مڃي، ڇوڪريءَ کي جهولي ۾ کڻي جهنگ منهن ڪيو. اتفاق سان "ڪينجهر" نالي گندرو مهاڻو گڏجي ويس، جيڪو پڻ بادشاهه کي ڌيءَ ڄمڻ جي مبارڪ ڏيڻ پئي ويو. تنهن دائيءَ کي جهنگ ڏانهن ويندي ڏسي، احوال پڇيو. دائيءَ سموري حال کان واقف ڪري، ڇوڪري ڏيکاريس. ڪينجهر، دائيءَ کي چيو ته: مائي! خدا الائجي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي: قدرت جنهن جو جيترو روز خلقيو هوندو اهو اوترو جيئندو. انهيءَ ڪري اها ڇوڪري کڻي منهنجي حوالي ڪر. جي قسمت هونديس ته ٻچي پوندي، نه ته به خدا جي ڏنل آهي، موٽائي وٺندو ته سندس امانت آهي.

---

[1] گل محمد سالارائي جَت جي روايت موجب: نوري دهلور بادشاهه جي ڌيءُ هئي. ٻاچو ۽ ٻالاچ ڀائر هئا ۽ هاٿو چور هئا. انهن نوري کڻي ۽ "بيگ سامي" وٽ آيا. جيڪو سنڌن استاد هو. ان کي مارياڻون ٿي. جو سنڌس ڀٽَ تي نوري ڪوڙهي ٿي. پوءِ "شاهه هوندڙي" جي خدمت ڪيائين. جنهن جي دعا سان هوءَ منهن ملوڪ ٿي،

دائي بہ خيال ڪيو تہ برابر ڏٺي الائجي ڪھڙين ڳالهين ۾ راضي آهي. هن معصوم ٻَـسونءَ کي مارڻ مان ڇا ورندو! سو ڇوڪري ورائي ڪڻي گندري جي جهولي ۾ وڌائين.

## گندرا ۽ سندن گذران

گندرا قوم ڪينجهر ڍنڍ ۽ اُن جي آسپاس وارين ستن ڍنڍن تي آباد هئي. سندن گذران مَـڇي ۽ ڍنڍن جي ٻي پيدائش تي هو. اهي ست ئي ڍنڍون گندرن کي بخش ٿيل هيون ۽ مٿانئن مڙئي بادشاهي محصول معاف هئا. اُهو هن طرح جو ڇُون ٿا تہ ڪنهن بادشاهہ ڍنڍ ۾ سهڻا پکي ترندي ڏٺا. لشڪر کي حڪم ڪيائين تہ اهي پکي جهلي اچو. سپني ڪوشش ڪئي پر پکي جهل نہ پيا ڏين. تڏهن اعلان ڪيائين تہ جيڪو پکي جهلي آڻيندو، تنهن کي انعام ڏنو ويندو. اُتي "بدام" نالي گندرو ببنل هو، جو پاڻيءَ جي شڪار جو ماهر هو. هڪ ڪاٺ جو پکي ٺاهي مٿي تي رکيائين ۽ اهڙي طرح ترندو پکين وٽ ويو، جو ماڻهن کي تہ خير پر پکين کي بہ پروئي نہ پئي تہ اهو ڪو نقلي پکي آهي. بادشاهہ کي خبر ڪانہ پئي تہ ڪو ماڻهو اندران ترندو ٿو وڃي. وزير کان پڇيائين. تنهن چيو تہ: مونکي خبر ڪانہ ٿي پئي. بدام ٿوريءَ دير ۾ انهيءَ دلبي سان بہ پکي جهلي آڻي بادشاهہ جي آڏو پيش ڪيا. بادشاهہ خوش ٿي چيس تہ: گهُر جيڪي گهرڻو اٿئي؟ چيائين تہ: ستن ڍنڍن جو محصول معاف ٿئي. پڇيائينس تہ: ڪهڙيون؟ چيائين تہ: (1) سونهري (2) ڪينجهر (3) هاليجي (4) هَـڏيرو (5) ڪـلان ڪوٽ (6) جهول ۽ (7) ڪوئي. بادشاهہ انهن مڙني ڍنڍن جو محصول گندرن کي معاف ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت کان ڍنڍن جا اهي ساڳيا نالا هئا ۽ ڪن جا ٻيا هئا.

## نوريءَ جو گندرن ۾ نپجڻ

ڪينجهر گندرو جنهن جسودڻ راءُ جي ڪوجهي ڌيءَ کي جهوليءَ ۾ جهليو هو، سو سپ کان وڏي ڍنڍ جي ڪپ تي رهندڙ هو، جا پوءِ سندس نالي سان ڪينجهر سڏجڻ لڳي. هو سڪيو سائو ۽ سپني گندرن جو چڱو مڙس هو. اهو پاڻ ۽ سندس زال "سون ٻائي" بہ اولاد لاءِ سڪايل هئا، سي ڇوڪرڙيءَ کي گهر ۾ آڻڻ سان سرها ٿيا. مٿس "نوري" نالو رکي، کيس پنهنجي پيٽ ڄائي اولاد کان بہ وڌيڪ قرب ۽ لاڏ ڪوڏ سان نپائڻ لڳا.

اڳ گندرن کي مڙيئي محصول معاف هئا ۽ هو سڀ سکيا ستابا هئا، پر سمن جي بادشاهي شروع ٿيڻ سان متن سنگ ۽ محصول مقرر ٿيا ۽ سرڪاري ماڻهن جي مداخلت شروع ٿي، جنهنڪري سندن مسڪيني حال ٿي ويو، ۽ سندن پورو گذران بہ مشڪل سان ٿيندو هو. ڪين نڪي هيون جدا اڏيل جايون تہ نڪي هئن مال اسباب. سندن رهڻ ڪرڻ ئي ٻيڙين ۾. مَڏين تي، يا مياڻين ۾ ڪاين جهڳين ۽ جهوپڙين ۾ هوندو هو. جن مان مڇيءَ جي ڪکي ڇٽ پئي ايندي هئي. مرد ماڻهو مڏ مڪرا موڙي، مڇي ماري يا ڪَمر، گَند، ٻهہ، لوڙهہ ۽ پابوڙا ميڙي آڻي مياڻين ۾ ڍير ڪندا هئا، ۽ سندن زالون وري مڇيون ڪاري ۾ ڪٽي يا پابوڙن مان پاند پري وڪڻڻ لاءِ واڻن تي اچي ويهنديون هيون ۽ سندن ٻار ننڊٽڪا ٿيو. سارو ڏينهن لڏن وانگر پاڻيءَ ۾ پيا تڙڳندا هئا. پلا، جن جو وهنواري ڪکين سان، تن کي اجائي اُجرائي جي ڪهڙي اون! جهڙا هئن جسم ميرا، تهڙا هئن هڏ هيٺا. مهاڻن ۾ بہ ويچارا ڪوجها هئا، جو ماڻهو ڪين ڏسي پيا ڪراهت ڪندا هئا. مگر هئا ويچارا اشراف ۽ حق حلال جي ڪمائي تي گذارو ڪندڙ. سندن منهن ميرا هئا مگر اندر ۾ اڇا اجرا هئا.

## نوريءَ جي ڄامائي اهل

نوري گندرن ۾ پئي نپني پر هئي ڄامائٹو وياءُ. پلا "جنهن جو پيءُ جسودڻ مهڙائي ۽ ماءُ مروبت راڻي" سا ڪيئن افعالين وجي! خود ڪينجهر گندرو بہ چڱو مڙس هو ۽ سندس گهر واري "سونل بائي" بہ وڏي اخلاق واري هئي. هنن نوريءَ کي تمام خبرداريءَ سان سهڻو ڪري نپايو. انهيءَ ڪري "نوري" جيئن ڪجهہ وڏيرڙي ٿي تہ سندس خصلتون گندرن جي ٻين ٻارڙن کان نراليون نروار ٿيون. بدن تي ڪوڙهہ هوس مگر نڪي هئا ڪيس مهاڻن وارا مهاندا ۽ نڪي ڪيس مهاڻن واريون عادتون آئڙيون. ٻين ٻارن سان کيڏندي هئي پر ڪکيءَ ۾ هٿ وجهڻ يا چڪ ۾ ليٽڻ جي ڪيس عادت ئي ڪانہ هئي. ڪينجهر ۽ سندس گهر واري بہ ڪيس لاڏ ڪوڏ ۾ نپايو هو. ۽ ڪيس مڇي مارڻ يا وڍڻ ۽ وڪڻڻ کي ويجهو ئي وڃڻ ڪونہ ڏنائون.

## نوري کي ڪوجهائي سبب ڪنهن نہ قبوليو

نوري جوان ٿي ۽ ساماڻي تہ وڏيري ڪينجهر ڪيس پرڻائڻ جو خيال ڪيو. پنهنجي سڄي برادري کي سگَ جي آڇ ڪيائين. پر ڪنهن بہ نوري کانہ

قبولي، ڇاڪاڻ تہ سندس صورت تمام ڪوجهي هئي. ڪينجهر خود پنهنجي پائٽيي ڪي نوريءَ جو سڱ آڇيو، پر اُن بہ انڪار ڪيو. چيائون تہ: جنهن جي نہ شڪل نہ صورت، نہ ڪم جي نہ ڪار جي، تنهن سان شادي ڪير ڪندو! ويچاري نوري پنهنجي قسمت ڪي روئيندي صبر ۽ شڪر جا ڏينهن گذارڻ لڳي. لوڪ جي ٺوڪ ڪان هاٺي هو پنهنجي ڪوڙهہ ۽ ڪوجهائي ڪي لڪائڻ لاءِ وڏي شاهي چادر ۾ اهڙو تہ ويڙهجي هلندي هئي، جو سندس ڪوبہ عضوو انگ نظر نہ ايندو هو.

## نوري ڪي شاهہ هونڊڙي جي دعا ۽ شفا

نوري ويچاري رات ڏينهن پنهنجي حال تي روئي ڌڻيءَ در ٻاڏائڻ لڳي تہ من ڪٿان ڪيس مرض ڪان نجات ملي. آخر خيال آيس تہ ڇو نہ ڪنهن خدا واري بزرگ جي خدمت ڪريان، من اُن جي نظر وسيلي ڌڻيءَ جي درگاهہ ۾ سوال اگهامي.

اُنهن ڏينهن ۾ "شاهہ هونڊڙو" درويش، ڪينجهر ڍنڍ جي اراضيءَ اندر هڪ مٿانهين جاءِ تي پنهنجو آستانو ناهي، خدا جي ذڪر ۾ مشغول رهندو هو. نوري بہ روزانو ٻيڙي تي چڙهي، درويش وٽ وڃي سندس آستاني جي ٻهاري سهاري ڪري، پاڻيءَ جي مَٽي ڀري گهر موٽي ايندي هئي. جڏهن درويش جي وفات جو وقت ويجهو آيو، تڏهن نوريءَ جي خدمت ڪان خوش ٿي چيائين تہ: "مائي! گهُر، جيڪي گهُرڻو اٿئي؟" نوريءَ چيو تہ: "سائين، مرض ڪان نجات مليم". تڏهن درويش ڌڻيءَ جي درگاهہ مان دعا گهري، امر ڪيس: "پاڻ ڪي ستن پوشن ۾ ويڙهي، مَٽيءَ مان سَت ڪُريون پاڻيءَ جون ڀري مٿان ناءِ تہ خدا جي فضل سان تنهنجو مطلب پورو ٿئي".

نوري دريش جي چوڻ موجب، پاڻ ڪي ستن پوشن ۾ ويڙهي، مَٽيءَ مان سَت ڪَريون پاڻيءَ جون ڀري پنهنجي مٿان نائيون تہ قدرت سان ڪوڙهہ جو مرض متجي ويو. نوري مهاندين ملوڪ هئي پر ڪوڙهہ ڪيس ڪوجهو ڪري ڇڏيو هو. جيئن ئي مرض لٿو تہ منجهس ايڏو حسن پيدا ٿي پيو. جو سندس مُنهن مان وڄ وانگر تجلا نڪرڻ لڳا. پوءِ تہ پاڻ ڪي پوش ۾ ويڙهي. مُنهن ڍڪي، ٻيڙي ۾ چڙهي موٽي آئي.

درويش شاهہ هُونڊڙي وفات ڪئي تہ ڪيس سندس ئي آستان ۾ دفن

ڪيائون. نوري اُن کان پوءِ بہ دستور موجب روزانو صفائي ڪرڻ، پاڻي جي مَٽِي پرڻ ۽ ڏِيئي ٻارڻ لاءِ درگاھ تي ويندي هئي. نوري مرض دور ٿيڻ ۽ سونهن ملڻ کان پوءِ بہ مُنهن ويڙهي هلندي هئي، تنهنڪري سندس سونهن ڪُلڻ جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ پئي.

## ڄام تماچي جو ڪينجهر تي سير شڪار لاءِ اچڻ

انِ دؤر ۾ ڄام تماچي سمون، ٺٽي جو بادشاھ هو. شيل شڪار لاءِ هميشہ ڪينجهر ڍنڍ تي ايندو هو. سياري جي موسم ۾ جڏهن ڍنڍ ۾ ٻهہ، مڇي، پٻڻ ۽ پڪي ٿيندا هئا، تڏهن شڪار لاءِ ايندو هو. يا وري اونهاري ۾ جڏهن ڍنڍ ۾ پاڻي پربو هو ۽ مٿان مينهن بوندار پئي پوندي هئي، ۽ چوڌطرف ساوڪ ٿي ساوڪ نظر ايندي هئي، تڏهن ڪينجهر جي سير لاءِ پنهنجن اميرن امرائن سميت اچي اُتي منزل ڪندو هو. ڍنڍ جي ڪناري تي پنهنجي وهڻ لاءِ هڪ ننڍي ماڙي نهرائي هئائين، جتان ويهي ڍنڍ جو نظارو ڏسندو هو. سينگاريل ٻيڙيون هر وقت ڍنڍ ۾ سندس واسطي موجود هونديون هيون. جنهن بہ وقت دل چاهيندي هيس، ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سير ڪندو هو. جي ڍنڍ ۾ واءُ پوندو هو تہ لهريون چڙهنديون هيون جي ٻيڙيءَ کي هندوري وانگر لوڏينديون هيون:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وٺراھ
اچي وچي وچ ۾، تماچي جي ساءِ
اُتر لڳي واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

گندرا جڏهن ڄام تماچي جي ڍنڍ تي اچڻ جو ٻڌندا هئا تہ سَرهائيءَ مان سندن مُنهن ٻهڪڻ لڳندا هئا. جڏهن ڄام تماچي پنهنجي ماڙي ۾ اچي منزل ڪندو هو تڏهن ماڙيءَ جي چوڌاري مهاڻن جا ميلا لڳي ويندا هئا. مقرر وقت تي پنهنجي بادشاھ سان سندن ملاقات ٿيندي هئي، ۽ هو لوڙھ، ڪُم، ٻهہ، پٻڻ وغيره تحفي طور پيش ڪندا هئا. ۽ ڄام خوش ٿي کين انعام نوازيندو هو:

ڪي ڪِي ڪاچ جن جو، سمي وٺيا سي
هَليو ڏيهاڙي تن کي، ڏانَ وڏائي ڏي
هئا اگلا اصل کان، مهاڻا هي مي
ڄام تماچي جي، نظر ڪئي نهال ڪيا.

## نوريءَ جي سڳ لاءِ ڄام تماچي جو ملاحن وٽ اچڻ.

ڄام تماچي بادشاهه هو ۽ نوري ڳندرن جي گهرن ۾ پليل هڪ ڇوڪري. ڪيڏانهن بادشاهه ته ڪيڏانهن مهاڻا! ڄام تماچي جي دل ۾ هُري وئي هئي، سو ڪيس پنهنجي پَٽ - راڻي ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪو هو. تيلاهن هڪڙي وزير کي ساڻ ڪري، بادشاهه ڳندرن ۾ آيو. ڳندرا ويچارا بادشاهه کي پنهنجن مڏين مياڻين ۾ آيل ڏسي ڪپڙن ۾ ئي نه پيا ماپن. اُها جاءِ نه لبين. جتي ڪٿي ڄام کي ويهارين. آخر وڏي آدر ڀاءُ سان ڪيس وني آڻي پنهنجن پراڻن پڪن ۾ ويهاريائون:

متي جهول جُهلي، چڙهيو ڏاڍي چاءُ سان
مَنَهن ملاحن جي، آيو ڄام ڄُلي
ڪينجهر تيو ڪُلي، آجو اڄارن ڪان.

ڄام تماچي ڪينجهر ڳندري وٽ لٿو ۽ ڪيس پنهنجي پر ۾ ويهاري ڪانئس نوريءَ جو سڱ گهريائين. ڳندرن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. ڪين انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا گهربو هو، جو سمي ڄام سان سيڻپو ٿي ٿين. ڪينجهر وڏي خوشيءَ سان هائوڪار ڪري، سڱ ڏيڻ قبوليو. نوريءَ جي ڪَن اها خبر پئي ته شُڪر ڪيائين. سهيليون ۽ پاڙي واريون سندس چوڌاري اچي ڳڏ ٿيون ۽ جهليون جهَل نه ڏين: پر نوري پنهنجي نهنائي ۽ حسن سان ماٺ هوندي به پئي منجهن مَرڪي:

ڄام تماچي آئيو، نوري ڪري نگاهه
سمي جيءَ صلاح، ميءُ مرڪي ملاحن ۾.

## نوري ۽ ڄام تماچي جي شادي

نوري ۽ ڄام تماچي جي شادي ٿي، ۽ ڄام نوريءَ کي ٻانهن ۾ سهاڳ جو بيڙو ٻَڌو. نهنائي مان نوريءَ جو سِر نميل هو، پر سندس حسين پيشاني مشعل وانگر پئي چمڪي:

نوريءَ جو نراڙ، چمڪيو چوڏهينءَ چنڊ جيئن
سمي جي سهاڳ جو، متي تنهن مدار
موتين پُوئي هار، بيڙو ٻڌائينس ٻانهن ۾.

نوريءَ پنهنجي سباجهي ور کي پنهنجي اصل حسب نسب ۽ ڳندرن ۾ نپجڻ جو سچو احوال ٻڌايو. ڄام تماچي جو نوري سان اهڙو نينهن ٿي ويو جو هڪ پل به ڪانئس پري نه پيو ٿئي. ڄام تماچيءَ جو نوريءَ سان قرب ڏسي، سيئي راڻيون

دايون ۽ ٻانهيون بہ ادب سان نوريءَ جي سلامي ڀرڻ لڳيون:

نوريءَ سندو نام، تيو مشهور ملڪ ۾
اچو سندس ادب سان، سميون ڪن سلام
انهي ڪي انعام، ملڪ مڙوئي تيو.

جيتوڻيڪ نوري گندرن جي غريباڻي ماحول ۾ پلي ۽ وڏي ٿي، پوءِ ڪيس بادشاهي نصيب ٿي، ۽ سڀ سميون سندس سلامي ٿيون. مگر ايڏي وڏي مانُ مرتبي هوندي بہ نوري سراپا نياز هئي، وڏائي جو تہ ڪيس واءُ ئي ڪونہ لڳو هو. هوءَ سيني سان محبت ۽ اخلاق سان پيش ايندي هئي. ڪڏهن بہ پاڻ کي راڻي ڪري نہ سمجهيائين. سندس انهيءَ روش ڪري رعيت بہ ڪيس گهڻو پائيندي هئي. هر ڪنهن جي اهائي خواهش هئي تہ نوريءَ کي شل ڪوسو واءُ بہ نہ لڳي.

هڪ پيري حجامڻ، نوريءَ جي پيرن جا ننهن پئي لاٿا. اتفاق سان نوريءَ جو ننهن ڏڪوئجي پيو، جنهنڪري ڪانٽس نڌو ساهہ نڪري ويو. نوريءَ جي ڏڪوئجڻ جي اها ڳالهہ اک ڇنڀ ۾ سڄي بادشاهيءَ ۾ هُلي وئي. انهيءَ واقعي تي ٻي رعيت جيڪا نوريءَ کان پڇڻ آئي، تنهن جو تہ انت شمار ئي ڪونہ هو، پر بادشاهي گهراڻي جا پڻ پنج سؤ سما خاندان، ساموئي شهر مان ڪيس پڇڻ آيا:

نوريءَ ننهن ڏڪوئيو، حجامڻ هٿاءُ
سما سومايا، تنهن کي پنج سؤ پڇڻ آئيا[1]

جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن نوريءَ جو نياز ۽ سندس سهڻيون خصلتون پسي، ڄام تماچي جي دل ۾ نوريءَ جي لاءِ قرب ويو تي وڌندو. ايتريقدر جو نوريءَ سان گڏ ڪينجهر ۾ سير ڪندي ڄام مڇيءَ جي شڪار لاءِ پاڻ ڄار اڇليندو هو، ۽ نوريءَ کي هڪ پل بہ پاڻان پاسي نہ ڪندو هو.

ڪنباڻيون کهنبن تي، جوپ پيارين جيئن
موهي من مجنون ڪيو، سندي نوريءَ نينهن
لال رچي رتيو لاک جيئن، تن تماچي تيئن
ري امر. "ابراهيم" چئي. تئي قرابت ڪيئن
عشق ڪري تو ائين. تيلانهہ ڄارو ڄام ڪلهي تي[2].

---

[1] زباني روايت گل محمد فقير سالاراڻي جت.

[2] شيخ ابراهيم.

نوري سان گڏ ڪينجھر جو سير ڪندي، گھمندي گھمندي وڃي نوريءَ جي مائٽن ملاحن ۾ نڪرندو هو ۽ انهن جي پکن ۾ پيهي ساڻن ويهي رس رهاڻيون ڪندو هو.

مرڪــن مڇــيءَ واريــون، ڪينجھــر ڪنــاري
ڄــام ڏهــاڙي اُن جـــي، اڄـــي اوتـــاري
گــڏجو گــذاري، مـَــنَـــهن ملاحــن جـــي[1].

## گندرن جو ڀاڳ وريو

نوري ۽ ڄام تماچي جي شادي ٿي تہ گندرن جو ڄڻ ڀاڳ وريو. ڄام تماچي ڪين انعام اڪرام ڏئي ڏائي ڇڏيو. پارس جي پاسي لڳي، پاڻ پارس ٿي پيا:

"سي وِلِها نہ ڪنهن ويل، جي پارس پلئہ لائيا"

اُهي مهاڻا جيڪي سدائين مسڪيني حال گذاريندا هئا، ۽ جن جو ڏنڌو ئي ڪکي مڇيءَ جو هو، سي اڄا اُجرا ٿي، عطر عنبير لڳائي وڃي ڄام سمي جي سٿ ۾ ويهندا هئا. ننڍي وڏي گندريءَ جي پڻ ڄام جي ماڙيءَ متي ڏم لڳي پئي هوندي هئي. سندن ڏک ۽ بک ڏور ٿي ويا ۽ وٽن خزاني جا ڪوڙ لڳي ويا:

گھــر گذاريــن گــانديون، مڇـــي نـــہ مــارين
مــارڻ ڪــاڻ مڇــيءَ جــي، نـَــڪو نـــہ ڏاريــن
بحــر جــي، "براهــم" چئــي، ٻــي وائــي نـــہ واريــن
عطــر مشــڪ اهــڳ ڪٿــوري، هنــڌن تــي هــارين
گھنگھر نــہ گھــارين، مـَـرڪن مڇــيءَ واريــون[2].

---

ڏيئــي پرهــڻ پارڇــا، ڪيــون سمـــي ســڪائون
نچــن پنبــن نــاز ســان، مـَــرڪن مهــاڻيون
جن وٽ ڪکيءَ ڪــوڙ هئــا، تــن وٽ خزانــي ڪــاٽيون
مـڏ، مڇيــون ۽ مڪريــون، ٿيــن معــاف ميــاڻيون
سمــي ســيباڻيون، نــوريءَ جــي نــاتي ڪــري[3].

---

[1] شاهہ شريف ڀاڏائي.
[2] ابراهيم شيخ.
[3] غلام حيدر تيرهو.

## ڄام تماچي، ڏاڄ ۾ ڪينجهر جو ڏن معاف ڪيو

ڄام تماچي، نوريءَ کي شاديءَ ۾ اٺميو ڏاڄ ڏنو. پر اُهو گندرن جي کهڙي ڪم جو؟ هڪڙي ڏينهن نوريءَ کي سندس پيءُ ڪينجهر گندري چيو تہ: ڄام تماچي جو توسان قرب آهي، تنهنڪري سندس سموري بادشاهي ڄڻ تہ تنهنجي ٿي. اسين غريب گندرا، سدائين انعامن تي ڪونہ پيا پلباسين. ڪاڏي ڪوهہ ڪٽيو وڃن، وري بہ بادشاهن جا محتاج رهنداسين. تنهنڪري ڄام تماچي کان ڏاڄ ۾ ڪينجهر ڍنڍ جو محصول معاف ڪرائي ڏي، تہ اسان جون ست پيڙهيون پيون ڪائين ۽ بادشاهہ کي دعائون ڪن:

آءُ گندرو غريب، رهان ڪينجهر ڪنڌيين
توسين ڄام قريب، ڏن ڇڏائي ڏيج تون.

نوريءَ چيس تہ: تون گندرن جو چڱو مڙس ۽ نيڪ شخص آهين. آءُ ڄام تماچي کي عرض ڪنديس تہ هو مڇي ويندو ۽ وري ڪڏهن بہ ڏن نہ گهرندو:

جيئن تون مهاڻو، آهين چڱو چوڪو گندرو
آءُ عرض ڪنديس ڄام کي، جو مڇيندو ماڻو
ڪنڌيءَ جو ناڻو، ڪونہ گهرندو ڪڏهين.

نوريءَ اڳ ڄام تماچي کان پنهنجي زبان سان ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ گهريو هو، ۽ نڪي ڪو انگل ڪيو هئائين. هڪڙي ڏينهن پيڙيءَ ۾ ڪينجهر جو سير ڪندي نوريءَ نوڙت مان ڄام کي چيو تہ: "منهنجي سر جا سائين، سخي ڄام سما بادشاهہ! ادب سان اڄ هڪ عرض ٿي ڪريان، انهي اميد تي تہ قبول پوندو. مون وٽ تنهنجو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي. باقي منهنجا مائٽ، جن غريبن جو گذران ئي آهي ڪينجهر جي پيدائش تي، تن سان پنهنجو ڪرم ڪري هميشہ ڏن معاف ڪرين تہ ويچارا سکيو ٿڪر ڪائي پيڙهين تائين پيا توکي دعا ڪندا".

نوري، ڄام تماچي سان نہ ڪڏهن ڪو انگل ڪيو هو، نہ وري ڪجهہ گهريو هئائين. سدائين شاڪر رهندي هئي. سو ڄام تماچي سندس ڳالهہ ٻڌي مڙني ڍنڍن تان ڏن معاف ڪري ڇڏيو.

ريڏو سمو راءُ، لٿو ڏن ڏيهن تان
مٿي جهول شعاع، نوريءَ جي نياز جو.[1]

[1] شاهہ شريف ڀاڻائي.

مڇـــي جـــن مـــرڪ، مــــارڻ ملاحـــن ڪـــي
ڪڪـي بـاس، "براهـم" چئـي، عطـر ڪـان بـہ ارڳ
سمـي ڄـام سمگجـي، ڪيـو ان تـان ڏن تـرڪ
وريـن شـال ورق، گهـر گهـر گذاريـن گـاندليون [1].

## سمين راڻين جي ريس ۽ سندن پرڪا

نوري غريب، گندرن مان بادشاهي ۾ آئي هئي، ويتر جو ڄام تماچي جو ساڻس وڏو قرب ٿيو تہ ڄام جون ٻيون راڻيون، جيڪي پاڻ کي وڏ- گهرانيون سميون ڪري سمجهنديون هيون، سي نوريءَ سان ريس ڪرڻ لڳيون. ڄـام تماچي بہ جڏهن ڏٺو تہ سميون راڻيون، پنهنجي حسب نسب جي ڪري هٺ ڀريون ڇڇن، ۽ ڪنهن کي بہ پنهنجو مٽ نٿيون ڀانئين، تڏهن هڪڙي ڏينهن محلات ۾ چواياڻين تہ: سڀئي راڻيون هار سينگار ڪري، نهي جڙي ويهن، پوءِ جيڪا بہ راڻي پسند پيم، تنهن کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ لاءِ وٺي ويندس. ائين چئي ڄام تماچي شڪار تي هليو ويو.

شام جو سڀئي راڻيون هار سينگار ڪري، ڀيڪيدار ڪپڙا پهري، ويهي رهيون. نوري پنهنجي سادي لباس ۾ نماڻي ٿي ويهي رهي، ۽ چيائين تہ جتي ٻين راڻين وٽ هيڏو شان ڪيو آهي، اتي منهنجي ڇا مجال! شام جو ڄام تماچي محلات ۾ آيو، پر سمين راڻين جي ڏيک ويک کان نوريءَ جي سادي لباس کي سهڻو سمجهيائين. ڪيس نوريءَ جي نماڻائي ۽ نهٺائي اهڙي تہ وڻي جو ٻين کي ڇڏي نوريءَ کي نيئي گاڏيءَ ۾ ويهاريائين.

تخـت تمـاچي راءَ جـو، نـوريءَ ڪيـو نـروار،
جي سميون ڪن سينگار، تہ بہ گاڏيءَ چڙهي گندري.[2]

سميـن راڻيـن ۾ ويتـر نـوريءَ لاءِ حسد وڌيو، سي اهڙي موقعـي جـي تلاش ۾ هيون، جيئن نوريءَ جي گهٽتائي ٿئي، ۽ ڄام تماچي جي دل ڪانئس هٽي وڃي. ڄام بہ راڻين جي روش مان اها ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي ٿي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ نئين مند آئي. بادشاهي دستور موجب محلات ۾

---

[1] شيخ ابراهيم.
[2] شاهہ شريف.

موسم بدلجڻ جو جشن ٿيو. هميشه جي هلي چلي موجب سڀني راڻين کي ڄام تماچي وٽ حاضر ٿي سوکڙيون پاکڙيون پيش ڪرڻيون هيون. راڻين تہ گهريو ئي اهو ٿي، سي خوش ٿيون. هر ڪنهن راڻيءَ جي اها ڪوشش هئي تہ قيمتي کان قيمتي ۽ اوچي کان اوچو تحفو پيش ڪري ڄام تماچي وٽ سرخرو ٿئي ۽ ٻين راڻين کان گوءِ کڻي. سي لِڪ ڇپ ۾ پنهنجا تحفا ٺاهڻ لڳيون.

نوري، راڻي تہ هئي، پر ڪيس اجائي ناهہ نوهہ سان اصل ڪانہ پوندي هئي. سواءِ ڄام تماچيءَ جي ٻيءَ ڪنهن شيءِ ڏانهن خيال نہ هوندو هئس. انهيءَ ڪري وٽس ڪي بہ اهڙيون قيمتي شيون ڪين هيون، جيڪي ڪنهن راڻيءَ يا بادشاهہ کي سونهن. ٻين راڻين کي خبر هئي تہ نوريءَ وٽ ڪجهہ بہ ڪينهي، سي هيڪاري خوش ٿيڻ لڳيون ۽ خيال ڪيائون تہ نوريءَ کي هيٺ ڪرڻ جو اهوئي موقعو آهي.

جتي ٻين راڻين هيرا ۽ موتي پئي وٺجيا، اتي نوري ويچاري پنهنجي سادگيءَ ۾ مست، پنهنجي اوج ۽ اقبال تي خدا جا شڪرانا بجا آڻيندي رهي.

آخر اُهو ڏينهن آيو. ڄام تماچي محلات ۾ داخل ٿيو. سڀڪا راڻي واري واري سان هڪبئي کان وڌيڪ قيمتي تحفو آڻي سندس خدمت ۾ پيش ڪندي ويئي. جڏهن نوريءَ جو وارو آيو، تڏهن نماڻيءَ سان ڄام تماچي وٽ آئي، ۽ ڍنڍ مان نڪتل نئين مُند جو نئون پابوڙو آڻي ڄام تماچي جي آڏو رکيائين. ڄام تماچي اِهو انوکو تحفو وڏي خوشيءَ مان قبوليو ۽ نوريءَ کي هٿ کان وٺي پاڻ سان گاديءَ تي ويهاريائين. راڻين، جن گهڻي محنت سان تحفا جوڙيا هئا، تن جا نپ نري ويا، ۽ مانڙي ڪري موتي ويون:

نئون نوريءَ نيئي، پابوڙو پيش ڪيو
حاضر هيون هڪيون، سميون سڀيئي
نوازي نيئي، گاديءَ ڄاڙهي گندري.

نوري پنهنجي نياز ۽ نوڙت سان جيئن پوءِ تيئن ڄام تماچيءَ جي دل تي قبضو ڪندي وئي. ڄام کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر هئي تہ سميون راڻيون نوريءَ جي بخت سان ريس بہ ڪن ٿيون، ۽ ڪانئس خوش بہ نہ آهن. سو آخري پرڪا لاءِ، سڀني راڻين کي ڄوائي مڪائين تہ "هن عيد تي نوريءَ سميت سڀ راڻيون ڪانئس پنهنجي دل گهري شيءِ گهرن".

عيد جي ڏينهن سڀ راڻيون ٺهي جڙي، سورنهن سينگار ڪري اچي ڄام جي آڏو بيٺيون، ۽ نوري به پنهنجي سادي صاف لباس ۾ اچي حاضر ٿي. ڄام سڀني کي چيو ته: گهرو، جيڪي گهرڻو هجيوَ! ڪنهن هيرا طلبيا ته ڪنهن جواهر. مطلب ته هر ڪنهن راڻي پنهنجي مرضي سان تحفي جي طلب ڪئي. نوري ماٺ ڪيو بيٺي هئي. ڄام چيس ته "نوري! تون به ڪجهه گهر!" نوري نهايت نوڙت سان سر نمائي چيو ته: "بادشاهه سلامت! اوهان جو ۽ ڏڻيءَ جو ڏنو سڀڪجهه اٿم. ڪا به خواهش باقي نه آهي، جا پوري نه ٿي اٿم". ڄام وري به چيس ته: "تڏهن به توکي ڪجهه نه ڪجهه گهرڻو پوندو!" تڏهن نوريءَ عرض ڪيو ته: "سائين، مون کي هميشه لاءِ اوهان جو قرب کپي. جي اهو مليو ته ڇڻ سڀڪجهه مليم". اهو ٻڌي ڄام نهايت خوش ٿيو، ۽ ان مهل ئي نوريءَ کي پنهنجي پٽ - راڻي جو اعلان ڪيائين.

---

# روايت [1]

## نوري ۽ ڄام تماچي جي داستان بابت آڳاٽن سنڌي شاعرن جي ڪلام مان ٽاٽا ۽ اهڃاڻ.

[هنن اهڃاڻن موجب ڄام تماچي سمون بادشاهه، سير شڪار لاءِ ڪينجهر ڍنڍ تي ايندو هو. ڪينجهر جي ڪپ تي رهندڙ گندرن مهاڻن کي ڄام تماچي انعام اڪرام ڏيندو هو. جنهنڪري اهي سندس اچڻ جو ٻڌي خوش ٿيندا هئا ۽ ننڍا وڏا ملاح وڃي سندس سلامي ٿيندا هئا.

نوري، گندري هئي پر ملاحن واري ڪرت ڪانه ڪندي هئي. سندس سونهن سوڀيا جي آڏو راڻيون به گهٽ هيون. سمو ڄام متس عاشق ٿي، گندرن کان سڳ گهرڻ لاءِ پنهنجي وزير سان گڏ ملاحن وٽ ويو. نوريءَ جو بخت بلند ٿيو ۽ ڄام تماچي جي ساڻس شادي ٿي. ڄام تماچي انهيءَ خوشيءَ ۾ ملاحن کي ڪينجهر ڍنڍ انعام ڏيئي، متانئن مڙئي محصول معاف ڪري ڇڏيا.

نوري راڻي ته ٿي، پر هٺ ۽ وڏائيءَ کي ويجهو اچڻ نه ڏنائين. هميشه نِوڙت ۽ نهٺائيءَ سان هلندي هئي. سمي ڄام جو متس راڃ ڏسي، ٻين راڻين ريس ڪئي، جنهنڪري ڄام تماچي راڻين جي پرک لهڻ جو اعلان ڪيو. نياز، نوڙت ۽ اخلاص جي ڪري نوريءَ جو سيني راڻين ۾ مانُ متاهون ٿيو. انهن ٽاٽن ۽ اهڃاڻ تي مشتمل بيت ڏجن ٿا.]

### ڄام تماچي بادشاهه هو ۽ ڪينجهر ۾ شيل شڪار ڪرڻ ايندو هو.

ونجهه ڪوڙيائون وچ ۾، ڇارا ٿن ڏاري
پٽر وڏائون پنِ جو، سوارو ساري
اُن جي اوتاري، اچي ڄام تماچي تڪڙو.

[ميون شاهه عنات]

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهه
اچي وچي وچ ۾، تماچي جي ساءَ
لڳي اُتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

[ڀٽائي صاحب]

ملاح ڄام تماچي جي سلام تي آيا ۽ انعام حاصل ڪيائون.

پکن پوءِ پچار، اڄ تماچي آئيو
مرڪن ملاحن جا، متي ٻانڌيءَ ٻار
وڏي ڄام ڄمار، جنهن مياڻيون موڪيون.

[ڀٽائي صاحب]

ڪڪيءَ هاڻيون ڪاريون، ڇڄيءَ هاٿا ڇڄ
ٻانَد جنين جي ٻاند سين، لڳو تنئي لڄ
سمون ڄام سَهج، اُيو ڪري اُن سين.

[ڀٽائي صاحب]

نوري گندرن ۾ هئي، پر ملاحن واري ڪرت ڪانه ڪندي هئي.

نه وڏي نه وڪڻي، نه ماري نه ڏاري
ڪارو وڏائين ڪوهه ۾، نرتئون نهاري
سائِي پرِ پاري، جا گهر سمي جي سپجي.

[ڀٽائي صاحب]

نوري منهن مهانڊي مهاڻي نه هئي، بلڪ سندس چال چلگت "ڄاماڻي" هئي

هتين پيرين آگرين، منهن نه مهاڻي
جيئن سڳو وچ سرنڌڙي، تيئن راڻين ۾ راڻي
اصل هئي اُن ڪي، اهل ڄاماڻي
سمي سڃاڻي، ٻڌس بيڙو ٻانهن ۾.

[ڀٽائي صاحب]

نوري نهايت سهڻي هئي، ۽ سندس سونهن سلابت ٿي ڄام سمي کي موهيو

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين بيو، جهڙي سونهن سندياس
مَڏ مياڻيون، مَڪُرا، مڙيئي معاف ٿياس
ريس رائين ڇڏئي، وهي ڪانه وَٺاس
مورچل مٿاس، اَسر تماچي ڄام هٿي.

[ميون شاهه عنات]

نوريءَ جي عشق ۾ ڄام تماچي ملاحن سان گڏ ميڇي ماري

ڪو جو ڪامڻ ميءَ، آهي اڪڙين ۾
تن تماچي ڄام جو، ناپيون پايوني
عشق ايئن ڪري، جيئن ڄارو ڄام ڪلهي تي.

[ڀٽائي صاحب]

ڄام تماچي پنهنجي وزير کي ساڻ ڪري، نوري جي سڱ لاءِ ملاحن ۾ ويو

اڳلائي آهـِـبر، رهن ڪينجهر ڪنڌئين
پکين پينو تن جي، گهي ڄام وزير
لائن اهڳ عنبير، ڇت ڇڏيائون اڳئين.

[ميون شاهه عنات]

پکن لانگوٺين جي، اچي لٿو ڄام ڄـُـلي
مـَنـَهن پيون مـَسندا، جـُهڳن پاس جـُهلي
ڪينجهر سڀ ڪـُلي، تن اڳهاڙن انعام ٿيو.

[ميون شاهه عنات]

گـَند جني جي گوڏ ۾، پابوڙا پوشاڪ
اُني جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

[ڀٽائي صاحب]

ڄام تماچي نوريءَ سان شادي ڪئي

ڄارا جي ڪارا، مال جني جو مـَڪـُريون
تماچي جي تڪي، اچن سوارا
جي ميءَ ميڇيءَ مارا، سمي سي سيڻ ڪيا.

[ڀٽائي صاحب]

ٿيا تماچي ڄام سين، مهاڻا محروم
نندي وڏي گندري، متي ماڙيءَ ڏوم
جي ڪينجهر، جي روم، تـ سڀ انعامي ٿيو.

[ڀٽائي صاحب]

## نوريءَ جو بخت بلند ٿيو ۽ ڳنڌرن کي انعام اڪرام مليا

بخت بلند جن، تني منجهان نُورئَن
ڳامين، نامين ڳاندِ رئين، تماچي سندن
هردم ڏهہ ڏي تَن، انو پهر عنات چئي.

[ميون شاهہ عنات]

تخت، بخت، تڙ، تماچي نوريءَ سپ نَون
نانءُ نيابت ڳنڌري، سيني سُونهن سَمين
لکين لياڪا ڪئا، ساري رات سين
ٻايون دايون تنهن کي، اچئو پير پُڇن
ڪامڻ ڪامَ، عنات چئي، تنهن کي آهي منجهہ اکين
ڏنيس ڏيهہ ڏٺين، معافيءَ جي مُهر ڪري.

[ميون شاهہ عنات]

ڳنڌ جني جي ڳوڏ ۾، ٻاٻوڙا پينام
اُنهِي کي انعام، مڇر مڙوئي ٿيو.

[ڀٽائي صاحب]

## نوري نوڙت، اخلاص ۽ بلند اخلاق واري خاتون هئي

نوريءَ جي نياز جو، عجب اجهل هوءِ
سمون سر سين ۾، ميءَ موڙچو سوءِ
اچو اُپيِن پوءِ، حجت پڳي راڻيين.

[ڀٽائي صاحب]

سميون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آئيون
ڄام هٿ ۾ چار، جُهلي جَهبرين وچ ۾.

[ڀٽائي صاحب]

مُهاڻيءَ جي من ۾، نہ ڳيرب نہ ڳاءُ
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءُ
سمون سڀ مُلاءِ، هيريائين حرفت سين.

[ڀٽائي صاحب]

پـــاپوڙو پيـــش ڪيـــو، نـــوريءَ نئـــون نيئـــي
حـــاضر هيـــون هڪيـــون. سميـــون ســـيپيئي
نـــوازي نيئـــي، گـــاڏيءَ چـــاڙهي گنـــدري.

[ڀٽائي صاحب]

چام تماچي ۽ نوريءَ جي نينهن واري ڳالهه سچي آهي

جيلانهــ نـــوريءَ نوازيئـــن. تيـــو تمـــاچي تـــي
گـــاڏيءَ چـــاڙهي گنـــدري، ماڙهـــو ڪيـــو مـــي
ڪينجهر چـُونڊا ڪي. تــ سچ سپائي ڳـالهڙي.

---

# روايت [2]

## "تحفة الڪرام" جي روايت [1]

نوري ذات جي گندري "ڪينجهر" ڍنڍ جي مهاڻن جي ڇوڪري هئي، جنهن ڄام تماچيءَ جي صبر ۽ سڪون تي ڏاڙو هنيو هو. ڄام تماچيءَ جي ساڻس عشق ۽ بيقراريءَ جو قصو، سنڌي زبان جي بيتن ۾، هڪ خاص سر ۾ مشهور آهي. ڄام هن جو سڳَ سنڌس مائٽن ڪان ورتي، ڪيس پنهنجي پَٽ راڻي بڻائي، ڪينجهر جي ڪناري تي سندس لاءِ عاليشان ماڙي ٺهرائي. ٻنهي جون قبرون مڪليءَ تي، شيخ حماد جمالي جي پيرانديءَ وٽ هڪڙي حجري ۾ يادگار طور باقي آهن.

ڪينجهر ڍنڍ تي ڄام تماچي پنهنجي محبوبہ نوريءَ لاءِ (جا گندرا قوم مان هئي ۽ مٿي بيان تي آئي) هڪ عاليشان محلات ٺهرايو هو. هائي خود ڄام وانگيان انهيءَ جو بہ نالو نشان ڪونہ آهي.

---

[1] تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.

# روايت [3]

## ڪينجهر جي گندرن جي روايت

[هن روايت جو مدار ڪينجهر جي گندرن ڪان مليل ٻن روايتن تي آهي، جيڪي ڪينجهر جي ڪپ تي رهندڙ گندرن ڪان مليون آهن. انهن روايتن موجب نوري ۽ ڄام تماچي جي قصي جي سٽاء هن ريت آهي: نوري، جسودڻ بادشاهه جي ڌيءُ هئي، ۽ تمام ڪوجهي هئي، جنهنڪري ماءُ - پيءُ ڇڏي، ۽ ڪينجهر گندري نپائي وڏي ڪئي. ڪينجهر جي پائٽيي ساڻس شاديءَ ڪان انڪار ڪيو. نوريءَ ڪي پوءِ شاهه هوندڙي جي دعا سان سونهن ملي، پر نوري منهن تي نقاب وجهندي هئي، جنهنڪري ڪنهن ڪي بہ سندس سونهن جي خبر ڪانہ پئي. هڪ ڏفعي اونداهيءَ رات ۾ نوريءَ منهن تان برقعو ڪنيو تہ سهائو ٿيو. ڄام تماچي جيڪو اُن وقت ڪينجهر تي شڪار لاءِ آيو، نوريءَ جي سونهن ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو. پوءِ نوريءَ سان شادي ڪري، گندرن ڪي ڪينجهر ڍنڍ انعام ۾ ڏيئي ڇڏيائين.

## محمد هاشم گندري ۽ جمن گندري جي روايت [1]

نوري، جسودڻ بادشاهه جي ڌيءُ هئي. هوءَ تمام ڪوجهي ڄائي هئي، تنهنڪري ماءُ- پيءُ ڪيس اڇلائي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. دائي، ڇوڪريءَ ڪي ڪٺي اڇلائڻ لاءِ هلي تہ "ڪينجهر" نالي گندرو گڏجي ويس، جنهن حقيقت معلوم ڪري، ڇوڪري ڪانئس وٺي پنهنجي جهوليءَ ۾ وڌي.

ڪينجهر، گندرن جو چڱو مڙس هو، جيڪي ڍنڍ جي ڪپ تي رهندا هئا. سندن ڪم هو بيڙين ۾ چڙهي مڇي مارڻ. ڪينجهر، نوريءَ ڪي ڪٺي پنهنجي گهر آيو ۽ ڪيس لاڏ ڪوڏ سان نپائي وڏو ڪيائين. نوري سامائي تہ سهي پر ڪوجهائي جي ڪري گندرن مان ڪيس ڪنهن بہ ڪين قبوليو. خود ڪينجهر جي پائٽيي بہ ساڻس پرڻجڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو.

ان وقت ۾ شاهه هوندڙو درويش، ڍنڍ جي وچ ۾ ٽڪريءَ تي وينو هوندو هو ۽ خدا جي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. نوري بہ روزانو بيڙيءَ ۾ چڙهي

---

[1] ٻئي وينل ڍنڍ سونهري. لڳ ڪينجهر. سندن زباني هي روايت قلمبند ڪئي وئي.

وجي سندس خدمت ڪندي هئي. درويش جو پچاڙيءَ جو وقت آيو تہ نوريءَ کي سوال ڪرڻ لاءِ چيائين، جنهن پنهنجي ڪوجهائي واري درد کي دور ڪرڻ لاءِ سوال ڪيس. شاهہ هوندڙي چيس تہ: مَٽيءَ مان سَت ڪَريُون پاٽيءَ جون پري مٿان نانءِ. نوريءَ ائين ڪيو. قدرت سان سندس مرض تہ دور ٿيو، پر سونهن بہ ڪلي پيس ۽ اهڙو حسن ٿيس جو منهن وج وانگر چمڪڻ لڳس. ان ڪان اڳ نوري پنهنجي ڪوجهائي لڪائڻ لاءِ منهن تي برقعو ڪندي هئي. سونهن ڪُلڻ ڪان پوءِ بہ برقعو نہ لاتائين، جنهنڪري ڪنهن کي بہ سندس سونهن جي خبر ڪانہ پئي.

شاهہ هوندڙي جي وفات ڪان پوءِ بہ نوري دستور موجب هميشہ سندس قبر تي وجي ٻهاري ڏيندي هئي ۽ مَٽي پريندي هئي. ٻيڙي سندس سوٽ هلائيندو هو. هڪ دفعي سج لهي ويو، مٿان جهڙ ۽ چمر سبب ويترو اونداهي ٿي ويئي. سوٽ چيس تہ مونَ کي تہ خبر نٿي پوي تہ شاهہ جو مقبرو ڪهڙي طرف آهي! اتي نوريءَ برقعو ڪٽي چيس تہ: هن طرف. انهيءَ وقت سندس منهن مان وج جهڙو اُهاءُ نڪتو، جنهنڪري سڄيءَ ڍنڍ ۾ روشني ٿي وئي ۽ مقبرو ڏسڻ ۾ آيو.

نڪو تارو اڀ ۾، نڪو چنڊ سهاءَ،
ميہ چڙهي مَڪُريءَ تي، جنهن لٿو پاند مُهاءَ
تنهن کي گندري چوڻ گناه، جنهن کي چنڊ جهلي جهوليءَ پيو.

هڪ ڏينهن ٺٽي جو بادشاهہ ڄام تماچي، ڪينجهر ڍنڍ ۾ شڪار ڪرڻ لاءِ آيو. ٻيڙيءَ ۾ سَير ڪندي، نوريءَ تي نگاه پيس، سونهن ڏسي عاشق ٿي پيو ۽ گندرن ڪان سندس سڱ گهريائين. گندرن خوشيءَ سان اها آڇ قبول ڪئي. ڄام تماچي انهيءَ خوشي ۾ ڪينجهر ڍنڍ کين انعام ڏئي، مٿائن مياڻين جا مڙيئي محصول معاف ڪري ڇڏيا.

## عبدالله گندري جي روايت [1]

بادشاهن جو بادشاهہ رب تعاليٰ آهي، مگر ڪنهن زماني ۾ جسوڻ نالي هڪڙو بادشاهہ هو. ان بادشاهہ جي ماڙيءَ جا نشان اڃا تائين موجود آهن. راڄ ڀاڳ ۾ سٺائو هوندي بہ اولاد جو سيڪڙو هو. گهڻيئي حيلا وسيلا ڪيائين

[1] هيءَ روايت عبدالله گندري. ويٺل سونڊا. تعلقي ٺٽي ڪان ملي.

مگر اولاد کان محروم رهيو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن سوداگر کان معلوم ٿيس تہ چين ولايت ۾ هڪ خدا رسيدو شخص رهي ٿو، جو ڏٺيءَ جي درگاهہ مان پني، سوالين جا عرض اگهائي ٿو. اها خبر ٻُڌي بادشاهہ هڪڙي ڏينهن امير امراءِ گهرائي ساڻن صلاح مصلحت ڪرڻ لڳو. بادشاهہ جي مرضي هئي تہ هو پاڻ سوالي بنجي، ان درويش ڏانهن وڃي. تڏهن اميرن چيس تہ: اوهين جي ملڪ ڇڏي ويندا تہ ضرور خلل پيدا ٿيندو. بادشاهن جي پويان دشمن هوندا آهن. تنهنڪري ڇو نہ هڪڙي قاصد کي ڪٺي موڪليو، جو خبر لهي اچي. اها صلاح پسند آيس، سو يڪدم قاصد سنيرائي، ان جي هٿان چين جي بادشاهہ ڏانهن احوال موڪليائين.

قاصد چين ڏانهن روانو ٿيو، ۽ منزلون ڪري، ڪجهہ وقت بعد وڃي اتي پهتو. چين جي بادشاهہ، جسودڻ بادشاهہ جو خط پڙهي پڇا ڳاڇا ڪئي تہ درويش پنهنجي ملڪ ۾ رهي ٿو يا! جڏهن درويش جي پڪ ٿيس، تڏهن پنهنجي وزير اڪمريءَ کي قاصد سان گڏ ان درويش ڏانهن موڪليائين. درويش جو نالو "شاهہ ولي الله" هو. تنهن چيس تہ: جسودڻ بادشاهہ کي ڀيو تہ ڪو اولاد لکيل ڪونهي، فقط هڪڙي نياڻي ٿيندي، جنهن کي ڇائي ڇم کان مرض ٿيندو، جنهنڪري ان جي سونهن سوپيا ختم ٿي ويندي. اهو احوال وٺي قاصد چين جي بادشاهہ کان موڪلائي روانو ٿيو ۽ ٿوري گهڻي ڏينهن اچي جسودڻ وٽ پهتو. جسودڻ بادشاهہ احوال ٻڌي ارمان ۾ پئجي ويو. قدرت سان سندس راڻي کي اميدواري ٿي.

هڪڙي ڏينهن شڪار تي روانو ٿيو. وڃڻ وقت چيائين تہ: جيڪڏهن نياڻي ڄمي تہ درياءَ داخل ڪجوس. راڻيءَ کي ڪجهہ مدت کان پوءِ نياڻي ڄائي. چوندا آهن تہ لکيو پري، ٽري ڪونہ. سو ڇوڪريءَ کي ڄمڻ سان مرض وٺي ويو. جسودڻ بادشاهہ ۽ سندس راڻي ڇوڪريءَ جي اها حالت ڏسي سهي نہ سگهيا، چيائون تہ انهيءَ جيئڻ کان مُئي ڀلي آهي، سو دائيءَ کي چيائون تہ ڇوڪريءَ کي وڃي درياءَ ۾ اُڇلي ڇڏ. ان زماني ۾ ان هنڌان درياءَ وهندو هو، جو پوءِ ڦٽو ڪري ويو. اتي هڪ ڍورو هو، جنهن تي گندرا قوم رهندي هئي. انهن جو چڱو مڙس "ڪينجهر" نالي گندرو هو جنهن جي نالي پٺيان "ڪينجهر ڍنڍ" مشهور آهي. ڪينجهر جي گهر واريءَ جو نالو "سون ٻائي" هو. اهي پڻ اولاد جا سڪايل هئا. سون ٻائي جڏهن ٻڌو تہ ڇوڪريءَ کي درياءَ ۾ ٿا

اُڇلائين، سا ڏوڙي بادشاهه جي محلات ۾ ويئي، ۽ بادشاهه کي سوال ڪيائين تہ اها ڇوڪري مونکي ملي تہ سڄي عمر دعائون ڪنديس. بادشاهه بہ مائيءَ جي منٿ آزيءَ تي قياس آڻي، ڇوڪري ڪٺي سندس حوالي ڪئي.

سون ٻائي ۽ ڪينجهر، ڇوڪري هٿ ڪري تمام گهڻو خوش ٿيا، ۽ ان کي پنهنجي پيٽ ڄائي اولاد کان بہ وڌيڪ قرب محبت ۽ لاڏ ڪوڏ سان نپائڻ لڳا. ۽ ڇوڪريءَ جو نالو "نوري" رکيائون. نوري جوان ٿي تہ ڪينجهر ڪيس پرڻائڻ لاءِ سڄي برادريءَ کي سڱَ جي آڇ ڪئي، پر انهن نوري نہ قبولي، ڇاڪاڻ تہ مرض سندس سونهن سوبيا سڀ وڃائي ڇڏي هئي. نوري ويچاري پنهنجي حال تي روئڻ ۽ ڏٽي در ٻاڏائڻ لڳي تہ ڪيُس مرض کان نجات ملي. آخر خيال آيس تہ ڇو نہ ڪنهن خدا واري بزرگ جي خدمت ڪريان، من ان وسيلي ڏٽي جي درگاه ۾ سوال اگهامي.

ان وقت "شاهه هوندڙو" درويش، ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ پنهنجو آستانو ناهي، خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهندو هو. سو نوري بہ روزانو شام جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، درويش وٽ وڃي سندس خدمت ڪندي هئي. ۽ سڄ لٿي جو موٽي ايندي هئي. ڪجهہ عرصي بعد درويش جي وفات جو وقت ٿيو، تڏهن نوريءَ کي چيائين: گهر جيڪي گهرڻو هجيئي. نوري چيو تہ: سائين، مون کي مرض کان نجات ملڻ لاءِ ڏٽي جي درگاهہ ۾ سوال ڪريو. تڏهن درويش امر ڪيس تہ: پاڻ کي ستن پوشن ۾ ويڙهي، منهنجي مَٽيءَ مان تڙ ڪر تہ خدا جي فضل سان تنهنجو مطلب پورو ٿيندو. ٻئي ڏينهن درويش جي چوڻ موجب مٽيءَ مان تڙ ڪيائين. قادر جي قدرت سان مرض تہ دفع ٿي ويو، پر سندس سونهن وڄ وانگر تجلا ڪرڻ لڳي. پوءِ تہ پاڻ کي پوشن ۾ ويڙهي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي موٽي آئي.

کلي ۽ ٽلي، غرض نہ رکي گندري
مڇيءَ جو، ماٽڪ ڇوي، چلر ڪين چلي
پائر پليرا آئيا، جهٽڪيو ڪين جهلي
انهيءَ باب بلي، سمي مڙهائي سون سين.

درويش جي وفات کان پوءِ، ڪيس اتي ئي دفن ڪري درگاه ناهيائون. تڏهن بہ نوري دستور موجب روزانو شام جو درگاه جي مَٽي پرڻ ۽ مزار جي صفائي لاءِ ويندي هئي. ٻيڙي سندس هڪڙو عزيز هلائيندو هو. هڪڙي ڏينهن شام جو اونده انڌوڪار ٿي ويئي. طوفان بہ زوراٽنو پئي لڳو. تنهنڪري ٻيڙي سئين گس کان

ٽلڪي ويئي. اونده بہ اهڙي تي ويئي جو ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ٻيڙي هلائيندڙ، نوريءَ کي چيو: هاڻي تہ ڳس جي بہ خبر نٿي پوي! تنهن تي نوري منهن تان پلؤ ڪٽي ڏنو تي تہ سندس منهن مان وچ جهڙو چمڪاٽ ٿيو. ان جي اُهاءَ تي ملاح پنهنجو ڳس ڏسي ورتو. سو ٻيڙيءَ کي ڪاهي اچي ڳهر پيڙا ٿيا.

ان وقت ڄام تماچي سمي جي بادشاهي هئي. سندس پيءُ جو نالو "ڄام انڙ" هو. ڄام انڙ کي بہ رڳو نياڻيون هيون، پٽ ڪونہ هئس. آخر ڪنهن درويش جي دعا سان کيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو "تماچي" رکيائين. ڄام انڙ جي راڻيءَ جو نالو "راڻي سنگهار" هو. ڄام انڙ نجومين کان تماچي جو ڀاڳ پڇيو، جن ٻڌايس تہ: سير شڪار جو شوقين ٿيندو ۽ جهر جهنگ وسائيندو.

قصو ڪوتاهہ، ڄام تماچي جوان ٿيو تہ پڻس وفات ڪئي. اميرن وزيرن کيس پيءُ جي پڳ ٻڌائي بادشاهي گاديءَ تي ويهاريو. ان وقت ڪينجهر ڍنڍ تي شڪار ڪرڻ ۽ سير ڪرڻ لاءِ پري پري جا ماڻهو ڪَهي ايندا هئا. ڄام تماچي بہ سير شڪار جي سانگي ڪينجهر تي ايندو هو. پنهنجي رهڻ لاءِ ڪينجهر جي ڪپ تي خاص ماڙي ٺهرائي هئائين، جنهن تي ويهي نظارو پسندو هو. هڪڙيءَ رات وٽس محفل لڳي پئي هئي تہ اوچتو ڍنڍ مان تَجلو اُٿيو، جنهن جو اُهاءُ ماڙيءَ تي پڻ پهتو. ڄام تماچي، وزير کي چيو تہ: انهيءَ تَجلي جي مام معلوم ڪري ڏيو. صبح جو هڪڙي وزير ڪن سپاهين سميت اچي ڪينجهر ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي راتوڪي تَجلي جي پڇا ڪئي. ملاحن جواب ڏنو تہ اسين انهيءَ شرط سان خبر ٻڌائينداسين تہ ڄام سان سچي نہ ڪجو. وزير انجام ڏنو. تڏهن انهن نوري جي نوازڻ ۽ ان جي حسن جي اُهاءُ ٿيڻ جو سربستو احوال ڪري ٻڌايو. وزير اها ماجرا ٻڌي، گهوڙي تي چڙهي پوئتي پير ڪيا. بادشاهہ پڇيس تہ: حقيقت معلوم ڪيئي؟ چيائين تہ: جيئندا قبلا، رات وچ جو چمڪاٽ هو، جو اوهان کي ڏسجڻ ۾ آيو هو. پر بادشاهہ کي خاطري نہ ٿي. تنهن وري ٻئي وزير کي خبر لهڻ لاءِ حڪم ڏنو.

ٻئي ڏينهن وري ٻيو وزير ويو. سو بہ ساڳي خبر لهي آيو. پر جيئن تہ بادشاهہ کي نہ ٻڌائڻ جو انجام ڪري آيو هو، تنهنڪري ان بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي تہ: سائين جن کي وچ جو چمڪاٽ نظر آيو هو. بادشاهہ ڪٿي ماٺ ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن ڪينجهر جي ماڙي ڇڏي پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو. ڄام تماچي هڪڙي ڏينهن دربار ۾ ويٺو هو تہ اوچتو هڪڙو نجومي اتي اچي نڪتو.

۽ بادشاهه کي چيائين تہ: اوهان جي شادي مهاڻن جي هڪڙي ڇوڪريءَ سان ٿيندي، جا اصل ۾ بادشاهي گهراڻي جي آهي. بادشاهه يڪدم پنهنجو وزير ملاحن ڏانهن سڱ گهرڻ لاءِ موڪليو وزير هنن وٽ آيو، ۽ چيائين تہ: اسان ٻالهه کي گهٽوئي لڪايو، پر هڪڙي نجومي سچي ڪئي آهي، هاڻي توهان کي بادشاهه وٽ هلڻو پوندو. ملاح، وزير سان گڏجي اچي ڄام وٽ ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا. بادشاهه ڪانئن نوري جي سڱ جي گهر ڪئي. ملاحن کي ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا کپندو هو. تن وڏي خوشيءَ سان بادشاهه کي سڱ ڏيڻ قبوليو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ نوري ۽ ڄام تماچي جي شادي ٿي وئي.

شادي بعد نوري جي نياز، ڄام تماچي کي اهڙو تہ موهي ڇڏيو، جو ڪيس هر وقت پاڻ سان گڏ وٺي ٻيڙي ۾ چڙهي، ڪينجهر جو سير پيو ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڄام تماچي محلات جي سيني سمين راڻين کي حڪم ڪيو تہ: اڄ هار سينگار ڪري ويهجو، جو آءٌ اوهان کي شڪار تي وٺي هلندس. اهو ٻڌي سڀ سميون سينگارجي ويٺيون، پر نوري پنهنجي ايري سيري پوشاڪ پهري، نماڻائي سان ويهي رهي. ڄام تماچي محلات ۾ آيو، پر سمين جو هار سينگار ڏسي ڪين هرڪيو. هن کي تہ نوري جي نهٺائي اهڙي وڻي وئي، جو ٻين سيني کي ڇڏي، اڪيلي نوري پاڻ سان وٺي، شڪار تي هليو ويو.

بادشاهه کي اڃان بہ نوريءَ جو آزمودو وٺڻو هو، سو هڪڙي ڏينهن حڪم ڪيائين تہ: هر هڪ راڻي واري واري سان مون کي پاڻي پيئاري. هڪ راڻي گلاس ۾ پاڻي کڻي آئي، پر نہ بادشاهه گلاس کي هٿ وڌو، نہ راڻي جهليو. گلاس ڪريو ۽ ڀڄي پيو. بادشاهه پڇيس تہ: ڏوهہ ڪنهن جو؟ راڻي جواب ڏنو تہ: بادشاهه، ڏوهہ تنهنجو. اهڙي طرح سيني راڻين ڪيس قصور وار ڪيو. جڏهن نوري جو وارو آيو تہ ڏهن ساڳي طرح سندس هٿان بہ گلاس ڪري پيو. بادشاهه پڇيس تہ: قصور ڪنهن جو؟ تنهن تي نوري جواب ڏنو: بادشاهه سلامت! قصور منهنجو آهي، مون کي بخش ڪٿي. بادشاهه يڪدم سيني راڻين کي سڏائي چيو تہ مون انهيءَ ٻالهه جو آزمودو وٺڻ تي گهريو.

نوريءَ ڄام تماچي سان گڏ اڃان پنج - ست سال مس گذاريا هئا تہ اجل جو پيغام اچي پهتس. ڄام تماچي کي نوري جي مرڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو. شغل ۽ شڪار سڀ ڇڏائي ويس. آخرڪار انهيءَ غم ۾ ئي مري ويو. سندس قبر مڪلي تي ڄام نظام الدين جي مقبري لڳ آهي. سندس پرسا نوريءَ جي قبر آهي.

## روايت [4]

### تعلقي گهوڙاباري مان سگهڙ آري چانڊيءَ جي ٻيتن واري روايت [1]

[هي روايت جيڪا گنڊرن وارين روايتن سان ملي ٿي، سا هن ريت آهي تہ:
جسوتڻ نالي سمون بادشاهہ هو. ڪينجهر ڍنڍ جي ڪپ تي سندس حڪومت هئي. ڪيس پٽ ڪونہ هو. جنهنڪري خدا جي درگاهہ ۾ سوالي هو. قدرت خدا جي ڪيس نياڻي ڄائي. راڻيءَ ننڍڙي ٻچي تي دائيءَ کي چيو تہ: هن نياڻيءَ کي اهڙي اوڙاهہ ۾ اڇلي اچ جو وري نہ ڏسانس. ٻانهي، ڇوڪريءَ کي کڻي محلات مان نڪتي، تہ سامهون ڪنجهر نالي گنڊري جي گهر واري مليس، جنهن جي پڇا تي دائيءَ سموري حقيقت ٻڌايس. مائي چيو تہ: نياڻي کي ڍنڍ ۾ نہ اڇلاءِ، مون کي ڏي تہ وڃي نپايانس. دائي بہ ڇوڪري کيس کڻي ڏني. مائي، ڇوڪري کڻي پنهنجي گهر آئي. مڙس کي احوال ٻڌايائين اهو ٻڌي گهڻو خوش ٿيو. پوءِ تہ ڇوڪريءَ تي "نوري" نالو رکي، کيس لاڏ ڪوڏ سان نپائڻ لڳا.

نوري سامائي تہ قدرت سان کيس ڪوڙهہ جو مرض ٿي پيو، جنهن سندس سونهن وڃائي ڇڏي. هڪ طرف ڪوجهائي جو کهڪاءُ تہ ٻئي پاسي مرض جو آزار، تنهن هيڪاري حيران پريشان ڪري ڇڏيس. ڪينجهر ۽ سندس زال، نوري جو اهو حال ڏسي کيس پرڻائڻ جي ڪئي، پر مرض ۽ ڪوجهائي سبب جنهن کي بہ تي سڱ جي آڇ ڪيائون، تنهن تي انڪار ڪيو جڏهن نوري کي ڪنهن بہ ڪين قبوليو، تڏهن ڏٺيءَ در ٻاڏائي، "شاهہ هونڊڙي" درويش وٽ دعا پنڻ لاءِ وئي.
شاهہ هونڊڙي، نوري جي درد واري حالت ڏسي، دعا ڪئي، ۽ قدرت سان نوريءَ جو مرض تہ دور ٿيو پر اهڙي سونهن مليس، جو سندس پيشاني وچ وانگر چمڪڻ لڳي. نوري منهن کڻي ڏکيو ۽ ان بعد پنهنجي صورت کي پردي ۾ ويڙهي هلندي هئي. نوريءَ کي جيئن تہ دعا درويش هونڊڙي جي تي هئي، تنهنڪري روزانو ٻيڙيءَ ۾

---

[1] آري فقير ولد پنهون خان چانڊيو وينل ڳوٺ لڳ ور تعلقو گهوڙاباري، ضلعو ٺٽو. سن 1920ع ۾ ڄائو. مال جي واپار سبب ڪراچي ۾ رهندو هو. هڪ دفعي مال سودڻ لاءِ بدين آيو. جتي سندس هڪڙو همراهہ نڳي ڪري پيسا کڻي ويو ۽ کيس ڪاڏي ۾ بہ ڪجهہ ڪارايائين. جنهنڪري بيمار ٿي پيو. پوءِ علاج لاءِ سمن شاهہ جي درگاهہ تي ويو. جتي تندرست ٿيو. پوءِ اتي ئي رهي درگاهہ جي سيدن جو مينهون چاريندو هو. اتي سندس طبعيت فقيري ڏانهن مائل ٿي ۽ شعر جي شروعات بہ اتي ئي ڪيائين. سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪافي ڪلام چيو ائس.

چڙهي مرشد ڏانهن ويندي هئي، ۽ سڄو ڏينهن ان جي خدمت ڪري، سج لٿي مهل موٽي ايندي هئي.

هڪڙي ڀيري نوري کي رات پئجي ويئي. ٻيڙيءَ ۾ چڙهي موٽ ڪاڏائين پر اونده ۾ طرف نظر ئي نٿي آيس. واٽ ڏسڻ لاءِ منهن تان پردو لاٿائين تہ سندس پيشانيءَ مان وڃ جهڙو اُهاءُ نڪتو، ۽ ان جي روشني ۾ گس لڌي، صحيح سلامت اچي ماڳ پهتي. ان ڏينهن ڄام تماچي شڪار جي سانگي ڪينجهر جي ڪپ تي اچي منزل ڪئي هئي. رات جو اوچتو ڍنڍ ۾ وڄ جو چمڪاٽ ڏٺائين. پڇا ڪيائين تہ: آسمان ۾ ڪڪر بہ ڪينهن، پوءِ سهائو ڪٿان آيو؟ ٻڌايائونس تہ اهو نوريءَ جي حسن جو اُهاءُ هو، جيڪو تو ڏٺو. ڄام تماچي خيال ڪيو تہ گندرن کي لالچ ڏئي نوري هٿ ڪجي. سو ڪينجهر ۾ موتي ڪٽي اُڇلارايائين. گندرن مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪُڙهيو وڌيو تہ موتي نڪري آيا. هنن ورائي ڪٽي پاٽيءَ ۾ ڦِٽا ڪيا ۽ ڄام تماچي کي چوائي موڪليائون تہ: مڇي اسان جو مرڪ، ڇا ڄاڻون موتين مان! تڏهن خيال ڪيائين تہ گندرن سان لڙائي ڪري، زوري ڪانئن سڱ وٺجي. انهيءَ ارادي سان لشڪر وٺي آيو ۽ لڙائي ڪري گندرن جا گهڻيئي ماڻهو گرفتار ڪيائين. گندرن نوري جو پلئہ ڏئي پنهنجا قيدي آجا ڪرايا. ڄام تماچي بہ ساڻن صلح ڪري ڪينجهر ڍنڍ کين انعام ۾ ڏئي ڇڏي.

نور ۽ ڄام تماچي جي شادي ٿي تہ نوري کيس پنهنجي حسب نسب ۽ گندرن ۾ نپجڻ بابت سمورو احوال ٻڌايو. پوءِ تہ هيڪاري ڄام تماچي جو ساڻس قرب ٿيو.

## آري ڄاڃئي جا بيت [1]

-1 ساراهيان سو ڏڻي، جنهن جوڙيو هيءُ جهان
پيدا ڪيائين پيغمبر، جو آهي اُمت جو اڳوان
نور مان تنهن نرمل جي، ٿيا هي باغ بُستان
هاڻي ڪريان ٿو ظاهر، هيءَ جا بات بيان
تہ مشهور هو ملڪ ۾، صوبي جو سلطان

---

[1] هي روايت خود شاعر جي زباني قلمبند ڪئي ويئي آهي.

ذات سڏائي سمون، نالي جسوتڻ جوان
رهيو ڪينجهر ڪنڌيءَ تي، مرد منجهه ميدان
اولاد نه هو ان کي، هئو پٽ لاءِ پريشان
ستائيندو هو صاحب کي، پُٽ لاءِ پهلوان
تان اچي اُميدواري تي، آگي ڪيو احسان
پوءِ گهڻين ٿورين ڏينهڙين، ڄائي نياڻي نيشان
پر راءِ رنج تي چيو، ڪري دائيءَ تي دهمان
ته اڄلي اچينس اوڙاهه ۾، جا ڪڍهن ليي ڪانه
سا ٻانهي ڪٺي ٻائيءَ کي، نڪري هلي نادان
ڦٽي ڪيائين تي ڪينجهر ۾، معصوم سا مستان
پر اوچتي ڳڏيس، آري ڇوي، ڪا عورت اُن مڪان
سا هڪدم تي حيران، پسي منهن معصوم جو.

2- پسي منهن معصوم جو، پڇيائين حقيقت هيڪار
ته ڪيڏانهن ڪٺيو وڃين تي، تون نياڻيءَ کي نار
چئي: اُڇليانس اوڙاهه ۾، جو اسان وٽ ڏيڻ کي ڏکار
تان چئي: ڏي مورت مونکي، وڃي سانديان سان سينگار
پوءِ تنهن پريءَ کي، کڻي هلي مائي اُها موچار
آندائينس اُتي، جتي هئس مرد مهندار
ڪينجهر نام تنهن جو، سو هو ذات ڳندرو ڳلزار
سو به ڏاڍو سرهو ٿيو، ڏسي نياڻي نامدار
آندا تي عجب تنهن لاءِ، ويس وڳا وينجهار
سا ٿي نازڪ نپائي، مهاڻن وٽ مننار
پوءِ نازڪ نپائجي اچي، تي جوين سان جنسار
تان ٿيو مرض مائيءَ کي، ڪا ڪوڙهه سندي ڪار
سورن تنهن جي سونهن نيئي، عقل وڃايس آزار
تنهن پريءَ لاءِ پريشان ٿيا، لڳي سي آچار
سڳ ڏنائون تي سڏيو ڪري، پنهنجن کي پڪار

تن ڪوجهي ڪين قبولي، ڏسي بيحد بيمار
تنهن بائيءَ تي باڏايو، ڪيو سوال ڪي ستار
تہ ميٽ مرض منهنجا، هي جي عيب اپار
سا هلي آئي "شاهہ هونڊڙي" تي، پنڻ دعا پينار
ڪيائين عرض اچي اتي، تہ ٻڌ منهنجي ٻاڪار
ٻڌس عرض، آري چوي، مرشد تنهن مهندار
تنهن نوازي ڪئي نروار، تي آجي آزار کان.

-3 آجي ڪري آزار کان، ٻاريءَ ٻچائي
مليو حسن حور ڪي، ٻي هيس وحدت وائي
سا ايندي ويندي هئي، روز مرشد ڏي مائي
هيس محبت مرشد جي، ٻي ڪار نہ ڪائي
هڪ رات هليو آئي، تي ٻيڙيءَ منجهہ ٻائي
ڪنيائين پردو پيشانيءَ تان، تہ ڪئي صورت سهائي
سا ڏني چام تماچي، چٽي چٽائي
سو حاڪم حيران ٿيو، لاٿائين لات اهائي
پوءِ اتي تنهن، آري چوي، ڪئي سبنت سٺائي
هاڻي تہ ڪري لال لڙائي، بيگناهہ گندرن سان.

-4 بيگناهہ گندرن تي، ٿيس جونش جهٽ پٽ
پکيڙيائين پاڻي ۾، موتين سندا مٽ
سي طرحين طرحين تجلا ڪن، جيئن نروار ٿين نڪٽ
هو گندرا هليا گذر لاءِ، ڪري ڪڙهين ساڻ ڪوڪٽ
تان مڇيءَ بدران موتي، ان ۾ آيا اڻ ڪٽ
سي ويچارن واري وڏا، پاڻيءَ ۾ پوئنست
چئي: ميان تنهنجي موتين مان، اسين ڄاڻون ڇا ڇٽ
اسان جو مرڪ مڇيءَ سين، پرهيون ڪيئن پٽ
اسان ڪي وٺي اصل ڪان، ڇلر سندي ڇٽ

تون سمون سڌر، اسين گندرا گهٽ
اسان جو پلي، آري ڄوي، تون سر ٻـ ڪٽي سٽ
تنهن ڪئي تي لڙائي لٽ، بيگناهہ گندرن سان.

5- بيگناهہ گندرن تي، سو آيو ڪامل ڪاهي
موڪليائين تن ڏي ماڻهو، ناهہ منجهان ناهي
تہ ڏيو مون کي سگ سڄڻ جو، سگهو ساڻ سعيي
نہ تہ ڪندس جنگ جلدي، وجهندس گهٽا گهائي
تن ڏنس جواب جلدي، مردن موٽائي
تہ گڏجڻ گندرن جو اميرن سان، اسان ۾ ناهي
سي سامهون سمن جي، بيٺا سينو ساهي
هو تماچي ٻـ تيزيءَ مان، هليو اسباب اُٿائي
تنهن ڪيترا قيد ڪرايا، بيا ڇڏيا مفت مارائي
تن تنگ تي تماچيءَ کي، ڇڏيو اهو ٻول ٻڌائي
ڏنائون پلئ پريءَ جو، دليل دوڙائي
سو راجا راضي ٿيو، ڇڏيائين قيدي ڪڍائي
هاٿي هليو هيٺن کي، تو پارس پرچائي
اهو عرض اُونائي، ڪيائون معاف مير کي.

6- ڪيائون معاف مير کي، سو راضي ٿيو راٺو
تنهن امير انعام ڏنو، ڏسي گندرن جو گهراٺو
سو ڪينجهر منجهہ قراريو، ڏسي مڇي مهاڻو
ڪري تو گذران گندرو، پاڻي متي پاٺو
راڄ تنهن راڻيءَ جو، سمي کي سيباڻو
تنهن سمي سُجاڻي ڪيو، ٻائيءَ سان ٻيلاڻو
جن جي هئي تن کي ملي، لٿو جيءَ جو جهوراٺو
انهن کي ملان، آري ڄوي، جن جو اڄي مون اولاٺو
هي نوڪر نماڻو، تنهن کي سمون سڄاڻندو ساٿ ۾.

7- سمون سجاڻندو ساٿ ۾، هيءَ گنڌري گنهگار
آءُ اگلي اصل کان، مون ۾ عيب اپار
سي لهندا لحظي ۾، بندين سندا بار
نوازيندو نُورئينءَ کي، سمون ڄام سردار
سو جيئري جانب ڏسان، هلي هڪوار
مُور نتي ميڃجي، لِکئي سنڌي لغار
سُڄي تنهن سمي جي، پَٽن منجهه پچار
آهيم جن جي، آري ڄوي، تن منجهه تنوار
جنهن ۾ آهيون اُميدوار، سو ڪامل سجاڻي ڪنجهر ۾.

8- ڪامل سجاڻي ڪنجهر ۾، ويندو غم گوندر
آءُ گنهگار گنڌري، هو سمون ڄام سڌر
اصل آهيان ميهه مهاڻي، نماڻي نڌر
هو حاڪم حڪومت ۾، آهي ناليرو نامور
پناري تنهن پارس جي، ڪريان هُل حشر
سو سمون ڄام سڳهو ٿيندو، وسيلو واهر
آءُ ابوجهي اڻڄاڻ، ڇڏيان نه پيڇو پڇر
تون ڄامَ مون ڇٽيءَ سان، اڇي حامي تي هيڪر
اهي معاف مون کي ڪر تون، ڏنگايون ڏمر
ڍڄان تي ڍاوَ گهٽي، ڏسيو قهار جو قهر
بيا مون اڙانگا آري ڄوي، آهن وِهايا وڪر
سي اُبتا منهنجا اڪر، سما ميٺي ڪر سُبتا.

9- سما! ميٺي ڪر سبتا، لاهه مون گنڌريءَ تان گناهه
آءُ توهه تو تماچيءَ جي، پنان تي پناهه
منهنجو تو محب لاءِ، سڪي تو ساهه
آءُ ميهه مُهاڻي، بيو نه يانيان وسيلو واهه
سما! پاڻ سجاڻج، ڪر نڌر تي نگاهه

هـيءَ گفتـار گندرڪـي، مـون تـان لالـڻ لاهـ
آءُ اُميـدوار آري ڄـوي، تـون آهيـن شهنشـاهـ
شال چوکو هجيم ڇاهـ، سمـان! تنهنجي سـِڪ جو.

10- سمـا! تنهنجـي سـڪ جـو، تـو ٻـارڻ مـون ٻـري
ٻيـو سـڪ سندو سيني ۾، تـو ڇهـڪ ڇـڻ ڇـُري
آءُ گنهگـار گنـدري، مـانَ گهـوٽ مـون گهـري
منهنجـي تنهـن محبـوب سـان، شـال پـت پـري
سمـا پـاڻ سـڄاڻ، آ مـون تـي مهـر ڪـري
آءُ ميهـ مهـاڻي، آيـس عشـق جـي آري
هيءَ سـاهـ تـو سمـي لاءِ، تـو ڳـاراڻي منجهـ ڳـري
جلـوو تـو جـانب جـو، تـو مـون هنئيـن ۾ هـُري
شـال محـب مـون ڪـي، سـڪ تنهنجـي سـري
ڪـري احسـان آري ڄـوي، وارث مـانَ وري
منهنجو ڏيـل ڏري، تـو تمـاچي تنهنجـي تـاب ڪـان.

11- تمـاچي تنهنجـي تـاب ڪـان منهنجـو ڏڪـي ڏيـل
آهيـان ڄـائي ڄـڻـن جـي، سمـان! رکـج سـيل
آءُ ڀنـاري تـو پـارس جـي، عـاقل تـون اصيـل
تـون سـُڄين توسمـو، قـرارو منجهـ قبيـل
آءُ بـ آهيـان اصـل ڪـان، نوڪـر تنهنجـي نفيـل
تـون سنئين مون ڪـي سـُهاءِ، سمـان! ڏئـي سبيل
ڪيئن گڏينم تو گندرن سان، جن جي ڄائي نـ ڄميـل
اوڇتـو آڻـي امـر ڪيـس، مهـاڻن سـان منهـن ميـل
آءُ اصـل جـا آهيـان، سـو توکـي ٻڌايـم تفصيـل
آري ڄـوي مـون ابوجهـ جـو، وارث تـيءُ وسـيل
تـ ڪوجهو هيءُ قـِيل، لهي مـون تـان لـوڪ جـو.

12- لهي مون تان لوڪ جي، هيءَ گندراٿي گفتار
هڪڙن چائي، ٻين نپائي، ڏس قدرت سنڌي ڪلتار
تهان پوءِ نوازجي، تي نُورئِين نروار
هاڻ آهيان اجهي تنهنجي، سمان ڄام سردار
پائي پاند پاپن تي، ڍڪج ڍڪڻهار
پنهنجو سانگ سڄاڻي، ڪج مهر منٺار
پر سگَ نہ اتم سياڪر، نڪا حجت هيڪار
اتم تات توبهہ جي، انهيءَ وائيءَ مون وار
آهي مون ڪي آري چوي، تو سندي تار
تون نوازش سان نهار، تہ آءٌ گولي وڃي گس ٿيان.

13- سما! پاڻ سڄاڻ، آءٌ گندراٿي ٻہ گولي
اتم تات تنهنجي، ٻي ٻوليان نہ ٻولي
اڳيان تو عجيب جي، جهلي اتم جهولي
ڏي اندر ۾ آريءَ کي، لا الله جي لولي
مون ابوجهہ کي اولِي، تون هٽي تڙ ڪندين.

14- تون هٽي تڙ ڪندين، ٻيڙا ٻاوَن وير
آهيان اوڙاهہ ۾، سا اُڪارج سِير
جتي لوڏا لهرين جا، اُتي پُڄج اچي پير
ابوجهہ هن آريءَ سان، سٽي تي سڌير
نيٺين وهايان تي نير، سمان تنهنجي سڪ ۾.

15- سما! تنهنجي سڪ ۾، مران تيو ماندي
اُتم طلب تنهنجي، هنئين منجهہ هيڪاندي
ڏکن ڏولاوَن کان، وار ناهيان وانڊي
پيچان روز پانڌي، آري انهيءَ پار جا.

-16 تون سمون سردار، اسان جو ڄـم ڄـاريون
اسين اڻيو انهيءَ سان، ميچيءَ کـي مـاريون
وجهـو رڃ رمـز جـا، پيـٽ کـي پـاريون
ميڙيو رکون مٿـي تـي، ڪـڪائيءَ ڪـاريون
اسين تـه آري ڄـوي، اهـڙن ڳنـاهن ۾ گذاريـون
سي "تون تون" تنواريون، مارڻ مهل ميچيءَ جي.

-17 مـارڻ مهـل ميچـيءَ جـي، قيـاس ڪونـه ڪريـون
وڍيو ٽڪيو ويچاريءَ کي، ڪريون ذرن مان ذريون
ڪائونس خوشيءَ مان، پيـو ڏيـان ڪونـه ڏريـون
اهي اڳلايـون آري ڄـوي، سـي اسان کـي سـَريون
جتي ڪُرڙين ڪچهريون، اُتي سمان! اسان کي سک اچي.

-18 سمان! اسان کي سُک اچي، جتي ڪاڇ ڪـڪائي
ميچـي مـَـرڪ مهـاڻن جـو، پـر لڪـئي آءُ آڙائـي
ڪـار ڏسـي ڪـاوڙ نـه ڪـر، پـلا ڪـر پلائـي
انـدر منهنجـي کـي آري ڄـوي، سـي ڏي سـهائي
تـه وسـاريان آءُ وائـي، مڙيئـي هـيءَ مهـاڻڪي.

-19 مڙئـي مـون تـان لاهـه، گندراڻـي گفتـار
لالـچ پئـي لوڙهـن جـي، ڪنيـر بيهـن جـو بـار
آيـس پيـچ ٻـاٻوڙين جـي، ڏسـي گهڻـو گـلزار
هـاڻي هجيـر هنئيـن ۾، شـال تنهنجـي تـار
ٻـي ڪلمـي جي ڪـار، هجـي آريءَ جـي انـدر ۾.
لا الـه الا الله محمد رسول الله

# روايت [5]

## تعلقي گوني ۽ تعلقي سنجهوري جي سگهڙ راوين کان مليل روايت

[هي روايت خليفي محمود نوحاڻي (عمر ستر سال وينل ڳوٺ ترائي، تعلقو گوني) ۽ لونگ فقير جوکيي (عمر پنجهٺ سال وينل لڳ ڳوٺ ٻرڙا، تعلقو سنجهورو) جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.

هن روايت موجب نوري، جسوڏڻ راءِ جي ڌيءَ هئي. جسوڏڻ بادشاهه جي مارجڻ بعد سندس راڻي "مروبت" ۽ بادشاهزادي "نوري" ڪينجهر جي گندرن ۾ پناهه ورتي. نوري اتي گندرن ۾ نپني ۽ وڏي ٿي. ڄام تماچي نئين جو بادشاهه، شڪار ڪندي برسات ۾ پنهنجي سندس سپاهي سُڪل ڪپڙن جي ڳولا ۾ گندرن ۾ آيا. مروبت راڻي پنهنجي مڙس جو بادشاهي وڳو ڪڍي ڏنو. ڄام تماچي پوشاڪ بابت پڇا ڪئي، جنهن تي راڻي مروبت سموري حقيقت کان واقف ڪيس، ۽ پنهنجي ڌيءُ نوريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ چيائينس. ڄام تماچي اهو خيال ڪري ته نوري بادشاهزادي آهي، شادي ڪيائين.]

هتين پيرين آڱرئين، منهن نـه مهاڻي
ڌيءَ جسودڻ راءِ جي، ماءُ مروبت راڻي
سمي سڃاڻي، پڌس پيڙو پانهن ۾.

نئين جي تر ۾ جسودڻ بادشاهه جي بادشاهي هئي. ڄام تماچي سمي هن کان اچي بادشاهي کسي ۽ جسودڻ راءِ مارجي ويو. جڏهن بادشاهي ڄام تماچي جي هٿ ڪئي ته جسودڻ راءِ جي راڻي "مروبت" نالي دل ۾ خيال ڪيو ته جتي مون حڪومت ڪئي، اتي اڄ آءٌ مزوري ڪندي شرمسار ٿي ٿيان. تنهن ڇا ڪيو جو جسودڻ بادشاهه جو وڳو بجڪي ۾ وجهي اڪين جي آسا بند لاءِ ڪنيائين ۽ "نُورئِين" نالي جسودڻ راءِ مان جا صغير نياڻي هئس سا به وٺي پاڻ سان رات ڏينهن شهر ڇڏي وئي. ٻي ملڪيت ڪجهه به ڪانه ڪنيائين. اتر طرف تي ڪينجهر جي ڍنڍ هئي. ان تي مهاڻن ماڻهن جا وڏا ڳوٺ ۽ مياڻيون هيون. راڻي هلندي هلندي اچي مهاڻن ۾ پهتي. پڇا ڪري، جيڪو مهاڻن جو چڱو مڙس هو ان کي وڃي هٿ ڪيائين، ۽ چيائينس ته: اباڙي! آءٌ هڪڙي مسڪين رنڙي عورت آهيان، جي منهنجي تون پرورش ڪرين ته آءٌ تنهنجي پاڙي ۾ ويني سنکيو وقت گذاريان، ۽ توکي دعا ڪريان. راڻيءَ پنهنجي احوال کي وڌيڪ بلڪل ڪونه کوليو.

اڳي ماڻهن ۾ پاڙي جا ننگ هئا. پرئي مڙس چيو تہ: امان! منهنجي ماءُ آهين، ڀلي ڪري، جي ڪري، ويني هج. آءُ تنهنجي بلڪل پرورش ڪندس. پوءِ مائي اتي پونگڙي اڏي ڳوٺ جي پاسي ۾ ويهي رهي ۽ هن مير بحر ڇگي مڙس سيني مهاڻن تي جيڪي مڇيءَ جا ماري هئا، ۽ جيڪي رڇ پهرندا هئا، تن سيني کي گهر - ڏيٺ ڪُرڙي ٻڌي ڇڏيائين يعني تہ سيڪو مهاڻو جڏهن مڇي ماري تڏهن هڪڙي ڪرڙي اچي هن مائي کي ڏي. پوءِ اهڙي طرح سان مائيءَ کي انيڪ ڪرڙيون ملنديون هيون. جن مان ڪجهہ وڪڻندي هئي ۽ ڪجهہ رڌيندي هئي. اهڙيءَ طرح پنهنجو گذر ڪندي هئي.

پادر ناهيس پير ۾، انگ تي نہ اڳڙي
ورايو ويڙهي وارن کي، سٽيءَ جي سڳڙي
ناپو ڪائي نپني، ترين تي تڳڙي
گانگٽ، گوجون، درڙا، هن جي ڪاريءَ ۾ ڪڳ ڙي
پر جيڪا سام سمي لڳڙي، تنهن تان لٿا حرف حساب جا.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ هڪ ڏيهاڙي ڄام تماچي چڙهيو شڪار تي. ان ڏينهن طنبو طولان ۾ ڪونہ ڪنيائين، چيائين تہ ويجهوئي شڪار ڪري شام پنهنجي محل تي موٽي ايندا سين. پر قدرتئون جڏهن ڪينجهر ڊنڊ وٽ پهتا تڏهن متان مينهن پئجي ويو، جو بادشاهہ سميت سڄي سڄي لشڪر جا ڪپڙا پُسي ويا. بادشاهہ کي اچي سيءُ ٿيو، تنهن پنهنجي وزيرن ۽ نوڪرن کي چيو تہ: هيءُ ڳوٺ تو ڏسجي اهي ئي پنهنجي رعيت جا ماڻهو آهن، انهن منجهان ڪي سُڪل ڪپڙا وٺي اچو تہ هيٺ ڪري پائي آلا ڪپڙا سُڪايون

نوڪر ڳوٺ ۾ ويا ۽ اها گهُر وڃي وڌائون تہ ڳوٺ وارن چيو تہ ٻين جي لاءِ تہ غريباڻا ڪپڙا بہ ڪم ڏيئي سگهن تا پر بادشاهہ جي لاءِ وڳو ڪٿان اچي! هن دل ۾ خيال ڪيو تہ اسان غريب مهاڻن جي ڪپڙن ۾ مڇيءَ جي ڇَٽَ هوندي، بادشاهہ کي ڏينداسون تہ مورڳو موچڙا کائينداسين. هاڻ ڳوٺ ۾ سندن ڊوڙ ڊڪ لڳي ويئي تہ ٻيلي من ڪنهن جا ڪپڙا خاشا هجن تہ ونجن. جڏهن اها ڳالهہ وڃي مائيءَ جي ڪن تي پئي تہ مائي هنن کي چيو تہ: اڙي ابا، اوهين ڇا ٿا پڇو؟ هنن سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. مائيءَ چيو تہ: مون وٽ هڪڙا ڪپڙا پيا آهن، اهي کڻي وڃي بادشاهہ کي ڏيو تہ ٻهري. پوءِ ڪم لاهي مون کي پنهنجا ڪپڙا واري ڏئي وڃجو.

ڪپڙا ٻجڪي سوڌا کڻي وڃي بادشاهہ کي ڏنائون. جڏهن ڄام تماچي

ڪپڙا ڪوليا تہ سندس عقل حيران ٿي ويو تہ بلي! آءٌ بہ بادشاهہ آهيان پر هھڙا ڪپڙا مون ڪڏهن اوڍيا تہ ڪونهن پر ڪڏهن ڏٺا بہ ناهن. ۽ هي ڪپڙا هن غريب گهراڻي جي ماڻهن ۾ ڪٿا آيا!

ڪانئن سڏي پڇيائين تہ هنن ويچارن جو ساهہ ٽڙڪڻ لڳو تہ خبر ڪانهي متان ڪي مائيءَ وٽ چوراٽا ڪپڙا هجن، جي بادشاهہ سڃاتا آهن. گهوڙا! گهوڙا! پر هاڻ وني آڻي مائيءَ کي حاضر ڪريون. پوءِ پاڻهي بادشاهہ کي جواب ڏيندي. مائي چيو تہ: حاضر آءٌ هلان ٿي. مائي وڃي بادشاهہ وٽ حاضر ٿي. بادشاهہ مائيءَ کي چيو تہ: مائي! ڏي خبر، تہ هي وڳو تو ڪٿان آندو؟ مائي چيو تہ: قبلا، چئين تہ سچي ڳالهہ ڪريان، چئين تہ ڪوڙي ڪريان! بادشاهہ چيو تہ سچي ڳالهہ ڪر. مائي چيو تہ: سائين آءٌ هن غريب گهراڻي جو ماڻهو ڪونہ آهيان. آءٌ بادشاهہ جسودڻ راءِ جي راڻي آهيان. جڏهن تو منهنجي مڙس کان بادشاهي کسي. تڏهن مون دل ۾ خيال ڪيو تہ جتي مون حڪومت ڪئي، اتي اڄ آءٌ مزوري ڪرڻ نٿي چاهيان. پوءِ رات ڏئي اهو پنهنجو مڙس جو وڳو اکين جي آسابند لاءِ ڪنيم ۽ نياڻي بہ پاڻ سان ورتم. پوءِ اچي هنن ماڻهن جي پناري پيس. اتي وقت گذاريو هنن کي ويني دعا ڪريان. اڄ بہ ڪپڙن واري ڳالهہ هلندڙ ٻڌم. دل ۾ خيال ڪيم تہ بادشاهہ سلامت اوڍي، پوءِ جڏهن لاهي تہ مون کي پنهنجا ڪپڙا ڏيئي وڃجو. اهو راز هنن سان ڪونہ ڪوليم. ڪپڙا پاڻ توکي ڏنائون. هينئر وري تو مون کي گهرايو. سچي ڳالهہ تہ اها اٿئي.

بادشاهہ سهي سهي انهيءَ ڳالهہ کي قبول ڪيو ۽ سڃاتائين تہ مائي سچي آهي، ۽ برابر غريب گهراڻي مان نہ آهي. مائي وري بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ: بادشاهہ سلامت! منهنجو هڪڙو عرض آهي تہ پنهنجي نياڻي آءٌ اوهان کي ڏيڻ ٿي چاهيان جي اوهين شادي ڪريو. بادشاهہ دل ۾ خيال ڪيو تہ ڇوڪري بادشاهي گهراڻي مان آهي، سو ڳالهہ قبول ڪيائين. شاديءَ جا ڏينهن ٻڌجي ويا. ساڳيءَ جاءِ تي طنبو لڳي ويا. "نورئين" سان بادشاهہ جي شادي ٿي. هن جو نالو اصل نـورئـين هو، پر مهاڻن جو پاڙو سڏبو هو گندر جو تنهنڪري هن کي گندري سڏيندا هئا.

# ضميمو

## جسوڌڻ بادشاهه [1]

سمو راءِ "جسوڌڻ بادشاهه" اڳاٽي وقت ۾ لاڙ جي هڪ وڏي ايراضي جو حاڪم هو. جسوڌڻ کي "جسيڌڻ" به ڪري سڏيندا هئا. سندس حڪومت ٺٽي جي بادشاهيءَ کان اوپر طرف هئي. جنهن مان پٺيهل درياء وهندو هو. انهيءَ پٺيهل ڍوري سببان سندس سڄي ملڪ ۾ آبادي ٿيندي هئي، ۽ انهي ڪري جسوڌڻ کي ملڪ جا ماڻهو پيار وچان "ڍوري ڌڻي" يا "ڍور ڌڻي" به ڪري سڏيندا هئا. سڀ ماڻهو سکيا ستابا هئا. مال متاع جام هو ۽ ان گيهه جام هوندو هو. ملڪ ۾ ڪنهن به شيءِ جي اڻاٺ ڪانه هئي.

هڪ سال اوچتو پٺيهل درياءَ ۾ لاهو آيو ۽ سال بسال اهو ڍورو سڪڻ لڳو. ڍوري جو اهو حال ڏسي ماڻهن ۾ اچي هراس پکڙيو. پاڻي جي اچي اڻاٺ ٿي، ٻنيون ٻارا سڪي ويا. جسوڌڻ جي ڀاڳ به اچي پويان پير ڪيا. سندس هٽ ۾ اُها برڪت نه رهي. اها حالت ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ماڻهو ڊوڙايائين ته خبر چار لهي اچو ته ڇا ڳالهه آهي ۽ کهڙي سبب کان ڍورو پيو سُڪي! ڪي داناءَ ماڻهو ويا ۽ وڃي سڄي ڍوري کي جانچيائون. ڏسن ته مار! ماڳهين ڍورو اُبتو پيو وهي. تڏهن موٽي آيا ۽ اچي ٻڌايائونس ته: اسين ڏسيو پيا اچون ته ڍورو ماڳهين اُبتو پيو وهي، جنهنڪري پاڻي نٿو پهچي. فصل ختم ٿي ويا آهن ۽ زمينون سڪي نڪر ٿي ويون آهن ۽ ماڻهن به هتان لڏڻ جي پيا ڪن. اهو ٻڌي جسوڌڻ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن دل ۾ خيال ڪيو ته ماڻهو لڏي ويا ته ملڪ ڦٽي ويندو. جيستائين مون وٽ ڪي ڪجهه آهي، سو ڏيئي ماڻهن کي رهايان، پوءِ ٿي سگهي ٿو ته ڌڻي مِن پنهنجي ٻاجهه ڪري. اهو پڪو پهه ڪري، گڏ تيل ان ماڻهن ۾ ورهائڻ شروع ڪيائين. نيٺ اهو ان به کٽي ويو. تڏهن وري خزانو ورهائڻ لڳو. نيٺ مند موٽي آئي پر ڍورو نه وهيو سو نه وهيو، جيئن پوءِ تيئن سڪندو ويو. هاڻي ماڻهن ۾ به سهڻ ڪونه هو، سو پڇڻ جي ڪرڻ لڳا.

جڏهن جسوڌڻ کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي تڏهن ماڻهن کي چيائين ته: ڪجهه ڏينهن ترسو، آءٌ سوڻ خاطر ٻه ٽِتر ڇڏيان ٿو، جيڪڏهن اهي موٽي آيا ته

---

[1] هيءَ روايت مرحوم سگهڙ حاجي علي محمد خان بگهياڙ ۽ حاجي سوڍي خان بگهياڙ. وٽيل تعلقو ميرپور ساڪرو، جي زباني قلمبند ڪئي وئي.

پوءِ توهين پلي وڃجو، پر جي نہ موٽيا تہ پوءِ پڪ ڄاڻو تہ اسان جا ويل ڏينهن جلد موٽندا. ماڻهن سندس اها ڳالهہ مڃي. هُن ٽترن جي جوڙي جهلائي، بہ - ٽي ڏينهن بک ڏيئي اُڏائي ڇڏيا. سڀ ماڻهو انهي تماشي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. ڪيترو وقت گذري ويو پر ٽتر نہ وريا. اتي مڙني ماڻهن جي منهن تي سرهائي آئي. پر سج لٿي مهل ڏسن تہ ٻيئي ٽتر آهستي آهستي اُڏامندا پيا اچن. سيني جا منهن لهي ويا. گهڙيءَ کن ۾ ٻيئي ٽتر اچي جسودڻ جي پيرن وٽ ڪِريا ۽ اتي جو اتي مري ويا. اهو رنگ ڏسي جسودڻ ماڻهن کي چيو تہ: هاڻي اوهان کي موڪل آهي، جيڏانهن وڻيوَ تيڏانهن وڃو. پرپاسي ۾ ڪي بہ نہ پاڻي آهي نہ ان.

اها ڳالهہ ٻڌي سيني جسودڻ کان موڪلايو ۽ جدا جدا پاسن ڏانهن روانا ٿي ويا. فقط جسودڻ، سندس زال، ٻانهي ۽ ڏهہ چٽا بيا، جملي تيرهن ڄڻا وڃي شهر ۾ رهيا. هنن کي بہ جڏهن کائڻ لاءِ ڪي ڪين رهيو، تڏهن شهر ڇڏي روانا ٿيا. واٽ تي ڪنهن جاءِ تي ڪين بک ڏاڍو پريشان ڪيو. اتي هڪڙي هنڌ جسودڻ کي گدرو نظر آيو، سو وڃي پٽيائين، پر رڳو پاڻ نہ کاڌائين پر ان کي تيرهن ڦارون ڪري سيني ساٿين کي ڏنائين. پر گدري جي هڪڙي ڦار مان ڪٽان ٿو ڏؤ ٿئي! ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري بہ اچي بک ستاين. تنهن تي جسودڻ پنهنجن ساٿين کي چيو تہ: آءٌ، راڻي ۽ ٻانهي هڪ طرف ٿا وڃون، ۽ توهين ٻئي پاسي وڃو. پوءِ جنهن جي جيتري قسمت هوندي اوترو نصيب ٿيندو. اهو فيصلو ڪري، بہ ٽوليون ٿي روانا ٿيا.

اهي ڏهہ ماڻهو اجا ٿورو اڳتي وڌيائي ڪين تہ هڪڙو ڍڳو ڏٺائون. هنن کي هئي بک، سو اُتي ئي ڍڳي کي ڪهي پچائي کائڻ ويٺا. جڏهن کائي ڍو ڪيائون ۽ باقي ڪجهہ وڃي بچايائون تڏهن ڏٺائون تہ جسودڻ بادشاهہ، راڻي ۽ ٻانهي، ٽيئي ڄڻا پيا اچن. هنن کي ايندو ڏسي يڪدم باقي گوشت ڪٽي ڍڪيائون. پر جسودڻ جي نظر پئجي ويئي، جنهن تي چيائين:

اسان جنين ساڻ، تر وڌي تيرهن ڪيو
تني اسان کان، ڍڳو ڍڪي ڪاڌو.

(اسان جن سان تر بہ تيرهن حصا ڪري کاڌو، تن اڄ اسان کان ڍڳو لڪائي کائي ڇڏيو).

اهو ڏوراپو ٻڌي هنن ڏهن ئي ڄڻن شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪيا، ۽ ڪين ويهڻ جي صلاح ڪيائون، پر جسودڻ چيو تہ اسان جي قسمت اسان سان آهي، توهين پلي ويٺا ڍؤ ڪريو. ائين چئي هي ٽيئي ڄڻا ڪانئن جدا ٿي اڳتي روانا ٿيا.

هلندي هلندي اچي هڪڙي شهر کي ويجها پيا. راڻيءَ چيو تہ: انهيءَ شهر ۾ منهنجا مائٽ آهن، انهن وٽ هلي، ڪجهہ ڏينهن ترسون ۽ آرام ڪريون. پوءِ جيئن قسمت هوندي تيئن ڪنداسين. جسودڻ بادشاهہ. راڻي جي اها ڳالهہ قبول ڪئي. يڪدم اوڏانهن رخ رکيائون. ان شهر ۾ پهتا تہ سندن ڏاڍي آجيان ڪئي ويئي ۽ ڪين ڏاڍي مانَ شان سان رهايو ويو. راڻيءَ جي ڀاڄائي خاص طرح هنن جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي.

هڪڙي ڏينهن راڻي پنهنجي ڀاڄائي سان گڏ اندر آتڻ ۾ ويئي. جتي سندس ڀاڄائي پنهنجو هار لاهي ڪٺي آتڻ واري ڪِيري ۾ ٽنگيو ۽ پاڻ ويٺيون ڪتڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ. قدرت اهڙي جو ڪِيري هڪڙو - هڪڙو مٽيو ڪري سڄو هار ڳهي ويئي. راڻي اهو سمورو لقاءُ ويٺي ڏٺو. پر ڀاڄائيءَ سان ڳالهہ ڪانہ ڪيائين. پوءِ جڏهن ڀاڄائيءَ هار جي سنڀار ڪئي تڏهن راڻيءَ ڪيس ٻڌايو تہ مٽيو - مٽيو ڪري اها ڪِيري هار کائي ويئي. پر هوءَ مڃي ئي نہ، چئي، هار پڪ تو لڪايو آهي. گهڻي قسم سُنهن کنيائين، پر هن نہ مڃيو. چئي، بس هينئر جو هينئر هتان نڪرو. لاچار راڻي مانڙي ڪري، جهڙي هئي تهڙي مڙس ۽ ٻانهيءَ سان ٻاهر نڪتي. وري بہ هي ٽيئي ڄڻا پنهنجي قسمت کي ڏوهہ ڏيندا ٻئي پاسي روانا ٿيا.

آخر هلندي هلندي اچي ڪنهن جي وٽاڻ تي پهتا. هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون پر ڪو ماڻهو نظر نہ آين. وري سڏ ڪيائون تہ ٿوري دير کان پوءِ هڪڙو شخص آيو. جنهن هنن کان خبر چار پڇي. جنهن تي جسودڻ ڪيس ٻڌايو تہ: آءٌ هڪڙو غريب پورهيت آهيان، ۽ پورهيي جي ڳولا ۾ هت اچي نڪتو آهيان، جيڪڏهن تو وٽ ڪو ڪم ڪار هجي تہ ڏس. اهو هن انهيءَ ڪري چيو، جو خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن آءٌ پاڻ کي بادشاهہ سڏائيندس تہ اول تہ هيءُ مڃيندو ڪونہ. پرجي مڃيائين تہ رهائڻ ۾ هٻڪ ڪندو. جنهن تي ڀاڳيي ڪيس چيو تہ: ادا! آءٌ پاڻ پورهيت آهيان، پر ڏسان ٿو تہ تون ڪو پريان کهي آيو آهين، تنهنڪري ڀلي بہ - ٽي ڏينهن رهي پئو. جيترا ڏينهن اوهان جو هتي ڀاڳ هوندو پيا کائيندؤ. جيڪي مون وٽ آهي، سو حاضر آهي. پوءِ ماني ڪڻي آڻي ڏنائين، جا هنن ڏؤ ڪري کاڌي.

رات جو ڀاڳيو وڃي سمهي رهيو. آڌيءَ رات جو سڀ مينهون اُٿيون، پر ڀاڳيو نہ اُٿيو، اتي جسودڻ جي اک کلي پئي، ۽ زال کي اُٿاري چيائين تہ اسان هن جو نمڪ کاڌو آهي، تنهنڪري ڪجهہ ڪم ڪار ڪرڻ کپي. هاڻي آءٌ مينهون ٻهرائڻ

ٿو وڃان تون پويان رهه. تنهنجي لڄ ڍڪيءَ تي آهي. ائين چئي سيئي مينهون ڪاهي ٻيلي ڏانهن ويو. پوءِ ته هن جو اهو دستور ٿي ويو رات جو ياڳيو سمهي رهندو هو ۽ هي مال ڀهرائڻ ويندو هو. ائين ڪندي ڪي ڏينهن گذري ويا.

هڪڙي رات ياڳئي خيال ڪيو ته ڏسان ته سهي هي مينهون ڪيئن ٿو سنڀالي. سو جنهن مهل روانو ٿيو تنهن مهل پاڻ به لڪي هن جي پويان لڳو. سڀ مينهون اچي ٻيلي ۾ بيٺيون ۽ جسودڻ وچ ۾ بيٺو رهيو. جڏهن ٻيو اوڄو (ويهڪ) ڪري اُٿيون تڏهن هڪڙو پاڏو ڪير ڏائڻ لاءِ ڊوڙندو آيو. جنهن جي آواز تي مينهن سڳائي. اهو ڏسي جسودڻ هڪل ڪئي ۽ ڊوڙي وڃي پاڏي کي پري پڄائي ڇڏيائين ۽ پاڻ ويهي مينهن جو ڪير پٽ تي ڏهي ڇڏيائين. ياڳيي جنهن اهو لقاءُ بيٺي ڏٺو سو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ يڪدم نڪري اچي ڪانئس پڇيائين ته: يار! ڏي خبر، تو ڪير هارڻ سهسايو. پر پاڏي کي نه پياريو. هارڻ ڪان تون ٿي ڪير پِي ڇڏين ها. جسودڻ چيس ته، ادا، وڏڙن چيو آهي ته ماڻهو هرئي ڪان شينهن هريو چڱو. سنو جي آءٌ اڄ ڪير پٽان ها ته هري پوان ها، تنهنڪري هاري ڇڏڻ مناسب ڄاتم. جي پاڏي کي پٽاريان ها ته پوءِ وٺاڻ تي ڪونه ويهي ها، ۽ جي ڪير نه ڏهان ها، ته مينهن تڻ ڦٽائي ڇڏي ها. انهيءَ ڪري ائين ڪيم. ياڳيو هن جي ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر چيائين ته: يار! تو جهڙي سمجهو ۽ لائق ماڻهو جي مون وٽ مزوري ڪانهي. ائين چئي گهر اچي انهن پنجن - ڇهن راتين جو خاصي مزوري ڏيئي ڪين روانو ڪيائين.

هي ٿيئي ڇٽا وري به هلندا اچي ٻئي ڪنهن شهر ۾ پهتا. اتي پهچي جسودڻ خيال ڪيو ته حياتي الاجي ڪيترا ڏينهن آهي. هي جيڪي پئسا آهن، تن مان ڪو چڱو چوکو طعام تيار ڪرائي کائجي. سو ٻانهيءَ کي چيائين ته: آءٌ سامان وٺيو ٿو اچان، تون ڪيئن به ڪري اڄ مون کي بادشاهي طعام تيار ڪري کاراءِ. ٻانهي حڪم جي ٻندي، تنهن چيو ته "سائين ڀلي". پوءِ وٽس جيڪي به پئسا هئا تن مان گوشت، چانور ۽ مصالحا وٺي آڻي ٻانهي کي ڏنائين، ۽ ڪجهه شراب به پنهنجي غم ٽارڻ لاءِ وٺي آيو. ٻانهي ڪٽان اُڌارا سڌارا ٿانوَ وٺي ماني تيار ڪرڻ لڳي. جسودڻ خيال ڪيو ته اڪيلو شراب پيئڻ روا نه آهي، ڪو مڙوئي ساٿي ضرور هجي. سو ٻيو ته ڪوبه ڪونه هو، باقي ير ۾ ڪُئي جو هڪڙو ٻر ڏٺائين، تنهن کي پنهنجو ساٿي بنائي، اڌ گلاس ٻر ۾ ڪئي هاريائين ۽ اڌ پاڻ پيتائين. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ ٻانهي به کاڌو تيار ڪري آڻي سندس اڳيان رکيو. جسودڻ جان ڪئي ڏسي ته

ڄانور ڪيئان ٿيا پيا آهن. اتي ڪـل نڪري ويس ۽ چيائين تـہ: نيا ڳ وجي ڇوٽي ڪئي آهي. ڏکيا ڏينهن گذري ويا، هاڻي ڏٽي ورندو.

قدرت خدا جي، جنهن ہر ۾ شراب اوتيو هئائين، ان هينئان ڪو ستن بادشاهن جو خزانو پوريل هو. ہر واري ڪوئي ڪي اڇي نشن ورايو، سو زمين کوٽڻ لڳو ۽ وجي خزاني تائين پهتو ۽ اُتان هڪڙو لعل ڪڍي ٻاهر آڻي ڏر جي مٿان ڇڏيائين. جسودڻ جي نظر لعل تي پيئي، سو پهرين تـہ حيران ٿي ويو. پر پوءِ ان کي ڏٽي جي مهرباني سمجهي ڪنيائين ۽ سڌو ڪڻي شهر ڏي ويو. جتي وڪڻي ان مان ہـ اُڇن ڪپڙن جا وڳا نهرايائين ۽ باقي پئسن مان اها زمين خريد ڪري، چوڌاري ڪوٽ ڏياري، وٽي ڪوٽيائين. ٻن ڏينهن کان پوءِ اهو سڄو خزانو ظاهر ٿي پيو. پوءِ اهو خزانو ڪڍائي، راڻي ۽ ٻانهي سميت واپس پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيا. موٽندي رستي تي پنهنجي راڻيءَ ۽ مائٽن وٽ تـت (ميار) لاهڻ لاءِ آيا. قدرت سان آتڻ ۾ راڻيءَ جي پاڇائي ڏسي تـہ ڪـيري هار جو هڪڙو - هڪڙو مڻيو پئي اوڳاڇي. اتي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو تـہ ناحق هنن تـي الزام هنيم. پوءِ تـہ راڻيءَ وٽ اچي ڪانئن معافي ورتائين ۽ ٻن - ٽن ڏينهن تائين ڪين پاڻ وٽ مهمان ڪري ترسايائين.

اجا جسودڻ اتي ئي هو تـہ سندس ملڪ جا ڪي ماڻهو ڪيس ڳوليندي ڳوليندي اچي پهتا. جن ڪيس ٻڌايو تـہ: "ڍورو تار پيو وهي، هاڻي موٽي پنهنجي ملڪ هلو".
اها ڳالهہ ٻڌي جسودڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ مهل واپس پنهنجي ملڪ موٽيو.
ڍوري ۾ جو پاڻي آيو، سو وري آباديون ٿي ويون ۽ ماڻهو سکيا ستابا ٿي ويا. پر ڪين اهو ڪين وسريو تـہ سندن حاڪم جسودڻ ساڻن ڪهڙا پال پلايا هئا.

جسودڻ هڪ هر دلعزيز بادشاهہ ۽ سيني جو خير گهرڻ وارو هو. هو يارن جو يار هو ۽ ڏکئي وقت ۾ بہ جيڪي ڪي هئس سو يارن سان ونڊي کاڌائين.
انهيءَ ڪري ڪانئس پوءِ بہ سندس نالو رهجي ويو. تان جو 18- صدي ۾، جڏهن پٽائي صاحب پٽيهل جو قتل ڍورو وجي ڏٺو تڏهن چيائين تـہ:

ڍورو نـــہ اڳئيـــنءَ ڍار، مهنـــد ملاحـــن ليکيـــو
مـــوڙي ڇـــڏيائون مـــڪـــُرا، پسـي پـاڻيءَ پـــار
جســـودڻ جيهـــا يـــار، پيـــا ويـــر ومـــاس ۾.

---

## Part- II. NOORI-&-JAM TAMACHI


| | | |
|---|---|---|
| I. | A representative version based on different sources. | 235-252 |
| II. | The version recorded by the author of Tuhafat al-Kiram. | 253 |
| III. | The version current among the Gandras of the Keenjhar Lake. | 254-259 |
| IV. | The story as versified by the poet Ari Chandio. | 260-286 |
| V. | The version secured from the areas of Guni and Sinjhoro. | 269-271 |


## Appendix


| | |
|---|---|
| The story of Sohni-Mahinwal as current in the Punjab Region. | 195-232 |
| The story of the King Jasodan (supposed to be noori's father). | 272 |

## CONTENTS

Introduction

Part- I. SOHNI-&-MEHAR

A representative version based on different sources.

The story according to the reference in classical Sindhi Poetry.

III. The version wherein Suhni falling in love after drinking the milk left by the four companions, becomes the main theme, as versified by the poets:

| | |
|---|---|
| Hafiz Tivnu | 59 |
| Muhamud Shaikh | 67 |
| Pandhi Panhwar | 76 |
| Hasan Sethar | 86 |
| Sumar Mangrio | 89 |
| Mall Muhmud Pali | 91 |
| Allahbakhsh Sumro | 103 |
| Umedali Legari | 108 |
| Talib Pali | 111 |
| Murid Mari | 115 |

IV. The version wherein Suhni's meeting with the River Saint Chhutto, is the main theme 118-126

V. The version wherein Suhni yearns to meet the 'four companions' rather than Mehar. 127-174

| | |
|---|---|
| The story in prose | 128 |
| A narration with verses intersperesed | 132 |
| Story in verse by poet Haji Haqir | 138 |

VI. The version wherein Mehar manipulates the death of Suhni. 175-188

a. Story in verse by poet Nale Changun 175

b. Story as current in the Mirpur Mathelo area 179

c. Story in verse by poet ghamtar Mahar. 182

VII. Story wherein Suhni is the mother and Mehar the son. 189-193

subjects, a girl belonging to the Gandra community of the fishermen who lived and worked on the Keenjhar lake.

Keenjhar was a holiday resort to which the King used to go for rest and recreation. There, he happened to see Noori, the girl of the Gandras who excelled in beauty and personal grace. The King asked her hand in marriage, and the Gandras wondered whether the renowned King really meant to marry the poorest of the poor of his subjects! When they were assured that it was so, they were simply delighted. Noori also gave her consent, and the marriage was solemnized with great feasts and rejoicings.

Now Noori had become the queen, but this did not make her proud or haughty. Rather, the very best qualities of her character, simplicity and humility, became more prominent in contrast to the demanding and domineering behaviour of the Summa ladies of the ruling house. The noblest Noori and the chivalrous Jam Tamachi had the happiest married life, despite a world of jealousy around them. But alas, it was a short-lived one. Noori died soon, and Jam Tamachi was left alone to nurse the memories of her noblest character.

Finding the situation hopeless, the mother-in-law finally contrived to bring about an end of Suhni. She took the jar used by Suhni to an expert potter and asked him to make another jar which, even though unburnt and unbaked, would look like it. The potter made the jar to order. The mother-in-law then removed the baked jar on which Suhni used to swim across the river and put the fake one in its place.

As usual, Suhni took the jar without suspecting that it was a fake one, and plunged herself into the river. Hardly had she swum some distance when the unbaked jar gave away. She called Mehar for help but before he could reach her she was drowned . Mehar called the fishermen, searched for her, recovered her body, and buried her near the river bank. He then renounced the world and took to Suhni's grave till he died. According to some versions, hearing the calls of Suhni, Mehar also jumped into the river and was drowned with her. Their graves stand in the town of Shahdadpur (district Sanghar) in Sind, and are visited by the village folk who continue to cherish the fond memories of Suhni swimming across the river.

Mention of the surname of the people (Nagamiro) to which Mehar belonged, the particular bed (Lohano) of the Indus river, and of the Saint Chhutto would suggest that story originated some time during the 12th - 13th centuries A.D.

## NOORI AND JAM TAMACHI

This romantic story originated during the Summa rule in Sindh (1350-1520 A.D.) Jam Tamachi is to be identified with the historical personage of Sultan Ruknuddin Shah Jam Tamachi (son of Sultan Ferozuddin Shah Jam Unar) who first ruled ( 1366-1375) jointly with his cousin Khairuddin Jam Togachi, and second time all alone as a sovereign ruler of Sindh (1388-1392). [1]

Jam Tamachi was a renowned king among the Summa rulers of Sindh. Along with his father, he had fought against the forces of the Sultans of Delhi and succeeded in establishing the Samma power in Sindh. Later, he was taken by Sultan Ferozshah to Dehli and held as a hostage there. But, when Ferozshah died (1388). Jam Tamachi returned to Sindh, received a hero's welcome, defeated his uncle, and established himself as an independent ruler.

This hero of a King fell in love with the poorest of the poor of his

---

[1] For the identifiction and details, see the article entitled 'The Chronology of the Summa Rulers of Sind' (by N.A. Baloch) published in the proceedings of the Second Session (Peshwar, February 1954) of the Pakistan Historical Records and Archives Commission (govt. of Pakistan Press, Karachi,1957, pp. 23-29).

So, when the marriage party asked for milk, Mehar poured that milk into the bowl and offered it to Dum who declined to drink it. Then it was offered to the bride. Suhni took the bowl from Mehar's hand and no sooner had she drunk the milk than she fell in love with him. The milk left by the four holy companions had quality of love in it.

The marriage procession then crossed the river and reached the village of Dum, where Suhni was treated with all sorts of favours but she would not become attached to Dum. She remained restless for days and months, till one night she decided to meet Mehar at all costs.

At midnight, when all were asleep, she took a baked earthen jar with her, went to the river bank, and floating over the jar she swam across it. When Mehar was her, he was deeply moved by her affection. Suhni asked for milk and he gave her, but she asked for the same kind of milk he had given her for the marriage ceremony. Thereupon Mehar informed her all about it, and Suhni said She would like to meet the 'four companions'. Mehar told her that they were not regular visitors but might come again. Before the day break, Suhni took leave of him, swan across the river and reached her house when all were still asleep.

Thereafter, Suhni started visiting Mehar frequently Once, while she was swimming in the midstream, some one gave a call to her. He was Chhutto Pir (Saint Chhutto) who was miraculously offering his prayers there.

Chhutto: "Oh Suhni! Don't you see that by swimming and crossing in front of me you have been disturbing me in prayers!"

Suhni: "Listen, Oh Saint! I have always been swimming from here but I have never seen you, because all the time Mehar has been before my eyes. Tell me, how did you see me when you were absorbed in prayers holding god before your eyes!"

The Saint had no reply to make and Suhni swam ahead to meet Mehar on the other side.

After some days, Suhni's mother-in-law become aware of Suhni's nocturnal visits across the river. With great pretensions, she took Suhni into confidence, and Suhni confessed to her that she had never liked Dum but had loved Mehar ever since he gave her milk to drink. After great longing she had managed to swim across the river on a baked earthen jar to meet Mehar.

The old woman then told her son Dum what she had heard from Suhni, but he wondered if she could swim across the river. Then she made Suhni to talk it over again and let Dum listen to her while hiding himself behind a straw partition. Suhni suspected the foul play, and concluded her story by pronounciong loudly: "So dear aunt was my lovely dream!" Dum then turned a deaf ear to his mother and never bothered about Suhni and her whereabouts.

# PREFACE

This is the thirtieth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project, approved in 1956, for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on the project was started in Januaury, 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writting through a network of field workers, one stationed in each taluka area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 29 volumes have been published and this is the thirtieth of the forty volumes proposed to be published under this project.

This book is the second an a series of seven volumes planned to collect and compile the different versions of each of the 'Famous Romantic Stories of Sindh'. It includes the two romantic stories of (a) Suhni - & - Mehar, and (ii) Noori - & - Jam Tamachi, the representative versions of which may be summarized as follows,

## SUHNI AND MEHAR

Suhni, the daughter of Jarkat Samtio, was betrothed to Dum Wahucho. After thier marriage, the bride, was taken in a marriage procession to Dum's village which was on the other side of the river Mehran (Indus). The procession while passing by the bhan (ranch) of a mehar (buffalo breeder) on the river bank, halted and asked for milk to perform a marriage ceremony wherein the bride and the bridegroom drink milk together.

The name of the mehar was Sahar and his surname Nagamiro, but he was widely known as Mehar having bred buffalloes of excellent breed, Earlier on that day, he was visited by 'four companions' (holymen) who asked for milk from him. He told them that all the milchy buffalloes were grazing in the pasture and only a young one was left behind, as such he could not offer them any milk to drink. They asked him to milk the young one and, obeying them as he did so, she yielded milk and he gave them to drink. They drank and were satiated: some milk was still left behind in the Sarho (milk- jar) which they returned to Mehar, and then left. Mehar kept the milk-jar without drinking the milk.

*(All Rights are reserved with Sindhi Adabi Board)*

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature


| | | |
|---|---|---|
| Ist Edition | 1972 | 1000 Copies |
| **2nd Edition** | **2007** | **1000 Copies** |

**[Price: Rs. 130-00]**

***To be had from***
**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**
Tilak Incline, Hyderabad
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

Printed by Manager Press. Syed Sikandar Ali Shah & Published by
Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan.

*SINDHI FOLKORE & LITERATURE*
*BOOK -- XXX*

# POPULAR FOLK STORIES

THE ROMANTIC STORIES OF SINDH - III

# SUHNI - MEHAR
# &
# NOORI - JAM TAMACHI

Compiled & Edited
by
**Dr. N. A. BALOCH**

**SINDHI ADABI BOARD**
Jamshoro Sindh
2007